

پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا
(سفرنامو)
ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو
پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا
ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو
ڪنول
243

# پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا

(سفرنامو)

ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو

ڪنول پبليڪيشن قنبر

ڊجيٽل ايڊيشن

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

BOOK NO: (243)

ڪتاب: **ڀاڳوندن جو ملڪ ملائشيا**

(سفرنامو)

: **ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو**

ڇاپو پهريون : جون **2019**ع

ڪمپوزنگ: شڪيل اڪبر جنجهي

**ڪنول** پبليڪيشن، قنبر.

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

www.sindhsalamat.com

**قيمت: 300 روپيا**

**BAHGWANDAN JO MAILK MALAYSIA**

**(Travelogue)**

**Author: *Dr Shahmard chandio***

**First Edition@ May 2019**

**All rights reserved with the author&**

**@ KANWAL, Publication Kamber**

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

سمبارا/ڪنول بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو- حيدرآباد.
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.
ٿٽائي بڪ اسٽور، حيدرآباد. ڪويتا ڪتاب گھر، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو – سليمان برادرس، نواب شاھ
انڊس ويلي بڪ شاپ، دادو – مدني بڪ اسٽور، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گھر سکر - ٽرڪتاب گھر، مٺي.
سوڀوگيانچنداڻي ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو. تهذيب بڪ اسٽور،
خيرپورميرس– مهراڻ ڪتاب گھر، سانگھڙ.

# ارپنا

**پنهنجي همسفر عابده ڪنول جي نالي**
**جنهن جي صبر، شُڪر، همت ۽ تعاون**
**سان ملائشيا مان ڪامياب ٿي واپس آياسين.**

بسم الله الرحمٰن الرحيم

## اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ

(اي پيغمبر) پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهه جنهن (سارو جڳ) خلقيو

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي ليکڪ **ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيي** جو سفرنامو ”**پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا**“ اوهان اڳيان پيش آهي.

شاهمراد چانڊيي هي سفرنامو ملائيشيا ۾ چئن سالن جي پي ايچ ڊي P hd ٿيسز ڪندي لکيو آهي. ڊاڪٽر شاهمراد سارو ملائشيا خوب گهميو آهي ۽ پنهنجي مشاهدن، تجربن ۽ گهمڻ ڦرڻ جي احوالن کي قلمبند ڪري نون ايندڙن لاءِ رهنمائي ڪئي آهي. الطاف شيخ لکي ٿو: ”سوال ٿو پئدا ٿئي ته اهو ماڻهو جيڪو ملائشيا ۾ تعليم يا گهمڻ جو ارادو رکي ٿو، يا جيڪو وڃي رهيو آهي، يا اتي رهي ٿو ان کي کهڙو هڪ ڪتاب پڙهڻ کپي جنهن مان هن کي هن ملڪ بابت گهٽي ڪان گهٽي ۽ بنيادي معلومات حاصل ٿي سگهي، ته منهنجي خيال ۾ ان لاءِ ڊاڪٽر شاهمراد جو هي سفرنامو ”پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا“ پڙهڻ Best آهي.

هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن، قنبر پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ڪنول پبليڪيشن جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو، مهرباني شاهمراد چانڊيي جي جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي ) ، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


❖ مهاڳ: ملائشيا بابت هڪ بهترين سفرنامو الطاف شيخ 08

❖ ٻه اکر: ظفر منگي 19

❖ پنهنجي پاران: ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو 22

ملائشيا تي هڪ نظر 25

ملائشيا سچي پچي ايشيا 40

ملائشيا جا ڪهڙا شهر گهمڻ گهرجن 43

ڪوالالمپور جڻ ايشيا جي گادي جو هنڌ هجي 49

سرڪاري آفيسن جو شهر پتراجايا 71

سن وي لگون واٽر پارڪ 79

سرمبان ۾ لطيف يائي جي چانهه 81

پورٽ ڊڪسن تي ٽرينگ جا گذاريل ٽي ڏينهن 83

ملائشيا جو تاريخي شهر ملاڪا 90

ترنگانو رياست جو تعليمي ۽ تفريحي سفر 97

ڪئانٽن ( پهانگ) Kuantan – Pahang جو سفر 129

ڪوه مري جهڙو گينٽنگ هاءِ ليندس 136

چين سوي مندر جتي جنت به آهي ته جهنم به 140

چانهه جي پوک سان سينگاريل ڪيمرون هاءِ ليندس 144

پنانگ لاءِ پنج ڏينهن 148

پنانگ هل اسٽيشن ۽ پنانگ هل ڏانهن ويندڙ ٽرين 158

ملائشيا ۽ سنڌ ۾ هڪ جهڙائي 168

الطاف شيخ جو ملائشيا ۽ اسان جو الطاف شيخ 173

ملئي پاڳوند آهن 182

ملائشيا ۾ توهان کي ڪير بهتر لڳا 187

ملائشيا جي ڪامياب قومپرست سياست 192

ملائشيا جو بادشاهه ۽ سندس پرائمري استاد 197

نوجوانن کان اسان پوڙهن جي انگريزي بهتر آهي. 197

ملئي ماڻهو چوڻ تي قانوني ڪم به نه ڪندو 198

پنهجن شهرن سان پيار جواظهار 199

ڪردار سان گڏ چاڻ جو هئڻ لازمي آهي 201

# ملائشيا بابت هڪ بهترين سفرنامو

ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو جو ملائشيا بابت، خوبصورت نالي **”ٻاڳوندن جو ملڪ ملائشيا“** جهڙو، خوبصورت سفرنامو منهنجي هٿن ۾ آهي، ۽ پڙهي پورو ڪيو اٿم. منهنجي خيال ۾ ملائشيا بابت سنڌي ۽ اڙدوءَ ۾ ڪيترائي سفرناما ۽ انيڪ مضمون ڇپجي چڪا آهن ويندي منهنجا به ڏهاڪو کن سنڌي ۽ اڙدو ۾ سفرناما آهن. سوال ٿو پئدا ٿئي ته اهو ماڻهو جيڪو ملائشيا ۾ تعليم يا گهمڻ جو ارادو رکي ٿو، يا جيڪو وڃي رهيو آهي، يا اتي رهي ٿو ان کي ڪهڙو هڪ ڪتاب پڙهڻ کپي جنهن مان هن کي هن ملڪ بابت گهٽي ڪان گهٽي ۽ بنيادي معلومات حاصل ٿي سگهي، ته منهنجي خيال ۾ ان لاءِ ڊاڪٽر شاهمراد جو هي سفرنامو ”ٻاڳوندن جو ملڪ ملائشيا“ پڙهڻ Best آهي. لڳي ٿو ته جيئن شاهمراد Ph.D ڪرڻ لاءِ پنهنجي سبجيڪٽ تي چار سال ريسرچ ڪئي آهي تيئن گڏوگڏ ملائشيا بابت به هن سمورو عرصو چڱي طرح ڄاڻ وٺي موٽڻ تي هي ڪتاب لکيو آهي ۽ اها ڄاڻ وائڙي نموني سان حاصل ڪرڻ بدران هن هر ڳالهه جو تجربو پاڻ ڪيو آهي. هن هر هنڌ وڃي اتي جو واءُ سواءِ، اتي جي رهائش ۽ اتي پهچڻ لاءِ سواريءَ جا طريقا ۽ انهن جون خوبيون ۽ خرابيون بيان ڪيون آهن. هن اهو به لکيو آهي ته ڪو ملائشيا گهمڻ لاءِ به ڏينهن وڃي ٿو ته هن کي ڇا گهمڻ کپي ۽ جي چار پنج ڏينهن لاءِ وڃي ته ڇا ۽ جي وڏيڪ ڏينهن لاءِ ته ڪهڙين جاين تي وڃڻ کپي ۽ اتي پهچڻ لاءِ ڪيئن سفر ڪجي. هو پاڻ ڪيئن ويو ۽ هن اتي ڇا ڇا ڏٺو. ايتريقدر جو هيترا سال ملائشيا سان واسطو هجڻ جي باوجود مونکي به اها خبر نه

هئي تہ ڪولالمپور ۾ ٽورسٽن لاءِ، چئن روٽن تي مفت بسون هلن ٿيون. اهي ٽوئرسٽ جن کي ٽائيم آهي يا اتي رهندڙ شاگرد ملائشيا حڪومت جي ان سهولت مان فائدو وٺي سگهن ٿا. اهي چئن رنگن واريون بسون مون بہ ڪولالمپور جي رستن تي ڊوڙنديون ڏٺيون آهن پر مونکي اها خبر نہ هئي تہ اهي فري آهن پر هاڻ آئون بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن انهن بسن مان ڪنهن هڪ تي مفت ۾ چڙهي نہ فقط مختلف جاين جو چڪر هڻندس پر بس ۾ سوار ٽوئرسٽن سان خبر چار بہ ونڊندس تہ هنن جو ملائشيا بابت ڇا رايو آهي.

شاهمراد جي سفرنامي مان مونکي اها بہ ڄاڻ ٿي تہ ملاڪا شهر جتي آئون جيتوڻيڪ ڏهہ سال لڳاتار رهيس ۽ هاڻ بہ گهمڻ ۽ ليڪچر لاءِ ويندو رهان ٿو اتي سڄي شهر جو هڪ ئي وقت واءُ سواءُ لهڻ جو بهترين طريقو شهر جي وچ مان وهندڙ ملاڪا ندي ۾ ٻيڙيءَ ۾ سير ڪرڻ آهي. آئون تصور ڪري سگهان ٿو تہ ٻيڙيءَ جو سير ڪرڻ جو مزو هڪ طرف آهي تہ ملاڪا جي سهڻي، رنگين ۽ تاريخي شهر جا نظارا پسڻ ٻئي طرف. ياد رهي تہ ملاڪا جي وچ مان وهندڙ ملاڪا ندي يا سنگاپور مان وهندڙ سنگاپور ندي ڪا سنڌو نديءَ جهڙي ويڪري ناهي جنهن جي هڪ ڪناري تي هالا پراڻي شهر مان ٻئي ڪناري تي ڄامشورو جون فقط بتيون مس نظر اچن ٿيون. هي نديون سنڌونديءَ، گنگانديءَ، مسي سپي يا ڪرنا ڦلي جي مقابلي ۾ ڪُئي جي پچ جهڙيون آهن ۽ انهن مان سفر ڪرڻ وقت ائين ٿو لڳي ڄڻ توهان ڪراچي يا حيدرآباد جي صدر واري علائقي جي روڊ تان پيا هلو جو پاسن کان گهر، دڪان، مندر مسجدون، سرڪاري آفيسون، اسڪول اسپتالون ۽ انهن ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهو ڪنهن روڊ جي ڪناري تي ئي محسوس ٿين ٿا.

شاهمراد جي مونکي اها ڳالهہ بہ وڻي تہ جيڪو ملائشيا فقط ٽن چئن ڏينهن لاءِ اچي ٿو، ان کي کپي تہ انهن ۾ هو فقط ڪوالالمپور جهڙو جديد شهر ۽ ان جا آسي پاسي جا ماڊرن علائقا پتراجايا ۽ سائبرجايا گهمي ۽ ٻيو 90 ڪلوميٽر جي فاصلي تي ملائشيا جو تاريخي شهر ملاڪا ڏسي جيڪو اصل ملائشيا آهي ۽ ملاڪا سلطنت ان شهر تائين ئي محدود هئي جتي ڊچن، پورچوگالن ۽ انگريزن حملو ڪري سڄي ملڪ تي قبضو ڪيو ٿي. ان بعد ٻيون رياستون وجود ۾ آيون ۽ هن ملڪ جو نالو ملايا ٿيو. انگريزن کان آزادي ملڻ تي ملايا "بورنيو ٻيٽ" جي صباح ۽ سراواڪ رياستن سان ملي ملائشيا ٿيو آهي.

هن سفرنامي ۾ ڊاڪٽر شاهمراد منهنجو بہ ذڪر خير ڪيو آهي. ملاڪا ۾ هجڻ دوران هن منهنجي ملائشيا تي لکيل سفرنامن جي خاص ڪري پهرين سفرنامي "مڪليءَ کان ملاڪا تائين" جي تعريف ڪئي آهي، جيڪي هن "سنڌ سلامت" جي ويب سائيٽ تان آن لائين پڙهيا آهن. پاڪستان سئي گئس ڪمپني جو، خيرپور پاسي جو انجنيئر محمد سليمان وساڻ قابل داد آهي جنهن پنهنجي "سنڌ سلامت" نالي ويب سائيٽ تي، سوين ڪتاب آن لائين رکي ڇڏيا آهن جيڪي ولايت ۾ رهندڙ اسان جا هم وطن مفت ۾ برائوز ڪري پڙهن ٿا.

ملائشيا ۾ وڏو عرصو رهڻ ڪري ۽ اتي جي ڪلچر، ثقافت، تاريخ جي ڄاڻ هجڻ ڪري منهنجا ڪتاب هڪ عام ماڻهو يا ملائشيا ۾ گهري دلچسپي رکڻ واري لاءِ ڀلي ڪٽي ڪارائتا سمجهيا وڃن پر ملائشيا ۾ پهريون دفعو اچڻ واري ٽوئرسٽ، شاگرد يا ڪاروبار جو جائزو وٺڻ واري لاءِ ڊاڪٽر شاهمراد چانڊئي جو هي سفرنامو "پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا" نہ فقط پڙهڻ کپي پر سفر ۾ ساڻ رکڻ کپي.

ڊاڪٽر شاهمراد غربت سارو ملائشيا خوب گهميو آهي ۽ پنهنجي مشاهدن، تجربن ۽ گهمڻ ڦرڻ جي احوالن کي قلمبند ڪري نون ايندڙن لاءِ رهنمائي ڪئي آهي. ”غربت سارو“ ان ڪري ٿو چوان ٿو جو هڪ امير ٽوئرسٽ وانگر پئسن سان ڪيسا ڀري گهران نہ نڪتو آهي ۽ نہ ڪو هن ملائشيا ۾ نوڪري ملڻ ڪري وڏو پگهار حاصل ڪيو ٿي. هو تہ هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ ملائشيا پهتو ۽ هن کي پنهنجي خرچ پکي لاءِ اسڪالرشپ ملي ٿي جنهن مان اسان جي ملڪ جا شاگرد بچت ڪري پنهنجي فئمليءَ کي بہ رکن ٿا. شاهمراد پاڻ کي ڏکيو رکي نہ فقط فئملي (زال عابده ڪنول ۽ ٻن ٻارن:حسنين حيدر ۽ رباب زهره) کي پاڻ سان چار سال ڪوالالمپور ۾ رکيو پر زال کي پنهنجي خرچ تي ماسٽرس بہ ڪرائي. ساڳي وقت سندس گهر واري بہ تعريف جي قابل آهي جنهن معمولي بجيٽ مان نہ فقط گهر جي خرچ هلائڻ جو بندوبست ڪيو پر پڙهائي ڪري امتحان پاس ڪيا. ساڳي وقت هنن ڌاريو ملڪ بہ ڏسڻ چاهيو ٿي سو هو ٿورو ٿورو ڪري موڪلن ۾ گهمندا رهيا. نہ رڳو ڪوالالمپور جا مختلف حصا پر ڪوالالمپور ڪان ٻاهر جا شهر پڻ. جن کي شاهمراد ۽ سندس فئمليءَ نہ فقط چڱي طرح ڏٺو ۽ گهميو ڦريو پر enjoy بہ ڪيو.

سنڌ يونيورسٽي جي ڪمپيوٽر سائنس ڊپارٽمينٽ جي هن سينئر ليڪچرار ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو 4 جولاءِ 1982ع تي ضلعي قنبر جي تعلقي واره جي ڳوٺ نهال تنيو ۾ محمد صلاح چانڊيو جي گهر ۾ جنم ورتو. هن پرائمري جا پنج درجا پنهنجي ئي ڳوٺ نهال تنيو جي پرائمري اسڪول مان پاس ڪيا، مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ هاير سيڪنڊري اسڪول واره مان ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان BSIT (بيچلر آف سائنس اِن انفارميشن ٽيڪنالاجي) ڪئي. هن پي ايڇ ڊي ”انفارميشن

ٽيڪنالاجيءَ“ ۾ ملائشيا جي انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽيءَ مان ڪئي جنهن جو موضوع آهي تہ يونيورسٽي ليول تي ريسرچر ۽ استاد، انفارميشن ۽ ڪميونيڪشن ٽيڪنالاجي ڪي ڪيئن ٿا ڏسن ۽ استعمال ڪن، جنهن جي بهتر استعال لاءِ سندس ريسرچ جي رزلٽ مطابق اڪيڊمڪس ٽيڪنالاجي ايڪسيپٽنس ماڊل بہ ڊولپ ڪيو اٿن. ۽ سندس گهرواريءَ (عابده ڪنول) لائبريري سائنس ۾ ملائشيا مان ماسٽرس ڪئي.

ڊاڪٽر شاهمراد جو هي سفرنامو ”پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا“ ڪي پڙهن بعد اندازو لڳايم تہ ڪتاب جي مصنف نہ فقط گهمڻ ڦرڻ بابت سنيون صلاحون ڏنيون آهن پر هن جي Observation جي قوت پڻ سٺي آهي. هن جي اها ڳالهہ صحيح آهي تہ ملائشيا جا ماڻهو گهٽي لهہ وچڙهہ نٿا ڪن. هو ڪم سان ڪم رکن ٿا. اسان جي ننڍي ڪنڌ جي ماڻهن ڪي اجائي ڪوٽ سوٽ ۽ ٻئي جي پچار ڪرڻ جي عادت آهي جيڪا ملائشيا جا ماڻهو پسند نٿا ڪن. ان ڪري اسان جا اهي ماڻهو جيڪي تعليم يا نوڪريءَ ڪري ملائشيا ۾ رهائش اختيار ڪن ٿا، انهن کي اهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ کپي ۽ پنهنجي پاڙي وارن سان گهڻو فري نہ ٿيڻ کپي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ ملائشيا جي تقريباً هر ماڻهوءَ کي انگريزي اچي ٿي، پوءِ پلي هو ٽئڪسي ڊرائيور هجي، گاڏي تي ڀاڄي يا ميوو وڪڻندڙ هجي. ڊاڪٽر صاحب بلڪل صحيح محسوس ڪيو آهي. ملائشيا وارن انگريزيءَ بدران تعليم جي زبان ملئي ڪرڻ چاهي ٿي پر ٻن سالن بعد وري انگريزي ڪري ڇڏي جو هنن ڏٺو تہ ائين ڪرڻ سان هو بين الاقوامي ٻوليءَ کان پري ٿي ويندا ۽ نقصان ۾ رهندا. تنهنڪري هنن وٽ اهوئي انگريزن وارو سسٽم هلندو اچي جيڪو اسان وٽ هو. يعني چار سال کن مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي ان بعد

انگريزيءَ ۾. پر پڙهائڻ وارا استاد اهڙا تہ سنا رکيا وڃن ٿا ۽ اسڪولن ۾ ايڏو تہ سخت ڊسپلين آهي ۽ ٻارن جي پڙهائي، هوم ورڪ ۽ امتحانن تي ايڏي تہ نظر داري آهي جو هر مئٽرڪ پاس نہ فقط ملئي مان واقف رهي ٿو پر انگريزي بہ فرفر (fluently) ڳالهائي سگهي ٿو. اسانجو ماڻهو جڏهن ڊاڪٽري يا انجنيئري جي نوڪري لاءِ انٽرويو ڏئي ٿو تہ هو چڱي طرح انگريزيءَ ۾ گفتگو نہ ڪري سگهڻ ڪري ناڪام ٿيو وڃي ۽ ان جي مقابلي ۾ سريلنڪا، بنگلاديش ۽ انڊيا جا اميدوار ملائشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن.

ڊاڪٽر شاهمراد ملائشيا ۾ رهندڙ مختلف قومن جو فرق بہ سٺي طرح سمجهايو آهي تہ هڪڙا ملئي مسلمان آهن جيڪي هن ڌرتيءَ جا رهاڪو آهن، اهي ڀوميپترا يعني Sons of Soil سڏجن ٿا ۽ ٻيا چيني ۽ انڊين آهن جيڪي انگريزن جي دور حڪومت ۾ ملائشيا ۾ آيا يا ڪجهہ تہ ان ڪان بہ اڳ هتي آيل هئا. ملائشيا کي هاڻ خودمختياري ملڻ تي جن هتي رهڻ پسند ڪيو انهن وٽ ملائشيا جو پاسپورٽ آهي ۽ اهي هتي جا شهري "ملئشين" سڏجن ٿا ۽ هنن کي ڪن ڳالهين ۾ ڀوميپترن کان گهٽ سهوليتون ملن ٿيون. انهن ماڻهن کان علاوه ملائشيا ۾ اهي ماڻهو بہ رهن ٿا جيڪي ايامن کان هتي آهن جيئن اسان وٽ ٻاگڙي، ڀيل، مينگهواڙ وغيره آهن. اهي گهڻو ڪري شهر جي آبادين کان ڏور جهنگن ۾ رهن ٿا. اهي ملائشيا جا اصلي ماڻهو آهن ۽ "اورانگ اصلي" (Orang Asli) سڏجن ٿا. اورانگ اصلي ماڻهن کي ڀوميپترن (اورانگ ملايو) کان بہ وڌيڪ سهولتون ملن ٿيون. هئڻ بہ ائين کپي. اسان وٽ جڏهن اسين چئون ٿا تہ اسين هن ڌرتي جا اصلي رهاڪو آهيون تہ اسان هن ڌرتي جي اصلي "اصلي رهاڪن" ٻاگڙي،

پيلن، مينگھواڙ، اوڏن وغيره کي وساري ڇڏيون ٿا _ اهو کهڙو انصاف آهي.

ملائشيا جي هر شهر، ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي هوٽلون، ريسٽورنٽون، ڏابي وارا، گاڏي وارا نظر ايندا جتي کائڻ وارن جي پيهه پيهان رهي ٿي ان ڳالهه اسان جي ليکڪ کي به حيران ڪيو آهي ۽ مونکي سندس اها ڳالهه پڙهي کل آئي ته لڳي ٿو ته ”ملئي ماڻهو ڏينهن ۾ چار دفعا ماني کائين ٿا“. واقعي ملئي ماڻهو کائڻ جا وڏا شوقين آهن. ملائشيا ۾ رهندڙ باقي به قومون انڊين ۽ چيني ايترو نٿا کائين جيترو ملئي مسلمان. مرد ته مرد پر عورتون به خوب کائين ٿيون ان ڪري ملئي عورتون ٻار ڄڻڻ کان اڳ ئي ٿلهيون ۽ ڦيڦيون ٿيو پون. هنن جو سڄو پئسو کاڌي تي خرچ ٿئي ٿو. ملائشيا جي اڳئين سفرنامي ۾، جنهن ۾ مون ملائشيا جي شادين مرادين جي رسمن جو تفصيلي احوال لکيو آهي ان لاءِ مونکي ڪنهن ملئي شاديءَ جا فوٽو ڏيڻا هئا سو ڇنڇر ڏينهن ملاڪا کان پورٽ ڊڪسن ۽ اتان سريمبان تائين پراڻو رستو وٺي ڳوٺن مان گذريس. ملائشيا جي ڳوٺن ۾ ملئي مسلمانن جي شادي ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن ٿئي. آئون بنا دعوت جي ڏهه ٻارهن شادين ۾ هليو ويس ۽ گهوٽ ڪنوار سان فوٽو ڪڍرايم پر افسوس جو ڪابه ملئي ڪنوار اهڙي سهڻي ۽ سنهي نه لڳي جنهن کي ڏسي منهنجا پڙهندڙ چئي سگهن ته ملئي ماڻهو ڏاڍا سهڻا آهن. ٻاهر هوٽلن تي کائڻ جو اهو به سبب آهي ته ملائشيا ۾ کاڌي جو اگهه گهڻو ناهي ۽ ضروري ناهي ته توهان هرويرو سنگل پليٽ يا ڊبل پليٽ وٺو. ۽ اهو به ضروري ناهي ته مڇيءَ جي پليٽ وٺو، يا ڀاڄيءَ جي يا مرغيءَ جي. ڪيترن ئي ريسٽورنٽن تي سيني ديڳڙن جا ڍڪ ڪليل رهن ٿا. توهان پليٽ کڻي جنهن ٻوڙ مان جنهن شيءِ جو ذرو ڪپي اهو کڻي آخر ۾ ڪائونٽر تي اچو اهو کاڌي جو مقدار ۽ ورائٽي ڏسي

توهان ڪان اڳ واٽ پئسا وٺي ٿو. ٻي ڳالهه ته ملائشيا ۾ ڪاڏي تي نظر رکڻ وارو حڪومت جو ”فوڊ ڊپارٽمينٽ“ ايڏو سخت آهي جو ڪنهن گاڏي تي رکيل ڪاڏي يا فائوااسٽار هوٽل ۾ پاروٽي يا ملاوت واري ڪاڏي جو ڪو سوچي نٿو سگهي. هڪ ٻي ڳالهه ته ملائشيا ۾ سالن ڪان عورت توڙي مرد ٻئي نوڪري يا پورهيو ڪن ٿا ان ڪري هر ڪو ٻاهر ڪائڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. ان هوندي به شاهمراد سچ ٿو چوي ته ملئي ماڻهو ڪائڻ جا شوقين آهن. چار پنج سال اڳ منهنجي ملاقات اسانجي ڳوٺ جي هڪ پي ايچ ڊي ڪندڙ هڪ شاگرد سان ڪوالالمپور ۾ ٿي. هن کي به ملئي ماڻهن جي اها ڳالهه عجيب لڳي ۽ مون کي چيو ته ”سر! ڪمال آهي! ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ لنچ لاءِ ويندا آهيون ته جيستائين ٻئرو لنچ ڪٽي اچي، ملئي دوست ڊنر جو به پيا پروگرام ٺاهيندا ته رات جي ماني ڪٿي ڪائجي ۽ ڇا ڪائجي.“ وڌيڪ شاهمراد لکي ٿو ته ڪائڻ ڪان علاوه ملئي ماڻهن کي روح افزا ٽائيپ ڳاڙهو شربت پيئڻ جي ڏاڍي عادت آهي. پاڻيءَ بدران به اهو پيئندا. پوءِ ظاهر آهي ته ٿلها به ٿيندا، ته ڏند به خراب ٿيندن ته ڊائبٽيز جا به مريض ٿين ٿا. پر آئون ته اهو چوندس ته ان شربت ڪان به خطرناڪ اهي ڪولائون آهن جيڪي اسان وٽ به شهر شهر ۾ ته ڇا ڳوٺن ۾ به عام ٿينديون وڃن ۽ ننڍا توڙي وڏا وڃن شگر جا مريض ٿيندا.

ملائشيا هڪ امن امان وارو ملڪ آهي جتي جي ماڻهن کي ڪنهن هٿن سان وڙهندو ته ڇا پر وات سان جهيڙو ڪندي به ورلي ڏٺو هوندو. پر آئون ڊاڪٽر شاهمراد جي ان ڳالهه سان سهمت آهيان ته ”ڪوالالمپور محفوظ شهر آهي پر احتياط ڪرڻ گهرجي. احيتاط ڪرڻ ئي يونيورسل نسخو آهي، هر پريشاني ۽ بيماري ڪان بچڻ جو.“ اها ڳالهه پرديس ويندڙ هر ماڻهوءَ کي ڳنڍ سان ٻڌڻ کپي. خاص ڪري پاسپورٽ ۽ پئسي

جي معاملي ۾ خبردار ٿيڻ کپي. اڳ ۾ ڊارئين جي پاسپورٽ جي چيڪنگ نہ ٿيندي هئي پرهاڻ چيڪنگ ڪري، هر وقت پاڻ سان رکڻو پوي ٿو. بهتر اهو آهي تہ گنجيءَ ۾ زپ وارو يا ٽِچ بٽڻ وارو کيسو نهرائي ڇڏجي. گهمڻ وقت پاسپورٽ ۽ پئسن جو وڏو حصو ان کيسي ۾ رکجي. باقي ڪجھ پئسا قميص يا پينٽ جي ٻاهرن کيسن ۾ رکجن جو اڄ ڪلھ ملائشيا جي وڏن شهرن ۾ ”جيب ڪترا“ ڦرندا نظر اچن ٿا. ان قسم جي ڏوهن جو احوال اخبارن ۾ بہ ايندو رهي ٿو. ڊاڪٽر شاهمراد هن سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ اهڙين ڦرين جو الزام، اخبارون اڪثر تامل اندين تي هڻن ٿيون. ان ۾ ڪافي حد تائين صداقت آهي جو سالن کان ڪچي شراب پيئڻ، جوا کيڏڻ، نشي ۾ جهڳڙا ڪرڻ جي هنن ۾ Tendency آهي پر اڄ ڪلھ ان قسم جي ڏوهن جو عدد انڊونيشي ورڪرن ۽ آفريقا کان آيل شاگردن ۾ بہ وڌيل نظر اچي ٿو. ان ڪري بهتر ڊاڪٽر شاهمراد واري ڳالھ آهي تہ هر حالت ۾ احتياط ڪجي. رات جو دير سان نہ نڪرجي، ويران گهٽين ۾ نہ گهمجي. اهڙن علائقن ۾ وڃڻ کان گريز ڪجي جتي تامل ۽ آفريقن جي گهڻائي هجي....وغيره وغيره.

ڊاڪٽر شاهمراد جون ڪي ڪي Observations بيحد ڪل جوڳيون ۽ حقيقت تي مبني آهن. لڳي ٿو تہ هو هر شيءِ کي غور سان ڏسي ٿو. مثال طور هو بلڪل صحيح لکي ٿو تہ صبح ساجهر ڪنهن پارڪ وٽان لنگهبو تہ چيني ماڻهن سان پارڪ ڀريل نظر ايندو. جڻ ماڻهو چين ۾ هجي. هو مختلف قسم جون ورزشون ڪندي نظر ايندا جيئن هو سنها ۽ صحتمند رهن. وري جڏهن صبح جو ڪنهن هوٽل اڳيان لنگهہ تہ ايترا تہ ملئي نظر ايندا جو پڪ ٿي ويندي تہ ملائشيا ۾ ئي آهيون. هو روٽي چنائي(دال اڦراٺو) ۽ ناسي ليماڪ (ناريل جي کير ۾ رڌل ڀت) کائڻ ۾ مشغول هوندا.

شاهمراد اها ڳالهہ بہ سني Observe ڪئي آهي تہ ملئي ماڻهو ڪم ۾ سست ضرور آهن پر آفيس ۾ پورو ٽائيم وهڻ ۽ ڪم پورو ڪري اٿڻ جي عادت اٿن. ان ۾ آئون اهو بہ add ڪندس تہ ملئي شاگرد ايڏا ذهين نہ آهن پر ڪين ڪاپيءَ جي عادت ناهي. ان ڪان هو فيل ٿي ٻئي سال محنت ڪري پنهنجي مڙسيءَ سان پاس ٿيڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. ٻين سان گڏ ملئي آفيسر بہ آفيس ۾ وقت تي اچن ٿا. ۽ وقت پورو ٿيڻ تي گهر وڃن ٿا. شاهمراد پنهنجي ملڪ جا سور روئندي لکي ٿو تہ اسان وٽ تہ نہ صاحب ملندو نہ صحي ڪندو. پر جي صاحب هوندو تہ پٽيوالو سولو ملڻ ڪونہ ڏيندو. بس ماڻهو پيو پنهنجي جائز ڪم لاءِ جتيون گسائي پر هتي ملائشيا ۾ ائين ڪونہ آهي. نہ پٽيوالو ٿئي ۽ نہ وري ڪو اسٽاف سان ڊئريڪٽ سڄاڻپ جي ضرورت پوي. اجائي ٽال مٽول بہ ڪونہ ڪن. ڪاغذ پورا آهن تہ جلد ڪان جلد ڪم ٿيو وڃي. باقي جي نہ آهن تہ پوءِ هو صاف ٻڌائيندا تہ هتان ڪم ٿيڻ مشڪل آهي. هو آسرا ڏئي هر گز نہ رلائيندا.

ملائشيا ۾ ڪجهہ ملڪن جا پناهگير ضرور رهن ٿا جيئن تہ برما، ڪمبوڊيا، شام، افغانستان جا ۽ وڏن شهرن ۾ آفريقا جا شيدي بہ رهن ٿا ۽ ملائشيا وارا دنيا کي اهو ئي ڏيک ڏين ٿا تہ هي ڌارين کي رهائي وڏي قرباني پيا ڏين پر ڊاڪٽر شاهمراد صحيح لکيو آهي تہ هو اسان وانگر هر ايري غيري کي نٿا رهائين. اسان وٽ تہ ڇڻ بارڊر کليا پيا آهن ۽ برمي بهاري، افغاني، بنگالي پناهگيرن سان ملڪ پرجي ويو آهي. ملائشيا ۾ جيڪي ٻاهريان ماڻهو رکيا ويا آهن اهي سڀ عارضي طور ۽ رجسٽرڊ پناهگير آهن يعني اهي يونائيٽيڊ نئشنس طرفان موڪليل آهن ۽ اها هر هڪ لاءِ ملائشيا کي وڏو پئسو ڏئي ٿي. ۽ ٻيو تہ آفريقا جا جيڪي نظر اچن ٿا اهي سڀ وڏا امير آهن جيڪي ملائيشيا ۾ گهمڻ يا تعليم حاصل

ڪرڻ لاءِ اچن ٿا ۽ انهن مان به ملائشيا کي وڏي ڪمائي ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر شاهمراد جيڪو پنهنجي فيلڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي جو سٺو ٽيچر آهي ۽ هڪ سٺو اديب پڻ آهي. سندس اعليٰ تعليم ۽ ٻاهر جي معلومات بابت اخبارن ۾ ڪالم به ايندا رهن ٿا ۽ انهن بابت هڪ اهم ۽ ڪارائتو ڪتاب ”اعليٰ تعليم جا عالمي رجحان ۽ موقعا“ به ڇپجي چڪو آهي. هن ۾ ملائشيا بابت سندس ڇهن سالن جو نچوڙ آهي جيڪي هن تعليم خاطر اتي گذاريا. سندس هي نئون ڪتاب _ ملائيشيا جو سفرنامو به نه فقط معلومات سان ڀرپور آهي پر هڪ مسافر لاءِ گائيڊ بُڪ پڻ آهي.

**الطاف شيخ**

**ڪراچي**

25 **اپريل** 2019

# ٻه اکر

جڏهن مس ڪال ڏني ته ڪال بيڪ ڪرڻ لازمي بڻجي ويو، چاڪاڻ ته فون به اهڙي پياري دوست جي هئي، جنهن سان زندگيءَ جا ڪيترائي سال ائين ٻاراٽپ ۾ گذاريا، جو اڄ به ساڻس گهاريل ڏينهن دل تي لڪير وانگر چٽيل آهن. يونيورسٽي جي ڏهاڙن کان جڏهن هڪ سهڻو ۽ نفيس طبعيت جو مالڪ نوجوان اسان جي سنگت ۾ شامل ٿيو، تڏهن کان سندس ترجيحات ڏسندي، الائي ڇو دل چوندي هئي ته اسان به ائين ئي ڪيون، جئين هي نوجوان ڪري رهيو آهي.

شاهمراد درحقيقت مون ناچيز کي هن ڪتاب جو مڪمل مسودو موڪليو ۽ چيو ته ڪتاب تي ٻه اکر لکجانءِ . هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿيو ته ڪتاب نه صرف ملائشيا گهمڻ بابت معلومات سان ڀريل آهي پر هن ڪتاب ۾ ملائشيا جي تاريخ، ڪلچر، ثقافت ۽ سياست سان گڏوگڏ ملائشيا جي تعليمي ادارن بابت به رهنمائي شامل آهي. جنهنڪري اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته هي سفرنامو نه صرف سنڌ جي سياحن لاءِ ملائشيا گهمڻ ۾ مددگار ٿيندو پر سنڌ جي نوجوانن لاءِ ملائشيا جي تعليمي ادارن بابت به ڀرپور رهنمائي ڏيئي ٿو، منهنجي خيال ۾ هي سفرنامو ملائشيا بابت هڪ مڪمل معلوماتي، ۽ تعليمي سفرنامو آهي.

شاهمراد نه صرف پنهنجي طبعيت ۾ نفيس آهي، پر دوستن جي لاءِ هميشه ڀرجهلو ٿي رهيو آهي ۽ مختلف وقتن تي اهڙا به مرحلا آيا جو هن تمام ڏکين حالتن ۾ به پنهنجي دوستن جي مدد ڪئين جيڪا نه صرف اخلاقي هئي پر مالي به هئي، ايتري ويجهڙائپ سان وقت گذارڻ سبب اسان سيئي

هڪبئي جي مالي توڙي گهريلو حالتن کان بہ بخوبي واقف هئاسين پر شاهمراد ڪڏهن بہ پنهنجي حالتن کي پنهنجي صلاحيتن تي حاوي ٿيڻ نہ ڏنو ۽ وڏي حوصلي ۽ همٿ سان معاشري جي روش جو مقابلو ڪندو رهيو، جنهن جو مثال مون کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي زندگي ۾ ڪٿي بہ نظر نہ ٿو اچي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي سندس ڪتاب ”اعليٰ تعليم جا عالمي رجحان ۽ موقعا“ ڏٺو تہ سچ پڇيو تہ ڏاڍي خوشي ٿي، ڪيس فون ڪئي تہ شاهمراد ڪلي رهيو هيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”ڏس چاچي سومر جا پٽ! مون ڪتاب لکي ورتو نہ، هاڻي ٻڌاءِ پاڻ وڏا ٿي ويا آهيون يا نہ ؟“ هتي مان ٻن ڳالهين جي وضاحت ڪندو هلان تہ منهنجي والد صاحب جو نالو محمد سومر منگي آهي، ان ڪري شاهمراد مون کي چاچي سومر جا پٽ ڪري مخاطب ٿيندو آهي. ٻئي وضاحت اها تہ شاهمراد ۽ مان قد ۽ شخصيت جي لحاظ کان ٻين جي مقابلي ۾ ٿورا ننڍڙا ٿي لڳندا آهيون ۽ جڏهن مان انفارميشن آفيسر ٿيس ۽ شاهمراد يونيورسٽي ۾ استاد طور پرتي ٿيو تہ پاڻ کي ماڻهو اجان تائين شاگرد وانگر ڏسندا هئا ۽ اسان ٻئي انهي محرومي ۾ هئاسين تہ يار جتي وڃون ٿا ماڻهو اسان کي آفيسر ۽ استاد ٿي نٿا سمجهن بلڪہ اجان تائين شاگرد ٿا سمجهن. ان ڪري ان وقت شاهمراد مون کي چيو تہ ”ڏس پاڻ وڏا ٿي ويا آهيون نہ.“

اڄ جڏهن شاهمراد پرڏيهہ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ماڻي نہ صرف پنهنجي نوڪري ڪري رهيو آهي پر گڏوگڏ هن ادب جي دنيا ۾ پڻ پير پاتو آهي تہ سندس اِهو عمل نہ رڳو مون جهڙن دوستن لاءِ پر ساڻس تعلق رکندڙ هر فرد جي لاءِ فخر جهڙي ڳالهہ آهي، چاڪاڻ تہ شاهمراد اڪيلي سر جيڪو سفر

جن ڏکيائين ۽ جدوجهد وارن مرحلن ۾ ڪٿيو آهي، اهو سندس بلند حوصلي جو ثبوت آهي.

هاڻي جڏهن سندس جو هي ٻيو ڪتاب **”پاڳوندن جو ملڪ ملائشيا“** شايع ٿي رهيو آهي ته منهنجو يقين اجان به پختو ٿئي ويو ته شاهمراد هاڻي پنهنجي اصل مقصد کي عملي جامو پهرائڻ جي لاءِ ميدان ۾ مڪمل طور تي لهي آيو آهي ۽ اسان دعاگو آهيون پنهنجي هن پياري ڀاءُ جي ڪاميابي جي لاءِ ۽ يقين سان چوان ٿو ته هي ادب جي دنيا ۾ به پنهنجي منزل ماڻيندو.

**ظفر منگي**

ڪڪڙ

# پنهنجي پاران

هاڻ جڏهن ملائشيا مان واپسيءَ کي هڪ سال پورو ٿيڻ تي آهي ۽ خير سان ملائشيا بابت هي سفرنامو شايع پيو ٿئي ته ملائشيا ڪجهه وڌيڪ ياد اچڻ لڳو آهي. ملائشيا ۾ سخت محنت ڪرڻ جي باوجود هر ڪم ۾ برڪت هئي، ڏينهن رات جا **24** ڪلاڪ جهڙوڪ ماڻهو جي پنهنجي وس ۾ هوندا هئا. ڪابه بجلي پاڻي، گئس ، هل هنگامي جهڙي ڊسٽربنس ڪانه هئي. اهو ئي سبب آهي جو ملائشيا جو وقت ڏاڍو جلدي گذري ويو، هاڻ جيئن وقت گذري ٿو ملائشيا جي سُکي زندگي اجان به وڌيڪ ياد پئي اچي پر اهو به شڪر آهي ته ملائشيا مان ڪامياب ٿي پنهنجي ملڪ موٽي آيا آهيون. حقيقت ۾ پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجن ماڻهن ۾ هجڻ سان جيڪو احساس ۽ اعتماد ٿئي ٿو، ان جو ڪو به نعم البدل نه ٿو ٿي سگهي.

هي سفرنامو صرف هڪ ٽوئرسٽ جي حيثيت سان نه لکيل آهي بلڪ ملائشيا ۾ لڳاتار چار سال رهڻ دوران جڏهن به ڪولالمپور يا ڪنهن ٻئي پاسي گهمڻ ٿيو ته ان جو احوال لکي ڇڏيو، ائين وري ڪو ملائشيا ۾ رهڻ دوران ڪنهن ٽريننگ يا ايوينٽ ۾ حصو ورتو ته اهو احوال به ڊائري ۾ هٿيڪو ڪندو رهيس. ان ڪان علاوه مون هن ڪتاب ۾ ملائشيا بابت پنهنجي چار سال گذاريل تجربي جو نچوڙ به ڏنو آهي، جو ته ملائشيا جي ماڻهن جي مزاج، سندن رسمن رواجن ڪان ويندي ملائشيا جي تاريخ ۽ سياست بابت به مطالعو ڪيو ۽ ڪين ويجهڙائي ڪان ڏٺو. ان ڪري صرف هڪ سياح جي مشاهدي ڪان وڌيڪ هن ڪتاب ۾ ملائشيا بابت ڪجهه وڌيڪ گهرائي سان به لکيو آهي، ۽ ملائشيا جي قوم جي ٻڌي ۽ ترقي ۾ سندن سياستدانن جي دور انديشي کي ساراهيو آهي.

اميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌ جي سياحن سان گڏ تعليم لاءِ ويندڙ نوجوانن لاءِ بہ رهنمائي جو سبب بہ بڻجندو، جو هن ڪتاب جو اهم پاسو منهنجو ملائشيا ۾ شاگرد جي حيثيت سان رهڻ ۽ ملائشيا جي مختلف تعليمي ادارن ۾ ٻين سنڌي شاگردن سان ملڻ جلڻ لاءِ ويندو رهڻ سبب، ڪافي يونيورسٽين جو ذڪر هن ڪتاب ۾ شامل ٿي ويو آهي، جيڪڏهن ڪير هن ڪتاب ۾ ملائشيا جي تعليمي ماحول ۽ اتي موجود موقعن بابت مواد ڳولهڻ چاهيندو تہ ان کي بہ ڪافي مدد ملي سگهي ٿي. ملائشيا ۾ رهائش دوارن ڪافي دوستن جو ساٿ رهيو، ان ۾پروفيسر اسدالله شاهہ، پروفيسر علي رضا سومرو، ادي راحيلا شاه ، يعقوب ڪونڌر، سائين عرفان شيخ، سائين عمران اڇڻ، ميڊم ارجمند بانو، ميڊم نجما چنا، ذوالفقار مهر، نور بروهي، منصور کهوڙو، ملوڪ رند، علي رضا رنگ ۽ حميز شيخ شامل آهن. ادي راحيلا شاه جڏهن عيد وغيره يا مختلف وقتاً تي اسان وٽ ايندي هئي تہ منهنجي ٻارن کي پرديس ۾ ديس جو احساس ٿيندو هو ۽ جي ڪافي وقت نہ ايندي هئي تہ پنهنجي ماءُ کي چوندا هئا تہ پڦي راحيلا کي فون ڪري گهرايو. ائين سائين عرفان شيخ، ميڊم ارجمند بانو سومر ۽ ميڊم نجما جي فيملي سان هڪ علائقي ۾ رهڻ ڪري جڻ هڪٻئي جو ڏڍ ٿي رهياسين. باقي دوست ملائشيا جي يادن ۾ هڪ خوبصورت باغ جيان آهن، جن سان هاڻي ملائشيا جو يادون تازيون ٿينديون رهنديون.

آءٌ دل سان شڪر گذار آهيان، مانواري سائين الطاف شيخ صاحب جو جنهن هن ڪتاب تي مهاڳ لکي ڏنو، حقيقت اها آهي تہ سائين الطاف شيخ بہ جڻ ملائشيا ۾ رهڻ دوران سندن ڪتابن جي صورت ۾ اسانجي فيملي جو نہ صرف عام ميمبر پر هڪ وڏو ۽ رهنما ٿي رهيو. ملائشيا ۾ گهمڻ لاءِ جيڏانهن بہ نڪرندا هياسين تہ آءٌ سندس ڪتابن مان ان جڳهہ بابت معلومات حاصل ڪري ويندو هيس، پوءِ چاهي ملاڪا هجي يا وري ڪوالالمپور، پنانگ هجي يا

ترنگانو. سندس پاران هن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏيڻ منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ آهي، جنهن لاءِ سندس جو هميشہ شڪرگذار رهندس. آءٌ پنهنجي دوست ظفر منگي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن بہ منهنجي ڪتاب ۾ مون بابت بہ اکر لکي ڏنا. آءٌ **ڪنول** پبليڪيشن جي سرواڻ سائين سعيد سومرو ۽ سندس ساٿي نوجوان شڪيل جنجهي جو بہ احسان مند آهيان، جن هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۽ ايڊيٽنگ کي بهتر بہ ڪيو ۽ **ڪنول** پبليڪيشن طرفان هن ڪتاب کي ڇپرايو آهي.

سائين دين محمد ڪلهوڙو جو ذڪر نہ ڪرڻ بي ادبي ٿيندي، جنهن هن ڪتاب جي پروفنگ ڪئي، ۽ ايتريون تہ غلطيون ڪڍيون جو مونکي لڳو تہ ڪتاب لکڻ سولو هيو پر هي پروفنگ جون غلطيون درست ڪرڻ ڏکيو آهي، سو مون ٿڙ تڪڙ ۾ ڪجھ پاڻ غلطيون درست ڪيون ۽ ڪجھ مواد درستگي لاءِ سائين سعيد سومرو صاحب جي حوالي ڪيو. سائين دين محمد صاحب جو چوڻ هيو تہ جڏهن توهان ڪتاب جون درستگيون ڪري مطمئن ٿي وڃون تہ هڪ دفعو ٻيهر مواد ڏيئي وڃجو، پر مونکي سفرنامي آڻڻ جي تڪڙ ۽ سائين دين محمد صاحب جي سخت ايڊيٽنگ جي ڊپ جي ڪري ڪيس ٻيهر مواد ڪونہ ڏنو، هاڻ جيئن تہ هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ ۾ سائين دين محمد جو نالو بہ آهي پر اجان بہ جي غلطيون آهن تہ ان ۾ قصور منهنجو هوندو نہ ڪي سائين دين محمد صاحب جو. هي سفرنامو جلدي ڇپرائڻ لاءِ پياري دوست منير چانڊيو تمام گهڻو اتساهيو ۽ ان ڪم لاءِ **ڪنول** پبليڪيشن جا ڪيترائي پنڌ ڳڌجي ڪيا. سندس ساٿ جون وڏيون مهربانيون.

**ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو**

**Cell: 03322676301**

# ملائشيا تي هڪ نظر

ملائشيا ڏکڻ اوڀر ايشيا جو هڪ خوبصورت ملڪ آهي، جتي مختلف رنگ، نسل، ٻولي ۽ مذهب جا ماڻهو امن امان سان رهيا پيا آهن. هن ملڪ جو رقبو **330,803 km²** آهي، جيڪو سنڌ کان تقريباً ٻيڻو آهي ۽ پوري پاڪستان جي تقريباً اڌ جيترو آهي. ملائشيا جي آبادي سوا **3** ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. هن ملڪ کي سچي پچي ايشيا به چيو وڃي ٿو **'Malaysia truly Asia'** ۽ واقعي ائين آهي به، جو هن ملڪ ۾ سڄي ايشيا جا ماڻهو رهن پيا. هتي جي موسم، کاڌو پيتو، اسان لاءِ بلڪل مناسب آهن. ڪپڙي لٽي ۾ به اسان سان ملندڙ جلندڙ لباس پهرين ٿا. سندن ثقافتي لباس ۾ مردن ۾ گوڏ ٻڌڻ جو رواج عام آهي. ملائشيا جا ماڻهو گهٽو لهه وچڙ ڪونہ ڪن، پنهنجي ڪم سان ڪم رکن. هتي انگريزي تقريباً هر ماڻهو کي اچي ٿي، پوءِ ڀلي ٽيڪسي ڊرائيور هجي، گاڏڙي تي ڪاڏي جو سامان يا ٺمر وڪڻندڙ هجي، جوتا پالش ڪندڙ موچي يا وري بجلي جو ڪم ڪندڙ مستري هجي، هر ڪو گهٽ ۾ گهٽ ڪم هلائڻ جيتري انگريزي ڄاڻي ٿو.

هتي ڪوالالمپور کان ويندي هر وڏي شهر جي مارڪيٽن، شاپنگ سينٽرن ۾ اردو سمجهندڙ ۽ ڳالهائيندڙ پاڪستاني، بنگالي، انڊين، ڪشميري، نيپالي به جام آهن، جنهنڪري اسان جي ملڪ جي ماڻهن کي تمام گهڻي آساني ٿئي ٿي. هي ملڪ ٽن آبادين تي مشتمل آهي جن ۾ ملئي، چائنيز ۽ انڊين شامل آهن. ملئي سڀ مسلمان آهن ۽ پاڻ کي هن ملڪ جا ڀوميپترا يعني ڌرتيءَ جا پٽ سمجهن ٿا، پر اهم نوٽ ڪرڻ جي ڳالهہ تہ هنن ئي جهنگن ۾ ملئي قوم کان به اڳ جا ڪجهہ ماڻهو رهندڙ آهن، جن کي اورنگ اصلي **'orang asli'** چيو وڃي ٿو يعني اصلوڪا ماڻهو. اورنگ اصلي به آهن تہ ڪين ملئي ۽ ڀوميپترا به سمجهيو

وجي ٿو، پر مزي جي ڳالهه ته انهن جي مقابلي ۾ ملئي ماڻهن کي اورنگ اصلي ڪونه چيو وجي ٿو. هي سڃاڻپ صرف اڳاٽي زماني کان هتي جي جهنگن ۾ رهندڙ ماڻهن کي مليل آهي. اورنگ اصلي ماڻهن کي پوميپترا وارا سمورا حق به مليل آهن ته وري انهن کان ڪجهه وڌيڪ قانوني حيثيت ۽ رعايتون به. ائين سمجهيو سنڌي سماٽ ملئي پوميپترا آهن پر هتان جا اورنگ اصلي وري ڀيل ۽ باگڙي آهن، جنهنڪري انهن کي پوميپترا يعني ڌرتيءَ جا پٽ **(son of the soil)** به چيو وجي ٿو، ته وري اورنگ اصلي به.

مجموعي طور ملئي ۽ اورنگ اصلي ملائشيا جي آباديءَ جو **55** کان **60** سيڪڙو آهن. ان کان پوءِ سڀ کان وڏي آبادي چائنيز ماڻهن جي آهي، جيڪي تقريباً **30** سيڪڙو ٿيندا، باقي انڊين آبادي آهي جيڪا تقريباً سموري آبادي جي **10** سيڪڙو ٿيندي. هن ملڪ ۾ چائنيز ڪجهه انگريزن جي زماني ۾ آيا پر ڪافي اڳ ۾ به ايندا رهيا آهن، ويندي **15** صدي جي ملئي بادشاهه چائنيز راڻي به پرڻائي آيو هو، جنهن سان به سندس نوڪر ۽ نوڪرياڻين جو ڪافي تعداد ملائشيا آيو، ۽ اهڙيءَ طرح چائنا جي ماڻهن جي اچ وڃ ٿيندي رهي، ۽ ان وقت جي آسام رياست کان بچاءَ لاءِ ملئي بادشاهه جو چائنا کان مدد وٺڻ جو معاهدو به ٿيل هو، پر چائنيز جي گهڻائيءَ جو اچڻ انگريز دؤر ۾ ٿيو، جو ٽن **(Tin)** ڪڍڻ لاءِ انگريز دؤر ۾ مزدوري ۽ واپار لاءِ چائنيز آيا يا وري چائنا ۾ قدرتي طور تباهه ڪارين ۽ بيمارين کان به بچڻ لاءِ انهن جو هن پاسي ڏانهن اچڻ ٿيندو رهيو.

هتي انگريز جي اچڻ کري ڪافي واپار ۽ اچ وڃ ٿي رهي هئي، انڪري پسگردائيءَ جي ملڪن جا ماڻهو ايندا رهيا. ائين ئي وري انڊين جي گهڻائي به انگريزن جي زماني ۾ هتي آئي پر انهن کان پهرين به انڊين ماڻهن جو هن پاسي اچڻ وڃڻ رهيو آهي. انڊين آباديءَ ۾ سائوٿ انڊين جن ۾ تامل، مدراسي گهڻا آهن، ان کان پوءِ

سردار سک، پنجابي، پٺاڻ ۽ سنڌي هندو به آهن. هي سڀ ماڻهو الڳ الڳ مذهب، ٻولي، رسم رواج، ثقافت، لباس ۽ رهڻي ڪهڻي، کاڌي پيتي جي باوجود به امن امان ۽ سک شانتيءَ سان رهيا پيا آهن، هتي مسجدن جيترا ئي مندر آهن، انڊين مندر به، ته چائنيز لاءِ الڳ عبادتگاهون، هندو مذهب لاءِ الڳ، ته ٻڌ مذهب لاءِ الڳ. وري سردار سکن لاءِ به الڳ گوردوارا نهيل آهن. ڪنهن ڪي ڪا جهل نه پل هر ڪو پسي پرين ڪي، واري ڪار لڳي پيئي آهي.

لباس به هر ڪو الڳ الڳ نموني جو پائي ٿو، جتي مسلمان ملئي عورتون پنهنجي روايتي لباس باجو ڪورونگ ۾ ڏکهي چولي ۽ شلوار ۾ آهن يا وڌ ۾ وڌ مڪمل پينٽ شرٽ ۾ ۽ اسڪارف سان مٿو ڍڪيل هوندن، انهن جي ڀيٽ ۾ چائنيز وري نيم اگهاڙا يعني هاف پينٽ وارا نيڪر ۽ ٽائيٽ شرٽ يا گنجي نما شرٽن ۾ پيا نظر ايندا. ائين وري انڊين پينٽ سان گڏ ساڙهين ۽ شلوار قميصن ۾ به پيا نظر ايندا، ته وري پينٽ شرٽس ۾ به. سنڌن لباس ملئي مسلمانن ۽ چائنيز جي ڀيٽ ۾ وچٿرو هوندو اٿن، پلي ڪٽي گهر هڪٻئي جي پاسي ۾ اٿن پر پهريندا، کائيندا، پنهنجيءَ پنهنجيءَ مرضيءَ سان. هر ڪو جيئن عبادت الڳ الڳ ڪري ٿو، رهن به ٿا ائين ئي ويجهو هوندي به الڳ الڳ. اسان کين پاڻ ۾ ايندي ويندي ته پري جي ڳالهه آهي پر ڳالهائيندي به ڪونه ڏٺو آهي، پر مجال آهي جو ڪڏهن هڪٻئي کي ڊسٽرب ڪن يا ڪجهه گهٽ وڌ چون، حڪومت جو سخت قانون آهي يا وري ماڻهن جي سوچ پلي آهي جو ايترو امن امان سان رهيا پيا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي ڪرت سان مصروف آهن. مسلمانن جون مسجدون ته بهترين ۽ خوبصورت نهيل آهن، ٿوري ٿوري فاصلي سان هر علائقي ۾ عاليشان مسجدن جو چار ويڇايل ٿو لڳي. اتي خوبصورت چائنيز مندر به آهن پر هنن ماڻهن ۾ هر هنڌ دڪان سان گڏ به ته اسڪول سان گڏ به ننڍڙو مندر رکڻ جي عادت آهي جيڪو ٽيندو ڪوئي **3** ڀاءِ **4** جو پر ان ۾ اندر گڏين جهڙو مجسمو رکيل هوندو ۽ ان

۾ اگربتيون به ٻاريندا ته وري نارنگيون ۽ تيل جي هڪ عدد بوتل به پيل هوندي ته هڪ ننڍڙو ڏيئو به پيو ٻرندو.

هي ملڪ سمجهڻ ۾ سولو آهي. مون کي ڪوالالمپور ته تمام سولو لڳو آهي، هتي تقريباً ڪم ڪار، خريداري ۽ گهمڻ ڦرڻ وارين جڳهين تي ٽرين ذريعي به وڃي سگهجي ٿو، جو هر اهم جڳهه تي ٽرين جو اسٽيشن ٺهيل آهي، ان کان علاوه بس تي به وڃي سگهجي ٿو، اها به مفت جي بس، جيڪا صرف سياحن لاءِ مخصوص آهي ۽ چار مختلف رستن سان سڄو ڪوالالمپور گهمائي ٿي وڃي. اهڙي طرح ڪرائي واريون بسون به آهن، ان سان گڏ ٽيڪسي جو ته آپشن آهي ئي آهي. باقي ملائشيا جي ٻن شهرن، ڪوالالمپور ۽ پنانگ ۾ (**hop on and hop off**) بس سروس به آهي، جيڪا **45** رنگتن ۾ سڄو شهر گهمائي ٿي. هتي جي ٽرين ۾ مونوريل به آهي جيڪا فلاءِ اور تي هلي سڄي شهر جو نظارو پَسائي ٿي ته وري مختلف روٽس تي هلندڙ **LRT** ۽ **KTM** ٽرينون به آهن، ته وري ايئرپورٽ کان شهر تائين فاسٽ ٽرين ( **KLIA Express**) به آهي، هي ٽرينن جو ڄار ڪٽي ڪوالالمپور جي سڄي شهر ۾ آهي پر ڪوالالمپور کان سموري ملڪ جي اهم شهرن کي ڪوالالمپور کي ڳنڍي به ٿو، جو تقريباً هر رياست جي اهم شهر لاءِ صرف ڪوالالمپور کان نه پر مختلف شهرن کان هڪٻئي ڏي اچڻ وڃڻ لاءِ ٽرينون آهن.

ميٽر تي هلندڙ ٽيڪسي ڪوالالمپور جي ٽريفڪ ۾ خاص طور آفيس جي اچڻ ۽ موڪل واري وقت ڪافي مهانگي پئجي سگهي ٿي. انڪري ٽيڪسي بجاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪجي ته پيسن سان گڏ وقت جي به بچت ٿيندي ته وري سڪيورٽي به وڌيڪ ٿئي ٿي. وري ڪنهن بيڪار ڊرائيور کان به بچاءُ ٿي وڃي ٿو. ڪوالالمپور ۾ جتي شاپنگ مال ۽ رهائشي هوٽل ججهي تعداد ۾ آهن، اتي ڪائڻ پيئڻ وارا هوٽل به جام آهن. منهنجي خيال ۾ ايترا ڪائڻ پيئڻ وارا هوٽل شايد ئي ڪنهن ملڪ ۾ هجن. هتي سڀ کان

وڏو ڪاروبار اِهي هوٽل لڳن ٿا. وڏي ڳالهہ تہ ڪو بہ هوٽل خالي نہ ملندو، مون کي تہ لڳندو آهي ملئي ماڻهو **4** دفعا ماني ٿا کائن، صبح ناشتو وري **12** بجي وري **4** جي وري **8** بجي. مطلب هر وقت هوٽل ڀريل ملندا. هتي کاڌو سستو هجڻ ڪري يا لوڪل ماڻهن جي نوڪرين ۽ بزنس جي ڪري جو عورتون بہ سڀ پڙهيل لکيل ۽ نوڪري ڪرڻ واريون ٿين يا سستيءَ جي ڪري جو ملئي خاص طور سُست قوم لڳندي آهي. شايد مٿين سببن جي ڪري هيءُ ماڻهو گهرن ۾ کاڌو تمام گهٽ پچائن يا تہ پچائيندا ئي ڪو نہ هجن جو هوٽلن تي هر وقت رش مان، ٻيو ڇا سمجهجي.

ملائشيا ۾ امن امان آهي اهڙو ڪو وڏو مسئلو نہ ٿيو آهي پر احتياط ضروري آهي. جيئن چوندا آهن احتياط ئي علاج آهي اهڙي طرح ڪنهن بہ ڌارئي ملڪ ۾ڀوءِ چاهي سعودي عرب ئي ڇو نہ هجي، احتياط ڪرڻ گهرجي، هتي اسان سان تہ ڪو اهڙو مسئلو ٿيو نہ آهي پر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي يا اخبارن ۾ بہ پڙهيو آهي تہ چوري يا ڦر وغيره ٿئي ٿي. اهو الزام اڪثر تامل انڊين تي لڳندو آهي، تہ اهي ٿا ڪن. اهڙيون وارداتون اڪثر اڪيلي ماڻهو سان ٿين، جڏهن ڪنهن گهٽي ۾ يا ڪنهن پارڪ مان گذرندو هجي يا وري رات جو دير سان ڪو گهمندو يا ٻاهري نڪرندو هجي، ان لاءِ احتياط ڪجي، ڪنهن سنسان يا گهٽ ماڻهن واري جڳهہ تي گهمڻ کان يا رات جو دير سان نڪرڻ کان. اهو سڀ ورلي ٿئي ٿو نہ تہ ڪوالالمپور محفوظ شهر آهي پر احتياط ڪرڻ گهرجي، احتياط ڪرڻ ئي يونيورسل نسخو آهي، هر پريشاني ۽ بيماري کان بچڻ جو. ملائشيا ۾ پبلڪ گاڏيون محفوظ آهن، اهي استعمال ڪجن تہ بهتر آهي.

ملائشيا جيترو قدرتي طرح وسڪاري وارو ملڪ آهي، اوترو ئي وري وڻن ۽ گلن سان ڀريل سائو، شاداب ۽ خوبصورت ملڪ آهي. نظارن سان ڀرپور ملڪ، چاهي گهر جي گيلري ۾ ويهي ڏسو يا وري روڊ رستن سان سفر ڪندي يا فٽ پاٿ سان پنڌ ئي پنڌ

ايندي ويندي، توهان کي هر هنڌ وڻ ۽ سائي چبر ضرور نظر ايندي.، سواءِ وچ روڊ ۽ گهرن جي چتين جي، باقي هر هنڌ ساوڪ ئي ساوڪ. پر ان قدرتي خوبصورت ماحول جي برعڪس وري هتان جا ملئي ماڻهو ۽ تامل انڊين ته صفا پورا سارا آهن. ائين ڪٽي چئجي جيڏو ملڪ قدرتي نظارن سان سهڻو آهي ته وري ايترو ئي نارمل شڪل شبيهه وارا ملئي ماڻهو آهن. تامل ته رنگ ۾ ڪارا آهن ۽ مهاندن ۾ پورا سارا آهن، ان جي ڀيٽ ۾ ملئي مسلمان، رنگ ۾ ته نارمل آهن پر مهاندا به صفا پورا سارا اٿن، نڪ بينو يا ٺُنو ته وري جسم ٿُلهو ۽ بيڪار، ورلي ڪو سهڻن مهاندن سان مرد يا عورت نظر ايندي آهي ته پڪ هوندي آهي ته ڪراس بريڊنگ آهي، جو پڪ ڪرڻ خاطر ڪجهه ماڻهن کان پڇيو به ته ٻڌائيندا آهن، والد پاڪستاني آهي، يا وري انڊين يا وري عرب يا وري البينين يا وري رشيا جي مختلف مسلمان رياستن جيئين ازبڪ، يا وري آفريڪن. باقي ٽيون نسل جيڪو چيني ماڻهن جو آهي، هي به يورپين يا رشين وانگي يا اسان پاڪستاني ۽ اتر انڊيا جي ماڻهن وانگي يا ايراني، افغانستانين وانگي ته سهڻا ڪونه آهن پر وري به ڪجهه ماڻهو خوبصورت به ٿين ٿا، خوبصورت شايد ان ڪري به لڳن ٿا، جو ڪجهه لباس جو ڪمال اٿن، ڪجهه سمارٽ هجڻ جو ۽ گڏوگڏ ڳاڙهو نه سهي پر سفيد يا خاڪي رنگ جو به ڪمال آهي. انهن سببن ڪري وري به چائنيز ڪجهه پر ڪشش لڳن ٿا.

ملئي عورتون ته مردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ٿلهيون آهن، ايتري حد تائين جو هر ٽن عورتن ۾ ٻه عورتون توهان کي ٿلهيون لڳنديون. مرد به ٿُلهائپ جو شڪار آهن پر عورتن جي ڀيٽ ۾ گهٽ. ملئي ماڻهو سراسري طرح سال ۾ **85** ڪلو چانور کائي ٿو، ۽ ملائشيا ۾ ماڻهن کي چانورن سان گڏ شربت پيئڻ جي عادت آهي، ائين سمجهيو ته شربت جي گلاس کان سواءِ کاڌو کائيندا ئي ڪونه، جيئن اسان وٽ ڪجه ماڻهن کي هر گره سان پاڻي پيئڻ جي

عادت هوندي آهي، بلڪل ائين ئي هتي هر ماڻهو کي چانورن سان گڏ شربت جو گلاس لازمي هوندو آهي. جنهن ڪري به شايد سندن ٿُلهائپ ۾ اضافو ٿيندو وڃي ٿو. صبح جو پارڪ مان گذر ٿيندو ته چيني ماڻهن سان پارڪ پريل نظر ايندو، جيڪي مارننگ واڪ سان گڏ مختلف مشقون به پيا ڪن، ته وري ڊانسون به پيا ڪن، پر انهن ۾ وڏ ۾ وڏ ڪو هڪ يا ٻه ملئي مسلمان واڪ ڪندي نظر ايندا. پارڪ ۾ نظر گهمائيندي ائين لڳندو آهي جڻ چائنا ۾ هججي، پر وري جڏهن صبح جو ڪنهن هوٽل اڳيان گذر ٿيندو آهي، ته ناشتي تي ايترا ته ملئي نظر ايندا آهن جو پڪ ٿي ويندي آهي ته ملائشيا ۾ ئي آهيون.

ملئي مسلمانن جي اڪثريت سرڪاري نوڪرين ۾ آهي ۽ چينين جي اڪثريت وري ذاتي ڪاروبار ۽ انڊسٽري ۾ آهي. انڊين جي گهڻي تعداد هوٽلنگ جي ڪاروبار ۾ به، ته وري زمينن سنڀالڻ ۾ به. هتي رهندڙ ڪاري رنگ جي تاملن کان منهن مهانڊن ۾ آفريڪن ماڻهو وڌيڪ پرڪشش لڳن ٿا. هتي هزارن جي تعداد ۾ آفريقا جي مختلف ملڪن جا ماڻهو به رهن پيا. ڪجهه اقوام متحده جا پناهگير آهن ته وري اڪثريت هتي اعلٰي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آيل شاگردن ۽ سندن فيملين جي آهي، جو آفريقا کنڊ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ امن امان نه هجڻ يا وري يورپ ۾ سختي هجڻ يا وري ويزا جا مسئلا ۽ مهانگائي هجڻ ڪري هيڏانهن اچن ٿا، ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي بهاني رهيا پيا آهن يا اقوام متحدا جي امداد ۽ سهولتن جي ڪري رهيل آهن.

مقامي ملئي ماڻهن کي هر سهولت سَستي ڪوٽا ۾ مليو وڃي ٿي، ته وري تامل ۽ چيني کي امن امان ۽ بهتر ڪاروبار ڪرڻ جون سهولتون ۽ ماحول مليل آهي، جنهنڪري انهن جو ڏنڌو به بهترين هلي ٿو. جنهنڪري هتان جا چيني ۽ تامل به ملئي ماڻهن جهڙي سکي ستابي، خوشحال زندگي پيا گذارين پيا. ملائشيا ۾ پاڪستانين جو به چڱو تعداد آهي، پر گهڻائي انڊونيشيا ۽

بنگلاديش جي ماڻهن جي آهي. هتي پاڪستاني اڪثر سيڪيورٽي گارڊ يا وري وڏن اسٽورن تي ڪم ڪندي نظر اچن ٿا. ان ڪان علاوه پناڻ پاڪستانين جا ۽ پنجابين جا گارمينٽس، ڪارپيٽس وغيره جا دوڪان بہ نظر اچن ٿا. هوٽلون بہ جام اٿن تہ سيڪنڊ هينڊ فرنيچر، ٽي وي، فرج جا دوڪان بہ پنجابين ۽ پناڻ پاڪستانين جا آهن، اسان جي سنڌين جا بہ ايڪڙ ٻيڪڙ دوڪان آهن جيئن جي ايم پلازه ۾ سرويچ اوڍي صاحب جو گهڙين، گهڙيالن ۽ پرس وغيره جو دوڪان يا وري لويت پلازه ۾ سميجن جو ڪمپيوٽر سيلنگ ۽ ريپيئرنگ جو ڪاروبار آهي، ائين هڪ هوٽل شاه صاحب جو بہ آهي.

ملئي مسلمان تہ صفا رِزَرو طبعيت جا آهن، ملڻ جلڻ ۽ ڳالهائڻ جا صفا پڪا آهن، پنهنجي منهن سان رهن، جي ڪم ڪار يا پڙهڻ دوران يا گهمڻ دوران ڪنهن سان واسطو پئي بہ، تہ ٻئي دفعي ملڻ سان ڪو تاثر ڪونہ ڏيندا. پاڻ ڪو ملي خير خيريت پڇين تہ ان جو فقط جواب ڏيندا، وڌيڪ پاڻ ڪونہ پڇندا. مطلب جڻ چوندا هجن پنهنجي ڪم سان ڪم رکو، گهٽو فري نہ ٿيو. باقي رستي ۾ گڏ هلندي يا ڪنهن بس ٽرين ۾ گڏ وينڻي هوندي سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي تہ ڪو پاڻ اڳرائي ڪري ڳالهائين، پر ڪا ڳالهہ پڇبن تہ اهو ٻڌائيندا. پر ان جي ڀيٽ ۾ چينين ۾ صرف اها عادت آهي تہ جي ننڍيا ٻار گڏ ڏسندا تہ ضرور انهن کي پيار ڪندا ۽ پڇندا تہ ڪٿان آيا آهيو، پر ملئي ماڻهن جي رويي تي تہ ٻارن جي موجود هجڻ سان بہ ڪو اثر ڪونہ پوي ٿو.


IPK PULAU PINANG
BERKHIDMAT

## ملئي ڪم ڪار جا سست ٿين

ملئي مسلمان جيترا ڪائڻ جا شوقين آهين، ايترا ئي ٿولهه جو شڪار آهن، تنهنڪري سست به جام آهن جو **10** منٽن جو ڪم اڌ ڪلاڪ ۾ پيا ڪندا، پر ڪم ۾ لڳا پيا هوندا آهن ۽ جيستائين ٻيهريون ڪم پورو نه ڪن، تيستائين ٻيو ڪم شروع ڪونه ڪندا، پوءِ چاهي ٻيهرين ڪم ۾ هڪ ڪان به ڪلاڪ لڳي چونه وڃن. حقيقت ۾ سسٽم نهيل به اٿن، انڪري به سندن ڪم نبريو وڃن ٿا. ڪنهن به ڪم ۾ ڪنهن سبب ڪري اڙي ڪن ته اهو ڪم بلڪل به نه ڪندا، پر عام طور تي ڄاڻي ٻجهي ڪونه رولائين. جنهنڪري ڪم ۾ ٽائيم لڳي پر ڪم ٿيو وڃي. آفيس ۾ به پوري ٽائيم ٽائين ويهڻ جي عادت اٿن، جنهنڪري به روزاني جا ڪم ڪري ڪري نڪرن. حقيقت ۾ ڪنهن به آفيس ۾ مينوئل ڪم ته ٿين ڪونه هر شعبي ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ سسٽم اٿن، جنهنڪري اڌ ڪم يا اڌ رڪارڊ ته ٻيهرين داخل ٿيل هجي ٿو باقي رهيل معلومات اڳيان واري ڪان پڇي پورو ڪن.

مطلب ته سُسُت طبعيت جا مالڪ ضرور آهن پر ڪم نه ڪرڻ جي نيت ڪونه هوندي اٿن. اسان وٽ ته نه صاحب ملندو نه صحي ڪندو، پر جي صاحب هوندو ته پٽيوالو سولو ملڻ ڪونه ڏيندو، بس ماڻهو پيو پنهنجي جائز ڪم لاءِ جتيون گسائي پر هتي ائين ڪو نه آهي، نه پٽيوالو ٿئي نه وري ڪو اسٽاف سان ڊائريڪٽ سجاڻپ جي ضرورت پئي، اجائي ٽال مٽول به ڪونه ڪن، ڪاغذ پورا آهي ته جلد ڪان جلد ڪم ٿيو وڃي باقي جي نه آهي ته پوءِ هتان ٿيڻ مشڪل آهي، ڪو به آسرا ڏيئي ڪونه رلائيندا. هتي سڄو سسٽم ڳنڍيل هجڻ ڪري هڪ جڳهه تان فائل آيو ته جڻ سيني ڪي خبر آهي. اسان وٽ ائين نه آهي، جنهن وٽ درخواست جمع ٿي، جي اهو ملازم نه آيو، نه مليو، يا نه نهيو ته ماڻهو پيو رلي، پر هتي هر شيءِ جو سسٽم آهي، ۽ جائز ڪم آرام سان ٿي وڃي ٿو. ها باقي جيترا ڪم ڪرڻ جا ڊرا آهن، ڪمپيوٽرائزڊ سسٽم نه هجي ها ته ضرور ڪم ڪي اڪلائڻ ۾ ٽائيم وٺن ها پر روڪين يا رلائين ڪونه ها.

## ملائشيا ۾ ميڊيا جو ڪردار

ملائشيا ۾ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ به الڳ الڳ رخ آهن، جتي پرنٽ ميڊيا ۾ هر ڳالهه پوءِ اها مذهبي هجي يا وري سياسي، تي ڪليل لکيو وڃي ٿو، ها باقي اليڪٽرانڪ ميڊيا يعني ٽيليويزن چينلن تي اجايا بحث مباحثن وارا پروگرام نه آهن ۽ نه ئي وري ڪو **24** ڪلاڪ خبرون هلن، اڪثر حڪومت جي ڪارڪردگي جي تعريف ۾ خبرون هلن يا وري روز عام جو خبرون، اسان جي ملڪ جي چينلز جيان نه ڪا هاٽ نيوز، نه ڪا بار بار بريڪنگ نيوز، صفا سڪون لڳو پيو آهي، البته ڪجهه بريون خبرون به هونديون آهن، جيئن ڪتان چوري ٿي يا وري ڪو فراڊ ٿيو يا وري غير قانوني رهندڙ ماڻهن مان ڪجهه پڪڙيا ويا، يا آنلائين فراڊ ڪندڙ لاٽري هلائيندڙ ٽولو پڪڙيو ويو يا غير قانوني طرح جسم فروشي جي الزام ۾ ڪجهه گروه جي پڪڙ وغيره وغيره واريون خبرون نشر ٿينديون. خبرون ٽنهي ٻولين ۾ مقرر ٽائيم تي هلن ٿيون. روزاني **8** کان **9** رات جو پهرين ملئي پوءِ چائنيز ۾ پوءِ وري تامل زبان ۾ خبرون نشر ٿين ٿيون. بهرحال پوليس جي تعريف ۾ تمام گهٽيون خبرون هلن ٿيون، ايتريون گهٽيون تعريفون هلن جو هتي جو **IGP** (انسپيڪٽر جنرل پوليس) جيڪو پوري ملائشيا جي پوليس جو سربراه آهي، ان جي باري ۾ به خبر ايتري لڳندي آهي جيتري خبر هتان جي وزيراعظم جي سرگرمين جي باري ۾ لڳندي هوندي. حالانڪ حقيقت اها آهي ته هتان جي پوليس انٽرنيشنل ماڻهن لاءِ پلي نه آهي، بين الاقوامي رهاڪو جيڪڏهن ٿورو به وڪڙ ۾ آئين ته خرچي وٺي پوءِ ڇڏيندس. ان لاءِ پوليس واري وٽ عام لفظ آهي ته آءٌ توهان جي مدد ڪري سگهان ٿو، جي توهان منهنجي مدد ڪريو ته. سندن مدد ڪرڻ معنيٰ ڪيس رشوت ڏيڻ آهي. هتان جا پوليس وارا **20** رنگٽ کان **200** تائين رشوت وٺن ٿا. ان لاءِ ڪين سپ کان سولو ماڻهو اهو آهي، جنهن وٽ گاڏي هجي پر ملائشيا جو ڊرائيونگ لائسنس

نہ هجيس، پوءِ پلي ڪٿي انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس هجيس پر ملائشيا جو نہ هوندس، تہ ڪونہ ڇڏيندس. ٻيو جي اتفاق سان پاسپورٽ ساڻ نہ آهي ۽ گهر رهجي ويو، تہ بہ ڪوشش ڪري اسٽوڊنٽ ڪارڊ ڏيکارڻ ڪان پوءِ بہ خرچي وٺندس يا ٿاڻي تي وٺي ويندس. تنهنڪري ملائشيا ۾ پاسپورٽ هر وقت پاڻ سان گڏ رکجي تہ بهتر آهي. بهرحال ڳالهہ پئي ڪئي ميڊيا جي ڪردار جي سو مجموعي طرح هتي خبرن ۾ سڪون آهي، نہ تہ اسان وٽ ڳڻتي ڪان وڌيڪ نيوز چينل ٿي ويا آهن جو هر هنڌ ٿي وي تي خبرون پيو هلنديون، پوءِ ڪٿي اسپتال هجي يا گهر يا دوڪان يا آفيس، هر پنجن منٽن ڪان پوءِ ڪا نہ ڪا بريڪنگ نيوز هوندي ئي هوندي آهي، جنهنڪري جڻ اسان سڀ يرغمال لڳا پيا هوندا آهيون، پر ملائشيا ۾ اهڙو ڪو مسئلو نہ آهي. هتي سياست سياسي پارٽين حوالي آهي، نہ ڪي ٽيليويزن چينلن جي. عام ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳو پيو آهي، جنهن ڪري هتي نہ ڪنهن آفيس جو ڪم ڪار پيندنگ ۾ رهي ٿو، نہ وري ڪنهن شاگرد جو هوم ورڪ رهجي ٿو ۽ نہ ئي وري ڪو دوڪاندار ڪنهن واقعي جي خبر ٻڌندي دوڪان جا ڇتر هيٺ ڪري گهر وڃڻ جي ڪري ٿو.

## ملائشيا ۾ بنيادي سهوليتون

ملائشيا جي هر شهريءَ لاءِ بغير ڪنهن فرق جي، تقريباً هر بنيادي سهوليت ميسر آهي. امن امان آهي، روڊ رستا بهترين ٺهيل آهن، شهر ڪان ٻهراڙين تائين بهترين رستا آهن، سڀ وڏا شهر پاڻ ۾ ريلوي لائين ذريعي ڳنڍيل آهن. توانائيءَ جو ڪو بحران نہ آهي، بجلي وڃي ئي ڪانہ ۽ نہ ئي وري گئس جي ڪا گهٽتائي آهي. ٽرانسپورٽ بهترين آهي، شهرن ۾ هلڻ لاءِ گورنمينٽ جي بهترين ايئرڪنڊيشنڊ لوڪل بس سروس بہ آهي تہ مختلف شهرن جي وچ ۾ هلندڙ مختلف بس سروسز بہ آهن. هتان جي لوڪل ٽرانسپورٽ، اسان جي ڪراچيءَ ڪان حيدرآباد يا وري ڪراچيءَ ڪان لاهور ويندڙ

بسن ڪان بهتر ۽ ڪُول آهي. فضيلت سان بيهي ۽ ماڻهو لاهي ٿي، نہ ڪي اسان جي ڪراچيءَ جي بسن وانگي پڄائي پڄائي چاڙهي ۽ لاهي ٿي. هتي جي ماڻهن کي ڏنڌو ڌاڙي لاءِ قرض بہ آساني سان ملي ٿو، تہ وري آسانيءَ سان ئي نوڪريون بہ مليو وڃن ٿيون. هتي پنهنجو بزنس ڪرڻ جو رجحان بہ گهڻو آهي. مجموعي طرح ملڪ مستحڪم آهي، جنهنڪري هتي بزنس ڪندڙ ماڻهو آسانيءَ سان ڪامياب ٿيو وڃي ٿو. صحت ۽ تعليم جون سهوليتون هتي جي ماڻهن لاءِ مفت آهن. هتان جي ماڻهن جي آمدنيءَ جي حساب سان مهانگائي ايتري گهڻي نہ آهي، جنهنڪري هتان جا ماڻهو ڪاٺڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ لڳا پيا آهن. ائين ڪٿي چئجي تہ ٻهراڙي جي ماڻهو کي زمين آهي، گهر آهن، پاڻي، بجلي، گئس، روڊ، اسپتال، اسڪول ويندي فيڪٽرين جي سهولتون بہ آهن تہ وري شهر جي ماڻهو کي انيڪ روزگار جا موقعا ۽ نوڪريون وغيره ميسر اٿن.

## ملائشيا ۾ سياحت

ملائشيا ۾ سياح تمام گهڻا اچن ٿا. سياحن جو تعداد تمام گهڻو هجڻ ڪري ملائشيا، دنيا جي ٽوئرزم جي حوالي سان ٽاپ ملڪن ۾ شامل ٿئي ٿو، جنهنڪري ملائشيا جي معيشيت ۾ ٽوئرزم جو بہ تمام گهڻو حصو شامل ٿئي ٿو، ويندي ملائشيا جي ٻهراڙين جا گهڻ پڙهيل بہ ڪمايو وينا آهن، حالانڪ هي ملڪ نہ ايڏو پراڻو آهي، نہ ئي وري ڪو ايڏو تاريخي آهي پر هتي جي جيڪا بہ تاريخ آهي، سا رڳو محفوظ نہ پر سنواري سينگاري دنيا آڏو پيش ڪئي پئي وڃي، جنهن جي ڪري هتي ايندڙ سياحن جي ايتري رش آهي، جيتري انديا جي تاج محل تي سياحن جي هوندي آهي. هتي گهمڻ لاءِ ڪوٽ قلعا بہ آهن، تہ مسجدون، مندر ۽ گرجا گهر، ديول، گردوارا بہ، تہ وري عاليشان باغ باغيچا، گهڻ ماڙ عمارتون بہ، تہ شاپنگ پلازا بہ تہ، جوا خانا بہ، خوبصورت ترين پهاڙي علائقا بہ آهن، تہ وري سهڻا بيٺ ۽ سامونڊي ڪنارا بہ آهن.

هتي جا شهر پر رونق، روشنين ڀريا، سهڻا ۽ ترتيب وارا آهن، جن مان ملائشيا جو ماڊرن شهر ڪوالالمپور سر فهرست آهي، ته وري تاريخي شهر ملاڪا به پنهنجي پوري تاريخ سميت خوبصورت ۽ تازو توانو لڳي ٿو. ائين ئي پنانگ آهي، جتي به جديد زندگيءَ جا سڀ رنگ به آهن ته قدرتي سڪون به، ائين لنڪاوي ٻيٽ آهي، جتي پهچي ماڻهو پنهنجون سڀ پريشانيون وساري قدرت جي قريب ٿي وڃي ٿو. پتراجايا به آهي جتي وزيراعظم ۽ سندس سيڪريٽريٽ آهي، اهو به ڏسڻ وٽان آهي. ائين وري ڪوالالمپور پرسان شهر شاه عالم به آهي جيڪو به گهمڻ وٽان آهي.

## ملائشيا جي موسم

ملائشيا جو هر شهر ۽ ڳوٺ قدرتي طرح سهڻو ۽ سائو ستابو آهي جو هتي روز برسات نه سهي پر هفتي جا به چار ڏينهن ضرور پوي ٿي. هتي جڏهن برسات آهي، ته موسم وڻندڙ ٿئي ٿي، نه ته موسم جهڙالي آهي، ته به مزو آهي پر جي نه برساتي موسم هجي، نه ئي جهڙالي ته وري پوءِ سج جي تيز تپش ٿئي ٿي ۽ تمام گهڻي گرمي جنهنڪري پنڌ هلڻ سان ماڻهو ٿڪجي پوي ٿو. هتي ڇَٽِيءَ کان سواءِ نڪري نه ٿو سگهجي جو اها برسات ٿئي ته مينهن کان بچڻ لاءِ ڪم ايندي ۽ جي سج نڪتل آهي، ته به سج جي سڌي پوندڙ ڪرڻن کان بچڻ ۾ ڪم ايندي.

## ملائشيا جي ترقي ۽ مستقبل

ملائشيا جي سموري ترقيءَ جو راز، هتان جي ليڊرشپ جو ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ ۽ تعليم تي خصوصي توجهه ڏيڻ آهي. هتي ٻاهرين ڪمپنين کي تحفظ مليل آهي، جنهنڪري اهي تمام گهڻي تعداد ۾ آهن. حڪومت کي انهن مان ججهو ٽيڪس ملي ٿو ته وري هتان جي عوام کي روزگار. منهنجي اندازي ۽ خيال مطابق، هي ملڪ نهي چڪو آهي، بنيادي سڀ ضرورتون پوريون

آهن، روزگار جا وسيلا تمام گهڻا آهن، روڊ رستا بهترين آهن، ڪارخانا، فيڪٽريون، اناج، تيل، گيس هر شيءِ موجود آهي، بس هاڻي هن ملڪ کي مستقل مزاجيءَ سان هلائڻ جي ضرورت آهي، ترقيءَ جي ان رفتار کي جيڪڏهن وڌائي نہ ٿا سگهن، تہ گهٽائي بہ نہ، تہ بہ هي ملڪ آسانيءَ سان ترقي يافتہ ملڪن جي لسٽ ۾ اچي سگهي ٿو، پر هن وقت جي ليڊرشپ ۾، ڊاڪٽر مهاتير محمد، تن عبدالرزاق ۽ تنڪو عبدالرحمان واري مستقل مزاجي ۽ ليڊرشپ يا ويزن نظر نہ ٿو اچي. پر باوجود ان ڪمي جي، هاڻي بہ نارمل ٿي ملڪ کي هلائين، تہ بہ ملڪ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي، ڪو مسئلو نہ اٿس، بس ضرورت شڪر سان گڏ شين جي حفاظت ڪرڻ جي آهي. اهو ڏينهن پري نہ آهي جو ملائشيا ترقي يافتہ ملڪن، جپان يا سوئيڊن جهڙو ٿي وڃي. پر ان لاءِ منهنجي دل ۾ ڪجهہ گمان ضرور آهن جو هاڻي هتان جي ماڻهن جو رويو پيٽ ڀوءُ وارو لڳي ٿو ۽ حڪومت ۾ ڪجهہ ڪرپشن بہ وڌي آهي.

* هي مضمون مون **2016**ع ۾ لکيو هو، پر سال **2018**ع جي اليڪشن ۾ مهاتير محمد جي ٻيهر وزيراعظم ٿيڻ مان لڳي ٿو تہ ملائشيا وري صحيح ڊائريڪشن ۾ اچي ويو آهي، ۽ جن خدشن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، اهي ڪنهن حد تائين گهٽ ٿي ويا آهن.، پر اها بہ حقيقت اها تہ مهاتير محمد آخر ڪيستائين هوندو، ان جو نعم البدل ملائشيا کي ڳاڍو ڏکيو ملي.

منهنجو خيال آهي تہ بهترين دورانديش حڪمران ملڪ کي جيڪڏهن وقفي وقفي سان ملندا رهن، تہ بہ ملڪ خوشحال ۽ مستحڪم رهن ٿا پر جي هميشہ بهتر حڪمران ملندا رهن تہ اهي ترقي يافتہ ملڪ بڻجي وڃن ٿا. ان جي ابتڙ ملڪ تي ڪرپٽ حڪمرانن جو غلبو رهي، تہ اهڙا ملڪ هميشہ مسئلن جي ور چڙهيل رهن ٿا، جتي جي عوام کي بنيادي سهوليتن کان محروم رهڻو پوي ٿو. اهڙن ملڪن ۾ پنهنجي ملڪ جو نالو بہ وٺي سگهجي ٿو.

# ملائشيا سچي پچي ايشيا

ملائشيا ملڪ تہ ملئي ماڻهن جو آهي پر ان جي شهرين ۾ چيني ۽ انڊين نسل جا ماڻهو بہ شامل آهن، هي ٽئين نسل هتي جا رهواسي آهن، جيڪي دنيا جي سڀ کان وڏيڪ آبادي واري نسلن مان بہ آهن، جو دنيا ۾ چيني نسل جي سڀ کان وڏيڪ آبادي آهي تہ ٻئي نمبر تي انڊين نسل جي جيڪي برصغير تي مشتمل آهي، ٽيون نمبر نسل آهي ملئي جيڪو آهي تہ چيني بڻ بڻياد مان پر الڳ ٻولي، ثقافت ۽ علائقي ڪري مختلف ملڪ جيڪي ملائشيا، انڊونيشيا، فلپائين، برونائي، ڪمبوڊيا وغيره شامل آهن. هي سڀ ملي ڪري دنيا جي آبادي جو ٽيون نسل جوڙين ٿا. ۽ اِهي ٽئين نسل ملي ڪري ايشيا کي سڀ کان گهڻي آبادي وارو کنڊ بڻائين ٿا. حالانڪ ملائشيا جي آبادي فقط ٽي يا سوا ٽي ڪروڙ آهي پر سندس شجرو دنيا جي وڏين آبادين واري نسلن سان آهي. ان کان علاوه هتي ايشيا جي تقريباً هر نسل جا ماڻهو آباد آهن، جن ۾ چين جي ماڻهن ۽ انڊيا جي مڙني آبادين کان ويندي بنگلاديشي، پاڪستان، نيپال، فلپائين، برما، عرب ملڪن خصوصاً يمن، سعودي عرب ۽ شام کان ويندي ايران تائين ۽ آفريقا جي مصر، نائيجيريا، صوماليا، سوڊان، گني ۽ سينٽرل آفريقا جا ماڻهو هتي نظر اچن ٿا. يورپ جي مسلمان رياستن البانيا، بوسنيا وغيره جا باشندا بہ هتي نظر اچن ٿا، جيڪي سالن کان روزگار يا تعليم خاطر هتي آيل آهن. ملائشيا جو شهر ڪوالالمپور شايد انگلينڊ جي لنڊن کان پوءِ اهڙو شهر هجي جتي بين الاقوامي آبادي جي گهڻائي رهائش پذير هجي. هتي يورپ جي ماڻهن يا آمريڪا جي ماڻهن جي آبادي رهائش پذير گهٽ آهي پر گهمڻ لاءِ اهي بہ اچن ٿا. جنهنڪري ائين چئجي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو هتي گهمڻ اچن ٿا تہ غلط نہ ٿيندو. ۽ جي ائين چئجي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان

مسلمان هتي رهائش لاءِ آيا آهن يا رهائش چاهين ٿا ته به غلط نه ٿيندو. اندين آبادي جيڪا ڏکڻ هندستان جي تامل، ڪيرالا، تلنگانو آبادي سان گڏ بئنگلور ۽ مهاشستر آبادي، سنڌي هندو، گجراتي ۽ پنجابي آبادي تي مشتمل آهي، اها برطانيا جي دؤر کان هتي رهائش پذير هجڻ ڪري هتي جي مستقل قوم آهي، ان سان گڏ چيني نسل به انگريز يا ان کان به اڳ جي دؤر ۾ هتي آيو، اهو به هتان جو مستقل شهري آهي، پر اڄ ڪلهه هتي برما جا روهينگيا، يا وري عرب اسپرنگ جا ستايل عرب، آفريقا جي گهرو ويڙه جو شڪار ملڪن جا رهاڪو به هتي اچي ويا آهن، جن ڪي يا ته اقوام متحده جي پناهگير هجڻ ڪري رکيو ويو آهي يا وري اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجو مال ملڪيت جمع پونجي گڏ ڪري هتي تعليم يا وري واپار جي بهاني سان آيا آهن، جنهنڪري هتي هاڻي آفريقن نسل يا عرب نسل جا به جام ماڻهو نظر اچن ٿا، جن ڪي ڪا مستقل شهريت ته نه ملي آهي پر اهي هتي ڪافي تعداد ۾ موجود آهن.

ائين به نه آهي ته ملائشيا جي حڪومت ڪو انهن تي ترس ڪائي ڪين هتي رهايو آهي پر جيڪي اقوام متحده جا رجسٽرڊ پناه گير آهن، انهن ڪي ايترا پيسا ملن ٿا جو انهن مان ملائشيا جي حڪومت جو ئي فائدو آهي، ٻيو جيڪي عرب يا آفريقا جا ماڻهو رهن ٿا، اهي اتان جا آسودا ماڻهو آهن جو هتي يا تعليم پرائي رهيا آهن يا وري ڪو نه ڪو ڌنڌو ڪري رهيا آهن. جو اهي حالتن جي خرابي ڪري پنهجو مال، دولت هتي ڪٺي آيا آهن. انڪري انهن مان به في الحال ملائشيا ڪمائي رهيو آهي. ٽيان ماڻهو اهي آهن جيڪي غير قانوني طور تي هتي آيا آهن، جن ۾ به آفريقا، انديا، بنگلاديش برما يا وري ڪجهه عرب ملڪن جا ماڻهو آهن، جن کي ملائشيا جي حڪومت ان ڪري برداشت ڪري رهي آهي، جو اهي هتي جي حڪومت موجب 3D يعني (Dirty, Dangerous and Difficuilt) ڪمن ڪرڻ لاءِ ڪم اچن ٿا ۽ تمام گهٽ پگهار تي به

ڪم ڪن ٿا. انڪري اهڙن ماڻهن لاءِ هتان جي حڪومت ڇاڻي واڻي اک ٻوٽ ڪري ٿي، پر ڪڏهن ڪڏهن انهن کي گرفتار ڪري جيل ۾ پريا وڃن ٿا، ۽ مٿن ڏنڊ هڻي پيسا ۽ پرائي سندن مالڪن کي چتاءُ ڏيئي انهن جي ٽڪيٽ ۾ سندن مالڪن کان ورتي وڃي ٿي، پوءِ ئي کين سندن ملڪ واپس موڪليو وڃي ٿو. انڪري ھي ملڪ، سعودي عرب يا وري دبئي جي ملڪن کان وڌيڪ ڏکيو لڳي ٿو جو جيڪڏهن ڪو غير قانوني رهندڙ هتي گرفتار ٿئي ٿو، ته دبئي ۽ سعودي وانگي ان کي جهاز ۾ واپس پنهنجي وطن ڪونه ٿو موڪليو وڃي پر ڪجهه مهينا جيل ۾ رکي ان کان ڪم ڪرائي ان جي مالڪن کي فون ڪرائي ڏنڊ ۽ ٽڪيٽ جا پيسا گهرايا وڃن ٿا، پوءِ ئي  کيس سندس وطن وڃڻ جي اجازت ملي ٿي.



# ملائشيا جا ڪھڙا شھر گھمڻ گھرجن

ملائشيا ۾ گھمڻ جي حوالي سان سڀ کان پھرين تہ هن ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ڪوالالمپور اچي ٿو، جنھن سان مليل شھر پتراجايا ۽ شاہ عالم بہ اچي وڃن ٿا. ان کان علاوہ هن ڪوالالمپور کان ڪلاڪ سوا جي پنڌ تي ڪوہ مري ٽائيپ علائقو گينٽنگ هاءِ لينڊ آهي، اهو بہ لازمي نہ تہ گھمڻ وڃان ضرور آهي پر هتي گينٽنگ ۾ ڪوہ مري جھڙي ڪا ٿڌ نہ آهي پر ملائشيا جي حساب سان ڪجھہ ٿڌو ضرور آهي. ان کان علاوہ ڪوالالمپور کان **2** کان **3** ڪلاڪ جي پنڌ تي ڪيمرون هاءِ لينڊس آهي، جيڪو بہ نھايت ئي خوبصورت آهي، جتي چانھہ جا فصل، فروٽ ۽ سبزيون ٿين، هن علائقي کي ملائشيا جو سڀ کان وڌيڪ خوبصورت علائقو چيو وڃي ٿو. بھرحال جي ڪير ملائشيا گھمڻ اچي ٿو ۽ وٽس هڪ هفتو آهي، تہ هيءُ ذڪر ڪيل شھر ڪافي آهن جو ڪوالالمپور، پتراجيا ۽ شاہ عالم کي گھمندي ئي **3** کان **4** ڏينھن لڳي سگھن ٿا وري جي گينٽنگ هاءِ لينڊس ڏسڻو هجي ۽ ڪيمرون هاءِ لينڊس تہ پوءِ گينٽنگ مان تہ ماڻھو صبح وڃي شام جو موٽي سگھي ٿو پر ڪيمرون ماڻھو وڃي تہ رات ضرور رهي. ڪيمرون گھمڻ لاءِ بہ ڏينھن گھرجن، تنھنڪري پورو هفتو تہ هي ڪوالالمپور ۽ سندس آسپاس جا شھر ۽ گھمڻ جھڙيون جڳھون گھمڻ ۾ ئي گذري ويندو، پر جي ماڻھو ڪوہ مري ۽ ڪاگان ويلي جيان هي علائقا نہ ڏسڻ چاهي ۽ هن ملڪ جي تاريخي جڳھن ڏسڻ جو شوقين آهي تہ پوءِ ڪيمرون جو پروگرام ملتوي ڪري يا گينٽنگ جو يا وري ٻنھي جڳھن جو ۽ ڪوالالمپور، پتراجيا، شاہ عالم ۾ **3** کان **4** ڏينھن گذاري سڌو ملاڪا وڃي، ملاڪا هتان جو تاريخي شھر آهي، جتي ملائشيا جي سموري تاريخ محفوظ آهي، جتي پورچوگالن کان

ويندي ڏڇن ۾ انگريزن جا ٺهيل تاريخي قلعا، آفيسون، ميوزيم، چرچ، مندر ۽ مختلف جڳهون موجود آهن. ملاڪا شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائيندڙ ملاڪا ندي به آهي، جنهن ۾ هلندڙ اسپيڊ بوٽس ۾ چڙهي سموري شهر جي وچ ۾ ٻيڙيءَ ذريعي سفر ڪري اٽلي ۽ نيدرليند جهڙا مزا وٺي سگهجن ٿا، جو اتي به اڪثر ماڻهن کي گهرن جي وچ ۾ نديون هجڻ ڪري ٻيڙين ۾ سفر ڪرڻو پوي ٿو يا سياحن کي اڪثر اتي ٻيڙين ۾ چڙهي لطف اندوز ٿيندي ڏيکاريو وڃي ٿو، بلڪل اهڙو ئي مزو ملائشيا جي تاريخ سان ګڏ پاڻيءَ ۾ سفر ملاڪا ۾ به ڪري سگهجي ٿو. جنهنڪري آءٌ ته سمجهان ٿو، جيڪڏهن ڪو، ڪوالالمپور ۽ ملاڪا گهميو ته ملائشيا جي ترقيءَ ۽ تاريخ ٻنهي کان واقف ٿي ويو. پوءِ چاهي ٻيا شهر نه گهمي، ته به خير آهي ۽ هي ٻئي شهر صرف **3** کان **4** ڏينهن گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهو به ڪور ڪري سگهن ٿا. پنهنجي ڪوالالمپور جي ٽِرپ کي به ڏينهن ڪري ته ملاڪا جي ٽِرپ کي هڪ ڏينهن ڪري. سو آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ڪو ملائشيا ۾ هڪ هفتي کان وڌيڪ ڏينهن لاءِ آيل آهي، ته هو ڪوالالمپور، ملاڪا کان علاوه لنڪاوي ۽ پنانگ ضرور ڏسي. اڪثر ائين به چيو ويندو آهي، ته جنهن ملائشيا ۾ اچي لنڪاوي نه ڏٺو آهي، ته ملائشيا گهميو ئي نه آهي، جو اتي ساموندي ڪنارا ۽ ٻيٽ نهايت خوبصورت ۽ دلفريب نظارا موجود آهن، جتي ڪير ويو جڻ جنت جي ٽڪڙي هير ۾ پهتو، جتي صرف خوشي آهي، سڪون آهي، نه شهرن جو گوڙ نه وري ماڻهن جي پيهه پيهان، نه ئي وري سوڙهيون جڳهون ۽ گهٽيون. چون ٿا ته ڊاڪٽر مهاتير محمد جڏهن وزيراعظم هو ته هن لنڪاوي ٻيٽ تي ڏاڍو پيسو خرچ ڪيو ۽ ڪم جي نگراني به اڪثر پاڻ اچي ڪندو هو، جنهنڪري سندس علائقي جا ووٽر يا سندس شهر ڪيداه رياست جي الور استار شهر جا ماڻهو لنڪاوي کي پنهنجي پهاڄ سمجهڻ لڳا ۽ چوندا هئا ته ڊاڪٽر مهاتير محمد آهي اسان جي شهر جو ڪٽيو هتان آهي، پر هر وقت لنڪاوي جو فڪر اٿس.

ائين به نه آهي ته الور اسٽار يا سندس ڳوٺ تي هن ڌيان نه ڏنو پر هن لنڪاوي کي بين الاقوامي سياحت جو سڀ کان پرڪشش علائقو ناهڻ پئي چاهيو، جتي ان کي اهڙو قدرتي ماحول نظر پئي آيو ته هتي ضرور ايشيا، آفريقا جا نه پر يورپ ۽ آمريڪا، آسٽريليا جا سياح موڪلون گذارڻ ايندا، جنهن مان سندس ملڪ کي ناڻي جو فائدو ٿيندو، هتي جي آسپاس جي شهرن ڳوٺن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. واقعي ائين ئي آهي، اڄ لنڪاوي ۾ ٻارنهن ئي مهينا ماڻهو گهمڻ اچن ٿا، ۽ ملائشيا جو سڀ کان وڏيڪ سياحتي مرڪز آهي، سو گهٽ ۾ گهٽ به ڪان ٿي ڏينهن هن ٻيٽ تي ضرور گذارجن ۽ سامونڊي سونهن ۽ موسم جو مزو وٺجي، پنهنجي هفتي جي شيڊول ۾ ڪو لنڪاوي شامل ڪري ته **2** ڪان **3** لنڪاوي ۽ **2** ڪان **3** ڏينهن ڪوالالمپور ڪري سگهي ٿو، پر جي تاريخ سان وڌيڪ لڳاءُ هجي ته پوءِ ملاڪا وڃڻ گهرجي، نه ڪي لنڪاوي، پر جي تاريخي جڳهن سان گهٽ دلچسپي آهي ته پوءِ لنڪاوي ضرور وڃڻ گهرجي. اهڙي طرح لنڪاوي مان سمنڊ ذريعي جهاز يا وڏن ٻيڙن ذريعي پنانگ رياست جي پنانگ شهر وڃي سگهجي ٿو، پنانگ، ڪوالالمپور ڪان پوءِ سڀ ڪان اُسريل شهر آهي، ۽ باقي ملائشيا ڪان ڪجهه وڌيڪ ماڊرن، جو هتي چيني آباديءَ جي گهڻائي آهي. هن ٻيٽ نما شهر کي باقي ملڪ سان ڳنڍڻ لاءِ به دنيا جي وڏين پلن ۾ شامل خوبصورت سمنڊ مٿان ٺهيل پل به مهاتير محمد جي دؤر ۾ ٺهي.

ان ڪان علاوه هن رياست جي هن شهر ۾ هڪ خوبصورت هل اسپاٽ به آهي ته وري خوبصورت سامونڊي بيچ به، جتي به انجواءِ ڪري سگهجي ٿو، سو ٻن **10** ڪان **14** ڏينهن جي ٽوئر ۾ منهنجي خيال ۾ هي شهر گهمڻ کپن جن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان، جن ۾ سڀ ڪان پهرين ڪوالالمپور، پترا جيا، شاه عالم، گينٽنگ هاءِ لينڊس، ڪيمرون هاءِ لينڊس، ملاڪا، لنڪاوي ۽ پنانگ اچي وڃن ٿا. انهن شهرن کي پنهنجي ٽائيم مئنجمينٽ سان

10 کان 14 ڏينهن ۾ گهمي سگهجي ٿو. پر جي ملائشيا کان سينگاپور جو به ٽرپ آهي ته ويندي ويندي هڪ ڏينهن ۽ رات ملائشيا جو سينگاپور سان لڳندڙ سرحدي شهر، رياست جي گاديءَ جي هنڌ جوهر بارو کي به گهمي سگهجي ٿو. هونءَ ته سڄي ملائشيا، سرسبز ۽ ساون وڻن سان ڍڪيل هجڻ ڪري نهايت ئي خوبصورت آهي، جنهنڪري سموري ملائشيا گهمڻ جهڙي آهي، جي ڪو هتي مهيني جي ويزا تي آهي يا وري پڙهڻ ۽ بزنس جي حوالي سان آيو آهي، ته پوءِ وقت به وقت هتان جي سمورين رياستن جا گاديءَ جا هنڌ يا وري گهمڻ جهڙيون جڳهون گهمي سگهي ٿو. جن بابت هتي رهڻ سان با آساني هڪ مهيني ۾ ئي سموري خبر پئجي وجي ٿي، ته ڪهڙي رياست ۾ ڪيئن وڃجي ۽ اتي ڪهڙيون گهمڻ جهڙيون جڳهون آهن. بهرحال آءٌ وري به هتي ذڪر ڪندس الطاف شيخ جي سفرنامن جو، جن ۾ ڪيلانتن ۽ ترنگانو رياستن جي شهرن گهمڻ لاءِ صلاحيو ويو آهي، جيڪي رياستون هن ملڪ جون ملئي آبادي جي گهڻائي هجڻ ۽ وڌيڪ مذهبي ۽ ڪلچرل هجڻ ڪري مشهور آهن. الطاف شيخ مطابق مخصوص ملئي ماڻهو هن ٻن رياستن ۾ ئي ملي سگهندا، جن جي ٻولي، لهجو ۽ ڪلچر باقي ملائشيا کان ڪجهه مختلف به آهي. ان کان علاوه ڪوالالمپور ۽ ملاڪا جي وچ ۾ رياست سمبيلان جي شهر پورٽ ڊڪسن ۾ به هڪ ڏينهن شهر جي سمنڊ ڪناري به گذاري سگهجي ٿو. ان کان علاوه ڪيداه رياست جي الوراستار شهر ۾ به هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات گذاري سگهجي ٿي. مطلب ته ڪوالالمپور کان ڏکڻ طرف سرمبان، ملاڪا، ۽ جوهر به گهمي سگهجي ٿو ته ڪوالالمپور سان ڳنڍيل سلينگور رياست جي گاديءَ واري شهر شاه عالم کي به گهمي سگهجي ٿو. انهن رياستن يعني ڪوالالمپور۽ پتراجايا، جي ڏاکڻي طرف وارين رياستن سلينگور جي شاه عالم، نگري سمبيلان جي پورٽ ڊڪسن، ملاڪا، جوهر جي جارج ٽائون کان علاوه ڪوالالمپور جي اتر طرف وارين رياستن جن ۾ پهانگ جي

ڪئانتن شهر ۽ پيراق جي ڪيمرون هاءِ لينڊ ۽ گينٽنگ هاءِ لينڊ، ڪيلانتن جي ڪوٽابارو ۽ ترنگانو رياست جي ڪولاترنگانو، ڪيداه رياست جي الور اسٽارءِ لنڪاوي، پرلس رياست جي ڪولاپرلس ۽ ڪولا ڪنگار جهڙا شهر به گهمڻ وٽان آهن. پر ان ڪان علاوه ملائشيا جي اوڀر واري حصي جيڪو ائين آهي، جيئن اسان وٽ ڪنهن دؤر ۾ بنگلاديش هو، جيڪو اوڀر پاڪستان سڏبو هو. هتي وري ملائشيا جون به رياستون آهن صبا ۽ سراواڪ، جيڪي اوڀر ملائشيا سڏجن ٿا، جيڪي باقي ملائشيا سان سمنڊ ذريعي ڳنڍيل آهن، انهن رياستن کي به گُهمي سگهجي ٿو، پر جي ڪنهن وٽ ايترو ٽائيم آهي يا اوڏانهن وڃڻ جو ڪو بهانو، جيئن ملائشيا جي حڪومت انهن ٻن رياستن ۾ ڪانفرنس ۽ مختلف پروگرام منعقد ڪري موقعا ڏيئي رهي آهي، ته باقي ملڪ جيان ان خطي جي به دنيا ۾ اهميت ٿي پر انهن ٻن رياستن جي ويزا ڊائريڪٽ پاسپورٽ ۾ نه هجي ٿي پر جي ڪو ماڻهو اولهه ملائشيا ۾ آيو آهي گهمي ڦري اوڀر ملائشيا جي رياستن، صبا ۽ سراواڪ به وڃڻ چاهي ٿو، ته ان کي سندس پاسپورٽ تي ويزا ايئرپورٽ تي ئي لڳائي ڏنو وڃي ٿو، ان لاءِ ڪنهن سفارتخاني وڃڻ جي ضرورت نه ٿي پئي. بهرحال سڄو ملڪ اولهه ۽ اوڀر رياستن سميت گهمڻ لاءِ مهينو ڪپي ۽ چڱا خاصا پيسا به ڪپن سو جيڪڏهن ڪنهن وٽ ايڏي بجيٽ، ٽائيم ۽ شوق آهي، ته ڀلي گهمي، پر منهنجو خيال آهي ته ماڻهو جڏهن ملائشيا اچي ته سينگارپور جي ويزا به لڳرائي اچي ۽ بجاءِ اوڀر ملائشيا گهمڻ جي، سنگاپور گهمڻ وڃي، جو هيءُ ملڪ، هن خطي ڏکڻ اوڀر ايشيا جو سڀ کان خوشحال، امن وارو ملڪ آهي. بلڪ ايشيا جي جپان، سائوٿ ڪوريا ۽ چين کان ترقي ۾ ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي ۽ ننڍو ملڪ هجڻ ڪري ٻن يا ٽن ڏينهن ۾ سڄو سنگاپور گهمي سگهجي ٿو. سو پاڻ ملائشيا جو سفر جاري رکندي وري ورجايان ٿو ته ملائشيا گهمڻ اچڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ته به پورا

ڏينهن هجن جو ڪوالالمپور ۽ پتراجايا جا ڪجهه حصا گهمي سگهجن، نه ته ڪوالالمپور لاءِ چار ڏينهن گينٽنگ هاءِ لينڊ سميت گهرجن، پر جي ان ۾ ڪيمرون هاءِ لينڊ ۽ لنڪاوي گڏائجي ٿو، ته پوءِ چار ڪان پنج ڏينهن ٻيا به هجن، جيڪڏهن پنانگ گهمڻو آهي، ته وري به ڏينهن ٻيا به کپن. پر جي پنانگ يا وري ڪيمرون هاءِ لينڊ نه گهمجي ته پوءِ اهي ڏينهن ملاڪا لاءِ ڪتب آڻي سگهجن ٿا.
وڏيڪ گهمڻ ملائشيا ۾ رهڻ وارن کي سونهي ٿو، جيڪي وقت به وقت ڪڏهن ڪهڙي، ڪڏهن ڪهڙي رياست يا سندس شهرن ۾ چڪر ڏيندا رهن ۽ سمورو ملڪ گهمي وٺن پر مون ڏٺو آهي ته سواءِ ڪنهن ڪم جي ڪا ڪانفرنس يا وري ڪو ورڪشاپ اٽينڊ ڪرڻ جي هتي سال ڪان پنج سال تائين رهندڙ به سنگاپور، ٿائليند وڃي گهمي ته اچن ٿا پر اوپر ملائشيا ڪونه وڃن ٿا.
مٿين سمورن گهمڻ لائق ذڪر ڪيل شهرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(**1**) ڪوالالمپور (**ضرور گهمڻ گهرجي**)
(**2**) پتراجايا
(**3**) شاه عالم
(**4**) گينٽنگ هاءِ لينڊس
(**5**) ملاڪا (**ضرور گهمڻ گهرجي**)
(**6**) سرمبان ۽ پورٽ ڊڪسن
(**7**) جوهروبارو
(**8**) ڪيمرون هاءِ لينڊس
(**9**) لنڪاوي (**ضرور گهمڻ گهرجي**)
(**10**) جارج ٽائون، پنانگ هل، باتو فرنگي بيچ پنانگ
(**11**) الور اسٽار
(**12**) ڪولاپرلس
(**13**) ڪولاڪنگسار
(**14**) ڪئانتن
(**15**) ڪولا ترنگانو
(**16**) ڪوٽابارو

# ڪوالالمپور ڇڻ ايشيا جي گادي جو هنڌ هجي

ڪوالالمپور ملائشيا جي گاديءَ جو هنڌ ۽ وڏي ۾ وڏو شهر آهي. هن شهر جي آبادي تقريباً **17** کان **18** لک جي لڳ ڀڳ آهي. هن شهر جي سائز **243** اسڪوائر ڪلوميٽر آهي. تقريباً هر ٻاهران ايندڙ مسافر کي سڀ کان پهرين ڪوالالمپور گهمڻ جو موقعو ملي ٿو، جو ملائشيا جو بين الاقوامي هوائي اڏو هن شهر ۾ آهي. ڪوالالمپور گهمڻ وٽان شهر آهي. هي مضمون لکڻ وقت ڪوالالمپور ۾ مون کي تقريباً ٽي سال گذري ويا آهن، پر باوجود ان جي، اڄ به ساڳين ساڳين علائقن ۽ جڳهن تي گهمي هر دفعي نواڻ محسوس ٿيندي آهي. ان جو سبب شهر جا سمورا مرڪزي علائقا، شاپنگ مال يا اهم چونڪ ۽ عمارتون، هميشه سال جي مختلف ڏينهن ۾ ايندڙ مذهبي يا قومي ڏڻن جي نسبت سان سينگاريا ويندا آهن. شايد ئي دنيا ۾ ڪو اهڙو شهر هجي، جتي مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهو نه صرف سکيا ستابا، امن پسند ۽ هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ وارا هجن پر پنهنجي پنهنجي مذهب جون ريتون رسمون ۽ عبادتون ڪرڻ لاءِ به ڪين بنا روڪ ٽوڪ ۽ فرق جي، لاتعداد عبادت گاهون ميسر ڪري ڏنيون ويون هجن. ويندي مختلف مذهبي ۽ ثقافتي موقعن لاءِ سرڪاري سطح تي پذيرائي ڏيڻ جو رواج ته آهي پر خانگي جڳهن يا آفيسن ۾ به اهڙن ڏينهن تي واڌاين ۽ مبارڪن جي پيغام ظاهر ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، جنهنڪري اهڙو نماءُ هر هنڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ڪوالالمپور ۾ ملائشيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جا ماڻهو ته ملندا پر پوري ايشيا مان به شايد ئي ڪو ملڪ هجي، جنهن جا ماڻهو ڪوالالمپور ۾ رهائش پذير نه هجن، جيڪو سلوگن (نعرو) ملائشيا ٽوئرزم شعبو اڪثر استعمال ڪندو آهي، ته ملائشيا ٽريولي (سچي پچي) ايشيا، بلڪل ان جي پور پوري جهلڪ ڪوالالمپور ۾ پسي سگهجي ٿي، جتي ايشيا جي هر ملڪ جا ماڻهو نظر ايندا.

مون کي تہ ائين لڳي ٿو تہ جي لنڊن پوري دنيا جي ماڻهن جو شهر آهي تہ ڪوالالمپور پڪ سان پوري ايشيا جي ماڻهن جو شهر آهي.

آءٌ ڪوالالمپور ۾ پهريون دفعو جڏهن **14** سيپٽمبر **2014**ع ۾ چائنا جي گانزو شهر مان چائنا سائودرن ايئر لائين جي ذريعي ڪوالالمپور ايئرپورٽ تي لٿو هيس ۽ايئرپورٽ تي ئي ميڪسس ڪمپني جي سم ورتي هئي ۽ ايئرپورٽ اندران ئي ٽيڪسي ڪري ٻاهر انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي لاءِ نڪتو هئس تہ دل جڻ مطمئن ٿي ويئي هئي، هڪ تہ ايئرپورٽ بہ نرالي هئي جو ايئرپورٽ جي ان حصي، جتي جهاز لاٿو اتان ٽرين ۾ اچي ٻئي حصي وٽ اميگريشن فارملٽيز هيو تہ وري سامان بہ اتان ئي مليو، ٻيو ايئرپورٽ جو سڄو عملو انگلش ڳالهائي رهيو هو، جيڪو چائنا ۾ بلڪل نہ هئڻ برابر هو، هتي ملائشيا ۾ايئرپورٽ اندران جيڪا ٽيڪسي ڪري نڪتس ان جو ڊرائيور عبدالرحمان بہ زبردست انگريزي ڳالهائي رهيو هو، ٻاهرين آبهوا بہ ڪا عجيب محسوس ڪونہ ٿي، جيڪا چين ۾ گهڻڻ سان ٿيندي هئي، جو چائنا جي جهاز ۾ يا ايئرپورٽ يا ٽيڪسي يا ڪليل هوا ۾ هڪ عجيب بُوءِ ايندي هئي بلڪل اندر اداس ڪري ڇڏيندي هئي پر هتي ائين لڳو جڻ ڪا خوشبوءِ ايندي هجي.

ڪوالالمپور مون کي پهرين ڏينهن کان ئي سنو ۽ سولو لڳو، جيئن سنڌ جي شاگردن کي سڄي سنڌ جي مختلف شهرن مان ڄام شوري جي تعليمي درسگاهن ۾ اچڻ کان پوءِ حيدرآباد سولو لڳندو آهي، هڪ دفعو گاڏي ڪاتي يا حيدر چونڪ اچي وڃن، باقي سڄي حيدرآباد پوءِ ريشم گلي هجي يا شاهي بازار ۽ تلڪ چاڙهي يا هيرآباد ۽ قليلي يا وري قاسم آباد ۽ لطيف آباد، حسين آباد يا ويندي پر وارو شهر ڪوٽڙي، بہ چار دفعا نڪرڻ سان سڄو نقشو سمجهہ ۾ اچي ويندو اٿن. ائين ئي بلڪل مون کي ڪوالالمپور سولو لڳو آهي. هتي تہ هر هنڌ وڃڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو جديد نظام آهي، جنهن ۾ ڪيترائي آپشن آهن. پاڻ وٽ تہ سوزوڪي يا بس يا وري رڪشا

يا فور سيٽر پر هتي ٽرين، بس يا ٽيڪسي آهي، نہ رڪشو نہ سوزوڪي. خوبصورتي، سونهن، صفائي سٿرائي ۽ سهوليتن جي ڳالھ هجي يا وري عمارتن ۽ بازارن جي يا وري عبادتگاهن جي، ڪوالالمپور اسان جي حيدرآباد کان ڪيئي ڀيرا اڳتي آهي، بلڪ ڀيٽا جي ڳالھ تہ غير منطقي لڳي ٿي، ڪٿي آسمان ڪي ڇهندڙ ڪوالالمپور وري ڪٿي اسان جي بغير مالڪي هيٺي حال وارو حيدرآباد. پر اها بہ حقيقت آهي تہ جڏهن **1768**ع ۾ غلام شاه ڪلهوڙي نئون شهر جديد رٿابنديءَ سان نيرون ڪوٽ تي، حضرت علي حيدري قرار جي نالي پنيان حيدرآباد شهر تعمير ڪرائي رهيو هو تہ ان وقت هن شاهي شهر ڪوالالمپور جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. ان وقت هي علائقو گپ چڪ ۽ ڏبڻ واري جڳھ ۽ جهنگ هو، پر زمانو بدلجي ٿو، جيڪو نہ صرف ماڻهن تي اثر ڇڏي ٿو جو وقت سان فقير مان بادشاه ۽ بادشاه مان ڦري فقير تي وڃن ٿا. پر اها ڳالھ شهرن تي بہ لاڳو ٿئي ٿي. عظيم شهر ڦري کنڊر ۽ قديم آثار بڻجي وڃن ٿا ۽ دنيا جي نقشي تي ڪو بہ وجود نہ رکندڙ نوان شهر وجود ۾ اچي وڃن ٿا. گپ واري نديءَ جو منهن جنهن کي ملي زبان ۾ ڪولا چئجي ٿو، سو اڄ دنيا جو جديد ترقي يافتہ شهر بڻجي ويو آهي، جتي دنيا جي هر جديد شيءِ موجود آهي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو هتي سير تفريح ۽ اعليٰ تعليم پرائڻ کان ويندي واپار ڪرڻ اچن ٿا.

ڪوالالمپور ڪي تہ اڃان هڪ صدي بہ پوري نہ ٿي آهي، هي شهر تہ انگريزن اچي **1857**ع ۾ آباد ڪيو، جيڪو پهرين ٽن جي کاڻيون کوٽڻ وارن مزدورن جي رهڻ واري جڳھ هئي، سو اڄ اسان جي حيدرآباد ڪي ڪيئي ڀيرا پوئتي ڇڏيو بيٺو آهي. مون هتي اچڻ کان پوءِ ڪوالالمپور تي لکڻ لاءِ ڪافي دفعا ڪوشش ڪئي پر لکي ڪونہ سگهيس پئي يا تہ لکڻ لاءِ شروعات نہ ملي، نيٺ هن ڀيري پڪو پھ ڪيو تہ گهر ويهي ڪوالالمپور تي جي نہ ٿو لکي سگهان تہ پلا ڊائري قلم ڪڍي نڪري ٿو پوان، جتان وڃان

اتان جو احوال لکندو رهان يا گهمندي اهم جڳهون نوٽ ڪندو اچان ۽ گهر ويهي ڪڙي سان ڪڙي ملائي ڪوالالمپور جو سير ۽ سفر قلمبند ڪري وٺان. اهو طريقو مون کي سولو لڳو، ۽ پنهنجي رهائشي فليٽ ادامن ڪامپليڪس جي مين گيٽ تان ملندڙ بس T203 ۾ چڙهي پيس، جيڪا بس هن علائقي جي پرسان واري ٽرين اسٽيشن تمن ملاتي تائين هلندي آهي. پوءِ تمن ملائتي اسٽيشن تان هلندڙ ٽرين ايل آر ٽي ۾ ويهي هن شهر جي مرڪزي علائقي جنهن کي ڪوالالمپور سٽي سينٽر يا ڪي ايل سي سي سڏجي ٿو، اتي اچي پهتو آهيان. هي ڪوالالمپور جو نه صرف سينٽر سڏبو آهي پر هي اسپاٽ ڪوالالمپور جي سجاٽپ ۽ دل آهي، جيڪڏهن ڪير به پاڪستان مان گهمڻ ڦرڻ يا اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ هتي اچي ٿو، ته ڪيس ايئرپورٽ تان ئي ايڪسپريس ٽرين ملي ويندي جيڪا ڪيس ڪوالالمپور سينٽرل اسٽيشن تي آڻي ٿي، پوءِ هتان هو پنهنجي رهائش جي اسٽاپ جي حساب سان ڪنهن ٻي ٽرين يا بس يا ٽيڪسيءَ ۾ وڃي سگهي ٿو، جو ايئرپورٽ تان ٽيڪسي مهانگي پئجي سگهي ٿي پر جي ڪنهن کي ڊائريڪٽ ٽيڪسي ڪرڻ ۾ آساني محسوس ٿئي ٿي ته ڀلي ڪري، ٻيو ماڻهو نئين شهر نئين جڳهه تي سامان سميت جهاز جي سفر جي ٿڪاوٽ کان پوءِ وڏيڪ ائڊوينچر بجاءِ ٽيڪسي ڪري جي سڌو پنهنجي رهائش واري جڳهه ته وڃي ته به بهتر آهي. پر هن ڪي ايل سينٽرل اسٽيشن جي باري ۾ لکڻ جو مقصد آهي، ته هي ٽرين اسٽيشن تي ڪوالالمپور يا ان جي پسگردائي وارن شهرن شاه عالم، سرمبان، ڪجنگ، سردانگ کان ويندي پتراجايا ۽ سائبر اجايا کان ويندي جوهر، پنانگ، ڪيداه بلڪ ٿائليند ۽ سنگاپور جون ٽرينون به ملي وينديون. سو ڪي ايل سينٽرل پهچڻ سان ماڻهو وٽ ڪجهه بسن کان ويندي ٽرين جا مختلف آپشن هجن ٿا ته ڪوالالمپور اندر ئي ڪنهن ٻي گهمڻ واري جڳهه ته وڃي يا ڪوالالمپور کان ٻاهر ڪنهن پر واري يا پري واري شهر وڃجي جو هن اسٽيشن تي

اهڙي هر سهولت موجود آهي. هي اسٽيشن اهڙي آهي جيڪا هر مسافر کي سونهون ۾ آسان رستو ڪڍي ڏيئي ٿي پر جي مسافر جي منزل ڪا پري نہ آهي تہ بہ ڪنهن جو هن اسٽيشن تي ائين ئي اچڻ بہ هڪ قسم جي تفريح آهي. جتي شاپنگ پلازا بہ آهن تہ کائڻ پيئڻ لاءِ ريسٽورنٽ بہ. وري مزي جي ڳالهہ هن ٽرين اسٽيشن جي پوئين پاسي ڏانهن نڪرجي ٿو تہ برڪفيلڊ روڊ آهي جتي لٽل انڊيا آهي، جتي انڊين ماڻهن جو ڪاروبار آهي. لٽل انڊيا شروع ٿيڻ سان ملائشيا ۾ انڊيا جي وزيراعظم جون تصويرون لڳل آهن، هاٿي نهيل ڦوهاري وارو چونڪ آهي، ساڙهين سان سينگاريل دوڪان آهن تہ وري سون جو ڪاروبار ڪندڙ هندو بہ، جتي پهچي واقعي لڳي ٿو تہ ماڻهو ڄڻ انڊيا پهچي ويو. پوري علائقي ۾ انڊين ڪاڏا، ۽ شيون ملن، هر پاسي انڊين ويس وڳا پهريل ماڻهو گهمندي ڦرندي نظر پيا ايندا. سو ڪي ايل سينٽرل گهمي پويان لٽل انڊيا گهمي ملائشيا جي ترقي ۾ انڊيا جي ماحول، ٻنهي جو مزو وٺي سگهجي ٿو بلڪ آءٌ لِٽل انڊيا گهمڻ وقت اهو سوچي خوش پئي ٿيس تہ اسان غريبن جو بمبئي، آگرو، دهلي، ڪلڪتو، راجستان ويندي حيدرآباد، لکنئو، عليڳڙهہ، ڪيرالا گهمڻ وارو نصيب ڪٿي سو هي لٽل انڊيا گهمڻ ئي وڏي غنيمت آهي.

ڪولالمپور ڪي ايل سينٽرل تان نڪري گو ڪي ايل بس ۾ بہ چڙهي سگهون ٿا، جيڪا مفت ۾ ڪولالمپور ۾ هلي ٿي ۽ جنهن ۾ سياح مختلف جڳهن تي گهمي سگهن ٿا. هي بسون نيون صاف سٿريون گائيڊيڊ سسٽم سان آهن، جيڪي چئن مختلف روٽن تي هلن ٿيون. ڪي ايل سينٽرل تان جيڪا گرين لائين گو ڪي ايل هلي ٿي، سا چوڪٽ واري علائقي کان ڪي ايل سينٽرل تائين هلي ٿي ۽ اتان وري ساڳئي روٽ تي واپس ٿئي ٿي. ائين هن بس ۾ ويهي ڪي ايل سينٽرل کان اڳيان ميوزيم نگارا يعني نيشنل قومي عجائب گهر جو اسٽاپ آهي پوءِ وري مرديڪا اسٽاپ آهي. هي ٻئي جڳهون گهمڻ وٽان آهن جو جتي ميوزيم نگارا جي

خوبصورت بلڊنگ آهي ۽ ميوزيم ۾ رکيل ملائشيا جي پوري تاريخ، ثقافت رهڻي ڪهڻي ۽ موجوده ترقيءَ جا محفوظ ڪيل عڪس آهن. اهي ڏسي ماڻهو ملائشيا جي باري ۾ ڄڻ ته پوري طرح سمجهي وجي ٿو، ته پراڻي دؤر ۾ ڪيئن هئا ۽ هاڻي ڪيئن آهن، ويندي سندن ڪالونيل دؤر به ڏيکاريل آهي، ته ملائشيا ۾ رهندڙ مختلف ٻولين ۽ ثقافت رکندڙ ماڻهن جو تعارف به مجسما ٺاهي، انهن علائقائي پوشاڪ پارائي سندن باري ۾ تعارف لکيل آهي. ائين هڪ وڊيو به هلي ٿي، جنهن ۾ ڪجهه ٻارن کي سندن ملڪ جي ابي تئانڪو عبدالرحمان جي باري ۾ ٻڌايو وجي ٿو، ته وري آزادي ۽ ان جي اهميت ۽ ملڪ جي ذميواري شهري هجڻ جي ناتي هر فرد تي عائد ذميوارين جي باري ۾ به سمجهاڻي ڏيندي ٿيٽر ۾ وڊيو هر وقت هڪ پاسي هلندو رهي ٿو. ان کان علاوه ميوزيم جي اندر مين گيٽ کان گهڙندي ئي ڪجهه ڪارون رکيل آهن، انهن ۾ هڪ ڪار ساگا به آهي جيڪا هن ملڪ ۾ ٺهندڙ پهرين ڪار آهي، ساگا ڪار هن ملڪ جي قومي ڪار آهي، جيڪا قومي ڪمپني پروٽان طرفان **1985**ع تيار ڪئي ويئي. هي ڪار ان وقت جي وزيراعظم تن ڊاڪٽر مهاتير محمد هلائي افتتاح ڪيو ۽ اڄ هن عجائب گهر ۾ اها ڪار ڏسي ائين لڳو ڄڻ نئين لڳي پئي هجي. ملائشيا جي هيءَ ڪار، اڄ به پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي پسنديده ڪار آهي ۽ نه صرف سائوٿ ايسٽ ايشيا جي ملڪن ۾ ايڪسپورٽ ٿئي ٿي پر آفريقا جي ملڪن کان ويندي سائوٿ آمريڪا جي چلي سميت ڪجهه ملڪن ۾ ايڪسپورٽ ڪئي وڃي ٿي، جتي اسان جي ملڪ ۾ اڃان سُئي به ٻاهران اِمپورٽ ٿي اچي ٿي ته اُتي هن ملڪ جي ڪار ايڪسپورٽ ٿيڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اسان جي ملڪ جي پيٽ ۾ هيءُ ننڍڙو ملڪ، ڪيڏي نه وڏي ترقي ڪري رهيو آهي.

ڪوالالمپور جي سڃاڻپ پيٽروناس جا به جاڙا ٽاور آهن، جتي ساليانه **11** ملين کان مٿي يعني هڪ ڪروڙ **10** لک کان به وڌيڪ

سياح گھمڻ اچن ٿا، ان جي پيٽ ۾ اسان وٽ مينار پاڪستان وٽ گھٽا سياح ايندا هوندا، جنهن جو اندازو بخوبي لڳائي سگھجي ٿو. بهرحال هن ميوزيم گھمڻ' کان پوءِ وري گو ڪي ايل بس ۾ ويهي ٿورو ئي اڳيان اچي مسجد نگارا اسٽاپ آهي. هيءَ مسجد ملائشيا جي قومي مسجد آهي. هن مسجد کي اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي جو هيٺين منزل تي آفيسون آهن، ته ٻئي پاسي وضو ۽ ضروري حاجت پوري ڪرڻ لاءِ مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ جڳهون، ان کان علاوه هيٺين منزل جي وچ تي نماز پڙهڻ جي جڳهه کان علاوه پاڻيءَ جا وڏا وڏا حوض وچ ۾ ٺهيل آهن، جن مان پاڻيءَ جا ڦوهارا به هلن پيا. ائين مٿي منزل تي مسجد ٽن کان چئن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ ته مين مسجد عبادت وارو هال جتي صرف نماز پڙهڻ وارن کي اندر ڇڏيو وڃي ٿو. ٻيون ان حال جي اڳيان وري جيڪو حصو آهي، اهو وزيٽرس سان ڀريو پيو هوندو آهي، جتي تقريباً وزيٽر نيري ڪلر جي گائون ۾ نظر ايندي ڦوٽو پيا ڪڍندا آهن، ٽولن جي شڪل ۾ ويهي ڪچهري ڪندي نظر ايندا آهن. ڪجهه سياح مسجد جي مين هال جي اڳيان يا دروازي جي هڪ پاسي ويٺي ۽ ڪجهه هال جو سامهون ئي ٻيٺي مسجد جي عالمن سان اسلام تي، بحث مباحثي ڪندي نظر ايندا. اصل ۾ هن گائون ۾ آيل سمورا ماڻهو غير مسلم ئي هوندا آهن يا وري ڪجهه اهڙا مسلمان به هجن ٿا، جن جي پهريل ڊريس جي اهڙي هجي، جو مسجد جي گيٽ تي ٻيٺل منتظمين ڪين گائون ڏنو هجي، جو مسجد جي اندر فقط پوري لباس وارا ماڻهو ئي وڃي سگھن ٿا. جيئن ته يورپي سياح اڪثر ڪري ننڍا شارٽ ۽ شرٽون پائي گھمن، جنهنڪري اهڙا گائون ڪين ڏنا وڃن ٿا، ته اهو پائي اندر مسجد گھمن. اُها ٻِي ڳالهه آهي ته يورپي يا آمريڪي يا ايشيا جي چيني جپاني ۽ ٿائيلينڊ ۽ ڪوريا جي ماڻهن کان علاوه خود ملائشيا جي غير مسلم آبادي ۽ ڪجهه مسلمان پاڪستاني ۽ انڊين عورتون به اهڙا ڪپڙا پائين ٿيون جو ڪين به گائون ڏنو ويندو آهي.

هي گائون اچي چمڙي خاص طور اڌ ڪپڙا پائيندڙ ماڻهن لاءِ وڏي دلچسپي وارو ٿي پئي ٿو. مان ڏسان پيو ته ڪيئن نه گائون ۾ تصويرون پيا ڪيرائين، گائون کي کولي چيڪ به ڪن پيا، مسجد اندر ئي اڌ متي ڪري ڦوٽو ڪڍڻ جي ڪوشش به ڪن ٿا، جنهنڪري مسجد ۾ بيٺل منتظمين مان ڪو ڪين وڏي اچي تاڪيد ڪري ٿو ته گائون بند ئي رکو. حالانڪ اهو تڏهن اچي چون ٿا جو ڪو ماڻهو يا گروپ بلڪل مسلسل ائين ڪري نه ته ڪونه چون. ملائشيا جي حڪومت کي داد ڏجي ته انهن مسجدن ۾ غير مسلم لاءِ اسلام جي اهم ارڪانن بابت نه صرف ننڍا ننڍا ڪتابچا مختلف ٻولين ۾ رکرايا آهن پر ڪيئي عالم ماڻهو مختلف ٻوليون خاص طور انگريزي ڳالهائيندڙ به بيهاري ڇڏيا آهن، جيڪي سياحن کي نه صرف مسجد جي اهميت پر اسلام بابت پڇيل هر سوال جو تفصيل سان جواب ڏيئي رهيا آهن. هن مسجد جو ٽيون حصو اهو پاڻي وارا حوض آهن، جيڪي مٿين حصي مان بيهي ڏسي سگهجن ٿا، جو ان حصي جي مٿان ڇت کي کليل ڇڏيو ويو آهي، ايئن باقي حصن ۾ ڪافي ڪاريڊور نهي پون ٿا، جن تي پاڻي پرسان ڪناري تي نماز پڙهي سگهجي ٿي. هن مسجد جي مين هال ۾ ته ڪجهه قرآني آيتن جي ڪئليگرافي ٽيل نظر اچي ٿي، نه ته باقي سڄي مسجد ۾ ڪا خطاطي ٽيل نه آهي، بلڪ ملائشيا جي اڪثر مسجدن ۾ خطاطيءَ جو ڪم گهٽ نظر ايندو، باقي مسجدون انتهائي ڪشاديون ۽ عاليشان عمارتن واريون هونديون آهن ۽ صفائي سترائي سبب ملائشيا جي هر مسجد ڏسڻ وٽان آهي. ائين هن مسجد مان نڪري ماڻهو وري گو ڪي ايل بس ۾ چڙهي اڳئي اسٽاپ مرديڪا اسڪوائر تي لهي گهمي سگهي ٿو. آءٌ به اڳئي اسٽاپ ته لهي پيس. هي مرديڪا اسڪوائر يعني آزاديءَ جو چوراهو آهي، پر بس جيئن ته هن اسٽاپ کان ڪافي اڳتي اچي لاٿو سو اتان وري پنڌ اچڻو پيو، پنڌ به ڪو پنج منٽ جو هو نه ڪي گهڻو، اصل ۾ هي واپسي واري بس ان اسٽاپ تي ڪونه بيهي پر

جي ايندڙ بس ۾ چڙهجي ها، جيڪا چوڪٽ ڪان ايندي هجي، جيڪو گو ڪي ايل گرين لائين جو پهريون اسٽاپ آهي ته هن اسٽاپ تي بيهي هان، مان جيئن ته هن بس جي آخري اسٽاپ ڪي ايل سينٽرل ڪان چڙهيو هيس ۽ هي بس جي واپسي وارو رستو آهي، هن روٽ تي ميوزيم نگارا، مسجد نگارا ته اچن ٿا، ۽ اچي ته مرديڪا اسڪوائر به ٿو پر اسٽاپ نه تي ڪري، ٿورو اڳيان هلي ڪري ٿي، جتان ماڻهو ڪي ٿورو پنڌ ڪرڻو پوي ٿو. هي اهو هنڌ آهي جتي ملائشيا جي پهرين وزيراعظم ۽ هن قوم جي ابي تئانڪو عبدالرحمان، ملائشيا جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو ۽ ست دفعا مرديڪا يعني آزادي آزادي چيو هو. اڄ هي يادگار ميدان سالياني قومي آزاديءَ جي پريڊ جو هنڌ به آهي، ته وري قومي جهندي ڦڙڪائڻ واري تقريب جو هنڌ به، هتي ملائشيا جو قومي جهندو، جنهن ڏندي ۾ لڳل آهي، اهو شايد دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏندو آهي، جنهن ۾ هيءُ وڏي ۾ وڏو جهندو مسلسل ڦڙڪندو رهي ٿو. مون کي ته هيءُ لڳل ڏندو لڏندي نظر پئي آيو، پوءِ الائي ڇا ڪمال اٿس جو جهاز جي اڏام وقت پرن وانگي ڪيڏي مهل هڪ پاسي ڪيڏي مهل ٻئي پاسي ٿيندي به هڪ هنڌ بيٺل آهي. هي ميدان سائو سرسبز ڇٻر سان ڀرپور آهي، هتي صرف ميدان ۽ جهندو لڳل نه آهي، پر پاسي ۾ ڪوالالمپور گيلري آهي، جيڪا سياحن جو مرڪز آهي هتي لکيل **I love KL** جنهن جي وچ ۾ دل نهيل آهي، ان سان هر سياح ڦوٽو ڪيرائي ٿو. ڦوٽو ڪيرائڻ لاءِ ماڻهن جي قطار پنهنجو پاڻ ۽ ٺهي وجي ٿي، ۽ هر ڪو پنهنجي واري جو انتظار ڪري ٿو.

ڪوالالمپور گيلري گهمڻ جي ٽڪيٽ **10** رنگٽ آهي، جنهن مان وري پنج رنگٽ جو ٽوڪن ملي ٿو، جيڪو اندر ريفريشمنٽ يا گفٽ شاپ تي خرچ ڪري سگهجي ٿو. هن گيلري م پراڻي ۽ هاڻوڪي ڪوالالمپور جي تصويري نمائش به آهي، ته وري تاريخي عمارتن ۽ جديد عمارتن جا نهيل ماڊل به رکيل آهن، ويندي

ڪولالمپور شهر جو پورو ماڊل بہ پيل آهي، گڏوگڏ پراجيڪٽر تي هن شهر جي ترقيءَ جا سمورو احوال بہ ڏيکاريو وڃي ٿو. هيءَ گيلري گهمي ملائشيا جي ترقي ۽ سندن محنت تي ڪين داد ڏيڻ کان رهجي نہ ٿو سگهجي. ڪٿي گپ واري جڳهہ ۽ ڪٿي اڄ جو ڪولالمپور. هن گيلريءَ جي اندر ئي گفٽ شاپ ۽ ريسٽورينٽ بہ آهن، ان کان علاوه هن گيلري مان نڪري وري جتي قومي جهنڊو لڳل آهي، ان جي پاسي کان ڏسجي تہ هيٺ اندر گرائونڊ فوڊ اسٽريٽ نهيل آهي، جتي ماڻهو وڃي ڪولالمپور گيلري جي پيٽ ۾ سستا ۽ پنهنجي پسند جا کاڌا کائي سگهي ٿو.

مرديڪا اسڪوائر جي سامهون روڊ ڪراس ڪري تاريخي عمارتون بہ ڏسڻ وٽان آهن، جن سان ضرور تصويرون ڪيرائڻ گهرجن. ان کان علاوه سامهون سڌ پنڌ تي مسجد جامع بہ آهي، جيڪا بہ هڪ عاليشان، ڪليل ۽ خوبصورت منارن تي مشتمل مسجد آهي. هونءَ تہ ملائشيا جو اڪثر مسجدون بہ پاسا ڪليل هجن ٿيون جنهن سان هوادار هجن ٿيون، پر هي مسجد جامع ٽنبن تي مشتمل اهڙي مسجد آهي، جيڪا چارئي پاسن ڪليل آهي ۽ بيحد هوادار آهي. هن مسجد ۾ لڳ ڀڳ **10** هزار ماڻهن جي نماز پڙهڻ جي گنجائش آهي. ان کان علاوه جي ماڻهو مسجد جامع کان نڪري مسجد جامع واري ريلوي اسٽيشن تان ڪنهن بہ ئي پاسي وڃي يا وري واپس گو ڪي ايل واري اسٽاپ مرديڪا اسڪوائر تا بس ۾ چڙهي اڳيان چوڪٽ وڃي پاڪستاني هوٽلن جهڙوڪ مهراڻ، پاڪيزه، پاڪ پنجاب، پاڪستان، رس بلوچ وغيره تان ماني وڃي کائي، يا وري اڳتي وڃڻ بجاءِ مسجد جامع مان نڪري روڊ ڪراس ڪري ريلوي اسٽيشن جي پاسي واري گهٽي، جنهن کي مسجد انڊيا واري بازار سڏجي ٿو اها گهمجي. هي سموري بازار بہ انڊين دوڪاندارن سان ڀريل آهي، جتي انڊين گانا بہ ٻڌڻ ۾ ايندا تہ انڊين ريسٽورنٽ بہ، جتي نان چپاتي سان گڏ سني برياني ۽ ٻوڙ ملندا، جن ۾ هڪ هوٽل جَي هند بہ آهي، ائين هتي مسجد انڊيا بہ گهمي

سگهجي ٿي، جيئن تہ هيءَ بازار ڪجهہ سستي آهي، سو ڪجهہ خريد بہ ڪري سگهجي ٿو، هتي سڀ کان اهم دوڪان سون جا آهن جيڪي سمورا هندو ڪميونٽي جا آهن، سون صرف **22** ڪريٽ جو ملي ٿو. دوڪانن تي سون ايترو آهي جو ٿرڪون پرجي وڃن، وري هر دوڪان تي رش ائين نظر ايندي جيئن اسان وٽ عيد جي ڏينهن ۾ ڪپڙي جي دوڪانن تي نظر ايندي آهي. حالانڪہ سون جا اگهہ تہ تقريبن سڄي دنيا ۾ ساڳيا هجن ٿا پر الائي ڇو هتي وڏي خريداري آهي. مختلف ملڪن جا سياح ۽ خود ملائشيا جا ماڻهو سون، هن بازار مان خريد ڪن ٿا. مون بہ هتان پنهنجي گهر واريءَ لاءِ ڪجهہ وقت اڳ بمبئي جيولرز کان بريسليٽ ورتو هو. جڏهن اهو بريسليٽ پاڪستان ۾ سوناري کي ڏيکاريو هو تہ سون جي تمام گهڻي تعريف ڪئي هئائين. حالانڪہ اسان وٽ سون **20** ڪريٽ وارو هلي ۽ ٻڌائيندا **22** ڪريٽ ڪري، پر هتي هلي ئي **22** ڪريٽ وارو ٿو. هن بازار ۾ بہ انڊين ڪپڙن، ملائشيا جي پوتڙن ۽ اسڪارفن جا دوڪان وڏيڪ آهن. هتي برقعا يا ابايا بہ تمام گهڻا ملن، هتي هول سيل جو دوڪان ماءِ دين بہ آهي تہ وري انڊين سپر اسٽور حنيفہ بہ آهي، جتان اسان پاڪستاني شان ۽ نيشنل جي آچار ۽ مصالحن کان علاوه پاڪستاني چانهہ ۽ شربت روح افزا، صندل يا جامِ شيرين وٺندا آهيون، ان کان علاوه هن اسٽور ۾ هڪ پورو فلور چاڪليٽس جو آهي، تہ وري هڪ ٻيون پورو فلور پرفيومز جو آهي. ائين هي اسٽور خريداري ڪرڻ ۽ گهمڻ وٽان آهي، پر اگهہ گهڻا مهانگا نہ آهن، هتان ماڻهو سٽي پلازه ۾ بہ وڃي سگهي ٿو جيڪو حنيفہ کان ٿورو اڳيان، ساڄي پاسي تي نڪرنڌڙ روڊ سان آهي، جتي پاڪستاني ريسٽورنٽس ڪراچي هوٽل، لاهور هوٽل، لاهور پاڪستان هوٽل وغيره کان علاوه ڪيئي انڊين ريسٽورنٽس بہ آهن، جتي برياني ۽ مختلف ڀاڄين کان علاوه حليم بہ ملي ٿو، بلڪہ چانهن بہ هتي سٺي ملي وڃي ٿي، جنهن جي پيئڻ جي ٻاڙ هر پاڪستاني کي ضرور هوندي آهي. هتان نڪري وري ماڻهو واپس

تي مين روڊ تي اچي ته ٿورو اڳيان روڊ ڪراس ڪري سوگو سپر اسٽور آهي، جيڪو غالباً 8 منزل شاپنگ سينٽر آهي ۽ تقريباً سڀ برانڊيڊ شيون هتان ملن ٿيون ۽ ان ۾ سستي، مناسب قيمت کان وينديون مهانگي اگهه واريون شيون به شامل آهن. سوگو پلازه ۾ هڪ پورو فلور ٻارن جي لاءِ آهي جنهن ۾ ڪپڙن ۽ جوتن کان علاوه ٻارن جي لاءِ گهربل هر شئي ملي ٿي، هي سپر اسٽور جو هيٺيون فلور به پرفيومز سان ڀريل آهي پر هتي پرفيوم حنيفه سپر اسٽور جي ڀيٽ ۾ ڪافي مهانگا آهن. ائين هن سپر اسٽور جي اڳيان ماڻهن جي ڀيهه هوندي آهي جتي ملڪ ۾ ڪنهن تهوار جيڪو ان مهيني ۾ هوندو، پلي ڪهڙي به مذهب جو هجي، ان جي حوالي سان ڪو ٿيم نهيل هوندو ۽ شام آهي ته ڪو اسٽريٽ ڳائڻو پنهنجي فن جو مظاهرو ضرور ڪري رهيو هوندو ۽ سوين ماڻهو سوگو پلازه جي ڏاڪڻين تي ويهي ان ڳائڻي کي داد ڏيئي رهيا هوندا آهن. سوگو کان پوءِ ماڻهو وري گو ڪي ايل ۾ چڙهي، ڪي ايل سينٽرل ڏانهن وڃي يا ڪي ايل سي سي ڏانهن يا پسار سني ڏانهن، ان لاءِ گو ڪي ايل جي ان لائين ۾ ويهي جنهن ۾ اڳيان اسٽاپ اچن، سو مان گو ڪي ايل ريڊ لائِن ۾ ئي ڪي ايل سينٽرل آيس جتان ايل آر ٽي ريپڊ ڪي ايل ۾ چڙهي پسار سني اسٽيشن تي لهي پيو آهيان، هي اسٽيشن جيئن ته ڪي ايل سينٽرل کان صرف هڪ اسٽيشن جي مفاصلي تي آهي، سو جلد اچي وڃي ٿي، پسار سني يعني سينٽرل مارڪيٽ هن اسٽيشن تي ٻاهر نڪرڻ سان بس اڏو آهي، جتي ڪوالالمپور جي مختلف علائقن ڏانهن هلندڙ ريپڊ ڪي ايل بسون بيٺل هجن ٿيون. هتان به گو ڪي ايل جي بلو لائين نڪري ٿي جيڪا به ڪافي گهمڻ وارين جڳهن ڏانهن پهچائي ٿي. پر اسٽيشن مان ٻاهر نڪري اِن گو ڪي ايل ۾ ڊائريڪٽ چڙهڻ کان بهتر آهي ته ماڻهو هتان جي سينٽرل مارڪيٽ گهُمي ۽ ان سان گڏوگڏ چائنا ٽائون به جتي ٻڌ ۽ هندو ديويءَ جا خوبصورت مندر به آهن ته وري خريداريءَ لاءِ سستي اگهه تي ملندڙ

شيون، پر چائنا ٽائون مان خريداري ڪرڻ مهل بارگيننگ ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ شين جي سجاٽپ بہ هجڻ گهرجي جو چائنا ٽائون ۾ چائنا جون شيون آهن ۽ ڪپائيندڙ بہ چائنيز، وڏيڪ پاڻ سمجهي سگهو ٿا.

سينٽرل مارڪيٽ جيڪا اسٽيشن تان نڪري ڪابي پاسي تي آهي، هي سڄي مارڪيٽ ڍڪيل بہ ماڙ مارڪيٽ آهي، جنهن ۾ اڪثر ملندڙ شيون هتان جي ثقافتي رنگن سان رنگيل آهن، جيئن پاڻ وٽ هالا جي هينڊي ڪرافٽس جا دوڪان هوندا آهن، بلڪل ان نموني جا هتي سينگاريل دوڪان آهن.

هن ڍڪيل مارڪيٽ جي پاسي ۾ لاهور جي انارڪلي بازار جهڙي ڏيک ڏيندڙ هڪ بازار بہ آهي، جتي ماڻهو گهمي سگهي ٿو. ان کان علاوه هتي کاڌي پيتي لاءِ ماماڪ يعني انڊين تامل جا هوٽل بہ آهن تہ وري ملئي ماڻهن جا بہ، جتان نان يا چپاتي ۽ بريان بہ ملي ٿي تہ نج مناڻ وارا ملئي کاڌا بہ. هن ڍڪيل مارڪيٽ ۾ ڪافي يورپي فش مساج ڪرائيندي بہ نظر ايندا، جيڪي پير پاڻيءَ جي ٽب ۾ وجهي وينا هوندا آهن، جن کي ننڍيون ننڍيون پوپريون مڇيون پيو پيرن ۾ چنبڙنديون يا چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن جن سان ماڻهو کي سڪون اچي ٿو ۽ ٽڪ لهي ٿو. جي توهان ٿڪجي پيا آهيو، تہ ڪجهہ دير لاءِ هي مساج ڪرائي فرِيش ٿي سگهو ٿا. ان کان پوءِ هتان نڪري ڪابي تي چائنا ٽائون اسٽريٽ آهي. جيڪا گهمي سگهجي ٿي، گهمڻ لاءِ تہ هيءَ چائنا ٽائون اسٽريٽ ايتري وڏي آهي جو ڪٽندي ئي ڪونہ، جيئن پاڻ حيدرآباد شاهي بازار ۾ ٽاور واري پاسي کان اچون ۽ گهمي گهمي اچي ريشم گلي کان ٿيندا ڪوهنور چونڪ تي نڪرون. هيءَ ان کان بہ وڏي مارڪيٽ آهي، جتان گهمندي مسجد انڊيا واري مارڪيٽ بہ اچي نڪري سگهجي ٿو پر هيءَ چائنا بازار مختلف نڪرندڙ ننڍين گهٽين تي مشتمل آهي، سو بهتر آهي تہ ڪجهہ گهمي وري مندر ڏسي ماڻهو اچي پسار سني بس اسٽينڊ تان گو ڪي ايل جي پرپل

لائين ۾ چڙهي، جيڪا چائنا ٽائون جي پاسي مان ٽيندي اچي ڪجهه بين اسٽاپن کان علاوه ڪولالمپور ٽاور وٽان به گذري ٿي. هي ڪي ايل ٽاور، پيٽروناس جاڙن ٽاورن کان الڳ آهي، بلڪ انهن کان به ڏيگهه ۾ وڏيڪ آهي. هن ٽاور جي مٿي منزل تي روالوِنگ هوٽل به آهي ته وري ڪولالمپور ڏسڻ جو منظر به، حالانڪ هن ٽاور تي مٿي وڃڻ جي ٽڪيٽ ڏاڍي مهانگي آهي شايد هڪ سئو جي لڳ ڀڳ، سو آءٌ ته بجاءِ مٿي وڃڻ جي هن ٽاور جي بنياد ۾ ٺهيل مارڪيٽ گهمي ۽ پرسان ٺهيل ڳوٺ، جيڪو هتي نموني طور ٺهيل آهي اهو گهميون، ان کان علاوه هتي موجود مغل اعظم ريسٽورينٽ تان چانهه پيتي ۽ پڪوڙا کاڌا. هن هوٽل ۾ اڪثر پراڻي انڊين فلمن جا گانا به پيا هلندا آهن. هي ڪي ايل ٽاور اصل ۾ ڪميونيڪيشن ٽاور آهي، هتان جي قومي ٽيليفون ڪمپني ٽي ايم جو، پر ان جي ناهڻ پويان به هڪ تاريخ آهي، دراصل هن ٽاور واري جڳهه تي هتي ٽيندڙ ڏگهي ۾ ڏگهو وڻ آهي، جيڪو اڄ به محفوظ بينو آهي جنهن ڪي تقريباً سئو سال کان مٿي جو عرصو ٿيو آهي، هاڻي ته ان وڻ جو ڪافي حصو ڍڪي ان کي ٽيڪ ڏني ويئي آهي، ان وڻ جي چوڌاري ڇت ٺهيل آهي، جتي ماڻهو ته گهمي سگهي ٿو پر ننڍا وڏا ڀولڙا به هر وقت گهمندي نظر ايندا. ڇا ته ڪمال سان هڪ وڻ کي محفوظ ڪري ان جي پرسان ايڏو وڏو ٽاور ناهي پڪنڪ پوائنٽ ناهي ويئي آهي، جو مواصلات جو نظام به بهتر، ته ٽوئرزم انڊسٽري جي ترقي به ۽ پنهنجي قومي وڻ سان پيار جو اظهار به، ته وري پنهنجي ڳوٺن جي رونمائي به.

هتان نڪري وري گو ڪي ايل پرپل لائين ۾ چڙهڻ گهرجي، وچ ۾ ڪيترائي اسٽاپ اچن ٿا جن ۾ ڪافي شاپنگ پلازا آهن، پر بڪت بنتانگ اسٽاپ تي لهڻ گهرجي، جتي ڪولالمپور جي سڀ کان وڏيڪ رش واري ۽ ماڊرن بازار آهي. هي علائقو خوبصورت گهٽين ۽ چوراهن کان ويندي کاڌي پيتي جي هوٽلن، مساج گهرن جي ڪري مشهور آهي، هتي بڪت بنتانگ، اسٽار هل گيلري،

پويلين، فارنهائيٽ جهڙا وڏا شاپنگ پلازا آهن. هي سڄو علائقو هر وقت ماڻهن سان سَٿيو پيو هوندو آهي. هن علائقي ۾ چائنيز ماڻهن جي گهڻائي آهي ۽ هي سمورو بزنس چائنيز ماڻهن جو آهي، پرڏيهي سياح به هتي سڀ کان گهڻا نظر ايندا. هن ئي علائقي ۾ عرب فوڊ اسٽريٽ به آهي، جتي عرب ئي عرب نظر ايندا. ٿورو گهمندي گهمندي ڪجهه پنڌ تي به پاڪستاني ريسٽورينٽ به آهن هڪ ڪراچي ۽ ٻيو لاهور. ٻنهي جو کاڌو به وٽندڙ آهي، بڪت بنتانگ ۾ اچي، ماڻهو ڪنهن ترقي يافته شهر جو تصور ڪرڻ بجاءِ حقيقي روپ پسندو. انڪري اڪثر دوست ائين چوندا آهن ته ڪوالالمپور ۾ ماڻهو اچي ڪي ايل سي سي ٽوئن ٽاورس ڏسي ڦوٽو ڪيرائي ۽ پوءِ بڪت بنتانگ گهمي، خاص طور رات هن علائقي ۾ رهي. هي واحد علائقو آهي ڪوالالمپور جو جيڪو ڏينهن رات ڪليل هوندو آهي، نه ته باقي ڪوالالمپور رات جو بند رهي ٿو. هونءَ ته هر علائقي ۾ ڪجهه نه ڪجهه هوٽل ڪليل هجن ٿا، پر هي واحد علائقو آهي جيڪو رات جو ڏينهن کان به وڌيڪ روشن هوندو آهي. اڪثر چيو ويندو آهي ته ماڻهو پهرين ڏينهن پيٽروناس ٽوئن ٽاور ۽ بڪت بنتانگ گهمي، ٻي ڏينهن گينٽنگ گهمي اچي جڃ ڪوالالمپور جو ٽوئر پورو ٿيو. پوءِ يا ملاڪا وڃي يا وري لنڪاوي. هڪ پاسي تاريخي شهر آهي ته ٻئي پاسي ماڊرن ساموندي ڪنارا يا وري ڪيمرون هاءِ ليندس جتي سرسبز پهاڙ آهن. اهو هر انسان جي پنهنجي پنهنجي مزاج تي آهي ته ڪهڙي علائقي گهمڻ کي ترجيح ڏيئي ٿو. بهرحال ڪوالالمپور گهمڻ لاءِ ته سوين جڳهون آهن، جو ماڻهو ڪيئي هفتا رهي به سڄو گهمي نه ٿو سگهي، پر جي به ڏينهن ڪوالالمپور ۾ رهي اهم گهمڻ واريون جڳهون گهمجن ته بهتر ٿيندو. بڪت بنتانگ کان پوءِ هي پرپل ڪلر واري بس وٺي ماڻهو وري پسار سني يعني سينٽرل مارڪيٽ اچي يا وري ڪنهن ٻي گو ڪي ايل جي لائين ۾ چڙهي جو بڪت بنتانگ اهڙو اسٽاپ آهي، جتي گو ڪي ايل بس جون ٽن مختلف

روٽن تي هلندڙ بسون ملن ٿيون جيئين گرين، بلو ۽ پرپل لائين. سو بهتر آهي ته ماڻهو يا گرين لائين وٺي ڪي ايل سي سي اچي يا وري بلو لائين وٺي شهر جا مختلف علائقا ڏسندو وڃي. ائين هي گوڪي ايل بس ۾ ماڻهو ڪوالمپور جو ويهي مزي سان مشاهدو ڪري سگهي ٿو ۽ مختلف اهم گهمڻ وارين جڳهن تي لهي گهمي سگهي ٿو، جن مان ڪجهه جو آءُ هن مضمون ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان.

هي گو ڪي ايل جا **4** مختلف رنگ آهن، جيڪي مختلف علائقن ڏانهن وڃن ٿيون. پر ڪجهه اسٽاپ اهڙا اچن ٿا جتان چارئي بسون ڪراس ڪن ٿيون سو ماڻهو هڪ لائين مان ٻي لائين بدلائي سگهي ٿو، جنهن لاءِ اهم اسٽاپ بڪت بنتانگ آهي، گو ڪي ايل جتي ڪافي گهمڻ واريون جڳهون ڪور ڪري ٿي اتي ڪجهه علائقا يا جڳهون اهڙيون به آهن، جيڪي ان جي روٽ ۾ نه ٿا اچن يا اچن ٿا ته پرپرو، جنهنڪري نئين ماڻهو ڪي شايد ڏکيائي ٿئي، انڪري جي ماڻهو گو ڪي ايل ذريعي گهٽ ۾ گهٽ پرسان واري اسٽاپ تي لهي ڪنهن لوڪل بس يا وري ٽيڪسي ۾ آسانيءَ سان وڃي پهچي سگهي ٿو. پر ان جي برعڪس سڀ کان سولو طريقو ٽرين جو به آهي، ته سگهي ٿو گو ڪي ايل بجاءِ ڪنهن گهمڻ واري جڳهه تي ٽرين ويندي هجي. جيئن ڪوالمپور جي مشهور گهمڻ واري مندر باتو ڪيوز تائين نه گو ڪي ايل ڪونه وڃي ٿي پر ڪي ايل سينٽرل تان ڪي ٽي ايم ٽرين وڃي ٿي. جنهن جي آخري اسٽيشن باتو ڪيوز آهي، جتي اسٽيشن مان ٻاهر نڪرڻ سان هنومان جو هڪ تمام وڏو بت نظر اچي ٿو، هي باتو ڪيوز ضرور گهمڻ گهرجي جو هڪ پهاڙ جي اندر ڪيترائي سال پراڻا مندر نهيل آهن، پهاڙ به اهڙو جو جڻ مندر لاءِ ڇت هجي، جو پهاڙ جي ڇت مان سج جي روشني به اچي ته وري برسات جي بوندا باندي به، هي غار پهاڙ ۾ اندر ته آهن پر پهاڙ جي پاڙ ۾ نه پر ان جي وچ ۾ آهن، جنهن لاءِ **200** کان مٿي ڏاڪن واريون ڏاڪڻيون

چڙهي وڃ ۾ ڏاڪن تي وينل پولڙن سان سيلفيون به ڪيندي ماڻهو ساهي ڪٽندو مٿي غار ۾ مندر واري جڳهه تائين پهچي ٿو. هي غار گهمڻ ڪنهن ائڊوينچر کان گهٽ نه آهي. ڏاڪڻ تي چڙهڻ کان پهرين ديوتا جو سوني ڪلر ۾ پتل جو نهيل سوين قوت ڏکهو مجسمو بينل آهي، جيڪو به جبل جي چوٽي کان مٿي پيو نظر ايندو آهي. ائين هتي مچي جو تلاءُ به آهي ته وري ناريل جو عام وڪرو به جنهن ۾ اسٽرا وجهي ناريل جو پاڻي پيئندي ڪيئي ٽوئرسٽ نظر ايندا.

هتي ساليانو عرس به ٿي. هي مندر هندن لاءِ ملائشيا جي اندر سڀ کان پراڻي عبادت گاه آهي ۽ اڪثر انڊين هندو هتي ساليانه حاضري پرڻ اچن ٿا. ان کان علاوه يورپي سياح به هتي گهڻي تعداد ۾ نظر ايندا. البت ايترو گهمڻ کان پوءِ ڪولالمپور جي ڪا اهم ڏسڻ واري جڳهه رهي ٿي ته ان ۾ ملائشيا جي ملڪ جي بادشاه جو محل، ملائشيا جو قومي جانورن جو پارڪ، برڊ پارڪ، ملائشيا جي پارليامينٽ جي بلڊنگ، ۽ ٽيگو نيشنل مانومينٽ ۽ ليڪ ويو پارڪ، جتي ڊائريڪٽ نه گو ڪي ايل وجي ٿي، نه وري ڪا ٽرين اسٽيشن آهي، البته پرسان ضرور ٽرين اسٽيشن آهي يا وري گو ڪي ايل ۾ مسجد نگارا تي ماڻهو لهي اتان ٽيڪسي ڪري ته ڪجهه منٽن ۾ برڊ پارڪ يا وري پارليامينٽ يا وري بادشاه جي محل وڃي سگهي ٿو. پر ان لاءِ ٽيڪسي ڪرٽي پوندي جيڪا **10** کان **15** رنگٽ وٺندي، ائين هي ڪولالمپور ٻن ڏينهن ۾ سڄو گهمي سگهجي ٿو، بشرطيڪ ماڻهو مسلسل ٻئي ڏينهن ٽائيم سان صبح جو نڪري ۽ گهمندو رهي، ماني ۽ نماز لاءِ پلي ٽائيم ڪڍي، ويندي ڪنهن مسجد يا هوٽل ۾ ڪجهه دير ويهي ساهي پٽي پر ائين گهران اڌ ڏينهن کان پوءِ نه نڪري جو پوءِ گهمي نه سگهي.

هي سمورو احوال جو مرڪز گو ڪي ايل بس ۽ ٽرينون هيون پر انهن کان علاوه هتي هلندڙ ٽوئرسٽ ايجنٽس جو مني ڪوچ ۽ ويگنون به آهن، جيڪي سياحن کي ڏينهن جي پيڪيج

جي حساب سان سڄو ڪوالالمپور گهمائين ٿيون، پر اهي پرائيويٽ سروسز آهن. انهن کان علاوه هتي هوپ اِن اينڊ آف ٽوئرسٽ بس بہ آهي جيڪا گورنمينٽ طرفان آهي جنهن جي ٽڪيٽ **24** ڪلاڪ لاءِ **45** رنگٽ جي آهي، جيڪا مٿي ٻڌايل باتو غارن کان علاوه باقي سموريون گهمڻ واريون جڳهون گهمائي ٿي. سو بجاءِ گوڪي ايل ۾ لائينون مٿائڻ جي ۽ بادشاهي محل ٽيڪسي ۾ وڃڻ جي، هن بس ۾ چڙهي گهمجي تہ سڀ اسپاٽ آساني سان گهمي سگهجن ٿا. هي هوپ آن اينڊ آف بس هر اسپاٽ تي ان جي انٽرنس تي ئي لاهي ٿي، جنهن سان نئين ماڻهو کي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪو خفو نہ ٿو ڪرڻو پئي. هونءَ تہ هن بس جي ٽڪيٽ ڪافي جڳهن تي ملندي، پر ڪي ايل سي سي تان وٺجي تہ بهتر آهي، جتان هن بس جو پهريون اسٽاپ شروع ٿئي ٿو، ۽ ترتيب سان سڀ سياحتي مرڪز گهمي سگهجي ٿو.

اهم ڳالهہ تہ ڪي ايل سي سي کان پاڪستاني سفارتخانو **10** منٽ پنڌ وڃڻ جيترو سڌو سڌو رستو آهي پر جي گو ڪي ايل ۾ چڙهجي تہ ڪي ايل سي سي کان پوءِ ايندڙ اسٽاپ ملائشيا ٽوئرزم سينٽر جو آهي، جنهن کي **iMatic** چئجي ٿو، جنهن جي سامهون ئي روڊ ڪراس ڪري پاڪستاني سفارتخانو آهي، مون کي ڪافي ڀيرا هتي رهڻ دوران ايمبيسي وڃڻو پيو آهي، مان پهريون دفعو تہ ڪي ايل سي سي مان نڪري پنڌ ويس پر پوءِ گو ڪي ايل بس ۾ ويندو آهيان. ائين ڪوالالمپور ۾ جيڪڏهن ڪو ننڍن ٻارن سان گڏ فيملي ٽوئر تي آيل آهي يا هتي فيملي سان پڙهائي يا بزنس خاطر رهيل آهي تہ ٻارن لاءِ زو نگارا ۽ برڊ پارڪ کان وڌيڪ ڪا بہ دلچسپي واري جڳهہ نٿي ٿي سگهي. بلڪ مون کي زو نگارا ۾ ڪافي مزو آيو، جنهنڪري مان سمجهان ٿو تہ وڏا بہ انجواءِ ڪندا. زونگارا ۾ مون پهريون دفعو زندگي ۾ نہ صرف خوبصورت پانڊا ڏٺا پر هاٿي بہ مون پهريون ڀيرو ٻارن سان گڏ ڏسي پنهنجي ٻاروتڻ کان وٺي هاٿي ميرا ساٿي ڏسڻ واري خواهش

پوري ڪئي. ان کان علاوه هتي ٻرڊ ۾ اينيمل شو ٻہ ڏسڻ وٽان آهن، جن ۾ مختلف جانور پرفارم ڪن ٿا، جانورن کي ڪرتب ڏيکاريندي ڏسندو ٻہ مزو اچي ٿو. زونگارا گهمندي اسان کي تقريباً **3** ڪلاڪ لڳا، هتي **اورنگ اوتان** نالي ٻولڙو ٻہ آهي جيڪو ماڻهو سان مشابهت ٻہ رکي ٿو، ان کان علاوه هتي تقريباً سڀ جانور نظر ايندا. هي زو نهايت ئي صاف سٿرو آهي، ۽ ترتيب اهڙي ڏنل اٿس جو ماڻهو سرڪل ۾ گهمي ٿو ۽ مخلتف جانور ڏسندو وري واپس مين گيٽ تي اچي پهچي ٿو. هتي گيٽ تي داخل ٿيڻ سان ئي ڦوٽو سيشن ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي بيڪ گرائونڊ ۾ جانور ڏيکاريل هجن ٿا. جيڪي ڦوٽو واپسيءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿا. هي تصويرون ڪو وٺي يا نہ وٺي ان جي مرضي آهي، پر حقيقت اها آهي جو ايڏا خوبصورت ڦوٽو ڏسي يادگار طور ڦوٽو رکڻ تي دل هرڪجي پئي ٿي. اسان کي **12** تصويرون **150** رنگٽ ۾ ڏيڻ لاءِ چيُنِ ۽ عابده وري اهي تصويرون **50** رنگٽ ۾ ڏيڻ لاءِ آفر ڪين، پر انڪار ڪيائون تہ اسان کين صرف هڪ ڦوٽُو لاءِ چيو پر صرف هڪ ڦوٽو ڏيڻ سندن پاليسي ۾ نہ هو، آخرڪار **6** ڦوٽو **50** رنگٽ ۾ ڏيڻ تي راضي ٿيا، اسان چيو پوءِ **12** ئي ڦوٽو ٻہ موبائل ۾ ٽرانسفر ڪري ڏيو ۽ پرنٽ ڪري فريم باڪس ۾ پلي **6** ڏيو. ائين اسان پنهنجون تصويرون ورتيون، جيڪو ٻہ بعد ۾ مهانگو سودو پئي لڳو. بهرحال ملائشيا جي تقريباً هر گهمڻ واري جڳهہ تي ائين ڦوٽو سيشن ڪن پوءِ واپسي ۾ ڦوٽو گيٽ تي رکيل ڏسي ماڻهو متاثر ٿيو پئي جو اهي ڦوٽو ان جڳهہ جي بيڪ گرائونڊ سان انتهائي خوبصورت نڪتل هوندا آهن ۽ ماڻهو پنهنجي فيملي سان اهڙو يادگار ڦوٽو ڏسي وٺڻ لاءِ تيار ٿيو پوي ٿو، پر اهو ٻہ آهي تہ هي ڦوٽو ٽڪيٽ کان وڌيڪ مهانگا هجن ٿا، جيئن تہ اسان کي هر هنڌ ڊسڪائونٽ ٽڪيٽ ملي وڃي ٿي جو ٻار ننڍا آهن ۽ اسان ٻئي زال مڙس هتي شاگرد آهيون سو اسٽوڊنٽ

ڪارڊ تي ڪافي جڳھون ته هاف ٽڪيٽ ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو پر هي ڦوٽو جي ونجن ته رعايت ته پري رهي پر ٻيڻا پيسا ٽي وجن ٿا.

توهان پڙهندڙ کي ڪوالالمپور جو هي احوال پڙهي اندازو ته ٿي ويو هوندو ته ٽرانسپورٽ سسٽم ڪيڏو نه ترتيب سان آهي ۽ ڪيترا نه آپشن آهن. بلڪل هتي شهر ۾ هلندڙ ٽرينون جيڪي مونو ريل، ايل آر ٽي، جنهن جو به ٽي مختلف لائينون يعني روٽ آهن وري ڪي ٽي ايم جيڪا ڪوالالمپور سان گڏ ٻين شهرن ڏانهن وڃي ٿي، ۽ ايم آر ٽي ٽرين ۽ ايئرپورٽ تائين ويندڙ ايڪسپريس ٽرين، جي ماڻهن ٽرين ئي سفر ڪري گهمي ته به تقريباً گهمڻ واريون اڪثر جڳهون ٽرين اسٽيشنس جي پرسان ئي آهن، جي ماڻهو بس ۾ سفر ڪري ته گو ڪي ايل يا هوپ آن اينڊ آف کان علاوه پوري شهر جي مختلف علائقن ڏانهن هلندڙ ريپڊ ڪي ايل گورنمينٽ بسون آهن جن جو به تعداد هزارن ۾ هوندو. هي بسون به ايئرڪنڊيشنڊ آهن، بلڪه اسان وٽ ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچن کان ڪيئي ڀيرا بهتر هتي جو لوڪل هلندڙ بسون آهن، جن ۾ نه منشي آهي نه ماڻهن جي چڙهڻ ۽ لهڻ ۾ پيهه پيهان، بس ۾ چڙهون لڳل پيٽي ۾ ڪرايو وجهو يا وري بس ڪارڊ اُتَوَ ته اهو مشين جي اڳيان ڪري وڃي ويهي رهو. اڳيان ماڻهو بس ۾ ترتيب سان پيا اندر ايندا ته پوئي گيٽ مان لهڻ وارا آسانيءَ سان لهي ويندا. هتي ڪنهن به بس اسٽاپ تي ڪيترا به ماڻهو بيٺل هجن پر بس اچڻ سان خود بخود قطار ٺهي ويندي ۽ جيستائين ماڻهو بس ۾ اندر نه اچي ويندا، ڊرائيور کي ڪا به تڪڙ نه هوندي، جو ڪٽي چوي ته جلدي ڪريو، نه وري بس ۾ چڙهڻ وارا هڪٻئي کي ڌِڪا ڏيندا.

ائين ٽرينن ۽ بسن کان علاوه هتي ٽيڪسي جو آپشن به آهي، جيڪا ميٽر تي هلي ٿي، جنهن ۾ هر **36** سيڪنڊن کان پوءِ يا وري **200** ميٽرن کان پوءِ **25** سينٽ ڪرن ٿا ۽ هڪ رنگٽ ۾ جيئن ته **100** سئو سينٽ ٿين ٿا، ۽ ٽيڪسي هلڻ سان **3** رنگٽ لڳن ٿا. جيڪي هڪ ڪلو مِيٽر ڪور ڪن ٿا، ڏسجي ته ٽيڪسي

ميٽر ڏ آهي پر ٽيڪسي ڪان جيترو بچجي تہ بهتر، جو پيسا ائين پيا ڪرندا ۽ انهن ڪي ڏسي ماڻهو جي دل پيو ڏڪي جو ڪٿي سگنل هڪ منٽ ڪان بہ وڌيڪ لاءِ بند ٿيو وڃن ۽ ڪٿي ٽريفڪ جام ٿي وڃي ۽ اڪثر شام جو تہ ٽريفڪ جام هجڻ معمول آهي، يا ڪنهن اسڪول مان موڪل وقت منجهند جو ئي ٽريفڪ جام ٿي سگهي ٿي. ٽريفڪ جام ٿيڻ جو مقصد ڪراچي وانگي ڪي ڪلاڪ جا ڪلاڪ نہ آهي پر ہِ منٽ بہ جي لڳن تہ ٽيڪسي جي ميٽر ۾ نظر پوڻ سان ماڻهو جو دل ڏڪڻ شروع ڪندي جو ان ۾ پيسا تہ پيا هلن، ويندي مون سان هڪ ہِ دفعو ائين بہ ٿيو جو رهائشي جڳهہ ڪان اڳ ايندڙ اسڪول جي موڪل جي ٽائيم ٽريفڪ جام ٿئي تہ آءٌ هڪدم ڊرائيور کي چيو تہ هي سامهون منهنجي رهائش آهي، هي پيسا وٺو تہ ڊرائيور ناراض ٿي چوندا آهن هڪ رنگٽ وڌيڪ ڏيو جو هن ٽريفڪ ۾ توهان جي ڪري بيٺا آهيون سو هڪ رنگٽ ڏيڻ ۾ خير سمجهي لهي آيس جو جيڪا رش هوندي آهي تہ پنج رنگٽ بہ لڳي سگهن پيا. هونءَ بہ ٽيڪسي وارا پوءِ ٽيڪسي بند ڪري بيهندا آهن پر جي مسافر وينو هوندو تہ ٽيڪسي بند ڪونہ ڪن، تنهنڪري ٽيڪسي وارن کي ڪو نقصان تہ ڪونہ ٿئي ٿو.

ڪولالمپور ۾ سڀ ڪان سٺي ڳالهہ هتان جو بهترين ٽرانسپورٽ نظام آهي. ان ڪان علاوه شاپنگ ڪرڻ لاءِ موزون ۽ مناسب بازارن سان گڏوگڏ برانديڊ ۽ مهانگي ۾ مهانگا خريداري جا مرڪز آهن، پر ڪولالمپور کاڌي پيتي لاءِ بہ جنت آهي، هتي انڊين، پاڪستاني، بنگالي، چائنيز، ۽ ٿائي، سنگاپوري، کاڌن ڪان علاوه عرب فوڊ جا بہ انيڪ هوٽل ملندا، ويندي بڪت بنتانگ ۾ تہ پوري عرب فوڊ اسٽريٽ بہ آهي، يمن ملڪ جي علائقي حضرت موت ريسٽورنٽس تہ ڪولالمپور جي هر علائقي ۾ نظر ايندا، ان ڪان علاوه ڪولالمپور ۾ فاسٽ فوڊ ميڪڊولڊ ۽ کي ايف سي بہ هر هنڌ نظر ايندا. ڪولالمپور ۾ **99** سيڪڙو هوٽل حلال ئي آهن.

انڪري حلال ڪاڌي جي پريشاني نہ برابر آهي، جيڪڏهن ماڻهو ملائشيا گهمڻ اچي تہ ڪاڌي پيتي جي لاءِ ڪو بہ الڪو نہ ڪري ۽ نہ ئي وري ڪو موسم ۽ ٻوليءَ جو، سواءِ هڪ عدد ڇٽي گڏ هجڻ جي، هتي جي نہ موسم برف جهڙي ٿڌي آهي ۽ نہ ئي وري جيڪب آباد ۽ سبي جهڙي گرم، جيئن تہ برساتي ملڪ آهي، جنهنڪري هتي جي موسم اڪثر نارمل ئي هوندي آ ان ڪري ڪا پريشاني نہ ٿي ٿئي، جيڪا يورپ، چائنا، رشيا جي ملڪن مان ٿڌ ڪان، آفريقا ۽ برصغير جي ملڪن ۾ گرمين جي موسم ۾ ٿيندي آهي.

اها هن شهر جي رونقن ۽ سياحتي مرڪزن ڪان ويندي ٽرانسپورٽ جي خوبي آهي جو ماڻهو گهمندي گهمندي نہ ٿڪجي ٿو، ۽ نہ ئي وري ان بابت ذڪر ڪندي ڳالهيون ڪٽن ٿيون جنهنڪري ڪوالالمپور جو قصو وڏو ٿي ويو آهي، حالانڪ نہ مون ڪوالالمپور جي تاريخ، نہ وري هتان جي تاريخي واقعن يا تاريخي ڪردارن ڪي بيان ڪيو آهي، مون صرف بياني طور هتان جي ڪجہ اهم علائقن جتي سياحن لاءِ دلچسپي وارا ماڳ آهن، صرف انهن بابت ذڪر ڪيو آهي. پر پوءِ بہ ايترو ڪجھ هي شهر پاڻ ۾ سمائي وينو آهي جن جو فقط ذڪر ئي ڪجي ٿو تہ **10** ڪان **15** پنا تہ ڇا پر ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ناميارِي سفرناما نگار سائين الطاف شيخ صاحب ڪوالالمپور تي الڳ سان هڪ ڪتاب لکيو آهي (**ڪوالالمپور ڪجھ ڪوه تي**). جيڪو ڪتاب ڪوالالمپور جي تاريخ بہ بيان ڪري ٿو تہ ماڳ مڪان بہ، البتہ ان ڪتاب ۾ ڪوالالمپور جي جديد ٽرانسپورٽ سسٽم جو ذڪر شايد گهٽ آهي، جو سفرنامو ڪافي پهرين جو آهي ۽ ڪوالالمپور ۾ هاڻي ٽرانسپورٽ سسٽم وڏيڪ بهتر ڪيو ويو آهي ۽ جديد سهولتيون مهيا ڪيون ويون آهن، البتہ گهمڻ ڦرڻ وارا ماڳ مڪان ساڳيا آهن ۽ انهن بابت سندس ڪتاب ۾ وڏيڪ تفصيل آهن.

# سرڪاري آفيسن جو شهر پتراجايا

تقريباً **50** اسڪوائر ڪلوميٽرن تي مشتمل پتراجايا شهر ڪوالالمپور پرسان جديد دؤر جو فني تعميرات جو اعليٰ نمونو آهي، جتي عاليشان عمارتون هڪ ترتيب سان تعمير ٿيل آهن ته وري ڪشادا روڊ رستا به. پتراجايا شهر نقشي جي حساب سان ڪوالالمپور ڪان ڏکڻ طرف **25** ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، پر الڳ شهر آهي، مون کي ته نه لڳو، ڇو ته ڪوالالمپور ختم ئي ڪونه ٿو ٿئي ته پتراجايا ۾ ماڻهو پهچي وڃي ٿو ائين ئي بلڪل ڪوالالمپور پرسان ٻيو سلينگور رياست جو شهر شاه عالم آهي ته وري ڪيلنگ ويلي، جتي ڪلينگ پورٽ به آهي. هي سڀ آهن، ته الڳ الڳ شهر پر تقريباً ڪوالالمپور سان ڳنڍيا پيا آهن، پر تاريخي طور هي سمورو علائقو علائقو ڪلينگ ويلي سڏجي ٿو، جنهن مان ڪجهه علائقو ڪڏي ڪوالالمپور فيڊرل ڪيپيٽل طور ٺاهيو ويو آهي، ۽ پوءِ هي پتراجايا شهر اڏيو ويو. حقيقت ۾ هي سڄي ڪلينگ ويلي هتان جي سلينگور رياست جو حصو آهي پر هن رياست پنهنجي زمين مان ڪجهه حصو وفاقي حڪومت کي وفاقي گادي جو هنڌ ٺاهڻ لاءِ حوالي ڪيو، جنهنڪري هن رياست کي دارالاحسان به چيو وڃي ٿو. حالانڪ ڪوالالمپور سان ڳنڍيل سمورن آسپاس جي شهرن کي گڏائي گريٽر ڪوالالمپور به سڏيو وڃي ٿو، پر اهو ايترو عام نالو نه آهي، ۽ هي سڀ شهر پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندي به پنهنجي الڳ الڳ سڃاڻپ قائم رکيو اچن.

پتراجايا اڏڻ جي پويان ملائشيا ۾ سڀ کان گھڻو عرصو اقتدار ۾ رهندڙ وزيراعظم ڊاڪٽر مهاتير محمد آهي، جنهن لاءِ ائين به چيو وڃي ٿو ته پتراجايا مهاتير محمد جي اکين جي چمڪ آهي. هن شهر ۾ ملائشيا جي فيڊرل گورنمينٽ جي سمورن کاتن

جون آفيسون به آهن، ته وري وزيراعظم جي آفيس به. هن شهر جي خوبي اها آهي ته هتي ملائشيا جي ماڻهن کي سندن سمورا وزير، سندن سيڪريٽري يا اسٽاف هڪ هنڌ ملي ٿو.

تمام خوبصورت جڳهن تي مشتمل هي شهر ڏسڻ وٽان آهي، جنهن جي تعمير تي اربين ڊالر خرچ ڪيا ويا آهن. هن شهر ۾ سڀ کان پهرين گهمڻ واري جڳهه هتان جي وزيراعظم جي آفيس آهي، جيڪا ڄڻ ته مسجد جي نموني جو خوبصورت محل آهي، جنهن جي هڪ پاسي کان سياح بيهي ڪري تصويرون ڪيرائين ٿا، جنهن جي سامهون خوبصورت جهنڊن سان سينگاريل ميدان آهن، جتي سياحن جا ٽولا گهمندي نظر ايندا. هن آفيس جي اندر وڃڻ جو مين دروازو به اهو ئي آهي پر وزيراعظم ۽ سندس اسٽاف ڪنهن ٻئي دروازي مان داخل ٿيندا آهن، جو هن پاسي تي سياحن جي رش نظر ايندي آهي باقي ڪي ٻه يا چار پوليس گارڊ جيڪي به ڪنهن ڪنڊ ۾ وينا هوندا آهن. ائين لڳندو آهي ڄڻ ڪو فڪر ئي نه هجين. پرسان ئي خوبصورت پتراجايا مسجد آهي، جنهن جو آرڪيٽيڪچر به ڏسڻ وٽان آهي بلڪل مغل بادشاهن جي ٺاهيل مسجدن سان ملندڙ جلندڙ لڳي ٿي. هن مسجد جي بيسمينٽ ۾ وضو ۽ پائخاني ڪرڻ جي سهوليت ۽ اسٽور روم آهن ته وري مٿي مين مسجد هال ۽ وڏو آڳر. ان کان علاوه هن مسجد جي پٺيان به ندي آهي ته ٻن پاسن کان به ندي جو پاڻي پيو نظر ايندو، بلڪل هن مسجد کان نڪري ندي پاسي ٻيڙين جي چڙهڻ جي پوائنٽ آهي جتان ماڻهو ٻيڙي ۾ چڙهي هن ندي ۾ گهمي ڦري شهر جو نظارو ڪري سگهي ٿو.

پتراجايا جي هي ندي چون ٿا ته هٿ سان ٺاهي وئي آهي، جيئن برسات جي پاڻي کي ڪڍڻ جو بندوبست به هجي ته وري شهر جي خوبصورتي ۾ به وڌاءُ ٿئي. هن ندي جي مٿان نهيل پُليون به تمام گهٽيون آهن، جنهنڪري پتراجايا کي پُلين جو شهر به چيو

وچي ٿو. سپ پُلون نهايت خوبصورت ڏيک ڏين ٿيون. ان کان علاوه هن شهر ۾ هڪ اسٽيل مسجد زين العابدين به آهي.

اسان جڏهن اسلامڪ يونيورسٽيءَ جي شاگرد يونين جي طرفان **1916**ع جي نئين بيچ جي شاگردن کي پتراجايا گهمائڻ وٺي ويا هئاسين ته مون به هي شهر پهريون دفعو گهمي ڏٺو.

هونءَ ته اسلامڪ يونيورسٽيءَ جي روايت رهي آهي ته نئين بيچ ۾ ايندڙ شاگردن کي ملاڪا گهمائڻ وٺي وڃڻو هوندو آهي پر جيئن ته گذريل بيچ کي ملاڪا گهمائي آيا هئاسين، تنهڪري شاگرد يونين جي ميٽنگ ۾ سيني ميمبرن هي فيصلو ڪيو ته نون آيل شاگردن کي هاٽي پتراجيا، سن وي لگون ۽ ڪوالالمپور جا ڪجھ علائقا گهمائجن، جنهن تي انٽرنيشنل اسٽوڊنٽ جي آفيشل ڪوآرڊينيٽر پهرين ته انڪار ڪيو ۽ چيائين ته يونيورسٽي هميشه ملاڪا ئي موڪليندي آهي، توهان پاڻ گهمي آيا آهيو تنهڪري نه ٿا وڃڻ چاهيون، مان پاڻ ته اهڙي اجازت نٿو ڏيان، پر توهان جي ڪري ڊين اسٽوڊنٽ افيئرس کان پڇي ڪري ٻڌايان ٿو، ٻئي ڏينهن تي چيائين توهان سيني ڪاميٽي ميمبرن جو اهو خيال آهي ته ٺيڪ آهي، پلي گهمائي اچو مان ٽرانسپورٽ وارن کي لکي چڏيو آهي، ائين مونکي به پتراجايا گهمڻ جو موقعو مليو.

پتراجايا اسٽيل مسجد پهتاسين ته اتي نڪاح لاءِ **3** کان **4** جوڙن جي تقريب رکيل هئي، جيڪي گهرياتين ۽ ڪجھ بلڪل قريبي دوستن سميت وڌ ۾ وڌ **10** کان **20** ماڻهن تي مشتمل ماڻهن جا گروپ هئا، هر ڪنهن جي هٿن ۾ گل هئا ۽ گهوٽ ڪنوار شاهي ڊريس ۾ هٿن ۾ گلدستا ڪٽي سيني رشتيدارن سان فوٽو سيشن ڪرائيندي به ۽ هڪٻئي کي مٺائي کارائيندي به نظر آيا.

ملائشيا ۾ نڪاح جي رسم مسجدن ۾ ئي ٿئي ٿي، باقي وليمو ۽ رخصتي جو پروگرام ڪنهن هال ۾ڪن، سو به ڏينهن جو، نه ڪي رات جو. ملائشيا جي شادين جي باري ۾ اڳتي هلي لکبو پر هتي پتراجيا ۾ منهنجو هتان جي ڪجھ آفيسن ۾ به ڪم

سانگي وڃڻ ٿيو، جن مان پهريون دفعو پرڏيهي وزارت ٿيو، جو منهنجي نياڻي رُباب زهره جو جنم ڪوالالمپور ۾ ٿيو ته مان ملائشيا جي فارين منسٽري جنهن کي وسما پترا سڏين ٿا اتان رباب جو ڄمڻ جو سرٽيفڪيٽ اٽيسٽ ڪرائڻ ويس. ڪي ايل سينٽرل تان ڪي ايل ايڪسپريس ٽرين ۾ پتراجيا ٽرين اسٽيشن تي لهي، اتان ٽيڪسي ڪري ۽ ٽيڪسي واري **13** رنگٽ ورتا. ۽ اچي وسما پترا ڇڏيائين.

هي وسماپترا مون کي سنڌ سيڪريٽريٽ جي تغلق هائوس بلڊنگ کان به وڏي لڳي، جتي رسيپشن تي پاسپورٽ جمع ڪرايو ۽ وزيٽنگ ٽيگ سان اندر ويس، جتي پهرين رسيپشن تان نمبر مليو پوءِ اندر سروس ڪائونٽر جي اڳيان هال ۾ وينس جيستائين منهنجو نمبر اچي. حالانڪ **20** کان **30** ڪائونٽر هئا، ۽ جيڏي مهل نمبر وٺڻ لاءِ قطار ۾ بيٺو هيس ته منهنجي اڳيان **10** ماڻهو هئا ۽ ايترائي پويان، ائين اندر هال ۾ به ڪافي ماڻهو ويٺا هيا جن جو تعداد تقريباً **50** ٿئي ها پر منهنجو نمبر **10** منٽن اندر اچي ويو مون برٿ سرٽيفيڪيٽ ۽ پاسپورٽ جي ڪاپي جمع ڪرائي ۽ انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو، تقريباً وري **10** منٽ کان پوءِ وري منهنجو نمبر ٻيهر آيو ۽ مان ڪليڪشن ڪائونٽر تان اٽيسٽ ٿيل سرٽيفيڪيٽ حاصل ڪيو. تقريباً اڌ ڪلاڪ اندر ڊاڪومينٽ اٽيسٽ ٿي ويو، جنهن جي فيس **20** رنگٽ ورتائون. هيترا سارا ڪائونٽر سڀ جو سڀ بزي ڏسي سوچيم، ڪنهن به موڪل ڪونه ڪئي آهي ۽ نه وري دير سان اچڻو آهي، يا ڪم ٿاري نه ڪچهري ڪري رهيا آهن سيني ڪائونٽرن تي ويٺل ماڻهو شيشي جي ٻئي پاسي ڏانهن ڊاڪومينٽ رِسيوِ ڪري رهيا هئا، نه ڪنهن کي ٽيبل، نه ٽيبل جي اڳيان ويٺل مهمان يا ڪو مائٽ، هر ڪو ڪم ڪري رهيو هو. جو هيڏي رش ڪا رش نه پئي لڳي، ايئرڪنڊيشن هال ۾ ويني، نه ڪو ٽڪ، نه وري پگهر، سڪون سان اڌ ڪلاڪ گذري ويو. منهنجي پرسان ويٺل انڊونيشين به ٻڌايو ته هو به پنهنجي پٽ

جو سرٽيفڪيٽ اٽيسٽ ڪرائڻ آيو آهي. هن جي زال ملئي هئي پر چيائين اسان ڪي انڊونيشيا وڃڻو آهي نه ڪي ملائشيا ۾ مستقل رهڻو آهي.

مون ڪي جيئن سرٽيفڪيٽ واپس مليو ته مان ٻاهر اچي گيٽ وٽان پاسپورٽ واپس ورتو ۽ پڇا ڪئي ته ڪا بس يا ٽيڪسي به ته نظر نه پئي اچي ته سيڪيورٽي گارڊ ٻڌايو ته هر **30** منٽن ۾ بس ايندي آهي، توهان ٿورو اڳيان وڃي بس اسٽاپ تي انتظار ڪيو، ۽ اشاري سان بس اسٽاپ ڏيکاريائين. مان بس اسٽاپ تي پهچي ڏٺو ته ٻه روڊ هيا ۽ ٻنهي پاسي الڳ الڳ بس اسٽاپ هو، جنهنڪري مان ويتر منهنجي پيس ته کهڙي بس اچڻ واري هوندي ۽ کهڙي واپس وڃڻ واري. پر اسٽاپ تي ئي هڪ ماڻهو ويٺل هو ان کان پڇيم ته چيائين ته هن پاسي ئي انتظار ڪيو، بس گهمي ڪري هتان پتراجيا اسٽيشن ڏانهن ويندي. مون کان پڇا ڪيائين ته پاڪستاني آهيو، مون چيو ها، پوءِ پاڪستان جا احوال وٺڻ شروع ڪيائين ته حالتون ڪيئن آهن، مون ڪيس ورندي ڏيندي چيو ته حالتون ائين ئي آهن جيئن توهان ٻڌيون هونديون ته مرڪي چيائين مون ته پاڪستان جي باري ۾ سنيون خبرون نه ٻڌيون آهن. جنهن جي جواب ۾ مون صرف ايترو چيو ته ها حالتون بلڪل بهتر به نه آهن ته نه وري ڪا جنگي يا قحط وار صورتحال آهي، بس ڪجھ شهرن، خاص طور افغانستان سرحد تي ڪجھ بدامني ۽ انتهاپسندي جي ڪري بم ڌماڪا ٿيندا رهن ٿا، جيڪي توهان خبرن ۾ ٻڌا هوندا، باقي پاڪستان ۾ اهڙي ڪا خراب صورتحال ته نه آهي، پر خراب حڪمرانيءَ ڪري روڊن رستن تي ٿيندڙ حادثن ۾ بم ڌماڪن کان به وڌيڪ ماڻهو زندگيون هارائي وڃن ٿا يا معذور ٿي وڃن ٿا، باقي پاڪستان نيڪ آهي ۽ اتي رهندڙ ماڻهن کي ايڏي پريشاني نه ٿي ٿئي ۽ هاڻي عادي ٿي ويا آهن، زندگي روان دوان آهي. جنهن تي چيائين پاڪستان کي ايماندار ۽ محنتي حڪمرانن جي ضرورت آهي مون چيو ها بلڪل ۽ دل ۾ سوچيم ته جڏهن

واڳ ڏٽي ارادو ڪن ته اسانجا سياستدان پلي سنا نه به هجن پر پوءِ سنا ٿي ويندا. پوءِ مون پڇيومانس ته توهان ڪوالالمپور جا آهيو ته چيائين نه پنانگ رياست جو ملئي آهيان، هتي ڪم سان آيو آهيان، ڪجهه سرٽيفڪيٽ اٽيسٽ ڪرائڻا هئا، هاٽي دوست جو انتظار ڪري رهيو آهيان، جيڪو ڪجهه دير ۾ هتان ڪٽڻ ايندو. مون به موقعو هٿان نه وڃڻ ڏنو جو ملئي ماڻهو ڏاڍا رِزرِوِ ٿين، ڪچهري ته پري پر ٿوري ڳالهه ٻولهه به ڪونه ڪن، ته وري سندن سياسي راءِ يا سوچ جي ڪٿان خبر پوي، سو هن همراه کي سياسي خبر چار ڪرڻ وارو سمجهي ڪانئس پڇيم ته: مهاتير محمد ۽ هن وقت جي وزيراعظم نجيب رزاق جا بيان اڪثر پڙهندو آهيان، توهان جي ڇا راءِ آهي، ملائشيا هينئر ڪيئن پيو وجي ۽ هنن مان توهان ڪنهن کي وڌيڪ صحيح ٿا سمجهو، ته بنا دير جي چيائين ته ڊاڪٽر مهاتير محمد صحيح ٿو چوي، وزيراعظم نجيب رزاق يا سندس ڪابينا جا ڪافي ويجها رهندڙ وزير، نه ڊاڪٽر مهاتير محمد جي دؤر جيتري محنت ڪري سگهندا نه وري ايڏا ايماندار ۽ ذهين آهن، ڪرپشن جو بنياد اسان جي ملڪ ۾ پئجي ته چڪو آهي، پر ايڏي به نه آهي ته ملڪ جي اڪانامي جلد ويهي وجي، پر هي ڪرپشن جي شروعات به سني نه آهي، ۽ اڳتي هلي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي، جنهن ڪان ڊاڪٽر مهاتير محمد خبردار ڪري رهيو آهي. وڌيڪ چيائين ته ڊاڪٽر مهاتير محمد ڪان پوءِ سندس حقيقي ۽ صحي حڪمران انور ابراهيم ئي ثابت ٿئي ها، جنهن وٽ به سچائيءَ سان گڏ محنت ڪرڻ ۽ ملائشيا کي ترقي وٺرائڻ جو خواب هو، هو ئي ڊاڪٽر مهاتير محمد جي ڪمي پوري ڪري سگهيو پئي پر ڪنهن سازش تحت ان جي رستا روڪ ڪئي ويئي ۽ هن کي ڊاڪٽر مهاتير محمد جي دؤر ۾ ئي جيل حوالي ڪيو ويو. جنهن تي مون پڇيو ته ڊاڪٽر مهاتير محمد ڪيس نائب وزير اعظم تان هٽائي پوءِ جيل حوالي ڪيو، ڪٿي ائين ته نه آهي ته مهاتير محمد به ائين چاهيندو هجي، ته چيائين بلڪل به ائين نه هو،

اهو سڀ ڪجهه اتفاقي ٿيو، جنهن کي قانوني طريقي سان منهن ڏنو ويو، جنهن ۾ مهاتير محمد ڪجهه نه پيو ڪري سگهي، انور ابراهيم کي ته هو جانشين مقرر ڪري ها، جنهنڪري ته کيس نائب وزير اعظم بڻايو هيائين، پر پارٽي اندر، انور ابراهيم جي مخالفن مٿس اهڙو الزام لڳرائي ڇڏيو، جو مهاتير محمد چاهيندي به سندس حمايت نه پيو ڪري سگهي. ٻيو حالتن اختلاف پيدا ڪيا، جن ۾ ويتر شدت ايندي ويئي، جي ائين نه هجي ها، ته اڄ حڪومت انور ابراهيم جي هجي ها ۽ مهاتير محمد سڪون سان گهر ۾ وينو هجي ها، ۽ هن عمر ۾ حڪومت سان محاذ آرائي ۾ نه هجي ها. مون کيس چيو ته توهان پهريان ملئي آهيو جيڪي ڪليل نموني پنهنجي سياسي راءِ جو اظهار ڪري رهيا آهيو، مون کي توهان سان ڪچهري ڪري ڏاڍي خوشي ٿي، ته پاڻ به خوش ٿيو ۽ چيائين توهان جي به مهرباني. ايتري ۾ بس سامهون واري روڊ کان ڪراس ڪري ويئي ته مون کي چيائين بس اڳيان وڃي، واپس ايندي توهان ويهي رهو. ائين بس آئي اڳم هڪ همراه وينل هئس، مون ڊرائيور کان ڪرايو پڇيو ته چيائين، **50** سينٽ يعني اڌ رنگٽ، دل ۾ سوچيم ڪٿي **13** رنگٽ ۽ ڪٿي **50** سينٽ، پر شڪر واپسي ۾ ئي صحيح پر مهانگي ٽيڪسي کان ته بچاءُ ٿيو. بس تقريباً ڪافي مسٽريز جي عمارتن اڳيان گهمندي مين روڊ تي آئي وري ائين گهمندي وزيراعظم جي آفيس پرسان به گذري ويندي پتراجيا گورنمينٽ هاسپيٽل، پتراجايا جي بازار کان ٿيندي تقريباً **40** منٽ گهمائي اچي پتراجيا اسٽيشن تي پهتي، ايتري ۾ صرف **3** کان **4** ماڻهو چڙهيا باقي بس خالي ئي هئي. مون کي لڳو پتراجايا هر ڪو شايد پنهنجن گاڏين ۾ اچن ٿا جو ايڏي وڏي تعداد ۾ سرڪاري آفيسون هجن ۽ آفيسن اندر ماڻهن جي رش به هجي پوءِ به بس ۾ ايترا گهٽ ماڻهو هجن، جو مطلب  اهو ٿيو ته ماڻهو پنهنجين گاڏين ۾ ٿا اچن. هونءَ به ملائشيا جي هر گهر ۾ گاڏي هوندي آهي، تقريباً هر ياتي کي، جو هتي ملئي ماڻهن کي بغير

ڊائون پيمينٽ جي بئنڪ مان گاڏي مليو وڃي ٿي، ۽ هر ماڻهو کي سندس آمدني مطابق قسط ڪري ڏني وڃي ٿي، جيڪا قسط **100** رنگٽ ڪان ويندي **500** رنگٽ تائين آهي. تيل بہ صفا سستو. تنهنڪري ملائشيا جا ماڻهو ايندا هوندا ڊائريڪٽ پنهنجين گاڏين ۾، باقي مون جهڙا بيخبر ٻاهريان وري ٽيڪسي ۾.




**ڪوالالمپور ۾ هلندڙ مفت ٽوئرسٽ بس ۽ مٿان ڪان نظر ايندڙ مونوريل GoKl**

# سن وي لگون واٽر پارڪ

ڪوالالمپور ڀرسان سن وي پرائيويٽ لميٽڊ طرفان ٺهيل يونيورسٽي، شاپنگ پلازا، فائيواسٽار هوٽل ۽ تفريحي پارڪ آهن جن ۾ واٽر پارڪ، وائلڊ لائف پارڪ، اميوزمينٽ پارڪ، اسڪريم پارڪ وغيره آهن، اسان هتي جڏهن يونيورسٽيءَ طرفان ٽوئر تي وياسين ته سن وي شاپنگ مال گهمندي ڪي ٻه ڪلاڪ گذارياسين ۽ ڪجهه وقت سن لگون جي مکيه دروازي تي لڳل هاٿي جي مجسمن ۾ لڳل ڦوهارن سان ڦوٽو ڪيندا رهياسين، ان کان علاوه سن وي پلازا گرائونڊ فلور تي برف تي هلڻ يعني آئيس اسڪيٽنگ ٿي رهي هئي، گهمي ڦري اچي اتي پئي ٻيهي رهياسين، باقي ائڊوينچر يا ٿيم پارڪ ۾ نه وياسين ۽ نه ئي وري واٽر پارڪ ۾، جو ٽڪيٽ 150 رنگٽ هئي جيڪا اسان شاگردن لاءِ الاهي مهانگي هئي، مون نوٽ ڪيو ته يونيورسٽيءَ جي آيل ٻنهي بسن مان ڪو به شاگرد واٽر پارڪ ۾ ڪونه ويو، هڪ ته صرف ٻن ڪلاڪن لاءِ اسان ڪي هتي رهڻو هيو ٻيو وري ايڏي مهانگي ٽڪيٽ سو هر ڪنهن ائڊوينچر پارڪ ڪي، سن وي لگون پلازا جي گيلري ۾ لڳل شيشي مان پئي ڏٺو. ڪجهه شاگرد ٻئي دفعي اچڻ جو سوچي رهيا هئا، ته وري ڪي اها به پڇا ڪري آيا ته هفتي ۾ ڪهڙي ڏينهن ڊسڪائونٽ ٽڪيٽ آهي، پوءِ سڀ ڏينهن لاءِ اچي انجواءِ ڪنداسين. مان، منهنجي گهرواري ۽ اسان جا ٻار شاپنگ پلازا گهمندا رهياسين. ٻارن ڪي ڪجهه آٽوميٽڪ جهولن تي به چاڙهيوسين. اسان سان گڏ انڊونيشيا جي هڪ شاگردياڻي به ڪمپني ڪندي رهي ۽ ائين وقت گذري ويو.

ملائشيا جيئن ته نيم گرم ملڪ آهي، ان ڪري هي واٽر پارڪ تفريح لاءِ بهترين جڳهه لڳي ٿي. هڪ اهم ڳالهه ته ڪوالالمپور ۾ موجود زو نگارا ۾ جيڪي پاندا آهن، اهي به هن

اداري يعني سن وي پرائيويٽ لميٽڊ، ملائشيا جي حڪومت ڪي تحفي ۾ ڏنا آهن. ملائشيا جون ملٽي نيشنل ڪمپنيون نہ صرف فلاحي ڪمن لاءِ ڊونيشن ڏين پر عوام جي تفريح لاءِ ان قسم جا ڪم بہ ڪن. اڪثر ملٽي نيشنل ڪمپنيون چائنيز جون آهن جن تي ٽيڪس بہ ڳرا آهن پر پلائي ۽ خيراتي ڪمن يا ڪميونٽي ڊولپمينٽ ڪان ويندي مختلف ٽرسٽ ۽ اسڪالرشپ ڏيڻ ۾ بہ هي ادارا حڪومت جا ٻانهہ ٻيلي لڳا پيا آهن . ائين هتان جي وڏي ۾ وڏي اخبار دي اسٽار ۾ هڪ دفعي پڙهيو هيم تہ اخبار طرفان بہ ساليانو اعليٰ تعليم لاءِ سوين اسڪالرشپس آفر ڪيون وڃن ٿيون.



# سرمبان ۾ لطيف پائي جي چانهه

سرمبان، ملائشيا جي رياست (نگري سمبيلان) جو گاديءَ وارو شهر آهي، منهنجو سرمبان وڃڻ اتفاق سان ٿيو، ٿيو هيئن جو اسان جو دوست گلشير لغاري جو ملائشيا گهمڻ آيو، ته دوست يعقوب ڪونڌر، مان ۽ سائين عمران ڪرائي تي ڪار ڪنئي ۽ ڪيس ملاڪا گهمائڻ وياسين. واپسيءَ ۾ رستي تي ٻئي هنڌ ڪٿي چانهن پيئڻ بدران سرمبان ۾ لطيف پائي جي هوٽل تي اسٽاپ ڪرڻ جو سوچيوسين، ته جيئن اتي لطيف پائي سان ملاقات به ٿي ويندي ۽ چانهن به سٺي پياريندو. حالانڪ هاڻ وي ڇڏي اندر شهر سرمبان ۾ وڃڻ معنيٰ هڪ ٽول وڏيڪ ڀرڻ، وري ٽائيم الڳ پر يعقوب چيو لطيف پائي جو ديدار ڪبو، ائين سرمبان شهر ۾ اندر وڃڻ ٿيو. شهر جي مين اسپتال جي سامهون وڏي شاپنگ پلازا هئي، جنهن جي پويان لطيف پائي جو ريسٽورنٽ هو. لطيف پائي جو پاڪستان جي صوبي پنجاب سان تعلق آهي، هتي روزگار خاطر ڏهاڪو سالن ڪان رهائش پذير آهي، اسان جي واقفيت ساڻس انڪري ٿي جو پهرين ڪيس بين الاقوامي اسلامڪ يونيورسٽي اندر ڪينٽين هئي، جيئن ته پاڪستاني ڪاڏن جو هڪڙو هي ئي ڪينٽين وارو هو، جنهنڪري سڀ پاڪستان هن وٽ ماني ڪائيندا هئا، بلڪ عيد يا ڪي ٻئي پروگرام تي هن ڪان ئي آرڊر تي ماني يا برياني تيار ڪرائيندا هئا، پر پوءِ ڪجهه بنگالي شاگردن جي شڪايت جي ڪري ڪائنس ڪينٽين خالي ڪرائي ويئي. ٿيو ائين جو بنگالي شاگردن جو هڪ گروپ وٽس ناشتو ڪيو، انهن ڪجهه ماڻهن جو پيٽ خراب ٿي پيو، انهن ڊائريڪٽ وڃي فوڊ منسٽري ۾ شڪايت ڪئي ۽ اتان انسپيڪشن ٽيم اچي معائنو ڪري

سندس ڪينٽين جو ٺيڪو رد ڪرايو. حالانڪ بنگالي شاگرد يونيورسٽي اندر موجود فوڊ ۽ سروس سينٽر ۾ بہ ڪمپلين ڪري پئي سگھيا، پر هنن همراهن کو ڪم پڪو پئي ڪيو تہ جيئن هي ڪينٽين بند ٿئي، لطيف ڀائي جو چوڻ آهي تہ هن هڪ افغاني ڪينٽين واري کان مدد ورتي هئي گھٽي رش هجڻ ڪري، شايد ان ڪاڏي ۾ ڪجھہ ملايو يا وري بنگالين پلاننگ سان ڪم ڪيو ۽ هاڻي ساڳي ڪينٽين اڌ حصو بنگالين کي مليو آهي، ۽ اڌ حصي ۾ ان ساڳئي افغاني ڪينٽين کولي آهي. لطيف ڀائي ٻڌايو تہ اپيل تہ ڪئي آهي، پر ڇئي پيو تہ سرمبان ۾ بہ هوٽل سنو پيو هلي. جيڪڏهن يونيورسٽي ۾ ڪينٽين ملي تہ توهان دوستن جي محبت ۾ هلائيندس نہ تہ خير آهي. لطيف ڀائي جي شايد سڀ وڏيڪ عزت ان ڪري بہ ڪندا هئا جو هو عيد تي سڀني شاگردن جي دعوت ڪندو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن مفت ۾ بہ ڪجھہ نہ ڪجھہ ناهي ڪارائيندو هو، ويندي هاڻي سرمبان مان پنهنجي گاڏي تي جيڪو آرڊر ڏجيس تہ اهوبہ پهچائي وجي ٿو. جيئن تہ يونيورسٽي شاگرد يونين جو صدر پاڪستاني آهي ان ڪري، ڪا ٽوئر وغيره هجي تي يا ڪو ٻيو آفيشل پروگرام تہ لطيف ڀائي کي فون ڪجي تہ واڌو پيسا صرف گاڏي جي تيل جا وٺندو ۽ پنهنجي فيملي سميت اچي پروگرام ۾ پهچندو، ماني گڏجي ڪائيندو، پروگرام بہ انجواءِ ڪندو تہ سڀني کي ڪاڏو بہ ڪڍي ڏيندو. شايد سندس ورتاءُ اهڙو ڀلو آهي جو سڀ ديوانا. خير لطيف ڀائي سرمبان ۾ اسان کي نہ فقط چانهن پيئاري پر ناسي گورينگ (فرائيڊ چانور) بہ تيار ڪري ورتا ۽ زور ڀري اهي کارايا. ائين سرمبان شهر ڏٺو، جيڪو ڪنهن بہ طرح ڪوالالمپور کان ننڍو يا ننڍين عمارتن وارو نہ پئي لڳو. وڏين وڏين عمارتن ۽ ڪشادن رستن وارو روشنين سان چمڪندڙ سرمبان شهر.

# پورٽ ڊڪسن تي ٽريننگ جا گذاريل ٽي ڏينهن

پورٽ ڊڪسن، رياست سمبيلان جو اهم ۽ مشهور شهر آهي جتي جا سمنڊ ڪنارا ڪوالالمپور واسين لاءِ ويجهي ۾ ويجها تفريح گاهه آهن. هي شهر ڪوالالمپور کان جيڪڏهن ملاڪا وڃبو ته رستي ۾ آهي. پورٽ ڊڪسن سمنڊ ڪناري مان به دفعا وڃي چڪو آهيان. پورٽ ڊڪسن پهريون دفعو يونيورسٽي طرفان ٽريننگ رکيل هئي انڪري وڃڻ ٿيو، ٻيو دفعو اسلامڪ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ اسان جي حيدرآباد جي دوست جنيد مغل پروگرام ٺاهيو، ته فيملي سان پورٽ ڊڪسن گهمڻ هلجي.

پورٽ ڊڪسن ۾ يونيورسٽي طرفان نون آيل پي ايچ ڊي ۾ داخلا وٺندڙ شاگردن لاءِ ٽن ڏينهن جا ٽريننگ ورڪشاپ، پورٽ ڊڪسن ۾ سمنڊ ڪناري هوٽل ۾ رکيا ويا. ان لاءِ شاگردن تي فيس **35** رنگٽ رکي ويئي، ٽوٽل **70** کن شاگرد هوندا جيڪي هليا، ۽ يونيورسٽي وارن طرفان انائونس به ائين ئي ٿيل هيو ته وڏ ۾ وڏ **70** شاگرد جيڪي سڀ کان پهرين رجسٽريشن ڪندا، اهي هلن. سو ائين ٽي ڏينهن پورٽ ڊڪسن ۾ رهڻ ٿيو، ٽوئر بلڪل اڪيڊمڪ به هو ته اسلامڪ به ته وري تفريحي به. هڪ ته هر سرگرمي تي مارڪون مقرر هيون ته آخر ۾ بيسٽ اسٽوڊنٽ انائونس ٿيندو ان ڪري هر ايڪٽوٽي ۾ حصو وٺڻو پئي پيو. سڀ کان پهرين ته هئي نماز، جيڪا صرف **3** وقت پئي پڙهي، جو سفر ۾ هجڻ ڪري ٻيپهري ۽ ٽيپهري گڏي پئي جماعت ڪرايائون، ته وري سج لٿي ۽ سومهڻي جي به گڏ ۽ باقي فجر واري نماز، جنهن ۾ واعظ به شامل هو، يونيورسٽي طرفان هڪ ملازم، واعظ ۽ نماز پڙهائڻ لاءِ گڏ هو. صبح جو **6.30** کان **7.30** سمنڊ ڪناري واڪ ۽ پي ٽي

رڪيل هئي، تہ وري شام جو **6** ڪان **7** بجي فٽ بال گيم يا وري رڪيٽس، ۽ رات جو سوئمنگ پر ماني ڪان پهرين. باقي ڏينهن جو **9.30** ڪان شام **4.30** تائين مختلف ٽريننگ سيشن هوندا هئا.
پهرين ڏينهن تي پي ايڇ ڊي جرني ڇا آهي، ان لاءِ ڪيئن محنت ڪجي، پي ايڇ ڊي جو سفر ڏکيو ضرور آهي پر توهان جو فوڪس منزل تي هجڻ گهرجي، جنهن ڏينهن توهان جي هٿن ۾ ڊگري هوندي، ريسرچ ٽاپڪ ڪيئن سليڪٽ ڪجي، ۽ لاڳاپيل فيلڊ ۾تيل پراڻي ڪم کي ڪيئن پڙهڻ گهرجي، جهڙا موضوع شامل هئا. ٻئي ڏينهن پهرين پرئڪٽيڪلي پروپوزل ناهڻ لاءِ مشق ڪرائي ويئي ان ڪان پوءِ مختلف موضوعن جهڙوڪ پروفيسر سان ڪئين رابطو ڪجي، ڪيئن ان جي شخصيت کي سمجهجي يا ان ڪان پنهنجي ڪم ۾ رهنمائي ونجي، پي ايڇ ڊي ۾ پڙهائي، صحت ۽ تفريح ۾ توازن ڪيئن رکجي، تي بہ سيشن ٿيا. ٽريننگ جي ٽئين ۽ آخري ڏينهن تي ڪجھ پروفيسرن جيڪي مختلف ملڪن جهڙوڪ آمريڪا، انگلينڊ ۽ ملائشيا مان پي ايڇ ڊي هئا، انهن پنهنجا تجربا شيئر ڪيا، ان ڪان علاوه ملائشيا جي يونيورسٽين جي پاليسي، طريقي ڪار، ملائشيا جي موسم، قانون ۽ ماڻهن جي مزاج جي باري ۾ بہ هڪ ويهڪ ٿي. وچ وچ ۾ انٽر ايڪٽو سيشن بہ ٿيندا رهيا. مطلب تہ ڪافي لاڀائتي ٽريننگ هئي. ٽن ڏينهن ۾ نوان دوست بہ ٿيا تہ اعتماد بہ وڌيو، ويندي پروفيسر مختلف شاگردن جي دلچسپي ۽ ڄاڻ مطابق موضوع بہ ٻڌائيندا رهيا تہ ان تي توهان ڪم ڪرڻ جو سوچي سگهو ٿا، اهڙي قسم جي ٽريننگ نئين شاگرد لاءِ ڄڻ سون تي سهاڳو هئي.

پهرين ڏينهن پهچڻ شرط جيڪا سرگرمي ڪرائي ويئي ڄڻ ان سيني کي پاڻ ۾ ويجهو ڪري ڇڏيو. ڪيائون هيئن جو سيني ڪان هڪ هڪ جوتو لهرائي، وڏي هال ۾ سڀ گڏ ڪيائون، پوءِ هر ڪنهن کي پنهنجي ڪان علاوه ڪو بہ جوتو ڪڻڻ جي اجازت هئي، جنهن کي جنهن جو جوتو هٿ آيو ان سان گڏ ويهي، ان ڪان سندس

باري ۾ معلومات ونيءِ، ان جو تعارف سڄي ڪلاس سان ڪرائڻو هو، ائين مون کي جنهن جو جوتو هٿ آيو ان جو نالو به اتفاق سان مراد نڪتو، جنهن سان سلام دعا اڄ تائين هلندي اچي هو لبيا جو آهي، ۽ هتي اڪانامڪس ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهيو آهي، منهنجو جوتو هڪ نائيجيرين کي هٿ آيو، جنهن جو نالو امام هو، جيڪو هاڻي پي ايچ ڊي ڪري واپس وڃي چڪو آهي. هن سيشن کي سيني انجواءِ ڪيو، ان کان پوءِ ڪٽن ذريعي سيني کي روم ميٽ مليا. اسان **6** ڄڻن کي هڪ **3** ڪمرن وارو اپارٽمينٽ مليو، پر مزي جي ڳالهه اسان مان هڪ ڄڻي کي وري به ڪٽن ذريعي گروپ ليڊر ثاهيو ويو ۽ سيني کي ان جي چوڻ مطابق عمل ڪرڻ جو چيو ويو. اسان جو گروپ ليڊر انڊونيشيا جو سبحان نالي همراه ٿيو، واقعي به ليڊرشپ ڪوالٽي هئس، اتفاق سان ڪمرا ته ٽي هيا پر هڪ ڪمري ۾ سنگل بيڊ هيو ۽ فقط هڪ ڄڻو ئي ان ۾ سمهي سگهيو پئي، اهو ڪمرو ملائشيا جي شاگرد نور جي حوالي ڪيائين، ٻئي ڪمري ۾ برما جي ٻن شاگردن کي رهڻ لاءِ چيائين، ٽئي ڪمري ۾ مون کي ۽ نائيجيريا جي سيد زڪريا يعقوب کي رهڻ لاءِ چيائين ۽ پنهنجي لاءِ هڪ گتو گهرائي ٿي وي لائونچ ۾ ئي سمهي رهڻ جو ارادو ڪيائين. گروپ ليڊر جي ذميواري هئي ته صبح جو سيني کي ٽائيم تي اٿاري ته جيئن نماز تي ٽائيم تي اچن ۽ پوءِ سمورين سرگرمين کان علاوه ڪنهن کي به ليڪچر ۾ دير نه ڪرڻ ڏيئي. ڪنهن گروپ ميمبر کي ڪا شڪايت هجي ته ٽوئر انچارج تائين اها ڳالهه ٻڌائي. حالانڪ هي سڀ فارملٽيز هيون، پر پوءِ به هرڪنهن ڊسيپلين ۾ هر هدايت تي عمل ٿي ڪيو ۽ ڪا به سختي ڪانه هئي.

هنن دوستن سان رهڻ دوران ڪجهه ڳالهين جو ذڪر ڪجي ٿو.

- نائيجيريا جي دوست پهريون ٽاپڪ ئي شادين جو کوليو ۽ منهنجي هڪ شادي تي حيران هو، سندس چوڻ هو ته

مسلمان عورت غيرشادي شده نہ رهي، ان ڪري مسلمان مرد ڪي هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪرڻ گهرجن پر مون چيو ادا پهرين شادي ۾ ماڻهو خوش آ تہ ٻي شادي ڇو ڪري، ٻيو وري اسلام ۾ ٻي شادي ڪرڻ لاءِ پهرين گهر واري جو راضي هجڻ بہ ضروري آهي يا وري ماڻهو وٽ وسائل بہ تہ هجن، پر منهنجي هر دليل جو وٽس هڪ ئي جواب هو، ۽ سندس چوڻ هو جيئن تہ عورتن جي آبادي وڌيڪ آهي، ان ڪري ڪنهن مسلمان مرد کي ضرور هڪ ڪان وڌيڪ شاديون ڪرڻ گهرجن. مون چيو اسان جي ملڪ ۾ عورت ۽ مرد جي آبادي هڪ جيتري آهي تہ چيائين، دنيا جي کهڙي بہ ڪنڊ جي مسلمان عورت هجي، ان کي غير مسلم مردن جي آسري نٿو ڇڏي سگهجي، ان ڪري ٻي شادي پلي پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ڪرڻي پئي ڪرڻ گهرجي، مون چيو تہ شرعيت ۾ ائين ڪونهي، پر نہ هو منهنجي ڪنهن ڳالهہ تي آماده ٿيو ۽ نہ ئي وري مون سندس ڪا ڳالهہ مڃي. حقيقت ۾ عرب ۽ آفريڪا جي مسلمانن ۾ گهڻيون شاديون ڪرڻ جي رجحان تمام گهڻو آهي، منهنجي گهرواري عابده جون ڪيتريون ئي آفريڪن ڇوڪريون دوست ٿيون، سي بہ سڀ پنهنجي مڙسن جون وڌيڪ شاديون ڪرڻ مان الاهي بيزاري جو اظهار ڪنديون هيون يا وري ان خوف ۾ هونديون هيون.

- برما جا ٻئي شاگرد روهينگيا پاسي جا تہ نہ هئا، پر روهينگيا جي مسلمانن سان همدردي ضرور هُئين ۽ سندن چوڻ هو تہ روهينگيا وارن سان ظلم پيو ٿئي ۽ هو بہ ڏڄن پيا تہ ڪٿي اهو مسئلو سڄي ملڪ جي مسلمانن سان نہ ٿي، اهو بہ ٻڌايائون تہ سندن پاسپورٽ يا ڪوبہ ڪارڊ ۽ ڊاڪومينٽس تي برمي نالو لکندا آهيون، جو برما ۾ اسلامي نالي هجڻ تي اعتراض ڪندا آهن يا تنگ ڪندا آهن.

- هڪ برمي جيڪو عمر ۾ اسان سڀني کان ننڍو هو ۽ بيچلر ڊگري پروگرام ۾ آيل هو ۽ گھمڻ جي چڪر ۾ هن پوسٽ گريجوئيٽ ورڪشاپ ۾ رجسٽريشن ڪرائي هيائين، تنهن ٻڌايو تہ سندس پيءُ فوت ٿي چڪو آهي، سندس ماءُ اڪيلي آهي، جنهن ڪيس پڙهائڻ لاءِ موڪليو آهي، سندس خيال هيو تہ هو اسلامڪ بئنڪنگ ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ سعودي عرب، عرب امارات يا ملائشيا ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، ۽ پنهنجي ماءُ کي بہ پاڻ وٽ گهرائيندو. مون کان پاڪستان خاص ڪراچي شهر ۾ نوڪرين بابت پڇيائين، مون سوچيو دل تہ چوي ٿي تہ تو جهڙي معصوم کي پاڪستان ۾ پلي نوڪري ملي ۽ تون پنهنجي ماءُ کي پاڻ وٽ گهراءِ، پر اهو ڊپ آهي تہ اڳين وانگي تون بہ پاڻ کي سدائين مهاجر سمجهي ويهي ۽ اسان جي ڌرتي خلاف سازش جو حصو نہ ٿي وڃي، ان ڪري تنهنجي لاءِ دعا آهي باقي پاڪستان ۾ اچڻ جي خاص طور ڪراچي ۾ اچڻ جي نہ ڪجانءِ جو اتي شهري دهشتگرد تنظيمون يا وري ڪرپٽ حڪمران تنهنجي مٿان حڪمراني ڪندا. بحرحال ڪيس اهو ئي سمجهايم تہ بهتر آهي جي دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ موقعو تلاش ڪجان نہ تہ وري بہ برما پلي اٿئي ڪراچي کان .
- ان وقت برما ۾ اليڪشن ٿيڻ واري هئي، هي ٻئي آنگ سانگ سوچي جا حمايتي هئا، سندن چوڻ هو تہ سوڪي يا سوچي ايندي تہ امن ٿيندو. منهنجي پڇڻ تي تہ هو هن وقت مسلمانن جي حمايت ۾ تہ ڪو بہ بيان نہ ٿي ڏيئي تہ سندن چوڻ هي تہ احتياطن نٿي ڏي، چو تہ نہ حڪومت ۾ آهي ۽ نہ وري سندس هينئر ڪجهہ چوڻ سان فرق پوندو، ٻيو ان سان فوجي حڪمران ڪيس انتهاپسند ٻڌن جي ذريعي مارائي بہ سگهن ٿا، ان ڪري سندس حڪمت عملي اها هوندي تہ اقتدار ۾ اچي ملڪ ۾ امن امان لاءِ ڪجهہ ڪندي، چو تہ مسئلو انتهائي نازڪ آهي ۽ هو

هن وقت ڪو به رسڪ نه ڪٽي پلي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سوڪي اليڪشن ڪٽي به روهينگيا وارن لاءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي، ۽ هينئر لڪين روهينگيا بنگلاديش جي بارڊر تي دربدر آهن ۽ دنيا آنگ سانگ سوچي کان امن جو نوبل پرائيز واپس وٺڻ جا مطالبا پئي ڪري.

• هي ٻئي برمي مسلمان مهاندن ۾ بلڪل اسان انڊين ۽ پاڪستانين جهڙا هئا ۽ ڪجهه اردو به سمجهن پيا، هندستاني فلمون به شوق سان ڏسڻ وارا هئا.

• ترنگانو ٽوئر تي روهينگيا جي شاگردياڻي اسان سان گڏ ٽوئر تي هئي، جيڪا محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي باري ۾ ۽ سندس شهادت جي باري ۾ مون کان پڇندي رهي. ان ٻڌايو ته جڏهن سوڪي جيل مان آزاد ٿي هئي ته هنن پنهنجي خاندان سميت سندس ريلي ۾ شرڪت ڪئي هئي، پر سوڪي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ مايوس ضرور ڪيو آهي پر ڪيس اجا به آسرو هو ته حالتون وقت سان گڏ صحي ٿينديون.

• پورٽ ڊڪسن تي ڪيترا ئي ڪنارا آهن، جتي ماڻهو گهمڻ وڃن ٿا، پر سڀ کان مشهور ۽ مصروف بيچ تلوڪ ڪمانگ بيچ (Teluk Kemang Beach) آهي، جتي کاڌي پيتي کان وينڊي خريداري جا اسٽال به آهن، ته گاڏين جي پارڪنگ به. هن جڳهه تي تمام گهڻي رش ٿئي ٿي، هتي ڪيلي جي شڪل جهڙي ٿهيل تير رفتار ٻيڙي به هلي ٿي، جنهن کي بنانا بوٽ چون پيا، جيڪا ماڻهو ڪٽي ڪجهه سمنڊ ۾ چڪر ڏياري اچي، ڪناري پرسان ننڍي پاڻي ۾ تيزيءَ سان ڪلٽي ڪائي ٿي، جنهن سان سڀ بوٽ ۾ وينل ماڻهو پاڻي ۾ ڪري ٿا پون. ان قسم جي ائڊوينچر ڪرڻ تي هتي پيهه لڳي پئي هئي. ان کان علاوه اسپيڊ بوٽ به آهن، ته وري واٽر جيٽ اسڪلنگ به ٿئي ٿي.

• ننڍن ٻارن واري فيملي لاءِ ننڍي پاڻي واري ڪناري تي انجواءِ ڪرڻ لاءِ بهترين بيچ آهي سوئجانا بيچ

(Saujana Beach)، هن بيچ تي ئي هوٽل هئو، جتي مون **2014** آڪٽوبر ۾ ٽريننگ ڪئي ۽ هن ئي بيچ تي وري **2016**ع ۾ فيملي سان وڃڻ ٿيو، جو اسان ٽن فيمليز گڏجي پروگرام ٺاهيو هو جنهن ۾ امتياز بروهي، سائين جنيد مغل جي فيملي ۽ منهنجي فيملي شامل هئي. اسان سڀ هڪٻئي جي پرسان ادامن سترا پلازه ۾ ئي رهون ٿا ۽ اسلامڪ يونيورسٽي جا شاگر بہ آهيون، هنن ٻنهي وٽ پنهنجون گاڏيون هجڻ ڪري آساني سان هڪ ڏينهن گهمي آياسين، ٻارن ڪي تمام گهڻو مزو آيو، جو **2** ٻار جنيد جا ۽ **3** ٻار امتياز جا ۽ **2** منهنجا جيڏي مهل گڏ ٿيا تہ اسان مردن جو ٻارن جي نگهباني ڪرڻ ۾ وقت گذريو، عورتون تہ ڪچهري ڪندي اسان کان پري پاٽيءَ ۾ وڃي ويٺيون، باقي اسان ٻار سنڀالڻ واري ڊيوٽي بهتر نموني سان نڀائي.



# ملائشيا جو تاريخي شهر ملاڪا

ملاڪا ملائشيا جي نندي ۾ نندي پر سڀ کان اهم رياست آهي، ملاڪا نہ صرف ملائشيا جو پهريون بندرگاهہ ۽ تاريخي شهر رهيو آهي، بلڪ هي ملڪ پهرين، ملاڪا سڏبو هو جيڪو صرف ملاڪا رياست تي مشتمل هو. پوءِ وڏيڪ رياستن جي ايرڻ ڪري وڏي ملايا ٿيو ۽ آزاديءَ کان پوءِ ملائشيا سڏجي ٿو.

ملائشيا جي تاريخ ۽ ثقافت سان ڀرپور هيءُ شهر ضرور گهمڻ گهرجي. هن شهر جي اهميت هجڻ جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو تہ ملائشيا جون اڪثر يونيورسٽيون جڏهن بہ نئين آيل بين الاقوامي شاگردن کي ملائشيا جو تعارف، تاريخ ۽ ثقافت کان روشناس ڪرائڻ چاهينديون آهن تہ هن ئي شهر جو ٽوئر ڪرائينديون آهن. منهنجو ٽي دفعا هن شهر وڃڻ ٿيو، حالانڪ جڏهن منهنجي داخلا ٿي تہ آءٌ دير سان اچڻ ڪري پنهنجي بيچ سان ٽُوئر ڪري ڪونہ سگهيس پر ٻئي سال جيئن تہ آءٌ اسٽوڊنٽ سوسائٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر چونڊجي ويو هئس ۽ اها ذميواري بہ اسٽوڊنٽ سوسائٽي جي ئي هوندي آهي تہ نون آيل شاگردن کي ٽوئر ڪرائي اچي، جنهن لاءِ يونيورسٽي پوائنٽ بسون، کاڌي پيتي جو بندوبست بہ ڪري ڏيندي آهي ۽ رهنمائي طور يونيورسٽي شاگرد سوسائٽي جا سمورا ميمبر ۽ يونيورسٽي اسٽوڊنٽ افيئرس ڊويزن جي اسٽاف مان ڪجهہ ماڻهو گڏ هلندا آهن، اسان جڏهن ٽوئر ڪرڻ وياسين تہ ان وقت شاگرد سوسائٽي جو صدر نائيجيريا جو برادر هارون هو ۽ سيڪريٽري هڪ ملئي ڇوڪري هئي، جيڪا صرف هڪ دفعو آئي سڄي سال ۾ ۽ نائب صدر بنگلاديش مان برادر زاهد السلام هو، پاڪستان مان آءٌ ۽ سائين عمران اڃڻ ڪميٽي ميمبر هئاسين، نائيجيريا مان مرحوم عبدالهادي ۽ انڊيا مان بهار صوبي جي راڻيپور شهر جو شڪيب ۽ ڪجهہ ٻين ملڪن جا ميمبر هئا. يونيورسٽي انتظاميا طرفان

صرف هڪ اسٽاف ميمبر هلي، جيڪا به ملاڪا جي هئي ۽ ملاڪا ۾ ڪجهه نصيحتون ڪري پنهنجي گهر هلي ويئي. بس ۾ هر سيٽ سان گڏ هڪ پلاسٽڪ بيگ لڳائي ويئي ته جي ڪجهه کائو ته ڪچرو هن پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو، يا ڪنهن ڪي جي الٽي وغيره اچي ته هي ٿيلهي استعمال ڪري سگهي. اسان سيني مان بنگلاديش جي برادر زاهد، ملئي ٻولي ۽ ملاڪا مان اهڙو واقف هو جهڙوڪ هجي ئي ملائشيا جو. اسان ٻن بسن ۾ آيل تقريبن **70** بين الاقوامي شاگرد سپ پهرين ته برادر زاهد جي پويان هلندا رهياسين. پوءِ بعد ۾ مختلف ٽولن جي صورت ۾ هر ڪو گهمندو رهيو، اهم ڳالهه اها آهي ته ملاڪا ۾ تاريخي جڳهون تقريباً سپ جو سپ هڪ علائقي ۾ آهن. جنهن کي يونيسڪو هيريٽيج سائيٽ جو نالو ڏنو ويو آهي. ملاڪا جي وچ شهر مان ملاڪا نديءَ جو گذر ٿئي ٿو، جنهن مان اسپيڊ بوٽ هلي ٿي، جنهن تي ويهي ماڻهو پوري ملاڪا شهر جو سير نديءَ ذريعي ڪري سگهي ٿو. ملاڪا ۾ وندر ۽ ڏسڻ لاءِ ڪافي جڳهون آهن ۽ هر دفعي ڪا نه ڪا نواڻ محسوس ٿئي ٿي يا ڪا نئي جڳهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي. آءٌ ملائشيا ۾ رهڻ دوران هينئر تائين **3** دفعا ملاڪا مان ٿي آيو آهيان پر هر دفعي ڪانه ڪا نئين جڳهه ڏٺي اتم جيڪا اڳئي دفعي ڏسڻ کان رهجي ويئي هوندي آهي. اهو شايد ان ڪري جو ٽئين دفعا هڪ ڏينهن جي ٽُوئر تي ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو گهمي ڪري واپس ڪوالالمپور اچڻ ڪري ٿيو. جڏهن پهريون دفعو وياسين، ته سپ کان پهرين فاموسا قلعو جيڪو هڪ پهاڙي تي نهيل آهي ۽ ملاڪا ۾ پورچوگيز حڪومت جو هيڊڪواٽر رهيو آهي، اهو گهميو ۽ ان جي هيٺان ڪجهه ميوزيم ٻاهران ئي ٻاهران ڏسي، اچي ملاڪا ندي جي ڪناري بيٺل تاريخي ڪاٺ جو نهيل بحري جهاز يا وڏو ٻيڙو ڏٺو هيوسين، پوءِ ايئريل ويو ڏيکاريندڙ لفٽ ڊيڪ وٽ آياسين، جنهن ۾ ڪو به شاگرد ڪونه وينو. بحرحال مان، زاهد ۽ هارون وجي ٽڪيٽ پڇا ڪئي، جنهن جي قيمت **15** رنگٽ

هئي، تہ برادر هارون چيو، تہ ڏاڍي مهانگي آهي، آءٌ تہ هونءَ ئي ڪونہ چڙهان هان، جو مٿائين تي چڙهندي مون کي ڊپ لڳندو آهي، ائين ملاڪا هيريٽيج وليج ۾ تقريباً ہہ ڪلاڪ چڪر ڏيئي وري بسن ۾ چڙهي سڌا ملاڪا سمنڊ ڪناري ٺهيل فلوٽنگ مسجد آيا هياسين، جتي پهرين لنچ ڪري، ظهر جي نماز بہ پڙهي، مسجد ۾ ٿڌي ٿڌي هير مزو ڏيئي ڇڏيو هيو، مسجد جي پويان ڪان سمنڊ مٿان ڪجهہ ڪليل خالي جڳهہ ڇڏيل هئي، جيڪا شايد سمنڊ جو نظارو ڪرڻ لاءِ ڇڏيل هئي، ان ۾ ويهي بہ سڪون پئي آيو، اتان نڪري ملاڪا اسٽيٽ مسجد آياسين، جيڪا ملاڪا رياست جي وڏي ۾ وڏي مسجد هئي. ان قسم جون مسجدون جن کي رياست جي وڏي ۾ وڏي مسجد جو درجو مليل هجي، اهڙي مسجد ملائشيا جي هر اسٽيٽ ۾ آهي، جنهن مسجد نگري ڪري سڏين ٿا، جتي حڪومت جون پاليسيون پهچايون وڃن ٿيون ۽ اتان ڪان ٻين مسجدن ڏانهن، ويندي پوري اسٽيٽ ۾ هڪ ئي جمعي جي نماز جي خطبو پڙهيو وڃي ٿو، ڪجهہ ماڻهن ٻڌايو تہ جمعي جو خطبو مذهبي معاملن واري وزارت طرفان اِي ميل ڪيو ويندو آهي، ۽ هر رياست جي سمورين مسجدن جا پيش امام اهو ئي خطبو پڙهندو آهن. ائين ملاڪا مان اسان جي پهرين ايجوڪيشنل ٽوئر، هيريٽيج سائيٽ، فلوٽنگ مسجد ۽ اسٽيٽ مسجد گهمي شام جو واپسي ٿي هئي ڪوالالمپور، ٻئي دفعي بہ اسٽوڊنٽ لاءِ ٽوئر سان گڏ ويس پر فيملي سان عابده ۽ ٻار بہ گڏ هيا، جنهن تہ اسٽوڊنٽ سوسائٽي 2016 جو صدر جيڪو ان وقت اسان جو پاڪستاني دوست هو، تنهن ملاڪا ۾ چيو تہ توهان نہ هجو ها تہ آءٌ بنگالين کي چڱي سمجهاڻي ڏيان ها جيڪي بہ ڪافي سينيئر شاگرد بہ وٺي آيا آهن تہ ٻارين ٻچي بہ آيا آهن، مون کي اندازو نہ هيو تہ ٻار نہ وٺي هلبا آهن ٽوئر تي، نہ تہ عابده تہ شاگرد ئي هئي ۽ مان بہ شاگرد ۽ مونکي اها بہ خبر هئي تہ ٽوئر نون آيل شاگردن لاءِ آهي. پر ٿيو ائين جو نائيجيريا جي هڪ شاگرد سوسائٽي جي ميمبر جيڪو

اسان جي فيڪلٽي جو هو، ان ميسيج ڪيو ته هن دفعي سيني شاگردن کي هلڻ جي اجازت آهي، جنهنڪري آءٌ موقعو غنيمت سمجهي ته وري موقعو ملي الائي نه ۽ بجيٽ به سدائين خساري ۾ رهي ٿي چو نه فيملي کي ملاڪا گهمائي اچان انڪري ويس. ائين هن دفعي به ساڳيون شيون گهميون پر وڏيڪ ڪرسچن چرچ ۽ فائونٽين ۽ ريڊ اسڪوائر هن دفعي نظر آيا، جيڪي اڳئي دفعي ڪونه گهمي سگهيا هئا. ٽين دفعي اسان جو دوست گلشير لغاري ملائشيا آيو ته ان سان گڏجي وياسين. مزي جي ڳالهه ته انهن ڏينهن ۾ حج جي عيد هئي ۽ اسان ڪرائي جي ڪار ڪنئي هئي جيڪا يعقوب ڪونڌر پئي هلائي، به ڏينهن پوءِ عيد هجي پر سڄو روڊ گاڏين سان ڀريل هجي، اسان کي ملاڪا پوٽا **2** ڪلاڪ لڳڻ جي پنج ڪلاڪ لڳي ويا. رستي ۾ ڪٿي بيناسين ته ڪونه پر گاڏي آهستي ئي هلندي رهي، واپسي ۾ رستو بلڪل ڪليئر هو سو آرام سان پڳا هياسين، چوته ماڻهو ڪوالالمپور کان پنهنجي ڳوٺن ۽ سڄي ملڪ جي مختلف شهرن ڏانهن عيد ڪرڻ وڃن ٿا .

اسان گلشير لغاري لاءِ پهرين لنڪاوي جو پروگرام ناهيو هو پر هن چيو ته، آءٌ سمنڊ ڪناري ڪونه هلندس، اڳ ئي سنگاپور جا سمنڊ ڪنارا گهمي وينو آهيان، جنهنڪري مون کي ڪو تاريخي شهر گهمايون، پهرين اسان چيو ته پنانگ ٿا هلون جو اهو منهنجو به گهميل نه آهي ته چيائين نه ملاڪا ئي گهمڻي آهي، متان الطاف شيخ نه ڪاوڙجي پئي، اسان کان کلي پياسين ۽ چيوسين ته پائو توهان الطاف شيخ کي ڪڏهن پڙهيو، تو جهڙي ماڻهو کي ڪورس جي ڪتابن مان ڪڏهن واندڪائي ملي، ته چيائين مون الطاف شيخ کي ڪڏهن به ڪونه پڙهيو آهي، پر توهان جهڙن دوستن کان جام ٻڌو آهي، ملاڪا ۽ الطاف شيخ جي باري ۾. انڪري گهمبو ته ملاڪا. گلشير جي اهڙي فرمائشي انداز تي مان ۽ يعقوب ڪونڌر تمام گهڻو کليا هياسين. پر اها ڪاميابي الطاف شيخ جي آهي، جنهن جا ڏزن کان وڏيڪ ملائشيا تي لکيل ڪتاب ۽ سوين

آرٽيڪل هوندا، پر ملاڪا تي الڳ سان ڪتاب (مڪلي ڪان ملاڪا) لکيل اٿس. سچ تہ اهو آهي تہ سائين الطاف شيخ جو هي ڪتاب ڪجهہ ڏينهن پهرين سنڌي ويب سائيٽ (ساٿ سلامت) تان ڊائونلوڊ ڪري پڙهي وينو آهيان جنهن ۾ ايترو تہ تفصيل سان ملاڪا جي هر هڪ روڊ رستي، گهٽي گهر کان وٺندي تاريخي ماڳ، تعليمي ادارن، شخصيتن، ماڻهن جي ڪٽنب قبيلن کان وٺندي ٻاهران آيل پورچوگيز، ڊچ ۽ انگريزن جي يلغار کان وٺندي هتي جي اهم سياستدانن ۽ بادشاهن جو ذڪر، سمنڊ ڪنارن تاريخي وڻج واپار جي باري ۾ تمام وضاحت سان لکيل آهي جو آءٌ ملاڪا تي لکڻ وينو آهيان تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا لکان، بس مون ڪي منهنجو پنهنجو ملاڪا وڃڻ ۽ گهمڻ ئي نئون لڳو، جنهن جو احوال لکان پيو، باقي "مڪلي ڪان ملاڪا" ڪتاب ۾ ايتري ڄاڻ ڏنل آهي جو مون ڪي پڪ آهي تہ ايتري ڄاڻ ملاڪا جي عام رهاڪو ملئي قوم جي ماڻهن ڪي بہ نہ هوندي، جيترو پسمنظر ۽ تاريخ، سائين الطاف شيخ پنهنجي ڪتاب "مڪلي ڪان ملاڪا" ۾ بيان ڪئي آهي. ملاڪا بابت ڪجهہ پوائنٽس هيٺ ڏجن ٿا،

- ملاڪا اسٽيٽ جي ملاڪا ٽائون واري علائقي ڪي يونيسڪو طرفان جولاءِ 2007ع ۾ ورلڊ هيريٽيج سائيٽ ۾ شامل ڪيو ويو.
- هي ملائشيا جو تاريخي واپاري بندر گاهہ رهيو آهي ۽ قديم زماني ۾ واپار جو مرڪز رهيو آهي، هتي آفريڪي، عرب، چائنيز کان وٺندي يورپي واپاري، هندستاني واپاري بہ بحري ٻيڙن ذريعي واپار سانگي سمنڊ مان گذرڻ وقت ملاڪا مان گذرندا رهيا يا قيام ڪيائون ٿي، جنهنڪري اڳتي هلي هن شهر ۾ واپار جو بنياد پيو.
- هتي قلعا، چرچ، مندر، ڪيترائي ميوزيم ۽ خوبصورت مسجدون آهن،

• اهم ڳالهہ شهر جي وچان ملاڪا اسٽريٽ درياءُ وهي ٿو، جيڪو هن شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو، پر ان ۾ هلندڙ ٽوئرسٽ بوٽ سياحن کي سڄي شهر جو ديدار ڪرائي ٿي.

• ملاڪا هتي موجود وڻ جي نالي پويان شهر جو نالو رکيو ويو. هي اهو ئي وڻ آهي جنهن هينان اچي سماترا ٻيٽن مان ڪنهن حڪمران پنجي اچي **1444** ۾ هتي ديرو ڄمايو ۽ هن شهر کي آباد ڪيو، جتان سندس سلطنت وري شروع ٿي ۽ هي خاندان اڄ تائين هن ملڪ ملائشيا جي بادشاهت ۾ حصيدار رهندو اچي.

• ملاڪا جي ساموندي اهميت هجڻ ڪري پهرين **1511**ع ۾ پورچوگيزن قبضو ڪري حڪمراني ڪئي، پوءِ ڊچن اچي **1641**ع ۾ قبضو ڪيو، ان کان پوءِ انگريز **1824**ع ۾ ڪاه ڪئي جن جي حڪمراني پوري ملائشيا جي سمورين رياستن تي هئي، جن هڪ صدي کان بہ وڌيڪ حڪمراني ڪئي پر وچ ۾ ٻي مها ياري لڙائي (**1939**ع) دوران جپان اچي انگريزن کي هتان پڃائي **5** سال ملايا کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو، پر ائٽم بم لڳڻ کان پوءِ جپان آڻ مڃي، تہ ملڪ وري انگريزن جي حصي ۾ آيو. ائين هتان جي ماڻهن انگريزن کان **31** آگسٽ **1957**ع تي آزادي ورتي.

• ملايا کي **17** سيپٽمبر **1963**ع تي ملايا جي سمورين رياستن ۽ صباہ، سرواڪ، سنگاپور سميت ملائي نئون نالو ملائشيا ڏنو ويو پر پوءِ سنگاپور الڳ ٿي آزاد ملڪ ٿيو.

• هن رياست ۾ هڪ علائقو اهڙو بہ آهي جتي پورچگيز نسل جا ملئي ماڻهو رهن ٿا. اهي ملئي ماڻهو پورچوگيز جهڙا لڳن جيڪي ان وقت جي ڪراس ميريجز جي نتيجي ۾ پيدا ٿيا.

• هتان جي مشهور روايتي سواري سينگاريل سائيڪلون آهن، جيڪي ملاڪا جي هيريٽيج سائيٽ جي سونهن لڳن ٿيون، جن تي چڙهي بہ گهمڻ جو زبردست مزو آهي.

• ملائشيا اچي جيڪڏهن ڪو ملاڪا گهمڻ نہ ويو، چڻ ملائشيا کي ڏٺو ۽ سمجهيو ئي ڪونہ، اهو بلڪل ائين آهي جي

ڪو سنڌ اچي ۽ موهين جو دڙو يا ٺٽي جا تاريخي آثار نہ ڏسي. ڪراچي ۽ ڪولالمپور مان تہ ترقي ڏسي سگهجي ٿي پر محنت، تاريخ ۽ ثقافت ۽ قومن جي نفسيات جي صحيح خبر ڪنهن بہ ملڪ جي تاريخي ماڳن مڪانن کي ڏسڻ سان ئي پوي ٿي.

هڪ مزي جي ڳالهہ تہ جڏهن اسين گلشير، سائين عمران، يعقوب ڪونڌر ۽ آءٌ ملاڪا گهمي رهيا هئاسين تہ فاموسا قلعي واري ٽڪري جي ڪچ ۾ نهيل پراڻين ڪوٺي نما چونڪي ۽ سندس پير ۾ لڳل توب جي پرسان ڪجهہ جرمنيءَ جا سياح، جن ۾ 2 چوڪريون ۽ 3 چوڪرا هئا، اهي ان ڪوٺي جي ڇانو ۾ گٽار تي سڀ گڏجي زبردست سُر ۾ ڳائي رهيا هئا، ۽ سندن اڳيان پيل ٽوپي ۾ ماڻهو ڪين داد ڏيڻ لاءِ پيسا وجهي رهيا هئا. مون ڏٺو تہ اڌ ٽوپي پيسن سان ڀريل هئي، سندن فن کي داد ڏيڻ سان گڏ سندن خوشنصيبي کي بہ ساراهڻ کان رهي نہ پئي سگهيو، جو اها تہ پڪ ٿي، تہ همراهہ ملاڪا ۾ آيل خرچ تہ هتان ئي ڪڍيو پيا وڃن.



# ترنگانو رياست جو تعليمي ۽ تفريحي سفر

## ڪولا ترنگانو ڏانهن روانگي ۽ رستي جو احوال

ڪولا ترنگانو، ترنگانو رياست جي گاديءَ وارو شهر آهي، هي رياست ڪوالالمپور ڪان **553** ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي، ۽ هن رياست ڪان پوءِ ملائشيا جي اڳي رياست ڪيلانتن آهي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ڪوٽابارو آهي. هي ٻئي رياستون باقي ملائشيا جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ملئي آبادي واريون آهن، ۽ تقريباً **90** ڪان وڌيڪ سيڪڙو آبادي هنن رياستن ۾ ملئي ماڻهن جي ئي آهي. هنن ٻنهي رياستن جا ماڻهو باقي ملائشيا جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مذهبي آهن ۽ هتان اڪثر ملائشيا جي مذهبي پارٽي اليڪشن کٽندي آهي. هنن رياستن ۾ ڳالهائي ويندڙ ملئي ٻولي جو لهجو بہ باقي ملائشيا جي رياستن جي ڀيٽ ۾ مختلف آهي، ڪنهن حد تائين لباس ۽ کاڌا پيتا بہ نرالا اٿن.

منهنجو ڪولا ترنگانو وڃڻ اتفاق طور ٿيو، ٿيو ائين جو منهنجي گهرواري جيڪا هتي لائبرري سائنس شعبي ۾ ماسٽرس ڪري رهي آهي، ان جي شعبي جي شاگرد اسيمبلي يعني يونين جي طرفان ڪولا ترنگانو جو اسٽڊي ٽوئر رکرائي ويئي، جيئن تہ هي شعبو بہ انفارميشن ٽيڪنالاجي سان گڏ ساڳي فيڪلٽي ۾ آهي، ان ڪري فيڪلٽي جي ٻين شاگردن کي بہ هلڻ جي اجازت ملي جنهنڪري آءٌ ويس، پر اتفاق سان منهنجي گهرواري هي ٽوئر نہ ڪري سگهي. اسان جي ٻن ٻارن هجڻ جيئن تہ ٻارن کي گڏ وٺي وڃڻ جي اجازت نہ ملي، جو هڪ تہ تعليمي ادارا وزٽ ڪرڻا هئا، اهي بہ خاص ڪري لائبرريون جتي ماحول خاموشيءَ وارو هوندو آهي، ۽ ٻيو سفر بہ رات جو هو. اهو ئي سبب هو، ان ڪري عابده جو وڃڻ مشڪل ٿي پيو جو **3** راتيون ۽ **2** ڏينهن اتي ترسڻو هو.

جيئن ته ٻار ماءُ کان سواءِ رهي نه پئي سگهيا جو ننڍڙي ته ڪير پياڪ آهي، منهنجو شوق ڏسي عابده چيو توهان پلي وڃو ۽ گهمي اچو، سو آءٌ وڃڻ لاءِ مقرر فيس **70** رنگٽ به جمع ڪرائي ڇڏي. مون کي هونءَ ئي گهمڻ جو شوق هو پر ڪولاٽرنگانو ۾ جيئن ته ٻن يونيورسٽين جو وزٽ به هن ٽوئر ۾ شامل ان ڪري به ويتر وڌيڪ شوق ٿيو، ٻيو هتي جي اسٽيل مسجد جي باري ۾ به ڪافي ٻڌل هو، جنهن جو شمار دنيا جي بهترين مسجدن ۾ ٿئي ٿو ان ڪري به تيار ٿي ويس، ٻيو هن رياست جي هن شهر جي باري ۾ الطاف شيخ جي سفرنامي ”هليو آ هليو ملائشيا“ ۾ به پڙهيو هئم، جنهن ۾ هن خاص طور لکيو هو ته جي خالص ملئي ڪلچر ڏسڻو هجي ته ترنگانو ۽ ڪيلانتن رياستون گهمڻ گهرجن. تنهنڪري مون سوچيو هن کان وڌيڪ سٺو موقعو ڪونه ملندو، وڃڻ گهرجي. سائين عمران اڄڻ به روز پيو چئي، ته هلون گهمي اچون. هي پهريو دفعو هو ملائشيا ۾ اڍائي سالن جي رهائش دوران جو فيملي کي اڪيلو ڇڏي ايڏو پري وڃي رهيو هئس، حالانڪ فيصلو ڏکيو هيو پر عابده جي اجازت  سان گڏ خواهش به هئي، ته توهان گهمي اچو پوءِ اسان کي به گهمائي اچجو ۽ اهم ڳالهه ته تعليمي ۽ ڪلچرل ٽوئر هو، ٻيو مون کي ملائشيا جي تعليمي ادارن ۾ گهمي، ملائشيا جي يونيورسٽين جي حوالي سان الڳ سان گائيڊ بڪ لکڻ جو به شوق هو. تنهڪري به مان تيار ٿي ويس.

آءٌ يونيورسٽي لاءِ گهران مغرب جي نماز پڙهي **8** بجي ڌاري نڪتس، يونيورسٽي مان **10** بجي رات جو بس نڪرڻي هئي، پر آءٌ تقريباً **9** ڌارا يونيورسٽي پهچي ويس جتي پهچي مسجد ۾ نماز عشا پڙهي ۽ پوءِ ڪينٽين تي چانهه پيتي. ان کان پوءِ مين گيٽ تي پيس، جتي بس بيٺل هئي ۽ ڪافي شاگرد اچي چڪا هئا، ۽ لائيٽ ريفريشمينٽ جو به بندوبست هو. **10.30** ڌاري بس نڪتي جو **15** منٽ دير به هڪ پاڪستاني ۽ برما جي ڇوڪري ڪي ٿي انڪري جو اهي دير سان پهتيون، جيڪي گڏجي آيون، پوري بس

۾ **35** ماڻهو هئا، جن ۾ هڪ پروفيسر، هڪ فيڪلٽي جو لائبررين ۽ باقي سڀ شاگرد ۽ ٻه ڊرائيور. آءٌ ته سڄو رستو جاڳندو رهيس، رستي ۾ ڪٿي برسات ٻه پوندي رهي، پر ٽريفڪ ايڏي خاص نه هئي جو جيئن ئي ڪوالالمپور ڪان نڪتاسين ته ٽريفڪ گهٽجندي وئي تان جو ڄڻ روڊ تي سانت هجي، ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ڪار نظر پئي آئي، ٽريفڪ  بلڪل نه هجڻ برابر هئي رستو سڄي واٽ سنگل روڊ هو ڪافي ڪشادو، فاسٽ لائين، وچ واري لائين ۽ ٽين سلو لائين به الڳ هئي، رستي ۾ اڪثر لائيٽنگ جو بندوبست به هو، روشني ۽ برسات روڊ ڪي تمام بهترين نظارو ڏيئي رهيا هئا.

ڪوالالمپور ڪان پوءِ جيڪا ٻي رياست آئي ترنگانو ڪان پهرين اها آهي پهانگ، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ڪوانتن آهي. ڪوانتن شهر جي ٻاءِ پاس ڪان گذرياسين، هي شهر ڪوالالمپور ڪان تقريباً **241** ڪلو ميٽر پري آهي ۽ ان ڪان پوءِ ڪولا ترنگانو **235** ڪلوميٽر آهي. ائين سمجهجي ته هي شهر ڪوالالمپور ۽ ڪولاترنگانو جي وچ تي آهي. هن ڪوانتن شهر ۾ ٻه اسان واري اسلامڪ يونيورسٽيءَ جو ڪئمپس آهي، جنهن ۾ فارميسي، ميڊيسن، بيسڪ سائنسز ۽ فريڪل هيلٿ جا شعبا پڙهايا وڃن ٿا، جتي اسان جي حيدراباد جي سنڌياڻي ادي راحيلا شاه به فزيڪل هيلٿ فيڪلٽي ۾ فزڪس ۾ ڪينسر جهڙي اهم مرض تي پي ايچ ڊي ڪري رهي آهي، هڪ ٻيو سنڌي شاگرد طٰحيٰ سنڌي نالي نوجوان به جنهن ڪي سنڌي ڪم ڪدي وڃڻ جيتري اچي ٿي، هن جو جنم سعودي عرب ۾ ٿيو آهي ۽ اتي ئي رهي وڏو ٿيو آهي، اهو به بيچلر ڊگري پروگرام ۾ پڙهي رهيو آهي. انهن ڪي ڪوانتن مان گذرندي سلام جو ميسيج ڪيو.

ايستائين سفر دوران مون اهو پئي سوچيو ته اسان وٽ جيڪي ٽرالر ۽ ٽرڪون رات جي سفر ڪي خطرناڪ بڻائيندا آهن اهي ڪونه پئي نظر آيا، پر جتي بس اڌ ڪلاڪ لاءِ بيني اتي ڪجهه ننڊيا ٽرالر نظر آيا پر وري به تيل ۽ گئس سان ڀريل گاڏيون ڪونه

هيون، پر ڪو سامان هُين جيڪو نظر نہ پيئي آيو جو مٿان وڏي پلاسٽڪ سان ڍڪيل هيون. هي سڄو سفر مون کي سڪون مهيا ڪندو رهيو جنهن جو سبب شايد ٽريفڪ جي گهٽتائي، روڊ بهترين نهيل هجڻ هو، رستي ۾ ”وقتو راحت“ جا بورڊ ڪافي نظر آيا جن جو مطلب هيو ڪاڏي پيتي ۽ پيٽرول وجهرائڻ جي سهولت. اسان جي گاڏي صرف ٻہ دفعا بيني، هڪ ڪوالالمپور کان نڪرڻ کان پوءِ جتي ٻہ پيٽرول پمپ سان گڏ نهايت ئي صفائي واري بلڊنگ نهيل هئي جيڪا پيٽرول پمپ کان ٿورو پرڀرو هئي، ائين لڳو حڪومت طرفان هجي جتي 10 کان 12 دوڪان هيا جن ۾ ڪاڏي پيتي جا هوٽل ٻہ هئا تہ مختلف ريفريشمينٽ جا دوڪان بہ تہ وري سائيڊ ۾ تمام صاف سٿرا ٽوائليٽ جن جي اڳيان مڇي جو پانڊ هيو، جنهن ۾ پاءُ کان هڪ ڪلو تائين مڇي جا ڪرڙا ٽپا ڏيئي رهيا هئا ۽ ان جي پرسان ئي 15 کان 20 ٽوائليٽ هئا جن جي اڳيان هڪ نوٽس بورڊ تي ڊيوٽي ڪندڙ صفائي جي عملي جا نالا فوٽو ۽ آءِ ڊي نمبر سان گڏ ڪمپلين نمبر بہ ڏنل هئا، ويندي پوري اسٽاف جي لسٽ بہ، جنهن جي پرسان سندن آفيس بہ هئي ۽ هڪ سٺي مسجد بہ . فش پانڊ سان گڏ وزن ڪرڻ ۽ هارٽ بيٽ چيڪ ڪرڻ واري خودڪار مشين بہ هئي, جنهن ۾ سڪو وجهي بيهڻ سان سڄي رپورٽ اسڪرين تي اچي پيئي وئي، هن جڳهہ تي بہ ڪافي ماڻهن فوٽو پيئي ڪڍيا جو فش پانڊ مٿان بلب لڳڻ هجڻ ان ۾ شاور جو پاڻي ڪرڻ ڪري ڪافي سٺو نظارو پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڪجهہ آفريقن تہ ٽوائليٽ اندر بيٺل ملازمن سان جيڪي يونيفارم ۾ بيٺل سرڪاري ملازم هئا انهن سان گڏ تصويرون ڪيرائڻ لڳا. مون هڪڙي کي چيو هتي هن همراه سان تہ تصوير پلي ڪڍي پر باقي اندر ٽوائليٽ ۾ بيهي تصورن ڪڍڻ جو فائدو تہ وراڻيائين فيس بڪ تي رکي پنهنجي سياستدانن کي ٽيگ ڪنداسين، جن پوري ملڪن جو خانو خراب ڪيو آهي، جو اسان جي ملڪن جا بهترين شهر بہ هنن ٽوائليٽ جهڙا صاف سٿرا نہ رهيا آهن.

مون کي بہ ڳالهہ دل سان لڳي ۽ سوچيم تہ توهان ۽ اسان سان ساڳيو ظلم آهي، بلڪ اسان سان تہ اجا وڌيڪ، جو اسان جا رهنما تہ توهان کي چوٿين دنيا جا انسان ٿا سمجهن ۽ پاڻ وارو خطو تہ ٽين دنيا مان بہ دنيا ۾ شامل ڪيو پيو وڃي پر حال اهو آهي، جو سيوهڻ جهڙي پاڪ شهر جي هوٽلن جي حالت ۽ واش رومس جي حالت ڪچري جي جڳهہ کان بہ بدتر آهي. ڪراچي کان ڪشمور تائين وڃجي ٿو تہ ڪٿي بہ ڪو حڪومت طرفان نہ ڪو ريسٽورينٽ، نہ راحت لاءِ ڪا جڳهہ آهي ۽ نہ ئي وري ڪو صفائي رکڻ لاءِ ٽوائليٽ نهيل آهن. ماڻهو يا تہ آزاد فضا ۾ گاڏي مان لهي گندگي ڦهلائين يا وري ڪنهن پرائيويٽ ريسٽورينٽ يا پيٽرول پمپ جي بدبودار ٽوائليٽ ۾ پيسا ڀري هلڪا ٿين. حالانڪ مسلمانن جي اڌ ايمان جي نشاني صفائي آهي پر اسان جي ملڪ جا حڪمران طبقن جو اڌ ايمان ماڻهن کي بيمار رکي فنڊ ڦٻائڻ ۾ آهي. حالت اها آهي جو ماڻهو ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين يا وري ڪيٽي بندر ۽ ننگرپارڪر تائين وڃي سفر جو مزو وٺڻ بجاءِ بيمار ٿيو وڃي يا ايڪسيڊنٽ ٿيڻ جو خوف هر وقت دل ۾ رکي سفر ڪري، بس الله الله ڪري پنهنجي گهر پهچي ٿو . پر هتي رات جي سفر ۾ جيڪو اطمينان هو اهو شايد پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي گاڏي ۾ ڏينهن جو سفر ڪندي بہ نہ ملي.

الله سائين کان دعا آهي تہ اسان کي بہ ڪي اهڙا حڪمران عطا ڪري، جيڪي صفائي سٿرائي، ترقي ۽ تعليم تي خصوصي توجهہ ڏين. حقيقت ۾ صحت، امن امان ۽ قومن جي خوشحالي انهن ٽن شين تي منحصر هجي ٿي. بهرحال رستي ۾ ڪافي ننڍا بہ ننڍا وڏا شهر آيا، جيڪي سڌي طرح روڊ تي تہ ڪونہ آيا پر سائيڊ ۾ ٿورو پريرو پئي نظر آيا، جيڪي لنڪ روڊ ذريعي هاءِ وي سان ڳنڍيل هئا. اهڙو ڪو بہ شهر ڪونہ آيو جيئن حيدرآباد کان سکر ويندي وچ روڊ تي ڪيئي شهر آهن جن ۾، هنگورجا، راڻيپور وغيره اچي وڃن ٿا. روڊ جي ڀرسان جي پري پري تائين ڪو ڳوٺ

يا وسندي هئي، ته به مين روڊ تي لائيٽنگ جو بندوبست هڪ ڪان به ڪلوميٽر تائين هو. پر جي روڊ جي پرپاسي ۾ ڪو پڪو ٺائون يا شهر هو ته لنڪ روڊ يا وري فلاءِ اُور ذريعي لنڪ روڊ ڏنل هو ۽ ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تائين روڊ لائيٽ جو بندوبست هو، جنهنڪري آسپاس جي جهنگن، جبلن ۽ هينائين ۾ موجود ڳوٺن ۽ شهرن کي پري کان ڏسڻ جو موقعو پئي مليو.

حقيقت ۾ جي ائين روشنين جو بندوبست نه هجي ته برسات، وڏن وڻن جي ڪري بينل گهاٽن ٻيلن ۽ مٿانهن پهاڙن جي ڪري روڊ کان سواءِ آسپاس ڪجهه نظر به نه اچي پر هن ملڪ ۾ بجلي جي بهترين نظام هجڻ ڪري جنگل ۾ منگل وارو ڪم لڳو پيو آهي، ڪٿي ڪنهن پهاڙي تي ڪنهن جهوپڙي ٽائيپ گهر ۾ يا وري وڏي ٻيلي ۾ موجود ربڙ، ناريل يا پام آئل جي فصلن جي وچ ۾ ٻلب ٻرندي نظر آيا. اسان وٽ ته ميداني علائقا آهن، جتي برسات به روز ڪونه ٿئي، نه وري کي گهاٽا ٻيلا پر وري به رات جو اڪثر ڳوٺ ۽ وسنديون اوندهه ۾ ۽ بيخبريءَ ۾ رستي مان گذريو وڃن. اسان جا روڊ تڏهن جتي برسات سال ۾ کي ٻه مهينا به مس پوي، پر هتي روز **3** کان **4** ڪلاڪ برسات پوي ٿي، ته به بجلي وڃي نه روڊ ٽٽن.

هي سنڌي وارو پهاڪو ياد پيو اچيم ته ڪٿي ڍور سُڃا ڪٿي چور سُڃا، اسان سان به اهو ئي ڪم آهي، پنهنجي ڪيئي جو نه ويج نه طبيب. ملائشيا جي جهنگن ۾ رهندڙ قوم پنهنجي محنت سان محلن ۾ اچي ويئي آهي، ۽ اسين ميداني سرسبز علائقن جا سولائيزڊ سمجهيا ويندڙ ماڻهو برپٽن تي اچي ويا آهيون، جو روڊن رستن سان ولهه ۾ پيا ٺڙڪون ۽ مرون يا وري گهرن ۾ پيا گرمي ۾ سَڙون. بهرحال ڏک جو داستان ڊگهو نه ٿو ڪريان ۽ اچو ته پاڻ ڪوالمپور کان ڪولاترنگانون جي سفر کي پڄاڻي تي پهچايون ٿا. نيٺ اسان جي بس اچي ڪولاترنگانو شهر ۾ داخل ٿي، ۽ شيڊول مطابق **4:30** تي هڪ مسجد جي اڳيان بيٺي، جتي اسان

ڪي فجر جي نماز پڙهي ڪري پوءِ رهائش واري جڳهه تي **7:00** بجي تائين وڃڻو هو. تنهنڪري اسان کي هتي نماز پڙهڻ کان پوءِ انتظار ڪرڻو هو. مان ٻه ٻين سان گڏ مسجد ۾ اندر وڃي فريش ٿيس، وضو ڪيو ۽ ڪجهه دير قرآن پاڪ پڙهيو، پوءِ ليٽي پيس جو جماعت جو وقت **6:10** تي هو.

## ڪولاترنگانو ۾ ڏينهن پهريون

هي مسجد وقف تمبسو ڪولا ترنگانو **Masjid Wakaf Tembesu** تمام وڏي نهيل هئي، جنهن ۾ **5000** هزار نماز پڙهڻ وارن لاءِ گنجائش هئي، اسان سمورا شاگرد هيٺ لهي اندر وياسين، ملائشيا جي هر مسجد ۾ عورتن لاءِ الڳ وضو ڪرڻ جي جڳهه ۽ نماز پڙهڻ جي جڳهه ٿئي ٿي، اسان سان گڏ آيل شاگردياڻيون ٻه لٽيون جيڪي مسجد اندر عورتن لاءِ مخصوص ڪيل حصي ڏانهن ويون. آءٌ ٻه وضو ڪري مسجد اندر ويس. اسان کان پهرين هڪ ٽيڪسي ڊرائيور سائيڊ واري باٿ روم ۾ وهنجڻ جي تياريءَ ۾ هو، باقي مسجد اندر هلڪي روشني هئي ۽ ٻه ماڻهو اڳي صف ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري رهيا هئا.

ڪولالمپور جي مسجدن جي برعڪس مون هن مسجد ۾ اسٽينڊ فين ڏٺا، ۽ ديوارن سان لڳل ٽيبل فين ٻه هئا، جن جو تعداد ڪوئي **500** سئو جيترو هجي جو ائين پئي لڳو جو هر صف سان **50** پکا هجن ۽ البته هڪ اي سي پلانٽ پيش امام جي ويهڻ واري جڳهه جي سامهون لڳل هو، جنهن جي ڪولنگ شايد پهرين صف وارن تائين پهچندي هجي. اسان مان هر ڪو پنهنجي سامهون وارو پکو هلائي نفل نماز پڙهي رهيو هو يا وري بلب ٻاري قرآن پاڪ کڻي تلاوت ڪرڻ شروع ٿيو. پکي هلڻ کان سواءِ مسجد ۾ گرمي پيئي محسوس ٿي. تقريباً پنج کان پوءِ ڪجهه بزرگ اچڻ شروع ٿيا جيڪي بُشَٽِ يعني صدري ۽ ملئي پوتڙو پهريل هئا، ڪجهه

بزرگ عربي گائون ۾ بہ آيا. مون پئي سوچيو تہ هتي مسجد تہ وڏي آهي پر اسان جي ملڪ وانگي صبح جي نماز ۾ ڪجهہ ئي بزرگ هوندا پر ڏسندي ئي ڏسندي **300** جي لڳ ڀڳ ماڻهو نماز لاءِ اچي ويا ۽ تقريباً **5** کان **6** صفون ٿيون. هونءَ تہ مسجد جي هڪ پاسي ڏانهن وچ تي پارٽيشن ٿيل هو پر جڏهن تہ پهريون ٽي صفون يڪو لڳاتار هيون، جن ۾ پارٽيشن نہ هو، آءٌ بہ جيئن تہ ٻي صف ۾ هئس، نماز پڙهي سلام ورائڻ مهل ڏٺم تہ عورتن واري پاسو بہ اڳيان کان ڪليل آهي. اندازي مطابق **30** کان **40** کن عورتون هيون، جن ۾ اسان سان گڏ آيل **10** کن ڇوڪريون بہ شامل هيون، اسان سان گڏ آيل شاگرداڻين کان علاوه سموريون عورتون وائيٽ گائون ۾ هيون. جڏهن مان مسجد مان ٻاهر نڪتس تہ عورتون گاڏين ۾ ويهڻ مهل گائون هٽائي پنهنجي روايتي ڪپڙن ۾ نظر آيون. ان جو مطلب تہ گائون گاڏي ۾ پيل هُيُنِ، صرف نماز لاءِ پهرين آيون، وري گاڏيءَ ۾ لاهي رکيائون. ائين مون نوٽ ڪيو تہ تقريباً سڀ ماڻهو پنهنجي گاڏين ۾ چڙهي روانا پئي ٿيا، سواءِ ڪجهہ ماڻهن جي جيڪي پنڌ پئي ويا.

ملائشيا ۾ پر واري گهر مان بہ گاڏين تي چڙهي مسجد اچڻ عام آهي، جو مينهن تمام گهڻو پوي ٿي ٻيو وري هي مسجد رستي تي هئي، تنهڪري شايد مسافر بہ لهي وهنجي سهنجي فريش ٿي نماز پڙهي اڳتي پنهنجي منزل ويندا هجن. بهرحال اسان مسجد مان **6.30** بجي ڌارا نڪتاسين ۽ رستي ۾ هڪ هوٽل تي ناشتي لاءِ بس روڪي ويئي، جتي **3** عورتون هوٽل هلائي رهيون هيون، جيڪي سڀ جو سڀ ميزن تي سجائي رکيل ناشتي جي ٿانون اڳيان بيٺيون هيون، انهن جي انگلش بہ سني هئي. جيئن تہ ملئي جي هوٽل تي ناشتي ۾ هر شيءِ چانورن سان هوندي آهي يا وري تامل هوندو تہ روٽي چنائي سان بہ. پر هتي روٽي چنائي گهرڻ تي چيائون تہ ماني هٽڻ وارو نہ پهتو آهي، تنهڪري مون هتان جو روايتي چانور وارو ڊش جنهن کي ناسي ليماڪ هڪ عدد اندو ۽

ڪجھ ڪيرن سميت ڪنيو ۽ چانھہ جنھن ڪي ملئي زبان ۾ ٿھتاري چون اھا بہ چئي، بل **3** رنگٽ آيو، اسان جي ناشتي ڪندي ئي روٽي چنائي لڳائڻ وارو تامل اچي ويو پر جيئن تہ آءٌ ناشتو ڪري رھيو ھيس تنھڪري ماني نہ گھرايم. بھرحال ھن شھر ۾ بہ ڏينھن رھڻ دوران جنھن ھوٽل ۾ بہ وياسين تہ وڌ ۾ وڌ عورتون ئي ھوٽل ھلائيندڙ مليون، البتہ ڪجھہ مرد جن ۾ چانھن ناھڻ وارو ۽ ماني ھٽڻ وارو شامل ھئا سي بہ تقريباً اندين تامل نسل جا نہ تہ ملئي عورتون ئي ھونديون ھيون، جن ۾ ڪا پيسن وٺڻ تي ۽ ٻيو ڪاڏو ڪٽندي ڏسڻ تي، جو ملائشيا ۾ تقريباً سمورا ڊش سيني ھوٽلن تي بوفي جيان لڳل ھوندا آھن، پنھنجي پسند مطابق پليٽ ۾ ڪجھہ ڪائڻ لاءِ ڪٽي اچي ويھجي ٿو، جتي اچي حساب لڳائي بل ڏيئي وجن ٿا. ھن ھوٽل تي چڪن، مڇي فراءِ بہ ھئي چانورن سان گڏ تہ وري مرغي جو ٻوڙ بہ، اندا فراءِ بہ تہ وري بوائل اندا بہ، پر ڪائٽا چانورن سان ھجن ٿا، ھا باقي روٽي چناءِ سان دال ڏين جيڪو اسان لاءِ وڌيڪ مزيدار ناشتو ٿئي ٿو بنسبت ناسي ليماڪ ڪان، پر اھا بہ حقيقت آھي تہ ناسي ليماڪ دنيا جي **10** بھترين ناشتن ۾ شامل ٿئي ٿو، سو آءٌ تہ ناسي ليماڪ ڪڏھن ڪڏھن گھر بہ تيار ڪرائيندو آھيان جو منھنجي گھرواري انھن ڊاٻي واري ھوٽلن ڪان وڌيڪ ذائقيدار ناسي ليماڪ ناھيندي آھي، جنھن جو سبب شايد گھر ۾ ڪوڪونٽ ملڪ وجھڻ آھي، ۽ ٻاھر ملئي ھاٽي شايد بجاءِ ڪوڪونٽ کير وجھڻ جي روايتي پاڻي ۾ چانور ناھي رکن ٿا. سو جيڪا ساراھہ ناسي ليماڪ جي ٻڌي پاڪستان ۾ يا وري سائين الطاف شيخ جي ڪتابن ۾ پڙھي اھا ٽيسٽ مونکي ڪڏھن بہ ٻاھر نہ ملي آھي، ٿي سگھي ٿو مون کي ناسي ليماڪ جو ذائقو پسند نہ ھجي پر گھر ۾ ضرور پسند آيو، ھڪ تہ آءٌ ٻيھي مڱ جام نھرايا جيڪو ھتي چانورن سان ملائي ڪائڻ جو رواج آھي، جيڪي فراءِ ڪجن ٿا، ھي بہ خاص ناسي ليماڪ سان ڪائبا آھن، ملئي تہ اڪثر ننڍي ننڍيون مڇي فراءِ ٽيل ڪائين، جيڪا مونکي ڪڏھن نہ وڻي

جو ان مان ڪچي مڇي واري بدبوءِ اچي، شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪير ۾ پڪل چانور وري ننڍي مڇي، بيهي مڳ، انڊو، ڪيرو ملائي ڪائڻ سان هي ناشتو دنيا جي صحتمند ناشتن جي فهرست ۾ اچي ٿو نه ته اسان وانگي چانهه ۽ پرانو ته بيمار ئي ڪري ٿو، بهرحال ناشتو ڪندي زور سان مينهن به پئي پيو، اسان بس ۾ چڙهي هوم ولاز آياسين، جيڪي روايتي گهر ئي هيا، اتي فريش ٿي وهنجي سهنجڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ ڏنو ويو. نيڪ **9.30** بجي بس ۾ سڀ اچي به ويا ۽ **9.45** تي اسين پنهنجي شيڊول جي پهرين آفيشل وزٽ يونيورسٽي سلطان زين العابدين ۾ اچي پهتاسين.

## سلطان زين العابدين يونيورسٽي جي لائبريري ۾

هيءَ يونيورسٽي، ڪولا ترنگانو شهر ۾ ئي آهي ۽ شايد سٽي سينٽر کان **10** ڪلوميٽر پري، پر ملائشيا جي سيني يونيورسٽين جيان خوبصورت ۽ هڪ پلاننگ سان ٺهيل، مين گيٽ جي پاسي ۾ ئي هڪ عاليشان مسجد اٿس، اسان اتان گذري ايڊمنسٽريشن بلڊنگ وٽ بس بيهاري ٿوري دير لاءِ بس اندر ئي وينا رهياسين جو مينهن تمام گهڻو تيز هو ۽ گهمڻ جي شوق ۾ سڀ ڇٽي ڪٽڻ وساري آيا هئا، مون ڏنو ته مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڇٽي نه هئي پر ملائشيا جو مينهن جيڪو وسي به اوچتو ۽ بند به اوچتو ئي ٿئي. مينهن گهٽ ٿيڻ تي سڀ لهي يونيورسٽي لائبريري طرف وياسين. لائبريري جي گيٽ تي ڪجهه آفيشل اسٽاف اسان جو استقبال ڪيو ۽ رسيپشن تي ڦوٽو سيشن ٿيو، پوءِ لائبريري جي ٻي منزل تي هڪ ننڍي هال ۾ وٺي ويا، جتي ناشتي جو بندوبست ٿيل هو. ناشتي ۾ چانهه، بوائل انڊا، ڪيرا ۽ چانور يعني ناسي ليماڪ شامل هئا. ناشتي ڪرڻ کان پوءِ ساڳي منزل تي موجود ڪمپيوٽر هال ۾ ويهاري اسان کي لائبريري جي باري ۾ ۽ هن يونيورسٽي جي باري ۾ بريفنگ ڏني ويئي. ان سيڪشن ۾ تقريباً

منهنجي اندازي مطابق 200 کن ڊيسڪ ٽاپ ڪمپيوٽر هئا ۽ ڪجھ ليپ ٽاپ ڪمپيوٽر بہ موجود هئا. اسان کي بريفنگ ڏيڻ لاءِ لائبرري جي اسسٽنٽ پروجيڪٽر تي سلائيڊيون تہ هلايون پر سلام ڪرڻ کان پوءِ ڳالهائڻ وقت همراه ايڏو پيو شرمائي ۽ مسڪرائي جو بہ يا ٽي منٽ وني ويو تہ شروعات ڪيئن ڪري، پهرين تہ ٻڌايائين تہ اسان جي ملئي زبان ڪوالالمپور ۾ ڳالهائي ويندڙ ملئي کان ڪجھ مختلف آهي پوءِ چيائين تري ما ڪسي يعني يلي ڪري آيا پوءِ انگلش ۾ چوڻ چاهيائين پر همراه کي ويلڪم وارو لفظ نہ پئي مليو شايد سو سوچيندي عربي ۾ اهلان وسهلان بہ چئي ويو پر وري خاموش ٿي ويو بلڪہ هي ملئي ماڻهن جو ڪو قدرتي انداز آهي، اڪثر ڳالهائيندي ٻڏي ويندا آهن ۽ اسان کي لڳندو تہ همراه کي ڳالهائڻ نہ ٿو اچي. بهرحال همراه کي شرمائيندي ويلڪم لفظ باري ۾ سوچيندي جيڪو هن جي زبان تي نہ اچي رهيو هيو سو وچ ۾ ڪٽي اسان جي ميڊم ارجمند بانو سومرو ڳالهايو تہ **Brother you want to say us welcome** تنهن تي سيني ملي مسڪرايو ۽ هن همراه بہ ان وقت ئي جوش مان ويلڪم بجاءِ چيو تہ **I want to say thank you all for being here at our university library**، مطلب هن کي شروعات ڪرڻ لاءِ هي جملو چوڻ لاءِ ايڏو سوچڻ جي ضرورت پئي پر پوءِ ملئي ۽ انگلش ۾ آرام سان ڳالهائيندو بہ رهيو ۽ سلائيڊون بہ ڏيکاريندو رهيو.

هن لائبريري جي خاص ڳالھ هيءَ هئي تہ هر شيلف ٻاهران ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي تصوير سان ان جو ڪو سنو قول لکيل هو. هي لائبريري بہ ملائشيا جي ٻين لائبررين جيان مينيجمينٽ سسٽم تي هئي ۽ ڊجيٽل رڪارڊ ڪيپنگ سسٽم نہ صرف لائبرري جي سمورن ڪتابن پر ميمبرس کان ويندي هر تفصيل سسٽم ۾ محفوظ ٿيل هئي، ويندي ڪتاب جاري ڪرڻ ۽ جمع ڪرڻ لاءِ خودڪار مشينون بہ موجود هيون، لائبريري جي گيلري ۾ تاريخي پينٽ ٿيل تصويرون بہ فريم ٿيل هيون جن ۾ هڪ تصوير ڏانهن

سائين عمران جو ڌيان ويو ۽ مون کي سڏي چيائين هي ڏس، مون غور ڪيو تہ اها تصوير مڪلي جي آثارن جي هئي، سو اسان پڪ ڪرڻ لاءِ تصوير جي پنيان ڏنو تہ ڪجھ بہ لکيل نہ هيو، اتي موجود لائبرري جي اسٽاف کان پڇا ڪئي تہ چيائون ڪنهن اڻ ڄاتل ماڳ جي آهي، جڏهن تہ ڪافي ٻين تصويرن تي ملڪ ۽ ماڳ جو نالو لکيل هيو پر هن تي ڪونہ لکيل هو، سو اسان ٽنهي مون، سائين عمران ۽ ميڊم ارجمند لائبريري جي ايڊمن آفيسرن کي ٻڌايو تہ هي اسان جي ملڪ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي تاريخي جڳھ مڪلي جي تصوير آهي، هو مسڪرائيندا رهيا پر نالو ڏين يا نہ اها پڪ نہ آهي. لائبريري جي بريفنگ کان پوءِ لائبريري جا سمورا سيڪشن گهمياسين، ٻاهر نڪرڻ مهل سمورن آيلن کي هڪ گفٽ بيگ ڏني ويئي جنهن ۾ پين، نوٽ پيڊ، چاٻين لاءِ چلو، هڪ عدد ڪپ جنهن تي يونيورسٽي مونو گرام نهيل هو، سمورن شاگردن کي ڏنوويو، پر اسان سان گڏ آيل پروفيسر کي ڏيڻ مهل اسان سمورا شاگرد پويان بيناسين ۽ لائبريري جي مين گيٽ وٽ بيهي اسان سان آيل استاد ۽ لائبريري جي اسٽاف کي ڪجھ ڪتاب ۽ گفٽ بيگ ڏنائون ۽ اسان جي پروفيسر بہ ٽوڪن آف ايپريسئيشن هن لائبريري جي ڊائريڪٽر کي ڏنو. ائين پوءِ موڪلائي يونيورسٽي لائبريري جي ٻاهران گفٽ شاپ ۽ ڪينٽين تي اچي ويناسين ۽ شيڊول مطابق اتان **12.30** نڪرڻو هيو، ان وقت **12** ٿيا هئا، آءٌ ڪجھ دير لاءِ ڪيمپس گهمي ڏٺو، پوءِ ٺيڪ ٽائيم تي اتان نڪتاسين، هڪ ٻي يونيورسٽي گهمڻ لاءِ جيڪا هن رياست جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري يونيورسٽي آهي جنهن جو نالو يونيورسٽي ملائشيا ترنگانو آهي، ان يونيورسٽي پهچڻ ۾ ڏھ يا پندرنهن منٽ لڳا هوندا، جتي پهرين يونيورسٽي جي مسجد پرسان گاڏي بيهاريائون ۽ پروگرام مطابق هتي ظهر جي نماز کان پوءِ **2** بجي هتي جي لائبريري ۾ ٽائيم هو، تيستائين هتي مسجد ۾ نماز پڙهي رليڪس ٿياسين.

## يونيورسٽي ملائشيا ترنگانون ۾

هن يونيورسٽي جي خوبصورتي بہ سندس گيٽ کان ئي محسوس ٿي. اسان جي بس يونيورسٽيءَ مان اندران ٿيندي سڌو اچي يونيورسٽي مسجد جي ڀر واري پارڪنگ ۾ بيٺي. مسجد جو هال انتهائي ڪشادو هو، ۽ هوا جي ڪراسنگ ڪابي ڪان ساڄي طرف هئي. ٻنهي طرف گيٽ کليل ها، جنهنڪري تمام بهترين هوا لڳي رهي هئي، سچ تہ ٿوري ٿڌي هوا محسوس ٿي جو ٻاهر جهڙالي موسم هئي، مسجد کان ٻاهر نڪري ڏٺو تہ پاسي کان پاڻي جي ندي هئي يا چئجي تہ وڏو نالو هو مينهن جي پاڻي ڪڍڻ لاءِ، ان وقت بہ زوردار پاڻي مسجد جي پاسي کان گذري رهيو هو. مسجد ۾ اسان شاگردن نماز سفر ادا ڪئي. جماعت هڪ نائيجيرين دوست ڪرائي، مسجد ۾ ايندڙ لوڪل ملئي اسان کي پري کان ئي کِلي کيڪارين پيا. ائين اتي تقريباً 2 بجي تائين مسجد مان نڪتاسين ۽ بس ۾ چڙهي ڪئمپس اندر موجود يونيورسٽي لائبرري پهتاسين.

يونيورسٽي لائبريري جي بلڊنگ عاليشان هئي، گيٽ تي ڊپٽي لائبررين ۽ ڪجهہ ٻيا اسٽاف وارا بيٺا هئا جيڪي اسان مان هر هڪ سان مليا، ٿيون ائين جو هو جيئن بيٺا هئا اسان بس مان لهڻ شرط قطار نهي ويئي ۽ ائين انهن سان هٿ ملائيندا اڳتي وڃي بيناسين، پوءِ هو اسان کي لائبريري جي اندر وٺي ويا، لائبرري جي داخل ٿيڻ جي جڳهہ گرائڊ فلور کان نہ هئي جو تمام وڏون ڏاڪٽيون هيون، جن تي چڙهي اسين لائبريري جي ليول ون تي ڊائريڪٽ آياسين، مٿي ڏاڪڻ تي يونيورسٽي لائبريري جو ڊائريڪٽر اسان جي ملڻ لاءِ بيٺو هيو، جنهن سڀني سان هٿ ملايو ۽ ويلڪم ڪيو، هي لائبريري بہ ملائشيا جي يونيورسٽين جي ٻين لائبررين وانگر تمام بهترين هئي، داخل ٿيڻ شرط هڪ ڪشادي هال جي پاسي ۾ رسيپشن، پوءِ واڪ ٿرو گيٽ جنهن ۾ عام

شاگرد تہ ڪارڊ پنچ ڪري داخل ٿين، پر اسان لاءِ اڳي ئي سسٽم جام ڪري ڇڏيون هين جو اسان اندر داخل ٿياسين پوءِ پهرين هال ۾ اندران لفٽ ۾ چڙهي لائبريري جي چوٿين منزل تي آياسين. جتي هڪ ملٽي ميڊيا هال ۾ اسان لاءِ بريفنگ رکيل هئي، بريفنگ هڪ لائبررين آفيسر ڏني، جنهن جي پرسان ڊائريڪٽر لائبريري بہ ويٺو رهيو، جنهن معذرت ڪندي چيو تہ اصل ۾ بريفنگ مون کي ڏيڻي هئي پر منهنجي طبعيت صحيح نہ آهي. ان ڪري آءٌ نٿو ڏيئي سگهان، باقي توهان جي سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ پنهنجي هن دوست جي مدد ڪندس.

بريفنگ جي شروعات ترنگانو اسٽيٽ جي ثقافت، تفريحي ۽ تاريخي مقام جي تفصيل ٻڌائڻ سان ڪئي ويئي، پوءِ اسٽيٽ حڪومت طرفان تيار ڪيل ڊاڪومينٽري ڏيکاري ويئي. جيئن تہ هي سال **2017** ترنگانو حڪومت طرفان سياحت جو سال ڪري ملهايو پئي ويو، جنهنڪري هي ڊاڪومينٽري بہ تازي ٺهيل هئي. ان ڪان پوءِ لائبريري جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ٿي، هتي لنچ جو بندوبست ٿيل هو. هن يونيورسٽي جون پنهنجو الڳ سان جهنڊو هو جيڪو سڄو اڇي رنگ ۾ هو، پر ان جي وچ ۾ **UMT** لکيل هيو جنهن هيٺان بيهي مون تصوير ڪيرائي، پوءِ هن يونيورسٽي جي فشريز ۽ ميرين شعبي وياسين جتي شعبي اندر هڪ سنو اڪيرم بہ هيو جنهن ۾ مڇي سان گڏ ڪيترائي سامونڊي جاندار رکيل هئا، ان ڪان علاوه هڪ بهترين ليبارٽري جنهن کي هن يونيورسٽي ۾ تجربي گاه طور استعمال ڪيو پيو جتي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو تہ هتي ڪيترن ئي قسمن جون سامونڊي ۽ تازي پاڻي جي مڇين، ڪمين ۽ ٻين جاندارن تي تجربا هلندڙ آهن، جيڪي اسان کي گهمائي ڏيکاريا ويا سوين وڏا ننڍا پاڻي جا حوض ٺهيل هيا جن ۾ جيوڙا رکيل هيا، پاڻي جو سسٽم سڄو ٽرپنگ تحت رکيل هيو، هر ٽب آڏو ان تي ڪم ڪندڙ شاگرد ۽ ڪجهہ استاد بيٺل هئا، جيڪي اسان کي سمجهائيندا رهيا. ائين

اهو ڏسي اسين يونيورسٽي مان نڪتاسين ته تقريباً **5** ٿي رهيا هئا، ان ڪان پوءِ پهرين ڏينهن جي شيڊول مطابق آخري جڳهه سمنڊ ڪناري تي ٿوري دير لاءِ وڃڻو هو سو تقريباً **10** ڪان **15** منٽن جي سفر ڪان پوءِ ترنگانو جي ايئرپورٽ پار ڪندي اچي سمنڊ ڪناري پهتاسين.

## ڪولا ترنگانو سمنڊ ڪناري

بس ۾ پروگرام جي آرگنائيزر اعلان ڪيو ته ترنگانو جا ساموندي ڪنارا انتهائي گهرا آهن، تنهنڪري پاڻيءَ جي ويجهو نه وڃڻ جي تاڪيد ڪئي، ۽ چيائين باقي توهان پلي ڪناري سان گهمون. اسين تقريباً **5** بجي ڌاري سمنڊ ڪناري پهتاسين ۽ اسان کي **7** بجي تائين اتي گهمڻ لاءِ ٽائيم ڏنو ويو. اهو به چيو ويو ته ڊنر به هتان ئي ڪري ڇڏجو جو هتان ڪان پوءِ سڌو رهائش واري هنڌ هلنداسين . هي سمنڊ واقعي تمام گهرو هو تنهنڪري اسان پاڻي ۾ ئي پير ڪونه وڌا، پر پسيل واري تي هلي مزو ورتو. هي سمنڊ نهايت خوبصورت ڏيک وارو هو، ائين پئي لڳو ڄڻ سمنڊ ۽ آسمان پاڻ ۾ گڏيل آهن يا آسمان اچي سمنڊ ۾ لٿو آهي، سمنڊ جي پاڻي ۾ به ڄڻ آسمان نظر اچي رهيو هو ۽ پاڻي بلو لڳي رهيو هو، جيترو ماٺهو گهرائي سان ڏسي پيو ائين پيو لڳي ڄڻ آسمان سمنڊ جي پاڻي پيئڻ لاءِ هيٺ لهي آيو هجي. تمام دلفريب نظارو هو جيڪو شايد ڪراچي سمنڊ ڪناري مون ڪڏهن نه ڏٺو، جتي آسمان ۽ سمنڊ سدائين مون کي هڪبئي ڪان پري پري نظر آيا، ويندي سمنڊ جو پاڻي بلو نه پر ميرو هوندو آهي، ڪناري تي گند ڪچرو نظر ايندو آهي، پر هتي ڪناري تي سواءِ سپين جي ٻيو ڪجهه به هو، هتي سمنڊ جي ڪناري سان وڻ ئي وڻ هئا، ته وري پٿرن جو بند به، جتي نظر ڊوڙائي ته پري پري ڪجهه گاڏيون نظر آيون ۽ چار يا پنج جوڙا وينل به نظر آيا، جيڪي ٿي سگهي ٿو شادي شده هجن. هتي بنا نڪاح جي ائين مسلمان نوجوان ڇوڪري ۽ ڇوڪرو

اڪيلي ۾ ڪنهن تفريح واري جاءِ تي ويهڻ جي منع آهي، خاص طور هي رياست تہ آهي ئي اسلامي پارٽي جي اثر ۾، تنهنڪري انهن تي ڪيس ٿي سگهي ٿو، بهرحال هتي هر ڪو گهمندو ڦوٽو ڪڍرائيندو رهيو، اسان ڪناري واري روڊ جي ڀئي پاسي جيڪي هوٽل نهيل هئا اتي اچي جوس پيتو ۽ سائين عمران چيو تہ رات جو بک لڳندي سو ماني ڪاڻ لاءِ چيائين، مون چيو: يار هاڻي تہ ڪائي آيا آهيون ڀيو صبح کان وني ٻہ دفعا ناشتو ۽ ٻہ دفعا لنچ ڪري چڪا آهيون، بهتر آهي تہ جوس پي هلون، پر سائين عمران صفا ان معاملي ۾ ڳالهہ ٻڌڻ وارو نہ هو ۽ مينيو گهرايائين سندس پسند جي ڪا بہ شيءِ موجود نہ هئي، اڪثر ڪاڌا ختم ٿي چڪا هئا، پوءِ سائين ڀئي هوٽل تان بہ پڇي آيو پر ڳالهہ ساڳي سو سائين ڪي پريشان ڏسي هڪ بنگالي ڪم ڪندڙ اردو ۾ اچي پڇيو تہ ڇا ڪائندا، آءٌ توهان لاءِ تيار ڪرائي ڏيندس، پر سائين وارو آرڊر ان ڪي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو، نيٺ بنگالي ويچاري هڪ پاڪستاني دوست سان مون ڪي فون تي ڳالهرايو تہ هي دوست پاڪستاني آهن هنن سان ڳالهائي ٻڌائي تہ ڇا ڪائيندا پر ڳالهہ اها هئي تہ سائين واري آرڊر مون ڪي بہ ڪونہ پئي سمجهہ ۾ آيو، سو هن پاڪستاني جيڪو پنهنڻ هو خير خيريت ڪئي ۽ ڪيس چيو تہ ڪو مسئلو نہ آهي، اسين بس ملائشيا ۾ عام طور ملندڙ ناسي ليماڪ آيام جو آرڊر ڏيون ٿا، هن چيو ٺيڪ آهي باقي اسان لاءِ ڪو ڪم ڪار هجي تہ ٻڌايو مون چيو ادا مهرباني، وري بہ چيائي توهان هتي هوندا، ضرورت هجي تہ فون ڪجو نمبر بنگالي کان وٺي ڇڏيو، مون چيو قرب ادا ٺيڪ آهي، ائين فون رکي بنگالي ڪي چيم پريشان نہ ٿي ناسي ليماڪ تہ آهي ان ۾ چڪن وجهرائي فرائي ڪرائي پارسل ڪري ڏي، هن ها ڪئي ۽ اهو آرڊر تيار ڪرائي ڏنو، مون هڪ پليٽ چٽي تہ سائين چيو **2** رات وڏي آهي بک لڳندي مون چيو ادا ٺيڪ آهي بہ نهرايو. بنگالي وڌيڪ ٻڌايو تہ **13** سال کان هن ئي رياست ۾ آهيان هاڻي هڪ ملئي ڇوڪري سان

دوستي ٿي ويئي آهي جلد شادي ڪندس ۽ هتان جو ٿي ويندس وڏيڪ ٻڌايائين تہ 13 سالن ۾ فقط 4 دفعا پنهنجي ملڪ بنگلاديش ويو آهيان، باقي گهر پيسا موڪليندو رهندو آهيان. اسان سندس جا احسان مڃيندي موڪلائڻ جي ڪئي ۽ تقريباً 7.15 بجي بس نڪتي ۽ اسان اچي پنهنجي رهائش واري جڳهہ پڳاسين رستي ۾ گاڏي سيون ايليون دڪان تي بہ بيٺي جتان وري ڪنهن ايزي لوڊ ڪرايو، ڪنهن بسڪٽ، بريڊ، ٽافيون يا چاڪليٽ ورتا. ڪمري تي پهچڻ سان ننڊ اچڻ لڳي حالانڪ سڄو ڏينهن علم ۽ تفريح جي وارين جڳهن تي هجڻ ڪري ۽ رات ڪان اوجاڳي جي احساس ئي ڪونہ رهيو پر جسم پروڙي ورتو هو تہ ڪمري تي جاڳڻ اجايو هوندو، سو موبائل چارج تي لڳائي سائين عمران واري موبائل تان عابده کي فون ڪري ٿورو ليٽي پيس ۽ سوچيم تہ ڪجهہ دير آرام ڪري پوءِ چانور ڪائيندس نہ تہ صبح تائين خراب ٿي ويندا پر خبر تڏهن پيئي جو صبح جو 7 وڳي موبائيل تان الارام وڳو، ائين رات سڄي گهري ننڊ ۾ گذري ويئي، شايد سفر جي برڪت هئي جو پرسڪون ننڊ نصيب ٿي، سائين ٻڌايو تہ دير سان هن پنهجا چانور ڪائي ڇڏيا هئا باقي منهنجي لاءِ ت پيا آهن، ۽ خراب ٿي ويا آهن، جو ڪمري ۾ ڪا فرج نہ هئي، هيٺ الڳ سان ڪامن فرج هئي پر جيئن تہ منهنجو ارادو دير سان ڪائڻ جو هيو، اتي ئي رکيل هجڻ ڪري خراب ٿي ويا ڏک بہ ٿيو تہ رزق ضايع ٿيو.

## ڪولاترنگانو ۾ ٻيو ڏينهن

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي تيار ٿي 8 بجي ٻاهر آيس، تہ بس وٽ اڃان ڪير بہ نہ آيو هو، پر صبح جو جهڙالي موسم هئي ۽ رات سڄي مينهن هئڻ ڪري ڇڻ هلڪي هلڪي ٿڌي هوا بہ گهلي رهي هئي. رستي جي ٻئي طرف هڪ وڏو پارڪ هو جتي بہ گهوڙي سوار نوجوان گهوڙن تي گهمي رهيا هئا، پارڪ ۾ گل،

ٻوٽا، وڻ، ڇپر ۽ سائو گاهه تازو تازو وهنتل پئي لڳا. گهوڙي سوار کي مون چتائي پئي ڏنو ته هن مون ڏانهن مسڪرائي سلام ڪيو مون به هن کي ڪنڌ لوڏي مسڪرائي سلام جو جواب ڏنو. ائين تقريباً **8.30** بجي هوم ولاز تان بس ۾ چڙهي نڪتاسين ۽ شهر کي ڪراس ڪندا جتي هن شهر کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪندڙ ندي به آئي جنهن جي پل تان به گذرياسين، هي پل شهر جي وچ تي هجڻ ڪري شهر کي هڪ دلفريب منظر ڏيئي ڇڏيو هو. ائين اسان پروگرام مطابق **9** بجي ڏاري ترنگانو رياست جي اسٽيٽ لائبرري پهتاسين پر اسان جو پروگرام شيڊول جيئين ته **9.30** هو، تنهنڪري سيني کي چيو ويو ته ناشتو ڪري وٺو پوءِ ٿا اندر هلون، سو اسان جي بس ته لائبرري جي پارڪنگ ۾ ويئي پر اسان روڊ ڪراس ڪري سامهون ئي هڪ ملئي هوٽل تي آياسين جتي هر ڪنهن پنهنجي پسد مطابق پليٽ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪنيو ڪنهن ناسي ليماڪ، اندو ڪنيو، ڪنهن بريڊ ۽ چڪن، يا فش يا وري اندو ڪنيو،، مان به بريڊ ۽ چانهه، اندو ۽ ڪجه ڪيرا ڪنيا ۽ ٽيبل تي وجي سائين عمران ۽ پروفيسر وان علي سان وينس جيڪو ملائشيا جي قومي لائبرري جيڪا ڪوالالمپور ۾ آهي ان جو ڊائريڪٽر جنرل ٿي رٽائر ٿيو آهي ۽ هاڻي يونيورسٽي ۾ ڪانٽريڪٽ تي پروفيسر طور پڙهائي ٿو. ان مون سان پاڪستان جي باري ۾ ڪچهري ڪئي ۽ هو به اڪثر ملائشين وانگر پاڪستان آرمي مان متاثر نظر آيو ۽ چيائين ته پاڪستان ملٽري طاقت ۾ باقي مسلم دنيا کان ڪافي اڳتي آهي، ان کان علاوه مون نوٽ ڪيو ته هن کي پاڪستان جي سمورن علائقن جي ڪلچر، ٻولي ۽ اختلافن جي به ڪڙڪ هئس، جو مون کان پڇيائين ته توهان سڀ جيڪي پروفيسر اسدالله وٽ شاگرد آهيو سي سنڌي آهيو، مون چيو نه سائين وٽ پنجاب مان به شاگرد آهن ته خيبر پختونخواهه مان به، پوءِ چيائين پاڪستان مان پنجابي وڌيڪ ترقي وارا آهن ائين نه، مون چيو ها اهو آهي وڌيڪ ڳالهائيندي چيائين

پاڪستان جي موسم سڻي آهي سال ۾ چار موسمون آهن هتي اسان وٽ هڪ ئي موسم آهي، اسان کي چار موسمن ۾ رهڻ جو ڏاڍو شوق آهي، دل ۾ چيم ڳالهه ته صحيح ٿو ڪري پر اهو تڏهن هجي جو سهولتون ملائشيا واريون هجن باقي موسم اسان واري، نه ته هڪ موسم ملائشيا جي به هزار دفعا ڀلي، جو اسان وٽ ڪو گرمي جو حل آهي نه سردي جو. ٻنهن صورتن ۾ ماڻهو پيا مرن، تنهنڪري اسان جو چار موسمون اسان لاءِ بيمارين جا انبار به کڻي اچن ٿيون، خرچ وڌن ٿا، قدرتي طرح وڏيڪ فصل ته ٿين ٿا پر اهي موسمون وڏيڪ خرچ به ڪرائين ٿيون، جيڪو اسان جو غريب پيڙهيل طبقو انهن موسمن جي گهرج جو مقابلو نٿو ڪري سگهي، سوين ماڻهو بجلي پاڻي جي سهولت نه هجڻ ڪري مريو وڃن، گرمين ۾ به ته سردين ۾. خير قدرت طرفان موسم جي نعمت کي اسان جي ڪرپٽ حڪمرانن اسان لاءِ زحمت بڻائي ڇڏيو آهي، پروفيسر وان علي منهنجو اِهي ڳالهيون ڪونه سمجهي ها سو مون دل ۾ ئي پئي سوچيو ۽ ان جي اڳيان ته خوشي جو اظهار ڪيو ته اسان وٽ چار موسمون الڳ الڳ ٽائيم تي ته آهن پر مختلف علائقن جون موسمون هڪ ئي ٽائيم تي مختلف هجڻ ڪري گرمين ۾ ماڻهو سرد علائقن ڏانهن يا سرد علائقن مان گرم علائقن ۾ ماڻهو گهمڻ ۽ تفريح ڪرڻ ايندا رهن ٿا.

مان ناشتو ڪرڻ ڪان پوءِ اچي ڪائونٽر تي ٻڌايو ته مون هي شيون کڻي ڪاڌيون آهن، بل ٻڌايو، بل **2.30** رنگٽ آيو يعني **60** روپين جي قريب، منهنجي لاءِ ته هي ناشتو مهانگو ٿيو پر ملئي ماڻهن لاءِ تمام سستو آهي، جو انهن جي پگهار گهٽ ۾ گهٽ **1200** رنگٽ يعني هن وقت جي ڪرنسي مطابق پاڪستاني **40** هزار روپين برابر آهي. پر اسان وٽ گهٽ ۾ گهٽ پگهار **12** هزار آهي سو ان حساب جي اسان وٽ ڪو **22** گريڊ جو پروفيسر **2** لک پگهار به کڻي ٿو ته هتي جي پروفيسر **6** کان **10** لک پگهار کڻي ٿو، سو ان لاءِ **2** رنگٽ جو ناشتو ڪهڙو مسئلو.

ٻڌائيندو هلان ته ملائشيا جا ماڻهو ڪاڏي جي معاملي ۾ ڏاڍي سادگي پسند آهن. ملئي مزدور هجي، ڊرائيور هجي يا ڪمپني جو مالڪ ۽ وڏو سرڪاري آفيسر ڪاڏو ساڳو ئي کائيندا آهن، ويندي اسان يونيورسٽي ۾ اهو به مشاهدو ڪيو آهي ته جتي ڪو ريڪٽر يا ڊين وغيره سان پروگرام هوندو آهي ۽ ان ۾ کاڌي جو بندوبست هوندو آهي ته سڀ لائين ۾ بيهندا ته ان ۾ اهي به بيٺا هوندا جيڪي اهو کاڌو کڻي آيا هوندا يا صفائي ڪندڙ عملو ئي ڇو نه هجي، هر ڪو پليٽ هٿ ۾ کڻي پنهنجي لاءِ کڻي وڃي ٽيبل تي ويهندو ۽ چانور يا ڀاڄي سان گڏ شربت يا چانهه يا حلوي جو حصو به گڏ کڻندو، نه ڪير ڪنهن کي پاڻي لاءِ سڏ ڪندو نه وري گريبي يا وڏيڪ برياني يا نان يا ماني آڻڻ لاءِ. جي ڪنهن کي وڌيڪ ڪجهه کڻڻو به آهي ته پاڻ اٿي وڃي کڻي ايندو، پوءِ چاهي وي سي هجي يا ڪلرڪ يا سيڪيورٽي گارڊ.

## اسٽيٽ لائبريري ترنگانو

تقريباً **9.30** لائبريري آياسين ته گيٽ تي ئي لائبريري جو ڪجهه اسٽاف بيٺل هيو، جن ۾ چار يا پنج ملئي رواجي ڊريس باجو ڪورونگ پهريل عورتون ئي شامل هيون، انهن اسان کي ويلڪم ڪيو، انهن ۾ هڪ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائبريرين هئي ۽ باقي سڀ سيڪشنل هيڊ هيون. اسان لائبريري جي مين گيٽ کان اندر رسيپشن ايريا ۾ آياسين ته اتي ڪافي سارو ٻيو اسٽاف به بيٺو هو، جن ۾ چيف لائبررين به هئي جيڪا باقي ملئي عورتن کان ڪافي مختلف لڳي رهي هئي، رسيپشن تي گروپ ۾ ڪجهه تصويرون ڪڍيون ويون، اُتي اسان جي هڪ ميزبان چيو ته تصويري سيشن هر هنڌ هميشه آخر ۾ ٿيندو آهي پر جيئن ته اسين سڀ توهان جي آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ موجود آهيون، ٻيو سڀ فريش به آهيون، تصويرون سٺيون اينديون، ان ڪري ڪڍي ٽا ڇڏيون.

لائبريري ۾ اندر داخل ٿيڻ سان رسيپشن جي اڳيان هال ۾ بيهي احساس ٿيو ته لائبريري جي اندر هڪ پاسي جڻ ننڍڙي بازار هجي جو ڪيترا ئي اسٽال هئا، جن تي ثقافتي شيون رکيل هيون، جن ۾ ٻارن جا ڪپڙا، رانديڪا، پينون، ڪتاب، رانديڪا به شامل هئا. جيئن ته گيٽ کان اندر داخل ٿيڻ ۽ رسيپشن ۾ وجڻ وقت ئي احساس ٿيو ته لائبريري تمام وڏي آهي ۽ هال جي ڇت تمام مٿي آهي جو مٿي نهاريو ته هي رسيپشن واري هال جي ڇت ڊائريڪٽ لائبريري جي پنجين فلور جي مٿان رکيل ته هئي، رسيپشن جي ٻئي طرف ٿورو پري هڪ ڪيفي ٽيريا به هيو جتي 50 کان مٿي ماڻهن جي ويهڻ لاءِ صاف سٿريون ڪرسيون ۽ ٽيبلون لڳل هيون، مون کي هي لائبريري بلڪل نرالي لڳي جو هينئر تائين جيڪي به لائبريريون مان پاڪستان، چائنا ۽ ملائشيا ۾ گهميون هيون، انهن ۾ اندر ڪيفي ٽريا ۽ ننڍڙي بازار ڪونه هوندي هئي، هتي فوٽو ڪاپي ۽ پرنٽنگ لاءِ دوڪان به هيا، ۽ گيٽ جي اندران ديوار تي ملائشيا جي سمورن وزيراعظم جون تصويرون به لڳل هيون.
پر ان جي ٻي پٽ جيڪا لائبريري هال کي باقي لائبريري کان الڳ ڪري پئي، ان ۾ دروازو هيو، جنهن مان اسين سڀ اندر داخل، اسين پوءِ رسيپشن واري هال کي ڇڏيندي اندر لائبرري ۾ داخل ٿياسين. پهرين سامهون پڙهڻ لاءِ وڏو هال هيو پر اوڏانهن وڃڻ بجاءِ اسان کي پٽ جي پاسي ۾ ڏاڪڻ تي مٿي وڃڻ لاءِ چيو ويو. ۽ ٻڌايو ويو ته ٻئين فلور تي لفٽ آهي، اتان کان پنجين منزل تي هلڻو آهي، جتي بريفنگ ڏني ويندي، ڪافي چوڪرن چيو اسان اسٽيئرس استعمال ڪنداسين، سو سواءِ ڪجهه جي باقي ڏاڪڻ ذريعي مٿي ويا پر مان لفٽ ۾ ويس. پهرين تعارف ٿيو، لائبريري جي عملي ۾ گهڻيون عورتون ئي هيون، پهرين هن پراجيڪٽ جي تاريخي ڊاڪومينٽري ڏيکاري ويئي، پوءِ هن وقت موجود ٽيڪنالاجي ۽ سهولتن ۽ ڪتابن تي بريفنگ ڏني ويئي، بريفنگ ڏيندڙ ملئي ڇوڪري ٻڌايو ته هو انگلش لينگئيج ۾ ماسٽرس آهي،

۾ هن لائبرري ۾ بطور انگلش اسپيشلسٽ اسسٽنٽ طور ڪم ڪري ٿي، سندس پر ۾ وينل لائبرري انچارج چيو ته بريفنگ هي ڏيندي باقي توهان جي سوالن جا جواب آءٌ ئي ڏيندس. وڌيڪ ٻڌايائين ته هيءَ لائبريري ترنگانو اسٽيٽ گورنمينٽ جوڙي، هن لائبرري جي خاص ڳالهه هن جو ويلڪمنگ گيسچر آهي جيڪا ڇڻ پنهجو پاڻ هر اينڊڙ جو آڌر ڀاءُ ڪري ٿي ۽ اها ڳالهه توهان به محسوس ڪئي هوندي، لائبريري ۾ اندر داخل ٿيڻ سان توهان جي ذهن ۾ اهو سوال اٿيو هوندو ته هي لائبريري منفرد ۽ پرڪشش آهي، هن لائبريري جي ٻي خاص ڳالهه هتي ياسا ملايو ۽ انگلش ٻولي تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ لينگئيج سينٽر به آهي، ان ڪان علاوه لائبريري ۾ ٻارن جو ڪارنر، ۽ ڊجيٽل لائبريري ڪارنر ته آهي ئي آهي پر سڄي لائبريري جو رڪارڊ ڪمپيوٽرائزڊ آهي، آٽوميٽڪ مشين ذريعي ڪتاب پاڻ ئي اشو ڪري سگهجن ٿا ته وري مقرر تاريخ تي جمع به ڪرائي سگهجن ٿا، رجسٽرڊ ميمبرس جو تعداد **10** لک آهي، جن کي سسٽم جي ذريعي هر نئين ڪتاب جي باري ۾ ميسيج به ملي ٿو، ته وري بڪ جمع ڪرائڻ جو نوٽيس به، هي لائبرري جون سموري رياست ۾ موجود پيون به برانچون آهن جيڪي به هن لائبريري سان انٽيگريٽيڊ آهن، جن مان **8** لائبريريون ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽرس ۾ آهن ته وري **6** ٽائونس ۾ ته وري **46** لائبرريون ڳوٺن ۾ آهن، جيڪي مختلف علائقن کي گڏائي سينٽر پوائنٽ جي حساب سان جوڙيون ويون آهن. ائين سڄي رياست جي هر ڳوٺ کي لائبريري جي سهولت ميسر ڪري ڏني ويئي آهي، ان ڪان علاوه ماڻهن کي لائبريري ۾ ڪتابن ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ **4** موبائل بس لائبرريون به آهن جيڪي ڏورانهن علائقن ۾ وڃي ڪتاب مهيا ڪن ٿيون، ان ڪان علاوه هتان جي يونيورسٽين، ڪاليجن، اسڪولن ۽ مسجدن ۾ الڳ سان لائبريرون آهن، هن لائبريري جي ان مين بلڊنگ ۾ اسٽاف جو تعداد **194** ٻڌايو ويو جيڪي تعداد باقي برانچ لائبررين ڪان سواءِ آهي، لائبريري ۾

ميمبرشپ لاءِ **MYRAD** ڊجيٽل ڪارڊ ڏنو وڃي ٿو، جنهن جي ميمبرشپ فيس صرف هڪ رنگٽ آهي، هن لائبريري کي سمارٽ لائبرري بہ چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ هر ڪم خودڪار طريقي سان ٿئي ٿو، ڪتابن جي نمبرنگ بہ مختلف ڪلر ڪوڊنگ سان ٿيل آهي، سمورن قيمتي ۽ پراڻن تاريخي اهميت رکندڙ ڪتابن کي ڊجيٽل فارميٽ ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي، لائبريري **ISO** سرٽيفائيڊ آهي، هر مهيني لائبريري ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙن جي تعداد ۽ پڙهيا ويندڙ ڪتابن جي اسٽيٽڪس هتان جي ايجوڪيشن منسٽري کي موڪلي ويندي آهي، ائين مختلف وقتن تي ميمبرس کان سروي ڪري نوان ڪتاب گهرائڻ لاءِ لسٽ ناهي ويندي آهي، جيڪي بعد ۾ ساليانہ بجيٽ مان گهرايا ويندا آهن. لائبريري جي ٽوٽل ميمبرس جو تعداد املين يعني **10** لک هيو، جيڪو حيران ڪندڙ تعداد ٿي سگهي ٿو، جو هن رياست جي آبادي تقريباً **13** لک جي قريب آهي جنهن ڪري ايڏي زبردست ميمبرشپ هجڻ هن رياست جي تعليمي پاليسي کي ظاهر ڪري ٿي، ضرور ان ميمبرس ۾ اهي ماڻهو بہ هوندا جيڪي ترنگانو ۾ نوڪري، روزگار ۽ پڙهڻ واسطي آيل هوندا پر وري بہ **80** سيڪڙو تہ مقامي رياست جا ماڻهو ئي هوندا، هونءَ بہ ملائشيا جي لائبريري جي پاليسي تحت هڪ رياست جو ماڻهو ٻي رياست ۾ فقط رهائش جي عرصي دوارن ميمبر ٿي سگهي ٿو جو لائبررين وچ ۾ بڪ اوڌار سسٽم آهي، جي ڪنهن بہ عوامي لائبريري جي پڙهندڙ کي اهڙي ڪتاب جي ضرورت آهي، جيڪو ان ۾ نہ پر ٻي ڪنهن رياست جي لائبريري ۾ آهي تہ اتان ڪجهہ ٽائيم لاءِ بڪ بارو ڪري سگهن ٿا. سو سڄي ملڪ جي پبلڪ لائبرريز جي ڪيٽلاگ ڳنڍيل آهي ۽ ڪوبہ ميمبر ڪهڙي بہ رياست مان ويهي رياست جي لائبريري ۾ موجود ڪتاب ڏسي سگهي ٿو تہ ڪتاب ڪهڙي لائبرري ۾ موجود آهي.

## مسجد ڪرسٽل Crystal Mosque ۽ اسلامڪ ٿيم پارڪ:

ترنگانو اسٽيٽ لائبرري مان نڪري مسجد ڪرسٽل گھمڻ لاءِ وياسين، جيڪا دنيا جي ٽاپ 10 خوبصورت مسجدن ۾ شامل آهي، هي مسجد شهر ۾ ئي نهيل اسلامڪ سولائيزيشن پارڪ جنهن کي تمن تمندن اسلام چون ٿا، ان سان گڏ آهي، هن پارڪ ۾ اسلامي دنيا جي 20 کان مٿي خوبصورت تاريخي جڳهن جو نقل ٺاهيو ويو آهي، انڪري هن پارڪ کي اسلامڪ ٿيم پارڪ به سڏجي ٿو، هتي ئي شروع ۾ ترنگانو اسٽيٽ ميوزيم آهي، ان کان پوءِ ٿيم پارڪ شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ مسجد الحرام، مسجد نبوي سان گڏ پاڪستان جي بادشاهي مسجد به ٺهيل آهي ته وري انڊيا جو تاج محل به ويندي ايران جي مسجد لطف الله به ٺهيل آهي، ان کان علاوه اسپين، رشيا، چائنا جي، انڊونيشيا، الجيريا مطلب دنيا جي مختلف خطن ۾ موجود اسلام سولائيزيشن سان جڙيل تاريخي ماڳ، مقبرن ۽ مسجدن جا ماڊل ٺهيل آهن. ٻيو ته سڀ صحيح پر تاج محل جو هجڻ مون کي سمجھ ۾ نه آيو، ائين لڳو هي اسلامڪ نه پر پيار جي نشاني آهي. بهرحال هن ٿيم پارڪ جي آخر ۾ وري تمام وڏو آڊيٽوريم هال آهي، جتي اسان جي بس بيٺي جيئن ته برسات تمام تيز هلي رهي هئي سو اسان بس مان لهي آڊيٽوريم جي وڏيل ڇت هيٺان بيٺا رهياسين، سو برادر حفيظ اچي مون کان ڇٽي ورتي ۽ چيائين ته آءٌ مسجد ڪرسٽل ڏسي اچان ته بس اڳيان هلڻ جي ڪا جڳھ آهي جو هي برسات اڌ ڪلاڪ هلندي ۽ اسان کي نماز به پڙهي نڪرڻو آهي، سو هو ويو ۽ واپس اچي بس ۾ ويهڻ جو چيائين، سو ٿورو اڳيان هلي بس رڪي جتان مسجد جي گيٽ ويجھو هئي، مسجد جي گيٽ ڏانهن ويندي ڪجھ بزرگ مليا جن پڇا ڪئي ته پاڪستاني آهيو، مون ها ڪئي ته هڪ اردو ۾ ڳالهايو ته آءٌ ڪراچي مان هڪ مدرسي ۾ پڙهيو آهيان اردو ۾ ڳالهائي رهيو هيو، چيائين گھڻو ٽائيم گذري ويو آهي هاڻي

اردو ڪجهہ وسري وئي آهي، ائين مسجد ۾ داخل ٿي سلام ڪري هو اندر ويا ۽ اسان ٻاهران ٻيهي تصويرون ڪڍڻ ۾ لڳي وياسين. مسجد ڪرسٽل، ترنگانو ندي جي اندر ئي ٺهيل آهي، جنهن جي هينئان بہ پاڻي ئي آهي تہ وري ٽنهي طرفن کان بہ پاڻي بس جتان ماڻهو مسجد ۾ داخل ٿئي ٿو، اتان زمين سان ڳنڍيل آهي، هن مسجد جي بناوت انتهائي عاليشان آهي چا تہ خوبصورت ڪم ٿيل اٿس، ويتر مسجد درياءَ جي پر ۾ هئڻ ۽ ٽن طرفن کان پاڻي سميت پاسي کان شهر ڪي ٻن حصن ۾ ورهائيندڙ پل گذري ٿي، جيڪا بہ انتهائي خوبصورت منظر پيدا ڪري ٿي، ندي جي ٻئي ڪناري پهاڙي سلسلو آهي جنهن جي چوٽي تي "الله" جو نالو تمام وڏن اکرن ۾ فڪس ٿيل آهي، اهو سڄي ترنگانو مان نظر اچي ٿو ۽ هڪ روحاني ماحول پيدا ڪري ٿو ڇڏي. مسجد جي ساڄي پاسي کان ڪانئين جي جڻ درياءَ مٿان ڇت ٺهيل آهي، جنهن مٿان گهمي مسجد طرف منهن ڪري يا الله سائين جي نالي طرف ٻيهي يا وري درياءَ جي پل طرف ٻيهي فوٽو ڪڍراياسين. ٽيپهري واري نماز هن مسجد ۾ ئي باجماعت پڙهي سين. مسجد ۾ **100** کن جماعتي هئا، جن ۾ تقريباً وزيٽرس جي گهٽائي هئي باقي مقامي نمازي هئا، جيڪي شايد هتي پارڪ، ميوزيم ۽ مسجد جا ملازم هجن يا وري هتي ڪجهہ دوڪان هئا، انهن جا مالڪ يا مزدور هجن. اسان نماز پڙهي نڪتاسين، ۽ اسان جو اڳيون اسپاٽ هتان جي تاريخي بازار هئي پسار پيانگ اتي تقريباً **2.45** تي پهتاسين جتي اسان ڪي **3.30** تائين گهمڻ لاءِ ڇيو ويو،

## پسار پاينگ Pasar Payang

هي ڪولا ترنگانو جي تاريخي، ڍڪيل بازار آهي، جيڪا تقريباً سئو سال پراڻي بہ ماڙ بازار آهي ۽ ڪولاترنگانو جو سڀ کان وڏيڪ گهميو ويندڙ اسپاٽ بہ آهي. هي هتان جي ڪلچرل مارڪيٽ بہ سمجهي وڃي ٿي، هن بازار ۾ تقريباً ڪولاترنگانو ۾

استعمال ٿيندڙ هر شيءِ مليو وڃي ٿي، جن ۾ ڪاڌي پيتي جي شين سان گڏ، ڪپڙي جا دوڪان بہ تمام گهڻا هئا، جتي باتڪ، سلڪ وڏيڪ نظر آئي. هتي خشڪ ميون سان گڏ پاپڙ ۽ هٿ جون نهيل سيون يعني نوڊلس بہ تمام گهڻي تعداد ۾ نظر آيون، تہ وري سڪل ننڍي مڇي بہ، هتي چاٻي جا ڇلا مون کي ڏاڍا وڻيا، جيڪي ڪُمي (ٽرٽل) جهڙا نهيل هئا، يا وري مڇي جا. اهو انڪري جو هي رياست مڇي ۽ ڪُمين جي ڪري مشهور آهي. ترنگانو يونيورسٽي ۾ جيتري تحقيق مڇي تي ڏني اوتري هن ڪُمين تي بہ هئي. ڪُمي هن جي رياست جي جهڙوڪ سڃاڻپ سمجهي وڃي ٿي. ڪُمي جون تصويرون شرٽس ۽ باجو ڪورنگ هتان جي ماين جي ٽريڊيشنل قميص تي نظر آيون، مون پنهنجي ننڍڙي رباب زهره لاءِ جيڪي فراڪ خريد ڪئي، ان تي بہ ڪُمي ئي چيپيل هئي، ان کان علاوه هن رياست ۾ ڪُمي جي فارمنگ بہ ٿئي، شايد ڪُمين جا اندا ۽ ڪُمي چين ايڪسپورٽ ٿيندي هجي يا هتان ملائشيا جي چينن لاءِ مارڪيٽ ويندي هجي. مطلب ڪُمي هن رياست جي لاءِ نہ فقط ڪمائي جو ذريعو نظر آئي پر مختلف شوپيسز ۾ نهيل مجسمن کان ويندي ڪپڙن ۽ رانديڪن جي شڪل ۾ بازار ۾ هر هنڌ نظر آئي. هي بازار پسار پاينگ نهيل تہ هڪ بلڊنگ ۾ آهي پر تمام وڏي آهي جنهن جي ٻنهي منزلن تي گهمندي گهمندي حيدرآباد جي ريشم گلي کان شاهي بازار ۾ داخل ٿيندڙ سوڙهيون گهٽيون ياد آيون. ويندي ڪجهہ دوڪانن تي اونداهي جو احساس ٿيو، يا انهن جي لائيٽ خراب هئي يا وري جاڻي واڻي لائيٽ بندي ڪري وينا هئا. بازار جي هڪ پاسي پتين جي سوراخن مان جيڪي شايد روشني ۽ هوا لاءِ هئا، ٻئي پاسي سمنڊ نظر پئي آيو ۽ سمنڊ وچ ۾ وري ننڍڙي پهاڙي يا ٽڪري بہ ڏسڻ ۾ آئي. هي بازار ڏاڍي بهترين جڳهہ تي نهيل آهي بلڪل سمنڊ ڪناري سان، جيتوڻيڪ اسان کي اهو ٻڌايو ويو تہ هتان جا ڪنارا ڪافي گهرا آهن پر هي بازار بلڪل ڪناري سان ڏسي لڳو

تہ سمنڊ گھرو ضرور آهي پر شايد ناپر ۾ رهي ٿو، جو هي سئو سالن کان مٿي پراڻي بازار صحيح سلامت آهي. سمنڊ کان علاوه بازار مان نڪري روڊ پار ڪري ٻئي پاسي وري ترنگانو ندي آهي، جيڪا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن ندي کي هڪ زبردست نموني سان ٻنهي پاسي ديوار ڏيئي مٿان پل بہ ناهي ويئي آهي. هي ندي مينهن ۽ پهاڙن تان ڪرندڙ پاڻي کي ڪٽي اچي پيار سان سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري ٿي. هن ندي جي پاسي ۾ هڪ طرف وڏو راند جو ميدان هو، ندي جي ڪناري سان ڪولا ترنگانو نالي وچ ۾ دل جي تصوير سان وڏو سائن بورڊ لڳل هيو جنهن دل کي **I & Love** جي وچ ۾ رکيو ويو هو، يعني آءِ لو ڪولا ترنگانو. هن نالي واري بورڊ سان رستي جي ٻئي پاسي ڏانهن بيهي تقريباً سيني شاگردن تصويرون ڪيرايون. سمند ۾ موجود ٽڪري سان بہ تصويرون ڪيرايون، هي سمنڊ جي وچ ۾ موجود ٽڪري ڪنهن پيار ڪهاڻي جي نشاني سمجهي وڃي ٿي. مجموعي طور هن بازار مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ هن ندي ۽ سمنڊ جي ميلاپ تي ٺهيل پل ۽ سائن بورڊ بہ. ڪاش اسان وٽ ڪنگ آف ڪوهستان ۽ فخر ايشيا جهڙا انيڪ ڪوڙا ۽ جعلي وڏائي وارا ۽ خوشامند تي مبني بورڊ لڳل هئڻ جي بدران هاڻي بورڊ لڳن جن تي لکيل هجي تہ مان حيدرآباد، ڄامشوري، قمبر لاڙڪاڻي، بدين، مٺي سان پيار ڪريان ٿو، ان ۾دل ڇپيل هجي، ۽ اهي شهر اهڙا صاف سٿرا هجن ۽ ههڙن بادشاهن جهڙا نيڪ ۽ ڪم ڪندڙ بادشاه هجن، جيڪي لائبرري،اسڪول ۽ اسڪالرشپ، صحت، صفائي ۾ يقين رکن نہ کي ڪرپشن، وڏائي، ڏاڍ، جبر ۽ جهالت ۾ غرور رکن. هن بازار گهمندي اهو محسوس ٿيو تہ **5** رنگٽ کان **15** رنگٽ تائين رعايت تہ ڪن پيا پر وڏيڪ نہ، جو مون حسنين لاءِ جيڪا شرٽ ورتي ان جا **20** رنگٽ چيائين پر بارگيننگ بعد **15** ۾ ڏنائين، وري رباب لاءِ جيڪو فراڪ ورتو ان جا **25** چيائين پر پوءِ **20** رنگٽ ۾ ڏنائين. اگهہ صفا گهٽ نہ ڪيائين، حالانڪ پڪائي ۾ آءٌ هڪ دفعو

اتان هليو ٻه ويس پر وري اتفاق سان ٻاهر نڪرڻ جو رستو ڳولهيندي ڳولهيندي واپس ساڳئي دوڪان وٽ پهچي ويس ته وٺي چڙيم، ائين وري عابده لاءِ هڪ گائون ميڊم ارجمند پسند ڪرايو جنهن سان هڪ ملئي دوست گڏ هئي مون سان سائين عمران ٻه هو، جنهن ٻه هڪ عدد ونڻ لاءِ چيو سو ٻه گائون پئي ورتاسين، پر دوڪاندار **50** رنگٽ کان گهٽ ڪن ئي نه پيا ميڊم جي دوست ملئي ۾ چين ته پاڪستاني آهن هتان ڪٺي ويندا پاڪستان، رعايت ڪيون پر نه ڪن، اسان چيو ميڊم ارجمند کي **25** رنگٽ لهي ٿو باقي ڪٺي **35** ونن پر **50** مهانگو آ، نيٺ ميڊم ٻه **3** کان **4** دوڪان جيڪي هڪٻئي کان پري پري ٻه هئا جاچيا پر ڪو **45** چوي ڪو **40** آخري نيٺ هڪڙي **35** چيا ميڊم وري ان کي **30** چيا ته ڪٺي وجي ويهي رهيو، ويهي ٻه ائين رهيو جو ڪو تاثر سمجهه ۾ نه آيو ۽ اسان سمجهي نه سگهياسين ته ڪاوڙيو آهي يا ڏيڻ لاءِ راضي آهي. نيٺ اسان وري معلوم ڪرڻ جي ڪئي ته ملئي چوڪري چيو ڪونه ٿو ڏئي. سو اسان نيٺ پڇائي پڇائي هڪ دوڪان تان اچي **35** ۾ ورتوسين. هن بازار جي خاص ۽ منفرد ڳالهه اها هئي جو هتي تقريباً سئو سيڪڙو ملئي ماڻهن جا دوڪان هئا، جن تي وري **80** فيصد دوڪاندار عورتون ئي هيون. هن رياست جي بازار کان ويندي لائبريرين ۽ يونيورسٽين ۾ عورتن جي گهڻائي نظر ته آئي پر مزي جي ڳالهه موٽرسائيڪل هلائيندڙ ۽ هوٽل جي دخل تي وينلن ۾ ٻه عورتن جي ئي گهڻائي نظر آئي، شايد هتان جي عورتن جي ڪم ۾ وڌيڪ محنت ۽ سچائي هوندي جو هن رياست ته ڇا پر هن ملڪ ۾ سڪون ۽ خوشحالي نظر آئي، هن بازار جي گهمڻ کان پوءِ اڳيان پروگرام هڪ مسجد لائبرري جو هو، تنهڪري پروگرام مطابق **3.15** بي هتان نڪرڻو هو سو مان، سائين عمران، ميڊم ارجمند، سندس ملئي دوست عورت ۽ سسٽر ڪئي جيڪا برما جي هئي بازار مان ٻاهر گڏجي نڪتاسين ته دروازي تي سائين عمران چيو مونکي ته بک لڳي آ ڪٿي ميڪڊولڊ يا ڪي ايف سي هوندي

هلي ڪجهه ڪائون، مون چيو يار ٻه دفعا ته ڪائي چڪا آهيون وري اڳيان پروگرام آهي اهي به ضرور ڪجهه ڪارائيندا، پر سائين چيو مون کي ڀرين چانور ڪونه وڻيا هئا، سو مزو نه آيو، مون کي چکن ڪائٽي آهي، مون چيو يار ٽائيم ٿي ويو آهي سڀ اچي ويا آهن بس چڙهه هاڻي، وري ميڊم وارن کي چيائين انهن به چيس ته سائين  ٽائيم ٿي ويو آهي هتان نڪرڻ جو. ايتري ۾ مان ڪائنس ٿورو اڳتي نڪري ويس ته سڏ ڪيائين ته هلون ميڪڊونلڊ ڳولهيون، مون ڏنو ڪاوڙجي نه پئي سو چيومانس ته هل ته هلي برادر حفيظ کان پڇي ٿا اچون، ائين هو پريشان ٿيندا ته چيائين نه توکي هلڻو نه آهي توکي ڦوٽو ڪيرائڻا آهن. انهي ترنگانو بورڊ سان ۽ درياءَ سان، هل بس پارسل ڪرائي ڪٽي ٿا اچون **10** منٽ به نه لڳندا، مون چيو سائين اچو اچو. ائين بس ٽائين پهتاسين ته بس تيار هئي ۽ سڀ اندر وينا هئا سواءِ ڪجهه جي، جيڪي ٻاهر ڦوٽو ڪيرائي رهيا هئا سو مون چيو سائين کي جلدي ۾ ڦوٽو ڪيو ته بس ۾ چڙهون، هي ته تيار آهن، پر همراه ناراض ٿيو نه مان ڪونه ڪيندس ڦوٽو، تنهن تي سسٽر ڪئي چيو آءٌ ٿي ڪيان توهان جون تصويرون ۽ توهان منهجي به هيلپ ڪيو ۽ ڪجهه تصويرون منهنجو به ڪيو. سو ائين تڪڙ ۾ ڦوٽو ڪيدي **2** منٽن به بس ۾ چڙهياسين، پروگرام مطابق اسان کي **3.30** بجي پهچڻو هيو پر تقريباً اسان **3.40** تي ڀُڳاسين جو بازار گهمندي ٿورو ٽائيم وڌيڪ ورتوسين .

## بلال شاه مسجد لائبريري ۾

هن مسجد بابت بريفنگ دوران مسجد جي نگران ٻڌايو ته ڪولاترنگانو شهر ۾ توهان کي هر ڪلوميٽر اندر هڪ مسجد ملندي پر اسان جي مسجد جي خاص ڳالهه  هي لائبرري آهي ۽ ان سان گڏ ٻارن لاءِ اسلامي پرائمري ٽريننگ پروگرام شامل آهن، جنهن ۾ نماز پڙهڻ، روزو، وضوع ڪرڻ وغيره کان علاوه،

عورتن جي رهنمائي لاءِ به ڪجهه پروگرام آهن، جن ۾ عورتن ڪي مسجد اندر پليٽ فارم مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ هڪ هال مليل آهي جتي هو هڪٻئي کي نماز، روزي ۽ حج وغيره لاءِ رهنمائي به ڪن ۽ سماجي طور پاڻ ۾ ڳنڍيل به رهن ٿيون. هن مسجد ۾ عورتن ۽ ٻارن کي بنيادي اسلامي تعليم، گهريلو زندگي، سماجي زندگي کي اسلام جي تعليم مطابق گذارڻ لاءِ ٽريننگ ڪورس به ڪرايا وڃن ٿا. دنيا جي مختلف نالي وارن خطيبن کي به ساليانو گهرايو ويندي آهي، هتان ذاڪر نائڪ به ٿي ويو آهي، وڌيڪ ٻڌايائين ته مسافرن ۽ ضرورتمندن لاءِ هن مسجد ۾ نماز ٽائيم تي کاڌو ۽ جوس به رکيل هوندو آهي. اسان جي لائبرري، ۽ مسجد ۾ اسٽاف جو پگهار ۽ ڪتابن، يا خيراتي پروگرامن جو خرچ وغيره ڊونيشن مان پورو ڪيو وڃي ٿو، اسان جي لائبرري ۾ **5** هزار ڪتاب آهن جن ۾ انگريزي ڪتابن جو تعداد گهڻو آهي، هتي لائبرري ۾ پڙهڻ وارن جي سراسري تعداد روزاني جي حساب سان **20** کان **25** آهي، اهي اسان جي ريگيولر نمازين کان علاوه آهن، باقي نمازين مان پڙهندڙ الڳ آهن، سندس چوڻ هو ته هن مسجد ۽ لائبرري کان پوءِ اسين چيئرٽي فنڊ مان وڌيڪ غريبن ۽ مسڪينن لاءِ اسڪالرشپ مهيا ڪرڻ ۽ سندن ايمرجنسي ۾ مدد ڪرڻ واري ڪم تي ڌيان ڏيئي رهيا آهيون، هڪ ٻي خاص ڳالهه جيڪا ڪيائين ته اسان جي مسجد ۾ ڪو خاص پيش امام مقرر نه آهي، لائبرري جي اسٽاف مان يا وري نماز لاءِ ايندڙن مان ڪو به نماز پڙهائي سگهي ٿو. اهو انڪري جو ڪنهن هڪ تي انحصار نه ڪجي ۽ اسان مسلمانن ۾ مذهب جي بنيادي فرض کي ڪنهن مخصوص ماڻهو جي نه پر اسان مان سيني کي ان لاءِ تياري هجڻ گهرجي. اتي عصر نماز پڙهي، پوءِ ماني کائڻ جو بندوبست به هو ۽ مزي جي ڳالهه چانورن ۾ ڇڪن ۽ نوڊلس ۾ به ڇڪن پيل هئي، ان کان علاوه پٽاٽن ۽ ڇڪن جي الڳ سان ڀاڄي هئي، تيسٽ صفا اسان جي کاڌي پاڪستان واري هئي. سائين عمران کان پڇيو ته چيائين مزيدار کاڌو آهي

مون ته چيو بلڪل سائين جڻ پاڪستان ۾ پيا ڪائون، چانهه به عاليشان هئي صفا ڪير پتي، ويندي ڪيڪ الڳ سان هئا سو نيٺ وڃي سائين جو موڊ خوشگوار ٿيو ۽ مون رب سائين جو شڪر مڃيو.

## بادشاهي محل ڪولاترنگانو

ائين تقريباً پوڻا 6 بجي تصويري سيشن ڪان پوءِ هن مسجد بلال شاه مان نڪتاسين ڪولالمپور ڏانهن روانگي هئي، ٿورو اڳيان هلياسين اجان ڪولاترنگانو شهر ۾ ئي هياسين ته اسان جي ٽوئر جي انچارج برادر حفيظ اچانڪ بيهي هڪ طرف اشارو ڪندي مٿي پهاڙي تي هڪ عمارت جيڪا بلڪل الڳ نموني جو محل لڳي رهي هئي، ان ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته: **Hey all see A beautiful castle of king of ،the last place of the tour Terrangannu** واقعي عمارت ڏاڍي پياري هئي وڻن وچ ۾ هڪ پهاڙي تي انتهائي دلفريب محل، يڪدم ڪنهن چيو ته **That's great are we going there,** پر حفيظ چيو، نه نه اسان کي پرميشن نه آهي، ان لاءِ پروفيسر بصري کي چئو بادشاه ان جو دوست آهي، ٻئي دفعي توهان کي هتي وٺي اچي، ان تي سڀ کليا، ۽ بس جو سفر جاري رهيو، مون بادشاهي محل ڏي ڏسندي محسوس ڪيو ته دل مان هن بادشاه لاءِ دعا نڪتي ته ڪيئن نه هن اسٽيٽ کي تعليم ۽ ترقي، امن ڏياريو آهي. پلي هو هاڻي حڪومت کان مخصوص بجيٽ حاصل ڪري پنهجا خرچ هلائي رهيا آهن پر جي هي بادشاه چاهين ها ته نه ملڪ ۾ جمهوريت هجي ها نه پارليامينٽ، پر سندن بادشاهت ئي هجي ها، پر جي پارليامينٽ هوندي هي ڪرپشن ۽ ڪرپٽ ماڻهن تي ڌيان ڏين ها ته به هيءَ اسٽيٽ يا ملڪ بيڪار هجي ها. پر ائين ڪونه ڪيو اٿن، هن اسٽيٽ جي هن شهر جي روڊ رستن، بازارن، لائبررين، يونيورسٽين، مسجد ۽ اسڪولن مان،

هوٽلن مان صاف اندازو ٿيو ته، نه صرف هتي ماڻهو خوشحال آهن پر امن ۽ انصاف به آهي. جنسي برابري آهي، هر ڪنهن لاءِ روزگار آهي. تعليم آهي، صحت آهي، پوءِ ڇو نه اهڙن بادشاهن لاءِ همدردي ٿئي جيڪي پاڻ رهن ته وري به ته شاهي محل ۾ تا پر گهٽ ۾ گهٽ سندن رياست ۾ ته بي گهر ڪير به ڪونهي. هو اسان جي بادشاهن يعني وڏيرن، پيرن، ميرن، ۽ نوابن وانگي عوام کي جاهل رکي پاڻ ۾ ويڙهائي، ماڻهن ۾ هٿيار ورهائي ته حڪمراني ڪونه ڪري رهيا آهن پر عوام کي سهولتون ڏيئي، شعور ڏيئي، سندن گهرن تائين ڪتاب پهچائي، عوام جي دلين تي حڪمراني ڪري رهيا آهن.



# ڪئانتن (پهانگ Kuantan – Pahang) جو سفر

ڪئانتن شهر رياست پهانگ جي گاديءَ وارو شهر آهي ۽ ڪوالالمپور کان 256 ڪلو ميٽر پري آهي. هن طرف منهنجو وڃڻ ٽي دفعا ٿيو ۽ ٽئي دفعا يونيورسٽي جي طرفان. ٻه دفعا اسٽڊي ۽ ريڪريئشنل ٽوئر هئا ۽ هڪ دفعو يونيورسٽي جي شاگرد يونين جو ميمبر هجڻ ڪري اسلامڪ يونيورسٽي جي ڪئانتن ڪئمپس ۾ هڪ وزٽ تي يونين طرفان آيو هيس، جنهن ۾ اسان کي يونيورسٽي طرفان الڳ سان گاڏي مهيا ڪئي ويئي هئي. هن ٽوئر لاءِ شاگرد يونين جي 13 ڪميٽي ميمبرن مان صرف 4 کي وڃڻو هو پر سيڪريٽري جي نه اچڻ ڪري جنهن جو تعلق بنگلاديش سان هو، باقي آءٌ هيڊ آف اڪيڊمڪ ۽ ليڊرشپ بيرو، صدر جيڪو نائجيريا جو هو ۽ نائب صدر جيڪو انڊيا جي بهار صوبي جي شهر راني پور جو هو، ٽئي يونيورسٽي طرفان ڏنل ڪار ۾ وياسين. ائين پهريو دفعو صرف بين الاقوامي اسلامڪ يونيورسٽي جي ڪئانتن ڪئمپس ۾ اچڻ ٿيو هو ۽ ڪئانتن شهر گهمڻ جو موقعو ڪو نه مليو هو.

ٻئي دفعي هتان صرف گذر ٿيو هو، جو ٽوئر ترنگانو جي رکيل هئي، سو شهر جو ٻاهران کان ديدار ڪندا هاءِ وي سان ئي نڪري ويا هئاسين. هن دفعي شاگرد يونين جي طرفان صرف هن ڪئانتن شهر جي خصوصي ٽوئر هئي، جنهن ۾ وري به اسلامڪ يونيورسٽي جي ڪئمپس جي وزٽ هئي ۽ ان سان گڏ ڪئانتن جو سمنڊ ڪنارو ۽ ڪئانتن درياءَ گهمڻ شامل هئا. باقي شهر مان بس جو گذر ٿيو جنهن ڪري شهر جي ترقي، ترتيب ۽ روڊ رستن جو اندازو ٿيو، جنهن جو احوال اڳيان لکان ٿو.

هي ٽوئر نه صرف پوسٽ گريجوئيٽ شاگردن لاءِ فري هو، پر ان ۾ ناشتي، لنچ، پاڻي، ڪيڪ، فروٽ به ڏنا ويا. البته واپسي تي

شاگردن ڪي. ڊنر صرف پنهنجي پيسن جو ڪرڻو پيو. اها هتي جي يونيورسٽين جي خوبي آهي ته شاگرد يونين، يونيورسٽي انتظاميا جي نگراني ۽ تعاون سان وقتاً به وقت ٽوئر جا بندوبست ڪنديون رهنديون آهن، جنهن ۾ اندر گريجوئيٽ لاءِ الڳ سان ته پوسٽ گريجوئيٽ لاءِ الڳ ۽ ان کان علاوه مختلف فيڪلٽي وائيز شاگرد سوسائٽيز طرفان الڳ مختلف موقعن تي مختلف پروگرام ۽ ٽوئر ڪيا وڃن ٿا.

ڪولالمپور ڪئمپس کان بس **8.30** بجي نڪتي ۽ ڪئانتن يونيورسٽي ڪئمپس ۾ **12** بجي پهتي، جتي يونيورسٽيءَ جي اندر قائم مسجد وٽ اسٽاپ ڪري سيني کي لنچ لاءِ برياني جا پيڪ ٿيل باڪس ۽ پاڻي ڏنو ويو. ادي راحيلا شاه جيڪا هتي فزيڪل هيلٿ ۾ پي ايڇ ڊي ڪري رهي آهي، اسان پنهنجي اچڻ جو اطلاع ان کي ڪري ڇڏيو هو، هن ٽوئر ۾ ٻه ٻيو سنڌي عورتون ميڊم نجما چنا ۽ ميڊم ارجمند بانو سومرو به هيون، جيڪي ادي راحيلا سان پڻ رابطي ۾ هيون، هي ٻئي سنڌ يونيورسٽي طرفان هتي پي ايڇ ڊي ڪري رهيو آهن، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ ۽ هن ٽوئر ۾ **70** کان وڌيڪ شاگردن ۾ اسان **6** سنڌ پاڪستان جا شاگرد هياسين جن ۾ سائين عرفان احمد شيخ حيدرآباد پي ايڇ ڊي جنرل هسٽري،، محمد يعقوب ڪونڌر نوشهروفيروز پي ايڇ ڊي انفارميشن ٽيڪنالاجي، هي ٻئي تازو تازو پنهنجي ٿيسز ڊفينس ڪري چڪا آهن بس ڊگري جي انتظار ۾ وينا آهن، انهن کان علاوه حيدرآباد کان جنيد مغل پي ايڇ ڊي اسلامڪ فلاسافي، ۽ ڪراچي کان غلام دستگير راجپوت پي ايڇ ڊي قانون ۽ امادالدين موٽن صاحب کان علاوه آءٌ ۽ پنج ٻيا پاڪستاني شاگرد به هيا، جن ۾ هڪ شاگردياڻي پنجاب مان به هئي، ائين بوسنيا، بنگلاديش، انڊيا کان ويندي آفريقا جي مختلف ملڪن، چائنا ۽ ايران جا شاگرد، انڊونيشيا، ٿائليند کان علاوه ملائشيا جا به شاگرد هيا. ميڊم راحيلا شاه جيئن ته تازو سنڌ مان

تي آئي هئي، سو ڪجهه سامان منهنجي ساهرن اسان لاءِ ڏنو هيس، ۽ الڳ سان منهنجي ٻارن لاءِ ڪجهه شيون پنهنجي طرفان ٻه وٺي آئي هئي. ان کان علاوه ڪئانتن ڪئمپس جي هجڻ ڪري ميزبان طور ميڊم نجما چنا ۽ ميڊم ارجمند بانو سومرو لاءِ پنهنجي طرفان سندن پهريون دفعو ڪئانتن ڪئمپس اچڻ ڪري ڪو گفٽ وٺي آئي هئي. ائين اسان سيني پاڪستانين ميڊم راحيلا شاه جي اڳواڻيءَ ۾ هي ڪئمپس گهميو، تصويرون ڪڍرايون، پوءِ مسجد ۾ اچي ٻيپهري جي نماز پڙهي.، مسجد اندر وري ميڊم راحيلا سيني لاءِ ڪولڊ ڊرنڪ آڻي ڏني.

هي ڪئمپس جي مسجد به ملائشيا جي سمورين پبلڪ توڙي پرائيوٽ سيڪٽر يونيورسٽين جي اندر موجود مسجد جيان تمام ڪشادي، ٻن طرفن کان کليل ۽ هوادار هئي، مسجد ۾ ٻه تمام وڏا ڇت وارا پکا به لڳل هئا، جيڪي شايد پاڪستان ۾ مون ڪٿي به نه ڏٺا آهن، هي پکا ڇڻ اڌ ڇت والاري وينا هجن ۽ سڄي مسجد کي هوا پڄائي به رهيا هئا. سمورو ڪئمپس به خوبصورت وڻن ۽ گلن سان ڀريل هو جيئن سڄي ملائشيا، ايڊمنسٽريشن بلڊنگ به تمام سٺي هئي، سڄي ڪئمپس ۾ ڦٽ پاٿ سان شيڊ لڳل هئا، جنهن جو سبب هڪ ته ملائشيا ۾ هر وقت مينهن پوي ٿو، ٻيو وري جي سج نڪري ته تمام گهڻي گرمي لڳي ٿي سو ٻنهي صورتن ۾ ڪَورِ شيڊ تمام ڪارائتا رهن ٿا. هن يونيورسٽي مان **2** بجي ڏاري نڪري. ڪئانتن شهر جي رستن تان ٿيندا **2.30** بجي ڏارا ڪئانتن شهر سان مليل سمنڊ ڪناري واري پوائنٽ تلوڪ چمپدوڪ پهتاسين، جتي اسان کي **4.30** بجي تائين رهڻو هيو، هي بيچ انتهائي گهري هئي، سو ڪنهن به هن ڪناري تي وهنجڻ ۽ ترڻ جي ڪوشش ڪونه ڪئي ۽ نه ئي وري ائين ڪرڻ جي اجازت هئي پر سيني ڪنارن سان گهمي سمنڊ جي ٿڌي واري تي هلڻ جو ۽ لهرن جو مزو ضرور ورتو. سمنڊ ڪنارو انتهائي صاف سٿرو هو جو ڪناري سان ئي تمام وڏا ڊسٽ بن رکيل هيا، جن ۾ پلاسٽڪ

بوتلن لاءِ الڳ تہ فڊ ويسٽيج لاءِ الڳ ۽ پنن وغيره لاءِ الڳ سان خانا هئا، جن ۾ ئي هرڪو ڪچرو اڇلائي رهيو هو، جنهن ڪري ڪناري تي نہ فقط ايندڙ پاڻي جون لهرون صاف پئي آيون ۽ صاف ئي موٽيون پئي ويون. ڪنارو جي واري نما بجري بہ ڪاغذن يا پلاسٽڪ جي ٿيلهين جهڙي ڪنهن بہ قسم جي ڪچري ڪان پاڪ هئي، گهمندي ڦوٽو ڪيرائيندي **1.30** ڪلاڪ گذري ويو پوءِ ڪناري تي موجود ڪيترن ئي هوٽلن، ميڪڊولڊس، ڪي ايف سي سميت ٻين بہ ڪيترن ماڊرن قسم جي فاسٽ فوڊ جي دڪانن ڪان علاوه ڪپڙن ۽ ٻارن جي رانديڪن جو معائنو ڪيو. فريش ٿيڻ لاءِ اتي ئي قائم تنداس يعني ٽوائليٽ يا غسل خانن مان واري وارا پير ڌوئي اچي هڪ هوٽل تي چانهن پيتي سين. هتي هر ڪو پنهنجي منهن سان پئي گهميو، اسان چار دوست گڏ هئاسين جن ۾ مان، يعقوب ڪونڊر، سائين عرفان شيخ ۽ برادر سيد احمد علي جنهن جو تعلق لاهور سان آهي ۽ اسلامڪ يونيورسٽي جي شاگرد سوسائٽي جو صدر بہ آهي شامل هياسين. ائين چانهن پي پوءِ ڪناري سان ٿورو اڳيان هڪ ٻي پوائنٽ هئي جنهن ڪناري سان گڏ تمام وڏو جهنگ هو ۽ پهاڙي هئي جنهن مان ڪناري جي سائيڊ تي مٿان هلڻ جو رستو ٺهيل هيو جنهن جي ٻنهي طرفن ڪان لوهي تارون ٻڌل هيون، ان رستي سان ڪجهہ اڳيان وياسين، هن جڳهہ تي ڪيترا ئي وڏا پٿر اندر پاڻي ۾ هئا، جن سمنڊ جي پاڻي جو جڻ ڊپ ختم پئي ڪيو، هتي ڪيترا ئي ماڻهو پاڻي ۾ وهنجي بہ رهيا هئا ۽ ڪجهہ وري پاڻي اندر موجود وڏن پٿرن مٿان چڙهي ڪچهري ڪري رهيا هئا تہ تصويرون بہ ڪيرائي رهيا هئا. هن ڪناري تي ٺهيل واڪنگ ٽريڪ تي تمام گهٽا ننڍڙي نسل جا پولڙا گهمي رهيا هئا، جيڪي تمام پيارا ۽ شرارتي پئي لڳا، هر ڪنهن ايندڙ ويندڙ ڪان جهڙوڪ ڪجهہ نہ ڪجهہ گهري ڪاڏائون پئي منهنجي هٿ ۾ پاڻي جي بوتل هئي، جيڪا بہ اچانڪ هڪ باندر وڏي چالاڪي سان منهنجي فوٽو ڪيرائڻ مهل منهنجي پويان

اچي جهڙپ سان ڪسي ورتي. اسان جي يونيورسٽي جي هڪ ڇوڪري صوف ڪائيندي پئي آئي ان جي اڳيان هڪ ننڍڙو باندر اچي بيهي رهيو مجال آهي جو اڳتي وڃڻ لاءِ ڪيس رستو ڏي، نيٺ ڇوڪري باندر کي صوف ڏيئي پنهنجي جان ڇڏائي.

بهرحال ڪيترائي ماڻهو ته باندر کي پاڻ ڪجهه نه ڪجهه کارائڻ ۾ مصروف هئا، جن ۾ سڀ کان نمايان کارائڻ واري شيءِ سورج مکي جا ٻج هئا جيڪي باندر ٻنهي اڳين ڄنگهن سان کولي اندران سورج مکي جو ٻج ڪڍي کائيندا پئي ويا ۽ باقي ان جي کل اڇلائي رهيا هئا، بلڪل اهڙي طرح کائي رهيا هئا جيئن انسان سورج مکي جا ٻج کائيندا هجن، حالانڪ اسان جا ننڍا ٻار ته سڄا جا سڄا سورج مکي جا ٻج چٻاڙي کائي به ويندا آهن پر هي باندرن جا ننڍا ٻچا به وڏي مهارت سان وات سان کائي رهيا هيا جو کل ويا پئي اڇليندا. بهرحال اسان پٿرن جي قطار تي پهچڻ لاءِ پٿرن تي ئي پير ڏيئي ڪجهه اڳيان سمنڊ جي پاڻي ۾ بغير لهڻ جي وياسين پٿرن تي بيهي سمند جي ڇولين جي پاڻي سان ڦوٽو ڪيرايا ته ڪناري پرسان پوئين پاسي وڻن سا جبل جي پسمنظر سان به ڦوٽو ڪيرايا، ائين **5** بجي اچي واپسي جي ڪئي سين ۽ بس سمنڊ ڪناري کان پوءِ سوا پنج کان ساڍا پنج ڏاري ڪئانتن رور (ندي) پوائنٽ لاءِ نڪتي، جتي تقريباً **5.45** پهتاسين هتي اسان کي صرف **30** منٽ گهمڻ لاءِ ڏنا ويا، هي درياءَ جي ڪناري شهر طرف ته زبردست واڪنگ ٽريڪ ٺهيل هيو ۽ ڪناري سان لوه جي گرل سان درياءِ جي ڪناري کي محفوظ به ڪيو ويو هو، جو ننڍا ٻار به پڇي ڊڪي رهيا هئا ۽ سندن والدين به سولا پئي ڏسڻ ۾ آيا، هن درياءِ ڪناري ميڪڊونالڊ کان وينڊي کي ايف سي ۽ ملئي ٽريڊيشنل هوٽل جام هئا، ان کان علاه مختلف جوس ۽ ڪافي ڪارنر الڳ سان هئا،، درياءَ جي ٻئي ڪناري تي صرف وڻ ئي وڻ نظر اچي رهيا هيا، جن ۾ هڪ هنڌ درياءَ جي ڪناري سان هن شهر جو نالو تمام وڏن اکرن ۾ اڪريل هئو، جنهن کي اسان بيڪ

گرائونڊ ۾ آٽي تصويرون پئي ڪيرايون، درياءَ وچ ۾ موٽر بوٽ به هلي رهيا هئا، جيڪي مختلف سياحن کي ڪٽي ڪري درياءَ ۾ هڪ ڪلوميٽر تائين جو سفر ڪرائي وري هن نالي اڳيان بيهاري سياحن کي ڦوٽو ڪيرائڻ جو موقعو فراهم ڪري رهي هئي.

ائين پڪنڪ پوائنٽ جو يا ڪنهن شهر يا ڪنهن به جڳهه جو نالو لکڻ جو رواج اسان جي ملڪ ۾ خاص طور اسان جي صوبي ۾ بلڪ گهٽ آهي، جو نه مڪلي تي ڪٿي مڪلي جو بورڊ اهڙي طرح لڳل آهي جو جنهن اڳيان ويهي اتي ڦوٽو ڪيرائجي، نه ڪٿي ٺٽي شهر جو يا حيدرآباد شهر جي لاءِ ڪو خوبصورت چونڪ هجي جتي وڏن اکرن ۾ مان هن شهر سان پيار ڪيان ٿو لکيل هجي جيئين هتي ملائشيا ۾ مختلف شهرن ۾ لکيل هوندو آهي. حقيقت ۾ عام پڪنڪ پوائنٽ کان وڌيڪ ڪنهن به شهر جي نالو لکيل هجڻ واري جڳهه وڌيڪ پرڪشش ثئي ٿي.

هن ڪئانتن درياءَ جي مٿان نهيل پل جيڪا درياءَ جي ٻنهي ڪنارن کي پاڻ ۾ ڳنڍي رهي هئي، اها به ڪافي زبردست نظارو پيش ڪري رهي هئي، ائين ڪناري سان گهمندي اهو به اندازو ٿيو ته جيئن ڪنارو لاڳيتو روڊ سان نه هئو ۽ موڙ ڪائي درياءَ، روڊ کان هٽي پئي ويو جنهن کان پوءِ ڏٺو ته اڳيان ڪناري سان تمام سهڻا گهر نهيل هئا، ائين لڳو جڻ تمام گهڻي آبادي ڪناري جي ٻنهي طرفن هئي، هي درياءَ شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائيندي وچ مان گذري رهيو هو. اسان جي بس جيئن ته پروگرام مطابق **6.30** بجي ڏارا هتان نڪتي ته روڊ سان ٿورو اڳيان هلندي ئي ڪناري جي پرسان ئي هن شهر جي اسٽيٽ  لائبرري نظر آئي جنهن  جي اڳيان تمام وڏو ميدان هو، ۽ ان سان گڏ ئي اسڪول ۽ ڪاليج جون بلڊنگس نظر آيون. هن ٻنهي ادارن جي وچ ۾ تمام وڏو باغيچو هيو، سو هڪ طرف لائبرري جو ميدان ته ٻئي طرف اسڪول جو ميدان ۽ پوءِ اسڪول، اسڪول به ڪو ننڍو ڪونه هو، ڪافي ساريون الڳ الڳ سان بلڊنگس هيون  جيڪي ٻن کان ٽي منزلون

هيون، انهن پرسان ئي هڪ خوبصورت مسجد به نظر آئي، هي سپ ادارا هڪٻئي جي پرسان ئي درياءَ جي ڪناري جي لڳو لڳ هئا، ائين شهر جي هن روڊ تان هلندي شهر جي ٻاهر نڪرڻ وارو گيٽ آيو، جنهن کي ڪراس ڪري هڪ پل تان گول گاڏي ڦيرائي اسان جي بس اچي هاءِ وي تي چڙهي، ۽ نيڪ رات جو **10.15** منٽن تي اچي بس ڪوالالمپور ۾ اسلامڪ يونيورسٽي پهتي. ائين ڪئانتن گهمڻ جو موقعو مليو، خوب مزو به آيو، سمنڊ ڪناري حسنين لاءِ ڪئانتن نالي سان گڏ دل چپيل شرٽ به ونئي آيو هيس ته وري ادي راحيلا، عابده لاءِ سامان به آندو هئو ۽ ٻارن لاءِ ڪافي شيون به ڏنيون هئائين سو بي فڪرو ٿي واپس گهر پهتس.

اهم ڳالهه ته ملائشيا جي هن وڏي ۾ وڏي رياست پهانگ رجي گادي واري شهر ڪئانتن کان وڌيڪ ٽوئرزم سندس پهاڙي علائقن گينٽنگ هاءِ ليندس ۽ ڪيمرون هاءِ ليندس ۾ آهي، جيتوڻيڪ گينٽنگ ڪوالالمپور فيڊرل ڪيپيٽل کان فقط **56** ڪلوميٽر آهي، پر شامل پهانگ رياست ۾ آهي، ائين وري ڪيمرون هاءِ ليندس ڪوالالمپور کان ڪافي پري آهي تقريباً **300** ڪلوميٽر، پر اهو به هن رياست پهانگ ۾ آهي. هن ٻنهي جڳهن تي باقي ملائشيا جي گرم موسم جي ڀيٽ ۾ ٿڌ پوي ٿي، جنهن ڪري باقي ملائشيا جا اڪثر ماڻهو هنن علائقن ڏانهن گهمڻ وڃن ٿا.



# ڪوه مري جهڙو گينٽنگ هاءِ لينڊس

گينٽنگ هاءِ لينڊس، ملائشيا جي چند انهن جڳهن مان هڪ آهي جتي ٿڌ ٿئي ٿي. هيءُ علائقو خوبصورت وڻن ۽ ٻوٽن سان ڀرپور پهاڙن تي مشتمل آهي، جتي دنيا جي وڏن جواخانن مان چند جوا خانا آهن، جن ۾ گينٽنگ ڪيسينو به شامل آهي. هيءُ علائقو اسان جي ڪوه مري وانگي آهي، پر هتي برف باري ڪونه پوي ٿي، باقي موسم ٿڌي ضرور آهي. هي پهاڙي علائقو اسان جي ڪوه مري وانگي نه انگريزن آباد ڪيو ۽ نه وري هتي جي حڪومت، پر هڪ چيني واپاري تان سري داتو سري ڊاڪٽر لم گو تونگ (1918ع کان 2007ع) هي سڄو علائقو پنهنجي خرچ تي آباد ڪيو، جنهن هتي جواخانن سميت وڏا شاپنگ پلازا، مختلف پارڪ، روڊ رستا، چيئر لفٽ، مختلف فروٽ فارمن وغيره سميت هڪ عاليشان مندر به قائم ڪيو. جيڪو اڄ جنگل ۾ منگل لڳو پيو آهي، سو سڄو هن همراه پنهنجي سموري جمع ٽيل ملڪيت لڳائي ناهيو آهي، ويندي ڪافي قرض به ڪنيائين پر سندس محنت سجائي ٿي جو هتي سڄي دنيا جا ماڻهو گهمڻ اچن ٿا. گينٽنگ هاءِ لينڊ هوٽل ۽ ڪيسينو تي پهچڻ کان پهرين رستي ۾ ماڪي جي مک ۽ اسٽرابيري فارم آهن. رستي ۾ سڀ کان اهم پوائنٽ چيني مندر آهي جيڪو ڏسڻ وٽان آهي. رستي ۾ ڪافي دلڪش نظارا به آهن، روڊ ڪافي ڪشادو آهي ۽ محفوظ به، البته ڏکيو ضرور آهي، خاص طور شام جي ٽائيم جهڙالي موسم ٿئي ٿي ته روڊ سان ڪڪر پيا اڏامندا آهن جو اڳيان هڪ گاڏي جي فرق سان باقي ڪجھ نظرئي نه اچي پر گاڏي هلائيندڙ ڊرائيورن کي شايد روڊ جو صحيح اندازو هوندو آهي جو گاڏين جي اچ وڃ ۾ ڪا گهٽتائي نه اچي ٿي.

ڪوالالمپور ۾ جنهن کي به 2 ڏينهن رهڻ جو موقعو ملي ته هن جڳھ تي ضرور اچڻ گهرجي. منهنجو هتي وڃڻ ٿي دفعا ٿيو

آهي. پهرين دفعي منهنجي دوست الطاف حسين ابڙي سان وڃڻ ٿيو، جيڪو ملائشيا ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيو هو. الطاف پي ايڇ ڊي نيدرليندس مان آرٽيفيشل انٽيليجنس (مصنوعي ذهانت) جي فيلڊ تي ڪري رهيو آهي. ملائشيا ۾ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو خرچ سندس نيدرليندس جي يونيورسٽي پاران هو. ڪانفرنس ته ايسٽ ملائشيا جي سراواڪ رياست جي شهر ڪُچنگ ۾ هئي پر ڪجهه ڏينهن اسان دوستن وٽ انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي ۾ اچي رهيو هو، جنهن ڪي هي گيٽنٽنگ هاءِ لينڊ گهمائڻ لاءِ ٽيڪسي بڪ ڪرائي وياسين. چيني ڊرائيور سان **150** رنگٽ ۾ اسان ٽي دوست ويا هياسين جن ۾ مان، الطاف حسين ابڙو ۽ سائين عمران انور اچڻ شامل هياسين.

ائين ٻئي دفعي دوست گلشير لغاري آيو ته وڃڻ ٿيو. هي دوست به بيلجيم جي اينٽورپ يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي ڪري رهيو آهي ۽ سنگاپور ۾ سافٽ ويئر انجينئرنگ فيلڊ تي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو ۽ اسان جي اسرار تي ملائشيا جي وزٽ ويزا به لڳرايائين. گلشير لغاري کي گهمائڻ لاءِ رينٽ ڪار ڪئي جيڪا دوست يعقوب ڪونڌر هلائي. ملائشيا جي يونيورسٽين اندر شاگرد ئي هڪٻئي کي ڪلاڪ يا ڏينهن جي حساب سان رينٽ تي ڪار ڏيندا آهن، هن دفعي واپسي ۾ اسان کي اچڻ ۾ دير ٿي هئي جنهنڪري مونکي ٿوري پريشاني ٿئي پئي جو روڊ تي اچانڪ اونداهي ٿي پئي ويئي، حالانڪ هر موڙ تي لائيٽ جو بندوبست ته هو پور ڪڪر ايترا ڪارا هجن جو ڪجهه نظر ئي نه اچي، ويتر هن دفعي واپسي تي پوليس وارن اچي روڪيو ته توهان وٽ ملائشين ڊرائيونگ لائسنس ڪونهي، جڏهن ته يعقوب ڪونڌر وٽ پاڪستان طرفان نهيل انٽرنيشل ڊرائيونگ لائسنس هيو پر پوليس وارن چيو ملائشيا جو ته ڊرائيونگ لائسنس نه آهي يا هن ۾ ملائشيا ته نه لکيل آهي، بس انهن کي خرچي وٺڻي هئي سو پاڻ ئي هڪ پوليس واري يعقوب کي چيو ته

اسان سان تعاون ڪر تہ اسان توهان سان تعاون ڪيون، پوءِ **400** سئو رنگٽ چئي نيٺ **80** رنگٽ تي آيا ۽ اسان **80** رنگٽ ڏيئي جان ڇڏائي، ملائشيا جي پوليس جي گاڏي هلائيندڙ سمورا پرڏيهي شاگرد دانهون ڪندا آهن، بلڪ ائين چئجي تہ ڪراچي ۾ شايد ئي ڪو ماڻهو هوندو جنهن ڪان موبائل نہ ڦري هوندي ائين ڪولالمپور ۾ شايد ئي ڪو پرڏيهي شاگرد هجي جيڪو پنهنجي گاڏي رکندي ٽن يا چئن سالن ۾ پوليس وارن خرچي ڪرائڻ ڪان بچيل هجي. هنن وٽ پهريون بهانو ملائشيا جو ڊرائيونگ لائسنس نہ هجڻ جو هوندو آهي، حالانڪ پاڪستان جو انٽرنيشنل لائسنس ملائشيا جي گورنمينٽ طرفان قبول ڪيل آهي پر پوليس وارا بهانا ڪري خرچي ڪيندا آهن.

ائين وري ٽئين دفعي دوست هدايت الله پٺو صاحب آيو جيڪو بہ ٿائلينڊ مان پي ايچ ڊي ڪري رهيو هو بلڪ پي ايچ ڊي جو امتحان ڪاميابيءَ سان ڏيئي ڊگري وٺڻ ڪان پهرين جا رهيل ڪجهہ ڏينهن ملائشيا گهمڻ آيو هو. ان کي گينٽنگ گهمڻ لاءِ دعوت سندس شاگرد ڏني هئي، جيڪو گينٽنگ هاءِ لينڊ جي ٿيم پارڪ تي هلندڙ مرمت جي ڪم ۾ انجنيئر طور ڪم ڪري رهيو هو. اهو دوست زوهيب شيخ هالا سنڌ مان آهي. هن جي بہ اسلامڪ يونيورسٽي مان ماسٽرس ڪيل آهي ۽ بيچلر جي ڊگري سر سيد يونيورسٽي ڪراچي مان ڪيل اٿس. اها ڳالهہ بہ بيحد خوش آئنده هئي تہ ملٽي نيشنل ڪمپني ۾ سنڌي دوست انجنيئر طور ڪم ڪري رهيو هو. هن دفعي گينٽنگ بجاءِ ٽيڪسي يا رينٽ ڪار ڪرڻ جي بس ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڪي ايل سينٽرل ڪان**12** بجي نڪتاسين، بس جي ٽڪيٽ **4.50** رنگٽ جي هئي، بس گينٽنگ اسڪاءِ وي ڪيبل ڪار اسٽيشن تائين وٺي وڃي ٿي، جتان وري مٿي وڃڻ لاءِ ڪيبل ڪار يا چيئر لفٽ هلي ٿي جنهن جي ٽڪيٽ **8** رنگٽ جي هئي، اسان کي بس تہ اڌ ڪلاڪ ۾ اسڪاءِ ڪيبل اسٽيشن پهچايو، جتي بہ ڪافي وڏو بس اسٽينڊ،

شاپنگ پلازا نهيل هئا. اسان کي پلازا جي چوٿين منزل تان ٽڪيٽ به ملي ته ڪيبل ڪار تي به اتان ئي چڙهياسين. وچ تي هڪ اسٽيشن آهي، جتي چائنيز مندر آهي اتي لهي مندر گهمياسين ۽ پوءِ وري ڪيبل ڪار ۾ چڙهي مٿي گينٽنگ هاءِ ليندس رزارٽ ۽ ڪيسينو سميت ٿيم پارڪ ۽ ۾مختلف شاپنگ پلازا گهمياسين. گينٽنگ هاءِ ليندس هڪ پوري دنيا آهي، جتي دنيا جي هر مهانگي ۽ ماڊرن شيءِ ميسر آهي، ٻارن ۽ وڏن جي وندر جو به بندوبست آهي ته وري بادلن سان ڀريل پهاڙ جي نظارا ۽ ٿڌ جو احساس به، اهڙي ٿڌ جيڪا ملائشيا جي شهري توڙي ٻهراڙي جي زندگي ۾ اڻ لڀ آهي.



# چين سوي مندر
# جتي جنت به آ ته جهنم به

The Chin Sweet Caves Temple مندر گينٽنگ هاءِ لينڊ جي باني تان سري داتو سري ڊاڪٽر لم گو تونگ طرفان ٺهرايل آهي، جتي گوتم ٻڌ جو تمام سهڻو مجسمو هڪ پهاڙ جي هنج ۾ ٺهيل آهي، هن جي ڊيگهه غالباً **40** فوٽ ٿيندي. هي مندر، تمام خوبصورت سان پهاڙي ڪي ٽُڪي ٺاهيو ويو آهي. هي مندر گهمڻ سان ماڻهو جو من جهنجهوڙجي وڃي ٿو. هي مندر هڪ مقصد، هڪ نصيحت طور ٺهيل آهي، جنهن جي گيٽ تي لکيل آهي ته ”نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ ٻِي دنيا ۾ خوشيون آهن ۽ بيڪار عمل ڪندڙن لاءِ سخت سزا آهي، سزا ڪين جهنم ۾ ملندي ۽ جهنم سمنڊ جي هيٺان آهي.“ نه صرف اهو پيغام لکيل آهي پر جيئن ماڻهو مندر ۾ اندر وڃي ٿو ته ڪجهه مجسما اهڙي طرح ٺاهي ڏيکاريا ويا آهن جن ۾ اڳئين دنيا ۾ بد افعالن جي ڪري سزا ملندي ڏيکاريو ويو آهي. پهرين انهن ڪي سندن عملن جو ڪتاب آڏي ڏيکاريو وڃي ٿو، پوءِ ڪين سزا ٻڌائي وڃي ٿي ۽ پوءِ سزا ملندي. ڪيترا ئي مجسما آهن، تتل لوه تي سمهيل ماڻهن جا، لوهي سيخن ڪي سندن اکين مان آرپار ٿيندي ڏيکاريل آهن، ويندي ماڻهن ڪي باه ۾ سڙندي به ڏيکاريو ويو آهي. هن مندر ۾ جهنم جا **10** طبقا ٺهيل آهن ۽ هر طبقي جي نسبت ٻئي طبقي ۾ سزا وڌيڪ سخت ٿيندي وڃي ٿي. هن جهنم واري حصي ختم ٿيڻ کان پوءِ مندر جي آخر ۾ جنت نما منظر ٺهيل آهي، جنهن ۾ خوبصورت پرين ڪي رقص ڪندي ۽ بانسري وڄائڻ وارو منظر ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ ڪيئي گل به ٽڙندي ڏيکاريل آهن. هي منظر ماڻهو ڪي خوش ڪري ڇڏي ٿو ۽ هڪدم هن منظر سان گڏ تصوير ڪيرائڻ تي دل چوي ٿي. ائين هن مندر جو ٿيم پورو ٿئي ٿو ۽ ماڻهو وري ٻاهر اچي يا

هيٺ لهي ٿو جو هي ڪو باقاعده جڳهه نهيل نه آهي پر پهاڙ کي ٽُڪي پنڌ هلڻ جو رستو به ٺاهيو ويو آهي، ته وري پهاڙ جي اندر ننڍڙا ننڍڙا غار ٺاهي مجسما نصب ڪيا ويا آهن. اتان نڪري ماڻهو مندر جي سامهون نهيل وڏي ٿلهي تي اچي ٿو، جتي هن مندر ۾ پوري گينٽنگ جي بانيڪار تان سري داتو سري ڊاڪٽر لم گو تونگ جو وڏو مجسمو لڳل آهي، جنهن جي پويان پاڻي جو وڏو شاور آهي، جيڪو پاڻي پهاڙ مان هيٺ لهي مجسمي جي پيرن مان نڪري ٿو. ان ڪان علاوه هن مندر ۾ عبادت لاءِ به جڳهه نهيل آهي جيڪا تمام وڏي مينار اندر آهي، جيڪو مينار گينٽنگ جي پهاڙن تان جتان ڪٿان نظر اچي ٿو، هن جڳهه ۾ اگر بتيون ٻاريندي ڪيترائي چيني نظر ايندا. هي مندر ٺاهڻ جو مقصد جيڪو مندر وٽ لکيل آهي ته ”نوجوان نسل کي چڱائيءَ جو سبق ملي ۽ ڪين برائي ڪان بچائي سگهجي“ ائين بلڪل چئي سگهجي ٿو ته هن مندر ۾ ڏيکاريل آخرت جو تصور، بلڪل اسلام ۾ ٻڌايل آخرت جي تصور جهڙو آهي ته غلط نه ٿيندو. هي مندر گهمڻ جهڙو آهي ۽ ضرور گهمڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪير گينٽنگ اچي ۽ هي مندر نه گهمي ته سمجهو اهڙو ماڻهو هڪ سٺي نصحيت ڪان محروم رهجي ويو.

اسان مندر گهمي وري واپس ايسڪليٽر يعني بجلي تي هلندڙ ڏاڪڻون چڙهي ڪيبل ڪار ۾ ويهڻ واري جڳهه پهتاسين، جن تي چڙهي وري گينٽنگ هوٽل پهتاسين. ائين هي ڪيبل ڪار تقريباً **20** منٽ ڪان اڌ ڪلاڪ اندر هينان ڪان مٿي پهچائي ٿي، جڏهن ته ماڻهو جيڪڏهن ڊائريڪٽ گينٽنگ جي چوٽي تي ڪنهن گاڏي ۾ اچي ٿو ته ڪلاڪ ڪان ڏيڍ ڪلاڪ لڳي وڃي ٿو، پر ان سان پيسا به وڏيڪ خرچ ٿين ٿا ۽ خوبصورت وادي جي مٿان هلندڙ ڪيبل ڪار جي ائڊوينچر ڪان به رهجي وڃي ٿو. منهنجي خيال ۾ ڪيبل ڪار ذريعي مٿي اچڻ جو به وڏيڪ مزو آهي ان مان ضرور لطف اندوز ٿيڻ گهرجي. گينٽنگ لاءِ هتان جي وزيراعظم ڊاڪٽر مهاتير

محمد چيو هو تہ گينٽنگ تان سري لم گو تونگ جي هڪ اهڙي ڪاميابي آهي جنهن جو مثال ملائشيا ۾ اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿو ملي.

تان سري لم گو تونگ جو هي قول گينٽنگ گيلري گهمڻ وقت لڪيل نظر آيو تہ زندگي ۾ ڪو بہ شارٽ ڪٽ ڪونهي، ان شيءِ جي ڪا اهميت نہ ٿيندي جيڪا آساني سان حاصل ٿي وڃي. مون وٽ دنيا ڪي بڌائڻ لاءِ ڪا وڏي ڪامياب ڪهاڻي نہ آهي ۽ نہ ئي دنيا جي انٽرپرينزرس ڪي بڌائڻ لاءِ ڪو سبق، بس مان محسوس ڪيو آهي تہ منهجو فرض آهي تہ ملائشيا ۾ ڪارپوريشن جي خال ڪي پورو ڪيان.

اسان وٽ پاڪستان ۾حڪومت **70** سال ۾ گورک هل ڪي ترقي نہ ڏياري سگهي آهي ۽ گورک هل ڪي گورخ ڏنڌو بڻائي ڇڏيو اٽن جو هر سال بجيٽ تہ رکن ٿا پر **70** سالن ۾ روڊ بہ نہ ٺاهي سگهيا آهن، باقي ترقي ونرائڻ تہ پري رهي. جڏهن تہ هن اڪيلي همراه گورک هل کان وڏيڪ ڏکي پهاڙي کي هڪ شاندار شهر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن مان ملائشيا جي حڪومت ۽ سموري عوام کي فائدو ٿيو آهي. افسوس اسان وٽ حڪومتون ناڪام آهن ادارا ناڪام آهن تہ اهڙا ماڻهو بہ نہ آهن جيڪي ملڪي ترقيءَ جو سبب بڻجي سگهن، الٽو جي ڪجهہ ماڻهو آهن بہ تہ غريبن جون زمينون ڦبائڻ لاءِ جنهن مان عام عوام کي ڪو فائدو نہ ٿئي. گورک هجي يا ڪارونجهر ويندي ڪيرٿر، سمورن جبلن ۾ عاليشان رهائشي ۽ ترقياتي منصوبا نہ سهي پر ٽوئرزم کي هٿي ڏيڻ ۽ عام ماڻهو کي تفريح پهچائڻ لاءِ ماڳن کي ٺاهي سگهجي ٿو. بهرحال پاڻ ڳالهہ گينٽنگ جي پئي ڪئيسين، جتي گهمڻ لاءِ ڪيسينو سان گڏ گينٽنگ گيلري آهي ۽ ٿيم پارڪ ان کان علاوه ڪيترائي شاپنگ پلازا جا آهن جيڪي گهمي ڪري وري ٽورو ٻاهر نڪري ٿڌ جو مزو وٺي پوءِ ڪافي پيئڻ جو مزو ونجي، اسان کي گينٽنگ تي ماني زوهيب ڪارائي، جنهن جا ريٽ بہ ڪوالالمپور

جي پيٽ ۾ بيٺ تي هيا، ڪوالالمپور ۾ جيڪو ناسي آيام 6 رنگٽ ۾ ملي اهو هتي 16 رنگٽ ۾ پئي مليو، ائين جيڪو ميڪڊونالڊ جو برگر ڪوالالمپور ۾ 12 رنگٽ ۾ ملي اهو گينٽنگ ۾ 16 رنگٽ ۾ پئي مليو، ڪافي ۽ چانهن پڻ ڪجھ مهانگي هئي ائين مجموعي طرح گينٽنگ تي هوٽل بہ مهانگا آهن، جنهنڪري ماڻهو گهمي ڦري رات جو واپس اچي ڪوالالمپور ۾ هوٽلنگ ڪري تہ بهتر آهي. اسان کي پهرين زوهيب گينٽنگ تي ماني ڪارائي ۽ پوءِ گينٽنگ کان هيٺ پنهنجي رهائشي علائقي ۾ وٺي ويو، جيڪو بہ چڱو خاصو شهر هو، اتي ماماڪ جي هوٽل تي چانهن پيئاري ۽ ٻڌايو تہ مٿي گينٽنگ تي رهائش الاهي مهنگي آهي ۽ هتي ان جي اڌ قيمت کان بہ سستي، جڏهن تہ ٿڌ بہ هتي ڪجھ برداشت جوڳي آهي مٿي تمام گهڻي ٿڌ ٿئي، ان ڪري آءٌ هتي رهان ٿو. حالانڪ گينٽنگ جي چوٽي کان هيٺ لهي، گاڏي جو رستو صرف 15 منٽن جو هو پر ٿڌ واقعي گهٽ هئي..



# چانهه جي پوک سان سينگاريل ڪيمرون هاءِ ليندس

ڪيمرون، ملائشيا جي سڀ کان وڌيڪ سرسبز پهاڙي آهي ۽ سڄي چانهه جي پوک، سبزين ۽ فروٽن سان سينگاريل آهي. ڪوالالمپور کان تقريباً **200** کان **300** ڪلوميٽر پري آهي. هتي مختلف رستن سان وڃي سگهجي ٿو، جنهنڪري مختلف رستن جي حساب سان مفاصلو مختلف آهي، پر سڀ کان بهتر رستو پيراق رياست جي شهر اپوه کان آهي، جيتوڻيڪ اپوه شهر، ڪوالالمپر کان **205** ڪلوميٽر پري آهي ۽ اپوه کان ڪيمرون تقريباً **80** کان **90** ڪلو ميٽر آهي. ان رستي جي ڀيٽ ۾ وري ٻيو روٽ جيڪو سڌو ڪيمرون ڏانهن وڃي ٿو، اهو **250** ڪلوميٽر آهي. جيڪو هاءِ وي کان نڪري تپاه ٽائون کان وڃي ٿو، جنهن رستي تي وچ ۾ روڊ سان ئي واٽر فال اچي ٿو، جتي تقريباً ٽوئرسٽ اسٽاپ ڪن ٿا. هتي ڪافي ريسٽورنٽ ۽ گفٽ شاپ به آهن. عام طور تي ملائشيا ۾ رستا بهتر هجڻ ڪري **200** يا **300** ڪلوميٽر **2** کان **3** ڪلاڪن جو پنڌ هجن ٿا، پر هي روٽ جيئن ته پهاڙي علائقي جو آهي ان ڪري **4** کان پنج ڪلاڪ به لڳي وڃن ٿا. هي روڊ نه ايپي چاڙهي جيئن آهي نه وري صفا گول آهي، پر آخر ۾ جيئن ڪيمرون جي ويجهو وڃجي ٿو ته رستو گول سرڪل جيان ٿيندو وڃي ٿو، جڻ پهاڙ جي چوٽي تي چڙهڻ لاءِ ان جي چوڌاري چڪر ڪائي آهستي آهستي مٿي چڙهجي ٿو ۽ گاڏي جي رفتا **40** کان مٿي ڪونه ڪجي ٿي، ائين هي پنڌ پورو ٿيندي ٿيندي ماڻهو ٿڪجيو پوي ٿو، پر رستي ۾ قدرتي نظارا آهن يا ڪجهه اسٽاپ جتي ماڻهو ويهي تازو توانو ٿي وري اڳتي سفر جاري رکي ٿو. اسان هن رستي تي وياسين ته ٻئي رستي ڏانهن پر واپسي اپوه

واري روڊ ڏانهن ٿي، جيڪو پهرين رستي کان ڪافي بهتر هو. اسان گوگل ميپ تي پئي هلياسين جنهن ۾ ويندي پراڻو روٽ آيو ۽ واپسي ۾ وري نئون نهيل هاءِ وي جيڪو اپوه کان ٿيندو آيو. هونءَ ته ٽوئرسٽ بسون به هلن ٿيون پر منهنجو وجڻ يونيورسٽيءَ جي دوستن سان ٿيو. جيئن ته يونيورسٽي ۾ اسان جي پاڪستاني شاگردن جي ايسوسئيشن آهي، جنهن تحت پروگرام ٺهيو ته ڪيمرون گهمجي، ٽوٽل **9** ڄڻا تيار ٿيا گهمڻ لاءِ پر آخر ۾ **8** ڄڻا گهمڻ وياسين، ڪار رينٽ تي ڪنئي، جيڪا هڪ ڏينهن لاءِ **150** رنگٽ ۾ ملي، ۽ وڌيڪ **120** رنگٽ جو گاڏي ۾ تيل پيو. وجڻ مهل حميز شيخ ڊرائيو ڪئي ۽ واپسي ۾ سيد احمد علي، ٽوٽل دوستن مان به ڪراچي جا اماد الدين ۽ فضيل، به روهڙي جا حميم ۽ هميز شيخ بئي ڀائر، مان واره شهر جو ۽ هڪ لوئر دير جو احتشام ۽ .... ۽ هڪ لاهور جو سيد احمد علي ۽ هڪ فيصل آباد جو محمد اسلم شامل هياسين. رستي ۾ واٽر فال تي اسٽاپ ڪيو جتي فوٽو گرافي ڪري اڳتي وياسين، ٻيو اسٽاپ ڪيمرون پهچڻ کان ٿورو اڳ ۾ ڪيو جتي هڪ ڊنڊ هئي پهاڙن جي وچ ۾. ائين گهمندي ڪيمرون پهتاسين سڀ کان پهرين ماکي فارم ۽ اسٽرابيري فارم گهميو فوٽو ڪڍيا ، ماکي ۽ اسٽرابيري ورتي ۽ اتي لڳل واٽر شاور جنهن جو تلاءُ دل جهڙو نهيل هو، ان سان سيني تصويرون ڪڍرايون پوءِ سڌو بوهه چانهه جي فيڪٽري ڏانهن وياسين هي ڪيمورن هاءِ ليندبيس جي شهر تانا رٽا کان **20** منٽن کان اڌ ڪلاڪ جي ڊرائيو تي آهي ۽ سڄي جبل تي چانهه ئي چانهه آهي، هي چانهه جي فيڪٽري هتي انگريز دؤر کان قائم آهي، جنهن جو بنياد **1932**ع ۾ وڌو ويو، اسان کي پهچڻو به جيئن ته ان پوائنٽ تي هو، سو اتي پهچي گاڏي پارڪ ڪري بوهه چانهه فيڪٽري گهمي ڏٺي، چانهه جي پتي نهندي ڏٺي، اتي چانهه پيتي پوءِ بوهه ٽي وزٽ پوائنٽ، جيڪا پهاڙي تي هئي، فيڪٽري جي پرسان ئي هئي، ان تي چڙهي پوري ڪيمرون هاءِ ليندبس جو

نظارو ڏنوسين ڇا ته ساوڪ هئي، نظر ڪٿي وڃي پر پاڻي نه ڪٿي، منڇر ڍنڍ بابت پڙهيو هوپر هتي ائين پئي لڳو ڄڻ نظر ڪٿي وڃي پر چانهه جو فصل نه ڪٿي، سا به بلڪل ترتيب سان، پوري ماحول ۾ چانهه جي سڳنڌ هئي، مون ڦيريو دفعو چانهه جي پوک جي تازي تازي خوشبوءِ محسوس ڪئي، ايتري تيز ۽ وڻندڙ خوشبو جو مزو اچي ويو، هلڪي ٿڌ ۽ ڦڙي ڦڙي پئي هلي، اکين جي ڄڻ روشني وڌي ويئي، من هلڪو ٿي پيو، پي ايچ ڊي جو ٽينشن ڄڻ قدرتي طرح غائب ٿي ويو هو. مون اهڙا نظارا فقط ٽيليويزن جي پروگرامن يا فلمن ۾ ڏٺا هئا پر سامهون ايڏو خوبصورت چانهه جي فصل سان ڀريل پهاڙ مون پهريون دفعو ڏٺا سچ پچ ته قدرتي خوبصورتيءَ هڪ شاهڪار آهي.

بوهه ٽي پوائنٽ تي ڪيترا ئي ٻيا گروپ به هئا جيڪي گهمي رهيا هئا، مٿي چڙهڻ لاءِ رستو آسان ته هو پر بزرگ ماڻهن ۽ ٻارن لاءِ هر گز نه، پر پوءِ به ڪيترا ئي چيني بزرگ ۽ ملئي پنهنجي ٻارن سميت مٿي نظر آيا. هڪ ڪاليج جي ڇوڪرين جو گروپ به هو جن هميم شيخ کي سڏ ڪري ان کان گروپ فوٽو ڪڍرايا ته وري حميم سان فوٽو ڪڍڻ لاءِ به اسان جي گروپ جي ڪجهه دوستن کين چيو، جنهن تي حميم کي پاڻ سان گڏ ويهاري فوٽو ڪڍرايائون ته وري سيني چيو حميز کي به گروپ فوٽو ۾ شامل ڪيو، هي هن جو ڀاءُ آهي ته چيائون ويلڪم ائين هو به کلي پيون ۽ اسان جي گروپ وارا به پر حميم ۽ هميز ٻئي شرمائيندا رهيا، مون هن حسين قدرتي نظارن مان خوب سڪون پئي ورتو ته اسان مان هڪ رڙ ڪري چيو هاڻي ماني ڪارايو ان وقت **3.00** ٽيڻ وارا هيا. سيني چيو ماني پاڪستاني هوٽل تي ڪائينداسين جتي سٺي برياني ۽ نان ملن يا وري انڊين هوٽل، سرچ ڪرڻ سان انڊين هوٽل ملي ته پاڪستان ڪاڏن واري به پر جئين ته پاڪستاني هوٽل ڪافي پري پئي لڳي، تنهڪري انڊين ڪَرِي هائوس تي **4** بجي پهتاسين. هي انڊين ڪري هائوس تانا رٽا ٽائون ۾ هو جيڪو بوهه ٽي فارم

ڪان **20** منٽن ڪان **30** منٽن جي پنڌ تي آهي، هوٽل تي ماني نہ واقعي اسان جي دل وٽان هئي پر مهانگي بہ ڏاڍي هئي، برياني پليٽ **16** رنگٽ جي ۽ دال ڀاڃي بہ **16** رنگٽ جي، هڪ نان **4** رنگٽ ۾. پوءِ اسان سيني برياني ۽ ڪجهہ ڀاڃيون گهرايون پر هوٽل ۾ سروس ڪندڙ بيرا ٿورا ٽيڙا هئا، هڪ نان جيڪو بلڪل سڙيل هيو واپس ڪرڻ کان انڪار ڪيائون، بلڪ ضد ڪيائون تہ نان تندور ۾ ائين ئي پچندا آهن، اسان مان هڪ چئين تہ يار ٻيا نان ڪائي وياسين هي بہ نان ڇو نہ ٿا ڪائون، جو هي سڙيل آهن، پر نہ مڃايائون ۽ آخر ٻيا نان گهرايا پر سڙيل نان واپس ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هئا، نيٺ هوٽل جي دخل تي وينل همراه آيو جنهن نان واپسي ڪنيو پر مون کي لڳو جڻ بل ۾ لڳايو اٿن. ائين اسان هن ٽائون ۾ لڳل ڪيمرون هائليندس جي لڪيل نالي سان تصويرون ڪڍي وري ان ئي شهر ۾ ٻئر فلائي فارم گهميوسين، اتي موجود شاپنگ پلازا ڪيمرون ٽائيم اسڪوائر گهميوسين. مغرب جي نماز پڙهي **7.15** تي واپسي لاءِ نڪتاسين، تقريباً بغير اسٽاپ ڪرڻ جي ڪوالالمپور رات جو **11.15** بجي پهتاسين. دوست مونکي گهر ڊراپ ڪري، يونيورسٽي ڏانهن ويا جتي انهن کي **12** کان پهرين گاڏي واپس ڪرڻي هئي. ڪيمرون مان واپسي اچي اهو اندازو ٿي ويو تہ هي سفر هڪ ڏينهن جو بلڪل بہ نہ آهي، ماڻهو هڪ ڏينهن وچي گهمي ۽ رات ڪيمرون ۾ ڪنهن هوٽل ۾ رهي ۽ صبح جو واپسي ڪري تہ بهتر ٿيندو.

# پنانگ لاءِ پنج ڏينهن

منهنجو ملائشيا جي هن چيني آبادي جي گهڻائيءَ واري رياست ڏانهن وڃڻ جو ذريعو منهنجي گهرواري جو ريسرچ پيپر هو جيڪو پنانگ رياست جي يونيورسٽي سائنس ملائشيا جي لائبريري سائنس بابت ڪانفرنس ۾ پڙهڻ لاءِ منظور ٿيو هو، ڪانفرنس پنانگ جي وستان هوٽل ۾ رکيل هئي، **2** آگسٽ کان **3** آگسٽ تائين. ان لاءِ آءٌ هڪ هفتو پهرن پنهنجي دوست ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ليڪچرار سيد فيصل شاه کي فون ڪئي جيڪو پنانگ ۾ يونيورسٽي سائنس ملائشيا ۾ هيڪ، سنڌ يونيورسٽي جي اسڪالرشپ تي پڙهي رهيو آهي. ان جي مشوري تي جارج ٽائون ۾ آن لائين هوٽل بہ بک ڪرايو، تہ وري ٽرين بجاءِ نائيس ڪوچ ۾ سيٽون بہ بک ڪرائي ڇڏيون. بس جي بڪنگ **easybook.com** تان ڪئي ۽ هوٽل جي بڪنگ **Trivago.com** تان سرچ ڪئي پر ڪئي ڪون ۽ فون نمبر نوٽ ڪري هوٽل وارن سان ڳالهائي ڇڏيو. وستان هوٽل جيئن تہ پرپرو هيو ۽ تاريخي جارج ٽائون ڪان پري هيو ان ڪري جارج ٽائون ۾ رهڻ سان گهمڻ ڦرڻ ۾ آساني ٿي ۽ هوٽل جو ڪرايو بہ سستو پيو نہ تہ هوٽل وستان ۾ **300** ڪان مٿي فيملي ڊيلڪس روم پئي مليو جيڪو هن هوٽل ۾ **150** ۾ مليو، بڪنگ ڪرڻ دوران خيال آيو تہ الطاف شيخ پنهنجي سفرنامي جت جر وهي ٿو جال ان ۾ پنانگ ۾ رهڻ دوران ڪنهن هوٽل جو ذڪر ڪيو هو، ڪتاب ڪڍي ڏٺم تہ هوٽل اورينٽل هو پر مون جيئن تہ بڪنگ ڪري ڇڏي هئي سو وڌيڪ ان بابت معلوم ڪونہ ڪيم، البتہ مون کي هوٽل ملائشيا نالي بہ سر چنگ ڪرڻ دوران وڻيون جيڪو بہ هن هوٽل اورينٽل جي پرسان ئي هو پر اهو بہ مهانگو هو، تقريباً فيملي ڊيلڪس روم جا **225** رنگٽ هئا. مون هوٽل جي ٽائمس ان وارن کي فون ڪري، روم

**150** رنگٽ ۾ رِزَرو ڪرائي ڇڏيو. ڪانفرنس ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۾ شام **30:6** بجي واري ڪوچ ۾ ڪي ايل سينٽرل ڪان نڪتاسين ۽ تقريباً **11:30**بجي ڏاري رات جو سنگائي نبونگ پنانگ جي بس اسٽاپ تي پهتاسين. ڪوچ انتهائي بهترين هئي ايئر ڪنڊيشن سان گڏوگڏ ايل سي ڊي به هئي جنهن جو فائدو اهو ٿيو ته حسنين ڪارٽون مووي ڏسندي ننڊ پئجي ويو ۽ سفر ۾ تنگ ڪونه ڪيائين. ڪوچ مان لهڻ سان ٽيڪسي وارن تي نظر پئي، انهن جو اسٽاپ به اتي ئي هو، هڪ ٽيڪسي واري وڏي اچي ٽيڪسي لاءِ چيو، آءٌ پهرين ته ان ڏانهن ڌيان نه ڏنو ۽ پنهجو سامان ڪوچ مان لاهي هيٺ رکيو، ٿورو هيڏانهن هوڏانن نهاريو مون سوچيو ٻيا ٽيڪسي وارا به اچي پڇندا پوءِ جنهن ڪرايو گهٽ چيو ان سان ويندس پر مزي جي ڳالهه سواءِ ان هڪ ٽيڪسي واري جي ٻئي ڪنهن به اچي ڪونه چيو ته اچو منهنجيءَ ٽيڪسي ۾ ويهو. پوءِ سمجهي ويس ته نمبر وار ٽيڪسي نڪري ٿي، ان ڪري ان ماڻهو ڪان ڪرايو پڇيم هوٽل جي ٽائيمس ان جارج ٽائون وڪٽوريا اسٽريٽ وڃڻ لاءِ ته انتهائي معودبانه انداز ۾ ڪرائي جي ريٽ لسٽ ڏيکاريائين، جنهن ۾ جارج ٽائون جو ڪرايو **35** رنگٽ لکيل هيو، ۽ چيائين ته هوٽل جي پوري ايڊريس لکيل آهي ته پڙهايون. مون هوٽل جي ايڊريس ۽ فون نمبر پني تي لکي ڇڏيو هو ۽ موبائل ۾ به اسڪرين تي سيو ڪري اسٽريٽ ڪري وري چيائين اوڪي. مون ڪيس ها ڪري ٽيڪسي ڇڏي هئي، سو پنو ڪڍي ڏيکاريمانس ته چيائين ٺيڪ آهي، وڪٽوريا ۾ سامان رکڻ لاءِ ڊگي کولڻ جو چيو ائين **20** کان **25** منٽ جي سفر کان پوءِ جارج ٽائون ۾ هوٽل جي ٽائيمس ان ۾ پهتاسين. ٽيڪسي واري لهڻ سان سامان پاڻ ڪنيو ۽ هوٽل ۾ اندر هلي سامان رکي پوءِ نڪتو، سندس انگريزي ته تمام بهترين هئي پر لهجو به تمام بهترين هئس، ويندي ڪارڊ به ڏنائين، ته جي گهمڻ لاءِ ٽيڪسي کپي ته رابطو ڪري سگهو ٿا.

## پنانگ جي پل

پنانگ ملائشيا جي تاريخي ۽ خوبصورت رياست آهي، جنهن جو اڌ حصو پورو ٻيٽ آهي ۽ باقي اڌ حصو ملائشيا جي باقي رياستن سان زميني طرح ڳنڍيل آهي. جڏهن ته ٻيٽ وارو حصو جتي تاريخي شهر جارج ٽائون به آهي ته وري هتان جي يونيورسٽي سائنس ملائشيا به آهي. اهو حصو سمنڊ جي مٿان پل ٺاهي باقي ملائشيا سان ڳنڊيو ويو آهي، جيڪا پل **1984**ع ۾ **13** ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي مشتمل هئي ۽ دنيا جي پهرين ٽن وڏين پلن ۾ جيڪي سمنڊ جي مٿان نهيل آهن، شمار هئي. پر هاڻي هڪ ٻي شاندار پل ٺاهي ويئي آهي، جيڪا **24** ڪلوميٽر سمنڊ جي مٿان ڊگهي هجڻ باوجود به دنيا جي تقريباً **26** نمبر ڊگهي پل سمجهي وڃي ٿي، جو هاڻي دنيا ۾ سمنڊ مٿان سوين پلون ٺهي چڪون آهن جن مان ڪجهه ته سوين ڪلوميٽرن تي به آهن جيئن چائنا جي ڊيناڪش گرانڊ پل **Danayang-kunshan grand bridge** جيڪا **164.8** ڪلو ميٽر آهي، چائنا جي صوبي جيانگسو ۾ واقع آهي، حالانڪ هي پل سموري سمنڊ تي نه آهي پر درياءَ، ڍنڍون، نديون، پهاڙ ۽ ڪڏن، ڳوٺن يا شهرن مٿان گذري ٿي، هن پل تي ريلوي لائين وڇايل آهي ۽ ريل ٽريڪ لاءِ استعمال ۾ اچي ٿي. ائين دنيا جي ٻي وڏي پل تائيوان ۾ آهي، جنهن جي ڊيگهه **157** ڪلوميٽر تي آهي، ائين ٽي، چوٿين ۽ پنجين نمبر وڏيون برجز سڀ جون سڀ چائنا ۾ آهن ۽ سڀ هاءِ اسپيڊ ريلوي ٽريڪ طور استعمال هيٺ آهن البت **6** نمبر وڏي برج ٿائلينڊ ۾ آهي، جيڪا موٽروي طور نهيل آهي جنهن جي ڊيگهه آهي پر هي ڪنهن سمنڊ مٿان نه پر نيشنل هاءِ وي مٿان ايڪسپريس هاءِ وي طور نهيل آهي، ائين سڌي سنئين سمنڊ مٿان نهيل وڏي ۾ وڏي ڊيگهه واري پل جيانگزو بي برج آهي، جنهن جي لمبائي **42.4** ڪلو ميٽر آهي جيڪا چائنا جي چنڊائو شهر کي سندس سب اربن شهر هنگدائو

سان ڳنڍيل آهي. جڏهن ته 13.5 ڪلوميٽر ڊگهي پل 1985ع ۾ تعمير ٿي
سان ڳنڍي ٿي ۽ دنيا جي سمنڊ پاڻي مٿان وڏي ۾ وڏي برج سمجهي وڃي ٿي ۽ روڊ طور استعمال ٿئي ٿي. اتفاق سان هي چنڊائو شهر مان گهمي آيو آهيان، جنهن جو احوال انشاءَ الله چائنا جي سفرنامي ۾ ڪبو. ائين ملائشيا جي هي سمنڊ مٿان ٺهيل پل به ٽاپ **10** ۾ ضرور اچي ٿي، ان ڪان علاوه سعودي عرب ۽ بحرين کي ڳنڍيندڙ ڪنگ فهد ڪازوي پل به اهم آهي، جنهن جي ڊيگهه **25** ڪلوميٽر آهي، بهرحال ملائشيا گورنمينٽ کي داد رسي ڏيڻ کان رهجي نٿو سگهجي، جو هنن ته **80** جي ڏهاڪي ۾ به دنيا جي چند بهترين سمنڊ مٿان پلن مان هڪ ملائشيا ۾ به ٺاهي ويئي، ۽ هاڻي به ضرورت مطابق ٺاهيندا اچن. هن پل تان گذرڻ جو نظارو به دلفريب آهي، ان پلن کان علاوه پنانگ جي ٻنهي حصن جي وچ ۾ فيري به هلي ٿي، جنهن ۾ ماڻهو سان گڏ گاڏين کي به ڪٽي سمنڊ پار ڪرايو وڃي ٿو، پنانگ رياست جو نالو پنانگ به هتي عام ملندڙ وڻ پنانگ جي نالي تي رکيل آهي، جيئن ملاڪا رياست جو نالو به ملاڪا وڻ جي پنيان آهي. پنانگ ۾ اسان بٽرورٿ بس اسٽاپ تي لهون ها، جيڪو پنانگ جي زميني پاسي تي آهي اهو اسان جي رهائش واري هوٽل جارج ٽائون کي بلڪل ويجهو هو جو وچ ۾ فيري ذريعي **15** منٽن ۾ تقريباً هڪ رنگٽ **20** سينٽ جي ڪرائي سان جارج ٽائون پهچائي ها، پر مون سوچيو دير سوير فيري جي ٽائمنگ جي به خبر نه آهي ٻيو پريشان نه ٿئي، جو وري رات بس مان لهي سمنڊ جو سفر ۾ پريشاني نه ٿي، ان ڪري مون سوچيو سڌو سنگائي نبونگ کان ٽيڪسي ڪري ويندا سين هوٽل. حالانڪ اها خبر هوٽل تي رهائش کان پوءِ پئي ته فيري جو اسٽاپ اسان جي هوٽل جي پويان ئي آهي جو اسان جو هوٽل سمنڊ جي پرسان ئي هيو، مزي جي ڳالهه ته هوٽل جي پويان روڊ ڪراس ڪري وري بس اسٽاپ هو جتان سڄي پنانگ شهر ۾ هلندڙ نه صرف بسن جو اڏو هو پر ٽيڪسي اسٽينڊ به هو ته وري سمنڊ مان هلندڙ ڦيري به اتان پئي هلي.

## پنانگ فيري

تئين ڏينهن جارج ٽائون مان واڪ ڪندي ڦيري واري جيٽي پهتاسين، شام جا پوڻا ست ٿي رهيا هيا، ماڻهن جي پيهه لڳي پئي هئي مون عابده کي چيو هل ته ڦيري ۾ چڪر ڏيئي اچو 15 منٽ جو سفر آهي وري ساڳي ئي ۾ موٽي ايندا‌سين، بينل ماڻهن مان هڪ کان پڇا ڪئي ته ٽڪيٽ ڪٿان ملندي ته خبر پئي ته هن پاسي ڏانهن مفت ۾ آهي، باقي ٻئي پاسي کان ٽڪيٽ ٿيندي آهي. مفت ۾ فيري ۾ چڙهڻ جو چڻ ڊبل مزو آيو، سج لهڻ مهل جي خوبصورت منظر ۾ ڦيري آئي، جنهن مان پهرين ماڻهو لٿا پوءِ گاڏيون جن لاءِ الڳ الڳ رستا هئا، اهي نڪتيون، اسين چڙهڻ وارا ماڻهن جي لاءِ الڳ وچ ۾ انتظار ڪرڻ جي جڳهه هئي تقريبن هزار جي قريب ماڻهو هوندا ۽ ڪيتريون ئي گاڏيون، ائين فيري جڏهن خالي ٿي ته اسان لاءِ گيٽ کليو مون سمجهو ويهڻ جي جاءِ به ڪونه ملندي جو سوين ماڻهو اسان جي اڳيان هئا پر جڏهن ڦيري ۾ گهڙياسين ته ڏٺم ماڻهو ويهندا به ويا پئي پر گهٽا پاسن کان بيهندا به پئي ويا. وري وچ ۾ ڪجهه ڪارون به اچي بيٺيون، اسان فيري ۾ گهڙڻ سان سڌو آخري حصي جيڪو بلڪل کليل هيو ۽ جتان سمنڊ صاف نظر اچي رهيو هو بس لوهي ننڍي گيٽ ذريعي اهو حصو بند هو ان جي پرسان ئي 4 ماڻهن جي ويهڻ جي بينچ لڳل هئي جنهن تي هڪ نوجوان ويهي چڪو هو، اتي ويهي رهياسين، پر عابده ويهڻ سان چيو آءٌ ته بيهان ٿي سامهون مون چيو ٺيڪ آهي، مان ٻار ٿو سنڀاليان. ايتري ۾ هڪ پوڙهو چيني منڊڪائيندو لڪڻ جي آسري اچي رهيو هو، مون چيو هن کي جڳهه ڏجي، مون کيس ويهڻ جو اشارو ڪري پاڻ اٿڻ جي ڪئي ته پوڙهي چيني يڪدم ڪنڌ لوڏي نه ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ چڻ هلڻ ۾ تڪڙو ٿيو ته سامهون فيري وٽ بيهڻ جي جاءِ تي ڪو ٻيو نه بيهي رهي. مون دل ۾ چيو واه هي همراه به بيهي سمنڊ جا نظارا ڪندو ڀلا آءٌ ئي

ويهندس ڇا! ٻارن کي اٿاري عابده سان گڏ ويهي رهيس ڪيس رباب ڏنم سنڀالڻ لاءِ باقي حسنين ته تيز هوا لڳڻ جي خوشي ۾ ماپي ئي نه پيو، سو پاڻ ئي ويهي رهيو. ڦيري کي **30** کان **35** منٽ لڳا هئي پاسي پهچڻ تي جيئن ته اسان سڀ کان اڳيان ويٺا هياسين ۽ اسان کي لهڻو به نه هو تنهنڪري پاسي تي ئي ويهي رهياسين ته جيئن ماڻهو ۽ گاڏيون هليون وڃن پر وري خيال آيو ته پڇا ڪريان ٽڪيٽ وٺڻ ضروري آهي، ٻيو اها ئي ڦيري واپس ٿيندي الائي ڪا ٻي، تنهنڪري اتي بيٺل ڦيري لنگر سان لڳائيندڙ همراه جنهن لوهي گيٽ به کولي ته جيئن ماڻهو نڪري وڃن، ان کان پڇيم، چيائين ته ٽڪيٽ وٺي اچو، هي فيري ئي واپس هلندي سو ٽڪڙو فيري مان لهي سامهون ئي بيٺل ماڻهن جي پويان ٽڪيٽ ڪائونٽر تان ٽڪيٽ ورتي، جيڪا **1** رنگٽ ۽ **20** سينٽ ۾ ملي. مون آخري ڦيري جو ٽائيم به پڇا ڪيو ته چيائين هڪ بجي ٽائين . مون عابده کي چيو تون هرويرو پئي پريشان نه ٿيءُ، هي ته رات هڪ بجي ٽائين هلي ٿي. تون **7** بجي ئي آخري پئي سمجهي.

واپسي ۾ ساڳي ڦيري **15** منٽ ۾ پهچايائين. حالانڪ مون کي اسپيڊ جو فرق ته سمجهه ۾ نه آيو پوءِ خبر نه آهي هوا جي رخ شايد مٽيو جو جلدي پهتاسين، فيري جي سفر ۽ سمنڊ جي خوبصورت روشني سان ڀرپور ڪناري، ٿڌي هوا ۽ سمنڊ ۾ بيٺل جهازن ڪناري تي نهيل جڳهن ۽ خصوصاً سمنڊ مٿان نهيل پل جي نظاري مزو ڏيئي ڇڏيو. پوءِ خبر ناهي ته اها پل جيڪا روشنين سان ڀرپور هئي، اها **1985**ع واري نهيل پراڻي پل هئي، جنهن جي ڊيگهه ان وقت **13** ڪلوميٽر هجڻ باوجود به دنيا جي ٽيون نمبر وڏين پلين ۾ شامل هئي يا نئين **2014**ع واري نهيل پل، جنهن جي ڊيگهه **24** ڪلو ميٽر آهي، حقيقت ۾ ڦيري جي هن سفر مزو ڏيئي ڇڏيو، پنانگ ۾ هي اسان جو ٽيون ڏينهن هو ۽ سڀاڻي تي نڪرڻو هو، پهرين ڏينهن ته سفر ڪندا بلڪ پهرين رات اچي ڄڻ

ننڊ ڪئي هئيسين، جو پهتا ئي رات جو **11** ڪان پوءِ هياسين، ٻئي ڏينهن صبح جو سوير عابده ڪانفرنس لاءِ نڪري ويئي باقي ٻار ۽ مان سمهي رهياسين. پهرين اسان جو اهو خيال هيو ته سوير اٿي ٻار تيار ڪري عابده سان گڏ ويندا سين ڪانفرنس واري هوٽل، ڪيس ڇڏي ايندا سين ۽ ڪانفرنس ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻه ونڻ ويندا سين پر هڪ ته پنانگ ۾ رات پهچڻ سان ڇڻ شهر مان نئين ماٺهو وارو ڊپ ختم ٿي ويو هيو، نيٽ تي معلومات کان علاوه دوستن سان ڳالهه ٻولهه ۽ شهر سياحن سان ڀرپور هجڻ جي خبرن ڪري مون سوچيو عابده پاڻ ٽيڪسي ڪري هلي وڃي. ائين آءٌ چوڻ وارو هيس ته عابده چيو ٻارن کي آرام ڪرڻ ڏي، مان پاڻ هلي ٿي وڃان. ائين هن ٽيڪسي ۾ ويهڻ سان فون ڪيو ۽ هوٽل پهچي ڪانفرنس حال ۾ ويهي ٻه فون ڪيو، ان دوران سندس پاران ٽيڪسي جو نمبر ٻه واٽس اپ تي موڪليائين. خير عابده وري شام جو **6** بجي ڌارا هوٽل ته واپس اچي ويئي. اسين جيئن ته هوٽل ٻاهران ئي وينا، سندس انتظار ڪري رهيا هياسين ته گاڏي واري اسان جي پرسان ئي گاڏي بيهاري سلام ٻه ڪيو ۽ عابده لٿي نه صرف ٻار خوش ٿيا. هو پاڻ ٻه خوش ۾ نه پئي ماپي، جو هو ڪانفرنس اٽينڊ ڪري پيپر پڙهي آئي هئي ته ان جي خوشي ٻه هئي. عابده ٻڌايو ته صبح ٽيڪسي وارو ٻه تامل هو ۽ واپسي ۾ ٻه تامل هو، ٻئي سنا هئا. هي ويچارو ته هوٽل پهچڻ لاءِ رستو سوچي رهيو هو ته مون ٻڌايومانس ته هن طرف هلو، جيڪو غلط رستي تي وڃي وڃي انڊين اسٽريٽ جو نڪتو، پر اتان هن پنهنجي ڪنهن تامل دڪاندار کان پڇا ڪيو ته ان ٻڌايس ته آرام سان اچي ويو پر جيين لٽل انڊيا مان نڪتو ته مون کي ٻه رستو سمجهه ۾ اچي ويو هو ۽ آءٌ ئي گاڏي واري کي هٽ وٺي آئي آهيان. مون چيو وڏي ڳالهه آهي، سلام آ تنهنجي اعتماد کي، رات اچڻ سان سڄو رستو توکي ياد اچي ويو. جنهن تي مون کيس سندس ٻچپن جي سندس پاران ٻڌايل ڳالهه ياد ڏياري، جيڪا هن ٻڌائي هتي ته سندس گهر

پرسان پيپسي وارن جي فيڪٽري هئي. هڪ ڏينهن اسڪول ٽوئر تي استاد سيني ٻارن کي فيڪٽري وٺي پئي ويا، بس جي ڊرائيور چيو تہ مون کي رستي جي خبر نہ آهي، فيڪٽري ڪهڙي پاسي کان آهي تہ يڪدم مون چيو هو تہ مس مون کي خبر آهي اسان جي گهر جي پرسان آهي. ائين بس واري کي غلط روڊ تي وٺي ويئي هئي سو سندس اعتماد اجان بہ ساڳيو ڏسي مزو آيو. بهرحال سفر جو ٻيو ڏينهن عابده ڪانفرنس ۾ گذاريو ۽ مان ٻارن سان گڏ جارج ٽائون گهمي. جارج ٽائون ۾ڪافي مندر ڏٺا، سمنڊ جو ڪنارو ڏٺو، مسجد ڪيمپرن ڪلينگ ڏٺي ائين ٻارن کي ناشتو پوءِ لنچ بہ ڪرايو.

پنانگ ۾ ٽئين ڏينهن گهمڻ جو موڊ ناهيو جو عابده چيو اڄ ڪانفرنس ۾ ڪونہ ويندس، جو پنهجو پيپر بہ پڙهي آئي هئي، هڪ سڄو ڏينهن اتي هئي چيائين بس اڄ پلي گهمجي، سو هوٽل مان نڪري هوٽل جي پنيان واري گهٽي ورتي جتان تاريخي جڳهون ڏسندا وري اچي لٽل انديا پهتاسين جتان گهمندا مسجد ڪيپٽن ڪلينگ پهتاسين. هن مسجد جي مينار تي پاڪستاني جهنڊو بہ لڳل هو. هڪ اندين هوٽل تي ناشتو ڪيوسين جنهن ۾ روٽي چنائي آمليٽ ۽ تهہ تاري (چانهہ) ملائشيا جي مشهور چانهہ پيتي.

## هوپ آن اينڊ آف بس Hop-On & Hop- Off

ٽوئرسٽ بس ۾ چڙهڻ جو سوچيو پر جيئن تہ اسٽاپ جي هڪ تہ خبر نہ هئي ٻيو منهجو خيال هو تہ ٽوئرسٽ بس تي پهرين اسٽاپ کان ئي ويهجي. سو ٽيڪسي ڪري اچي هوپ آن ۽ آف جي پهرين اسٽاپ پهتاسين، مزي جي ڳالهہ هي ٽيڪسي ڊرائيور بہ اندين سائوٿ سائيڊ جو هو. شهر جي باري ۾ ٻڌايو تہ چينين جي گهٽائي آهي، زمين گهٽ هجڻ ڪري مهانگو آهي، منهجي گهر پنانگ جي ٻئي پاسي آهي، مون جڏهن هتي ٽرين نہ هجڻ جو سبب پڇيومانس تہ چيائين وفاقي حڪومت ۽ پنانگ جي حڪومت ۾

اختلاف هجڻ ڪري انٽر سٽي ٽرين جو پراجيڪٽ نہ ٿي سگهيو آهي جو وفاقي حڪومت دلچسپي نہ ٿي وٺي. مون ڇيو هتي وڏا وڏا پراجيڪٽ تہ وفاقي حڪومت جي مدد سان آهن ڇيائين ها ڊاڪٽر مهاتير جو دؤر جا آهن هاٽي پسند ناپسند هلي ٿي. خير ائين اسان ڪان بہ پئي پڇيائين تہ ملائشيا ڪيئن لڳو، هتي گهمڻ آيا آهيو يا رهندڙ آهيو، جو هن سمجهيو همراه ڪي خبرون ڪافي آهن، شايد ان ڪري پڇيائين تہ هتي رهندڙ آهيو ڇا. مون ڪيس ٻڌايو تہ هتي جي اسلامڪ يونيورسٽي ڪولالمپور جا شاگرد آهيو تہ خوش پئي ٿيو، خير اسان هوپ آ نہ ۽ آف بس جي اسٽوڊنٽ ٽڪيٽ ۾ چڙهياسين جو اسان کي ٽڪيٽ **23** رنگٽ ۾ پئي ۽ ٻن ٽڪيٽن جا **46** رنگٽ ڏناسين نہ تہ ٽڪيٽ **45** رنگٽ جي هئي ۽ **90** رنگٽ ڏيڻا پون هان پر ٻئي شاگرد هجڻ ۽ ٻارن جو ننڍو هجڻ ڪري ٽڪيٽ نہ ونٽي پئي سو **46** رنگٽ ۾ **24** ڪلاڪ لاءِ ٽڪيٽ ملي، بس ۾ **15** ڪان **20** ماڻهو چڙهيا جن ۾ اڪثريت يورپين جي هئي ۽ ڪجهہ چائنيز ۽ اسان، بس جيئن تہ ڊبل اسٽوريڊ هئي ۽ مٿيون حصو اڌ بند ۽ اڳيون اڌ حصو کليل بغير ڇت جي، سو پهتين تہ اسان مٿي اي سي واري حصي ۾ ويناسين پوءِ نڪري ڪري کليل سيٽن واري حصي ۾ ويناسين جو جهڙالي موسم هجڻ ۽ هوا لڳڻ ڪري مزو پئي آيو ٻيو شهر کي بس جي ڇت تان ڏسڻ جو مزو بہ واه جو هو، روڊ رستا بهترين نهيل تہ وري وٽڪاري سان گڏ تاريخي جڳهون بہ تہ وري ڪٿان سمنڊ جو ڪنارو تہ وري ڪٿي پهاڙي تي وڏا وڏا وڻ ۽ ساوڪ. پهرين اسٽاپ جتان چڙهياسين سمنڊ ڪناري هو ان اسٽاپ جو نالو گرني ڊرائيو آهي، جيڪو ملائشيا جي هاءِ ڪمشنر سر هينري گرني جي نالي تي رکيو ويو آهي، جتي گرني پلازه آهي، بلڪل کليل ڪشادو علائقو، هڪ پاسي ڪان سمنڊ ڪناري سان نهيل واڪنگ ٽريڪ ٻئي پاسي ڏانهن شهر ۽ وڏيون عمارتون، مون کي هتي پهچي ٿڌي هوا جو احساس ٿيو، نہ تہ ٻارن کي گهمائيندي جارج ٽائون ۾ گرمي وٺي

ويئي هئي. پنانگ گهمڻ لاءِ هن بس کان وڏيڪ ڪو وڏيڪ سٺو آپشن هوندو تہ پنهنجي گاڏي هوندي يا وري ڪنهن دوست جي گاڏي، جيڪو بہ جي رستن تان واقف هجي، نہ تہ، هي بس سڀ کان بهتر آپشن آهي، جو بس ٻن حصن کي ڪور ڪري تي هڪ سٽي روٽ ٻيو بيچ روٽ. ۽ ٻئي بسون هن گرني ڊرائيو اسٽاپ تہ اچي بيهن ٿيون پوءِ ٽوئرسٽ مرضي سان جنهن ۾ پهرين چڙهن. ائين اسان سٽي روٽ واري بس ۾ چڙهياسين جنهن جا **13** مختلف اسٽاپ هئا، جن جا نالا هن ريت آهن، گرني ڊرائيو، باٽنيڪل گارڊن. پنانگ هل اسٽيشن ۽ پنانگ هل ڏانهن ويندڙ ٽرين، ڪيڪ لاڪسي مندر، ٽائم اسڪوائر، ڪومتار، چوراستا، يونيسڪو هيريٽيج، ڪلين جيٽيز، ڪروز، سينٽ جارج، بلو مينسن، ڪيلاوي. جيڪي مختلف گهمڻ وارين جڳهن جي نسبت سان آهن. جيئن هي پهريو اسٽاپ سمنڊ ڪناري ئي مزي وارو هو ۽ بس ملڻ جي جڳهہ. سو اسان تہ گرني ڊرائيو جي پهرين اسٽاپ وٽ بس ۾ مٿي چڙهي ڦوٽو ڪڍياسين، پوءِ ويهي رهياسين. **10** کان **15** منٽ بعد باٽنيڪل گارڊن آيو، جيڪو ٻيو اسٽاپ هو هڪ خوبصورت باغيچو جتي پولڙا گهمندي نظر پئي آيا، وچ ۾ پاڻي جو ڦوهارو هو، هي گارڊن تمام وڏو هو بس اندر هلي واپس ٿي، ڪجهہ ماڻهو لٿا پر اسان جو پروگرام پنانگ هل گهمڻ جو هو، سو وينا رهياسين. جيڪو هن کان پوءِ اچڻو هو رستي ۾ مسجد نگري پنانگ بہ آئي، جيڪا ڇا تہ خوبصورتي سان ٺاهي ويئي هئي. ملائشيا جي هر اسٽيٽ ۾ اسٽيٽ مسجد هجي ٿي جنهن جي خوبصورتي ۽ ڪشادگي نرالي هجي ٿي، ائين ڪوالالمپور ۾ مسجد نگارا آهي جيڪا ملڪي جي قومي مسجد آهي ائين هر اسٽيٽ جي پنهنجي مسجد هجي ٿئي ٿي، جنهن کي اسٽيٽ حڪومت جي وڏي مسجد ۽ سجاڳپ سمجهيو وڃي ٿو، پوءِ وري پنانگ هل وارو اسٽاپ آيو جتي اسين لهي ڪري پنانگ هل ٽرين لاءِ ٽڪيٽ ڪائونٽر طرف هلياسين.

## پنانگ هل اسٽيشن ۽ پنانگ هل ڏانهن ويندڙ ٽرين

**www.penanghill.gov.my**

پنانگ هل هڪ گهمڻ جهڙو خوبصورت عجوبو آهي، جتي ٽرين مٿي جبل تي ائين چڙهي ٿي جيئن ڳوٺن ۾ ڏاڪڻ رکي ماڻهو مٿي گهر جي ڇت تي چڙهندو آهي، بلڪل ائين ئي ٽرين جي پٽڙي وڇايل آهي پر ايترو ته ڪمال آهي جو ٽرين وينل ڪي مٿي چڙهندي ته نظر اچي ٿي پر ويهندي ائين لڳي ٿو، ڄڻ سڄي ٽرين سڌي بينل آهي، هي پنانگ هل تي ٽرين ذريعي سفر واقعي اچرج ۾ وجهڻ جهڙو آهي، هڪ منفرد تجربو آهي، پر پنانگ هل تي چڙهڻ کان پوءِ به گهمڻ لاءِ پنانگ شهر جو نظارو آهي، سمنڊ جو نظارو آهي، ته وري مسجد، مندر، ڏسڻ لاءِ ويو ڊيڪ، به ته وري ٻارن لاءِ هٽ جا نهيل ڊائنوسار پارڪ به ته ڇٻري **Owl** جو پارڪ به ته وري جهنگ ۾ هلندڙ ڪتا ۽ باندر به، ائين ڪاڌي پيتي جون مزيدار شيون به ته وري فوٽوگرافي جو ڪمال به، هي هل اسٽيشن سمنڊ جي سطح کان **2732** فوٽ مٿي آهي، ۽ ايشيا جي پراڻي ۾ پراڻي برٽش هل اسٽيشن آهي، ۽ ٽرين جو مٿي چڙهڻ واري حساب سان وڏي ۾ وڏي هل اسٽيشن آهي، جتي ٽرين تقريباً **2** ڪلوميٽر مٿي چڙهي ٿي. ٽرين ڪي مٿي پهچائڻ واري ڪوشش **1906**ع ۾ ڪئي ويئي پر ٽرين **1923**ع ۾ ڪامياٻي سان مٿي پهتي. هل اسٽيشن تي ماڻهن جي رهائش به آهي ته وري روزگار به. ساليانو تقريباً **20** لک جي لڳ ڀڳ ماڻهو هن هل اسٽيشن تي گهمڻ لاءِ پوري دنيا مان اچن ٿا.

### ڪيڪ لاڪ سي مندر Kek Lok Si

هي مندر پوري پهاڙي تي آهي، جتي عظيم ٻڌا جو **120** فٽ ڊگهو مجسمو رکيل آهي، هي مندر ستن منزلن تي مشتمل آهي، نهايت ئي خوبصورت نهيل آهي، جيڪو **1890**ع کان **1930**ع

تائين ناهيو ويو، اسان جي بس مان ئي نظر پئي ته چيوسين ڪير چڙهندو مٿي جڏهن ته گريٽ بڌا جو مجسمو هينان ئي نظر اچي رهيو هيو ۽ سڄو مندر پڻ، سو عابده چيو ڪيئن هلنداسين مٿي پر منهجو خيال هيو آسان هوندو مٿي وڃڻ، جو ماڻهن جي رش لڳي پئي هئي جيڪي مٿي وڃي رهيا هئا ۽ مٿان هيٺ اچي رهيا هيا، جو مٿي وڃڻ جو رستو هڪ سوڙهي بازار نما ڊاڪڻ مان هيو، جتي چيني ماڻهن جا دوڪان به هئا ٻنهي پاسن کان، ته وري مٿي وڃڻ جو رستو، حالانڪ ان گهٽي جي منهن تي ٽيڪسي وارا به هيا جيڪي مندر تي مٿي پهچائڻ لاءِ ٽيڪسي تي هلڻ لاءِ چئي رهيا هيا، پر جيئن ته مان هن بازار کي به گهمڻ پئي چاهيو سو بازار مان ئي مٿي چڙهياسين، مٿي بازار به ڪٽڻ واري نه هئي ائين لڳو ڄڻ ٽرين تي پنانگ هل گهمڻ واري سموري قصر هتان نڪري ويئي، رستي ۾ چائنيز عورتون ۽ مرد پنهنجي پنهنجي دڪان تي ويٺي ٻارن جي ڪپڙن وٺڻ لاءِ چوندا رهيا، پر اسين به نيٺ اڌ ڪلاڪ جي پنڌ بعد مٿي پهتاسين جتي مين مندر جي چڙهڻ لاءِ رستو نڪري پيو ۽ اوستائين ئي ٽيڪسي وارا به پئي آيا، اسان اتي ويهي پاڻي ۽ ڪولڊ ڊرنڪس وٺي پيتيون، پر عابده چيو هاڻي هتان کي ڦوٽو ڪڍ پاڻ مٿي ڪونه هلنداسين الائي ڪيترو پنڌ ڪرڻو پئي وڏيڪ. ٻيو مندر جي هيٺين منزل اتان ئي شروع هئي جتي بيهي اسان تصويرون ڪڍيون، ۽ مٿي مجسمي کي جيڪو 120 فوٽ ڊگهو هو ان کي به پنهنجي بيڪ گرائونڊ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون محسوس ڪيو ته مجسمو هتان کان هيٺ روڊ تي وڏيڪ بهتر اچي رهيو هيو. هڪ مندر ۾ گهڙياسين جتي صرف ڏيئا ٻري رهيا هيا جن تي مختلف ماڻهن جا نالا لکيل هئا، انهن پرسان پنا ئي پنا پيل هيا، خير وڏيڪ سمجهڻ ۽ سوچڻ عابده ڏنو ئي ڪونه، چيائين ’نڪر هتان پنهنجي مري ويلن جي روح لاءِ ئي ٽوٽا ڦيٽا ڪيا اٿن،‘ سو نڪري وري واپس ساڳي رستي سان آياسين پر هيٺ لهڻ مهل جلدي پهتاسين ۽ سامهون هو پ آن ۽ آف بس اچي رهي هئي جنهن ۾ چڙهي پياسين.

# ٽائم اسڪوائر، ڪومتار بلڊنگ ۽ چوراستا بازار، يونيسڪو هيريٽيج ۽ ڪلين جيٽيز

ائين بس گهمائيندي وري جارج ٽائون واري علائقي ۾ آئي جتي ٽائيم اسڪوائر چونڪ، ڪومتار بلڊنگ جيڪا هتي جي نه صرف شاپنگ مال جي ڪري مشهور آهي پر ان بلڊنگ ۾ پنانگ جي سمورن وزيرن جون آفيسون به آهن، ته وري شهر جو ويو ونڻ لاءِ پوائنٽ به آهي، خير اسان بلڊنگ جو بس مان ئي مشاهدو ڪيو، اڳين اسٽاپ چيڪو چوراستا هيو اتي اچي لٿاسين هي به هتان جي بازار هئي جيڪا ڍڪيل بازار هئي جتي ڪپڙا ۽ ڪاڏي پيتي جون شيو هيون بازار ۾ اندر گهمياسين عابده پنهنجي لاءِ هڪ اسڪارف ورتو، تقريباً هن بازار ۾ ملئي دوڪاندار هئا جن ۾ اڪثري عورت ڪم ڪندڙن جي هئي، اسڪارف 15 رنگٽ جو هو، بارگيننگ سان 10 رنگٽ ۾ ورتوسين، ائين گهمندا وري روڊ جي ٻئي طرف پراڻي بلڊنگ هئي جيڪا 1832ع جي ٺهيل هئي ان سان ڦوٽو ڪڍياسين ۽ ڪجهه اڳيان پنڌ هلياسين روڊ سان ته هڪ مندر نظر آيو جنهن ۾ ڪرشن راڌا جي ننڍپڻ هجڻ جا مجسما نهايت ئي سينگاريل رکيل هئا، اتي وينل هڪ بزرگ جيڪو به فيملي سان هو. ان ٻڌايو ته 15 آگسٽ تي ڀڳوان ڪرشن جو جنم ڏينهن آهي، ان ڪري ڀڳوان کي ننڍو ٻار جي عمر جو ڪري رکيو ويو آهي. سو ڪرشن راڌا جي پريم ڪهاڻي جي ته خبر هئي، مون چيو سنڌن ڪردارن کي صرف خدا نه ٿا سمجهي سگهون باقي تاريخي ڪردار آهن، بلڪل عظيم ڪردار، جن کي سلام ڪرڻ يا جن بابت پڇڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪو حرج نه آهي، اسان کي سنڌن زندگي بابت پڙهڻ سان علم ئي ملندو، جنهن بلڊنگ ۾ مندر هو اها بلڊنگ ته پراڻي هئي پر اندر ٽائلس نيون هيس، ۽ صفائي به هئي. هڪ هندو فيملي اندر هئي، جيڪا هندستان کان آيل هئي، انهن اسان کي ويلڪم ڪيو ۽ اسان جي سلام ڪرڻ تي پڇيو ته انديا

مان. اسان چيو نہ پاڪستان مان. پھرين اتي وينل پوڄاري پرساد جو پئي پڇيو پر جيڏي مھل پاڪستاني ھجڻ جو ٻڌايوسين ۽ مندر ۾ سلام ڪري تصويرون ڪڍڻ ۾ لڳي وياسين تہ سمجھي ويو مسلمان آھن، پوءِ خاموش ٿي ڪري ويھي رھيو تہ پرساد ڪائيندا الائي جي نہ. ھندستان مان آيل فيملي جي ھڪ عورت نڪرڻ مھل اسان ڪي پاڻ ۾ ڳالھائيندو ٻڌي ورتو جو مون عابده کي چيو پئي تہ همراه پرساد تہ ڪو نہ ڏنو. تنھن تي ھن مسڪرائي اسان کي چيو تہ بيھو آءٌ پرساد ڪٽي ٿي اچان. ائين ڪجھہ ڪيلا ڪٽي آئي مون کي لڳو پنھنجي سامان مان ڪٽي آئي جو پرساد ۾ ڪا مٺائي ھجي ھا، جيڪا پوڄاري وٽ ھجي ھا پر اھا شايد اھا نہ ڪٽي آئي ھجي يا وري پرساد ۾ فروٽ ئي ھجي. خير. اسان ڪيس مھرباني چئي ٻاھر نڪتاسين ۽ ٻئي ٻار ڪيلا مزي سان کائڻ لڳا، ۽ ڪرشن راڌا کي ٻاءِ ٻاءِ ڪندي نڪري آياسين، اندين فيملي بہ پرجوش نموني سان ٻارن کي ھٿ لوڏي ٻاءِ ٻاءِ ڪيو. پوءِ اچي بس اسٽاپ تي بيٺاسين جتي سگ وٺي ڪاڏاسين. بس ٿوري دير سان آئي جو اسان پئي سجھيو آخري بس گذري نہ ويئي ھجي، تقريباً **7.30** تي ويا ھيا ۽ آخري بس جو ٽائيم اھو ئي ھيو پر بس پوٽا اٺ ڏارا آئي ۽ اسان اڳيئي اسٽاپ يونيسڪو ھيريٽج تان گذري اچي ڪلين جيٽيز اسٽاپ نمبر **9** تي لٿاسين. جتان اسان جو ھوٽل ويجھو ھيو تقريباً **200** ميٽر پنڌ تي، ھونءَ بہ يونيسڪو ھيريٽيج صبح پنڌ گھمي ورتو ھيوسين ۽ ڪلين جيٽيز بہ آءٌ گذريل ڏينھن ٻارن سان گڏ گھمي ورتو ھو. وري بہ ھي علائقا سڏ پنڌ تي ھئا صبح جو گھمڻ جو سوچي وڃي ھوٽل پيرا ٿياسين. ٻار تہ اجا نہ ٿڪيا ھئا پر اسان کي ٿڪائي ضرور چڙيو ھين. ائين اسان جو ھي ڏينھن پنانگ جي سونھن، تاريخ سان گڏ مذھبي ڀائيچاري سان ڀرپور شھر سان سلھاڙجي ويو. اسان ھن بس ۾ **12:30** بجي چڙھيا ھئاسين سو اڳيان باقي سٽي بس جا ٽي اسٽاپ ۽ بيچ وارو سڄو حصو رھجي ويو، پر اھي ايندڙ ڏينھن **12:30** ائين گھمڻ جو ٽائيم بچيل ھو جو

اسان جي ٽڪيٽ **24** ڪلاڪ جي هئي ۽ **24** ڪلاڪ ٻي ڏينهن **12.30** تائين پورا ٿين هان. سو ايندڙ ڏينهن اسين سوير اٿي سٽي بس مان گهمندي ڪروز اسٽاپ، سينٽ جارج اسٽاپ جتي مشهور قلعو فوٽ ڪارنيولس بہ آهي اهو ڏسندا، بلو مينسن ۽ ڪيلاوي کي بس مان ئي ڏسندا هن بس جي اسان لاءِ آخري پر بس جي پهرين اسٽاپ گرني ڊرائيو تي اچي لٿاسين.

## باتو فرنگي بيچ

بيچ روٽ ڏانهن ويندڙ بس ۾ چڙهي پياسين تہ بس ٽڪيٽ چيڪر هتي اسان جي ٽڪيٽ چيڪ ڪئي جنهن ۾ اڃا اسان جا **2** ڪلاڪ هئا جو ان وقت تي **10:10** ٿي رهيا هئا ۽ اسان کي **12:30** تائين ٽائم هو، اسان کي هن روٽ تي صرف هڪ پوائنٽ باتو فرنگي بيچ تي لهڻو هو، جيڪا مشهور اسپاٽ آهي. اهو بہ سوچيو هو تہ واپسي ۾ دير ٿي تہ ان ئي بس ۾ هڪ اسٽاپ تي لهڻ واري ٽڪيٽ وٺنداسين. جيڪا چڙهڻ کان پوءِ ڪنهن بہ هڪ اسٽاپ تي لهڻ سان ختم ٿئي ٿي، جنهن جي قيمت **13** رنگٽ آهي. پر اهو بعد ۾ مون کي مونجهارو ٿيو تہ جي اسين هڪ اسٽاپ تہ گرني ڊرائيو تي ضرور لهنداسين ائين نہ ٿي جو اتي ئي **13** رنگٽ پورا ٿين ۽ وري ڪلين جيٽي اسٽاپ تي وڃڻ لاءِ سٽي روٽ واري بس ۾ چڙهڻ جا ٻيا **13** رنگٽ ڏيڻا پون، پهرين اها پڪ ڪري چڙهڻ جو سوچي ويٺم پر واپسي ۾ عابده هڪ يورپين گروپ کي پنانگ جي لوڪل بس ريپڊ پنانگ ۾ چڙهندو ڏسي چيو ڪيڏا نہ هي هوشيار آهن جو هتي جي لوڪل بسن ۾ چڙهي پيا پيسا بہ بچائين ۽ وقت بہ. مون کي بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ جي ڪلين جيٽر وڏي ۾ وڏو بس اسٽاپ جيڪو اسان جي هوٽل پرسان آهي تہ ضرور هتان ويندڙ لوڪل بسون اتي وينديون هونديون، سو اتي لڳل بورڊ تي بس جا

روٽس پڙهڻ لڳس ته اتان گذرندڙ هڪ بس ڪلين جيٽز ته نه پر لٽل انڊيا واري بس اسٽاپ لڪيل نظر آيو. سو مون عابده کي چيو پاڻ به هن لوڪل بس ۾ ٿا هلون، پر ڳالهه اها آهي جو اسان کي ٻار آهن ان ڪري محفوظ سفر ٿا ڪريون نه ته انهن گورن جيترا هوشيار پاڻ به آهيون اهڙي ڳالهه نه آهي. جنهن تي هوءَ کلڻ لڳي ۽ چيو ته بس ۾ في الحال ڪونه ٿا چڙهون، پهرين لنچ ڪرڻو آهي، هوٽل باتون فرنگي کان پنڌ ڪري ميڪڊونالڊ آياسين. لنچ ڪري لوڪل بس ۾ ويناسين ۽ ان کي لٽل انڊيا جو ڀڏايو ٽڪيٽ صرف هڪ رنگٽ **90** سينٽ ۾ پئي، ٻه ٽڪيٽون وٺي ويهي رهياسين، ائين ان بس جي روٽ ۾ وچ تي مسجد پاڪستان به آئي، جنهن جا مون بس مان ويني ڦوٽو ڪڍيا جنهن جي مون کي خبر نه هئي ته ڪا پنانگ ۾ به مسجد پاڪستان آهي، ائين مسجد پاڪستان جي پرسان ئي چين جي عظيم رهنما ڊاڪٽر سن يات سين جو ميموريل نظر آيو جنهن کي به بس مان ڏٺو. حالانڪ هن ميموريل جي خبر هئي ته پنانگ ۾ آهي ۽ گهمڻ جي خواهش پڻ هئي سان پوري ٿي. بس شهر لتاڙيندي اچي جارج ٽائون ۾ پهتي ۽ لٽل انڊيا اچڻ شرط اسان سمجهي وياسين ته ڊرائيور به اسان کي هوشيار ڪرڻ لاءِ لٽل انڊيا چيو، ۽ اتان اسان لهي پنڌ ئي پنڌ پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. جيڪو پرسان ئي هو، ائين هن ڏينهن هوٽل تي اچڻ مهل تقريباً **4:30** ٿي رهيا هئا، ڪجهه دير آرام ڪري **7** بجي اٿياسين ۽ ڪلين جيٽز وڃي پنانگ ڦيري جو يادگار سفر ڪيوسين، جنهن جو ذڪر پهرين ڪري آيو آهيان. اسان کي باتو فرنگي بيچ مزو ڪونه آيو، عابده چيو پئي ته هن کان ته ڪراچي جي بيچ بهتر آهي. عابده هر هنڌ ائين ئي چوندي آهي چائنا جي چندائو شهر جي بيچ تي ائين ئي چيو هيائين ته وري ملائشيا جي پورٽ ڊڪسن ۽ ملاڪا جي بيچ تي به ۽ هتي پنانگ جي باتو فرنگي بيچ تي به ساڳئي راءِ ڏنائين. حالانڪ هتي پاڻي ٿورو ميرو ضرور هو پر ڪنارو بلڪل صاف سٿرو هو، ٻيو وري هتي پيراشوٽ بوٽ ۽ اسڪوٽنگ به

هئي جيڪا ڪراچي ۾ ته ڪانه هوندي آهي پر اسان جي لاءِ هي وندر وارين شين جو هجڻ ڪنهن ڪم جو نه هو، جو اسان انهن تي ڪونه چڙهياسين. البته تصويرون گهڻيون ڪڍيوسين، ٻيو فرق اهو هو ته هتي انگريز نيم اگهاڙا ٻه ڪافي هئا، جيڪي ڪراچي ۾ نه هوندا آهن، ائين ٻه گورا جوڙا جيڪي سمنڊ ڪنارا اونڌا ضرور ليٽيل هئا پر ڪتاب ٻه هٿين ۾ هئين جيڪي وقفي وقفي سان پڙهي رهيا هئا. حسنين هن بيچ تي تمام گهڻو ڪيڏيو جو سندس ڪي بيچ ٽوائز وني ڏنا هيا، باقي رباب بيچ تي نه جو نه لٿي جو واري ۾ سندس پير خراب ٿي رهيا هئا، ته روئي رهي هئي.

اسين واپس باتو فرنگي هوٽل مان وچان ڪراس ڪري روڊ تي آياسين جو هي هوٽل روڊ جي ٻنهي پاسن ڏانهن آهي ۽ ٻنهي بلنڊگس کي روڊ مٿان پل ذريعو ڳنڍيو ويو آهي، هوٽل جي لان ۾ سوئمنگ ۽ پرسان لڳل ڪرسين تي يورپي ۽ عرب نظر آيا ۽ ڪافي يورپين ڪي ڪتاب پڙهندي يا ليپ ٽاپ استعمال ڪندي اس ۾ ليٽيل ڏٺو، ائين پنانگ ۾ سفر جو هيءُ ڏينهن باتو فرنگي بيچ جي ڪري نه پر پنانگ ڦيري ۾ سفر ڪرڻ طور يادگار رهيو. رات جي ماني اسان جارج ٽائون ۾ مصطفيٰ هوٽل تي ڪاڌي ۽ اچي سمهي رهياسين.

## يونيورسٽي سائنس ملائشيا ۾ دوست امير ٻرڙي ڏانهن وڃڻ

پنانگ ڏانهن سفر جي پنجين ڏينهن ۽ پنانگ ۾ نيڪ چوٿين ڏينهن اسان جي واپسي هئي، جنهن ڏينهن مون يونيورسٽي سائنس ملائشيا گهمڻ جو پروگرام ناهيو هو. اسان جو دوست امير علي ٻرڙو فيملي سميت يونيورسٽي اندر ڪوارٽرس ۾ رهيل هو، ان سان رابطي ۾ هيس. ان منجهد جي ماني ٻه ڪئي هئي سو صبح جو اٿي ڪري **12** ڏاري هوٽل تان چيڪ آئوٽ ڪري، هوٽل واري کي ٽئي ٽيڪسي گهرائڻ جو چيو. جنهن ٽيڪسي واري کي فون

ڪري گهرايو ۽ 30 رنگٽ ڪرايو ڀڏايو. جيڪو ٽيڪسي وارو آيو اهو بہ تامل انڊين هو، وار ٻنهي پاسن کان ڪوڙيل، صرف وچ تي وار هيس، سي بہ گلابي ۽ ڳاڙهي رنگ جا، ڪنن ۾ واليون پاتل ٻانهن ۾ وڏو لوهو ڪنگڻ، پڪو هالي وڊ فلمس جو گينگ سٽر پئي لڳو، همراه اسان جو سامان کڻي ڏگيءَ ۾ رکيو ۽ اسان کان يونيورسٽي ۾ اندر جي ايڊريس پڇي تہ ڪهڙي جڳهہ تہ وڃڻو آهي پوءِ چيائين تہ گيٽ تان هلي پڇا ڪنداسين، ڪواٽر جو ڪو مسئلو نہ آهي، ائين همراه ڏسڻ ۾ جيڪو غنڊو پئي لڳو ڳالهائڻ صفا سڀاجهو، اسان کان پنانگ گهمڻ جو پڇيائين. اسان چيو گهمي ڇڏيو اڄ واپسي آ، رستي ۾ ڪجهہ پوائنٽ گهمڻ وارا آيا تہ ٻڌايائين. ائين وري سمنڊ ڪناري تي رهندڙ چائنيز ماڻهن بابت پڇا ڪيائين تہ توهان اهي گهي ڏٺا. مون چيو نہ اوڏانهن ڪونہ ويا آهيون، تہ چيائين اهي گهر گهمڻ وٽان آهي، جتي سمورا گهر چينين جا آهن. حالانڪہ سمورا گهر اڳي ئي ورلڊ هيريٽيج ۾ شامل آهن پر هي چائنيز نہ ٽا خالي ڪن جو ٽوئرسٽ اچن ٿا ۽ هي پيسو ڪمائن ٿا ۽ توهان کي خبر آهي تہ چائنيز پيسا ڪمائڻ لاءِ ڪيڏي محنت ڪندا آهن. واقعي بہ سمنڊ جي مٿان نهيل ڪاٺ جي گهرن ۾ ٻارن سميت رهڻ ڪيڏو خطرناڪ هوندو پر هنن کي پرواه نہ آهي، رهيا پيا آهن، ائين ٽيڪسي 20 کان 25 منٽ اندر يونيورسٽي اندر داخل ٿي، گيٽ تي ڪواٽرس جي ايڊريس ڊرائيور پڇي، ۽ اندر آيو پر حسنين اوچتو الٽي ڪري ڇڏي، همراه گاڏي روڪي پاڻي جي بوتل ۽ ٽشو کڻي بيهي رهيو، چيائين ڪا ڳالهہ نہ آهي، ٻارن سان اهو مسئلو ٿيندو آهي، مون گاڏي خراب ٿيڻ تي معذرت ڪئي تہ چيائين ڪو پرابلم نہ آهي آءٌ گاڏي صاف ڪري ڇڏيندس ٻار ائين ڪندا آهن. پوءِ چيائين اڳي گهٽي هوندي جتي توهان کي وڃڻو آهي. مون چيو بس هتي بيهون ٿا، مان دوست کي فون ڪريان ٿو، هو اچي ويندو، نہ تہ حسنين گاڏي ۾ وري پريشان نہ ٿي، هن وري ڪنفرم ڪيو تہ توهان دوست کي فون ڪيو، مان

واقعي نڪران. مون چيو ها توهان جي مهرباني ائين هو ويو ڊرائيور جي گيٽ اپ ۾ سندس ورتاءَ ۾ ڏينهن رات جو فرق هو. پنانگ ۾ هي اسان جو پنجون تجربو هو ٽيڪسي جو ۽ سڀ اندين ئي مليا هئا، سيني جو رويو تمام زبردست جيڪا غير معمولي ڳالهه هئي جو ڪوالالمپور ۾ ٽيڪسي وارا نه سامان ۾ هٿ وجهن نه وري ڪو ڪچهري ڪن سواءِ ڪجهه پوڙهن اندين ۽ ملئي ڊرائيورن جي. امير علي کي فون ڪيو ته ٻن منٽن ۾ اچي ويو، سندس گهر لنچ ڪري ان سان گڏ يونيورسٽي گهمي تقريباً سندس گهران 5 بجي ڌاري نڪتاسين، هن اسان لاءِ اُبَرِ ڪار گهرائي ۽ ٻڌايائين ته هو اڪثر اُبَرِ ئي استعمال ڪندو آهي جيڪا ڪيس سستي پئي ٿي، اهو به چيائين ته توهان کان ٽيڪسي واري هيستائين 30 رنگٽ ورتا هوندا، پر اُبَرِ جي ڪار ڪيو ها ته 10 کان 12 رنگٽ خرچ ٿين ها. اسان لاءِ به بس اسٽاپ سنگائي نبونگ وڃڻ لاءِ ابر گهرايائين ۽ ٻڌايائين ته اڄ سندس لاءِ اُبَرِ طرفان فري رائيڊ آهي. توهان ڊرائيور کي پيسا نه ڏجو فري ۾ هوندي. گاڏي ته وڏي هئي ۽ ڊرائيور عرب هو، جيڪو ضرور هتي نوڪري يا بزنس ڪندو هوندو ۽ اُبَرِ ڊرائيور طور به ڪم ڪندو هوندو، جنهن کي جڏهن ٻڌايوسين ته اسان جو نُنڊڙو الٽي ڪري سگهي ٿو، ان ڪري گاڏي جا پويان شيشا هيٺ ڪري ڇڏيو، قدرتي هوا ۾ الٽي ڪونه ڪندو پر ايئر ڪنڊيشن ۾ ڪري سگهي ٿو ته ڇڙي پيو ۽ يڪدم ڪاوڙ ۾ چيائين ته پوءِ ٽرين يا بس ۾ ڪيئن سفر ڪندا آهيو اتي به ته اي سي هوندو آهي، مون چيو نه هن کي ڪار ۾ پرابلم ٿيندو آ ته بدتميزيءَ سان چيائين انوکو ٻار آهي، جنهن ته آءٌ ڪو جواب ڏيان عابده پهرين چيس ته ها انوکو ٻار آ، توهان شيشا کوليو وڏيڪ نه ڳالهيو، جنهن تي هن نه فقط پويان پر اڳيان شيشا به کوليا ۽ گاڏي جي اي سي به بند ڪري ڇڏي. حالانڪ اڪثر ڊرائيورن کي چوندا آهيون ته هو پويان هڪ شيشو کوليندا آهن ۽ اي اسي به آن رکندا آهن پر هي همراه جيئن ته

ڪاوڙ ۾ هو، سو اي سي ڪٽي بند ڪيائين. ائين اسان بس اسٽاپ تي خاموشي سان اچي لٿاسين تہ ڊگي کولي بيگ ڪڍڻ لاءِ چيائين اها مون کنئي تہ چيائين فري رائڊ هئي توهان وڃون، مون چيو ٺيڪ مون کي دوست ٻڌايو هو، مون کيس خداحافظ ڪيو تہ موٽ ۾ پاڻ بہ خدا حافظ چيائين. بس اسٽاپ اندر آياسين تہ هڪ ڊبل ڊيکر بس جيڪا هينان ۾ مٿين منزل سميت پريل هئي، ان جي پرسان بہ همراه آيا تہ بس تيار آهي ڪوالالمپور لاءِ، مون چيو اسين نائيس ڪوچ ۾ ويندا سين تہ هڪ همراه چيو اها رات **11** بجي ويندي. مون چيو نہ نائيس جو ٽائيم **6** آهي، تہ هڪدم هليو ويو، ۽ ٻي همراه چيو تہ نائيس جي ٽڪيٽ آهي توهان وٽ؟ مون چيو نہ آفيس ٻڌايو، تہ چيائين مٿي آهي، هلو آءٌ توهان کي ڏيکاريان ٿو ائين مٿي چڙهياسين ۽ هن همراه نائيس بس جي آفيس جي پرسان اسان کي ڇڏي پاڻ واپس ٿيو. نہ آفيس وارن کي ٻڌايائين نہ اسان کان ڪا فرمائش ڪيائين. هي اسٽينڊ بهترين نهيل هيو هيٺ گاڏيون بيهڻ جي جڳهہ، مٿي آفيسون بہ تہ کاڌي پيتي جا هوٽل ۽ دوڪان بہ تہ واش روم بہ صاف سٿرا هئا ۽ سڄي جي سڄي منزل سينٽرل ايئر ڪنڊيشنڊ. مون عابده جي صلاح موجب **2** ٽڪيٽون ورتيون جو ايندي **3** ٽڪيٽون تہ ورتيون هيون پر اڪثر سيٽون خالي هيون ٻيو وري حسنين اسان کان الڳ تہ وينو بہ ڪونہ هو، سو ائين **2** ٽڪيٽ وٺي پوري **6** وڳي **10** کان **15** مسافرن سان ڪوچ پنانگ مان هلي. نہ ڪنهن ٽڪيٽ چيڪ ڪئي نہ ڪنهن جو بس انتظار ڪيو، ۽ اسان کي تقريباً يارنهن بجي ڌاري کي ايل سينٽرل اسٽيشن پهچايائين.، جتان اسان ايل آر ٽي ٽرين ذريعي تمن ميلاتي اسٽيشن آياسين جتان کان ٽيڪسي ڪري گهر پهتاسين تہ **12** ٿي رهيا هئا. ائين اسان لاءِ پنانگ جي تاريخي شهر جو شاندار علمي ۽ تفريحي سفر اختتام پذير ٿيو.

# ملائشيا ۽ سنڌ ۾ هڪجهڙائي

ملائشيا ۽ سنڌ ۾ هڪجهڙائي مختلف قومن جي آباد هجڻ جي آهي، مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارن جي آهي. ملئي قوم ٻه ڌارين ملڪن ۾ وجي حملا ڪونه ڪيا آهن. سنڌين جيان هنن وٽ ٻه بادشاهن ۽ شهزادن جي صورت ۾ وڏيرا ۽ نواب زادن جا لشڪر آهن. هي قوم ٻه سست رهي آهي يا ڪٽي چئجي ته ماني مڇي ملڻ جي ڪري وڏيڪ پاڻ ولوڙڻ جي ڪوشش نه ڪندي رهي آهي. شروع ۾ ڪوالالمپور ۾ ڊاڪٽر مهاتير محمد طرفان ڪين مليل پلاٽ وڪرو ڪري چائنيز کي ڏنائون، پر انهن ڳالهين کي ڇڏي ڪري باقي فرق تمام گهٽو آهي جو هتان جو وڏيرو پڙهيل لکيل آهي، ان کي پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي صحت، تعليم، روڊ رستن ۽ امن امان جو الڪو رهي ٿو، هو پاڻ ٻه اعليٰ تعليم پرائي ٿو ته پنهنجي راڄ کي ٻه اهڙا موقعا پيدا ڪري ڏيئي ٿو ۽ انهن جي ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ اسڪالرشپون مهيا ڪري ٿو. پر ملائشيا جي وڏيري جي برعڪس اسان جي وڏيري کي ٻه ڪم اچن ٿا: ڳوٺن مان چور پيدا ڪرڻ، انهن کي ٻڌائڻ ۽ ڇڏائڻ يا وري اليڪشن ٽائيم تي ووٽ گهرڻ مهل رهيل عذر خواهي ڪرڻ، ڪيس نه پنهنجي علائقي جي امن امان جي پرواهه آهي، نه وري پنهنجي تڪ جي ماڻهن جي صحت ۽ تعليم جي، نه روڊ رستي جي ۽ نه ئي ٻارن جي مستقبل جي، جو راڄ ڪرڻ لاءِ ڪيس جاهل کپن، ويندي اسڪالرشپ ڏيڻ ته نهيو پر ساليانو ديدار بازي ۾ لکين روپين جا زيور انهن غريب ماڻهن کان نظرانو وٺي ٿو، يا وري ساليانو تيز ڪارن جو مقابلو ڪرائي ٿو يا وري پري جي مقابلي وارو شوٽنگ جو مقابلو، جنهن ۾ سندس سياسي تعلقات ته وڌن ٿا پر عوام کي ڪجهه ٻه هٿ ڪونه اچي ٿو، پر ملائشيا جا بادشاهه پنهنجي ماڻهن کي پڙهيل لکيل ۽ ڪامياب انسان بڻائڻ چاهين ٿا، ملئي بادشاهه يا سندن شهزادا اليڪشن ۾ ته ڪونه بيهن پر پارليامينٽ جو سپريم ليڊر وري ٻه ملئي بادشاهه آهي، جنهن جي

ڪم چوندجي آيل نمائندن تي بہ نظر رکڻ آهي، هتي ملائشيا ۾ چيني، انڊين تامل ۽ ٻيا ماڻهو روزگار خاطر آيا ائين سنڌ ۾ روزگار خاطر پشتون آيا، بلوچ آيا پر پاڪستان خاطر وري انڊين مسلمان آيا، جن جي ڪري هتي جي اصلي رهاڪن هندي سنڌين جي گهٽائي ڪي حالتن جي سنگيني ڪري مجبورَ هندستان لڏي وڃڻو پيو. ملائشيا ۽ سنڌ ۾ وڏو فرق اهو آهي تہ ملائشيا آزاد ملڪ آهي جنهن جي حڪومت هتان جي اصلي باشندن ملئي ماڻهن جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻاهران آيل هن ملڪ جا شهري تي ويل انهن اصلي رهاڪن سان گڏ برابري جي بنياد تي رهن تہ پيا پر انهن کي هتان جي اصلي رهاڪن جي حڪومت ۾ بالادستي تي ڪو بہ اعتراض نہ آهي، جو اهي پنهنجي حق آهر يا آبادي آهر يا وري ذهانت آهر هر سهولت ۽ حصو حاصل ڪن ٿا ۽ پنهنجي عزت نفس سان گڏ خوش آهن، پر ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ نہ آزاد ملڪ آهي ۽ نہ ئي وري سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي حقيقي اقتدار آهي ۽ نہ ئي حقيقي خودمختياري، جنهن ڪري سنڌ ۾ نہ سنڌ گورنمينٽ جو پاليسيون هلن ٿيون ۽ نہ ئي وري حقيقي جمهوري نمائندگي ملي ٿي، سبب آهي، تہ وفاقي گورنمينٽ جي پنهنجي نظريا ضرورت آهي تہ وري ۽ سنڌ جي وڏيري جي پنهنجي. اڄ تائين سنڌ ۾ حقيقي سنڌ دوست عوامي پارٽي اقتدار ۾ آئي ئي نہ آهي جو سنڌ ۾ حقيقي عوامي انقلابي نمائندگي اچي ۽ سڀ رهندڙ قومن کي سندن حق برابري جي بنياد تي هڪ آئيڊيل سطح تي يا وري ملائشيا وانگي پوميپترا ۽ وغيره وغيره جي لاءِ انصاف ۽ حق تي ٻڌل پاليسي ملي سگهن. اسان وٽ اقتدار ڪرپٽ وڏيري وٽ هجڻ ڪري ملائشيا جهڙي حڪومت تہ اڻ ٿيڻو خواب آهي پر جي پاڪستان جا اصل اقتدار ڏٽي چاهين تہ ملائشيا کان بہ بهتر حڪراني اچي سگهي ٿي. ٻاهران آيل بلوچ تہ سنڌي آهن يا وري بلوچ ئي آهن پر رلي ملي وڃڻ ڪري يا هزارين سالن کان اچڻ وڃڻ ۽ هڪ ئي علائقي ۾ رهڻ ڪري ڪڏهن ٻنهي وچ ۾ ڪو وڏو گيپ يا فرق نہ آيو آهي، نہ ئي الڳ قوم لڳن ٿا يا وري سنڌ کي پنهجو نہ سمجهندا هجن، اهڙي ڳالهہ بلڪل نہ آهي پر پختون

روزگار خاطر آيل بہ اجان تائين پاڻ کي روزگار تائين محدود رکيو وينا آهن پر سندن آبادي جي واضح فرق نہ هجڻ ڪري شايد سياسي طرح نارمل ورتاءُ ڪن پيا، پنجابي بہ هتي زمينن ۽ نوڪرين جي ڪري آيو، ۽ سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي بہ سنڌ ۾ حڪومت جي پاڳ دوڙ ۾ تہ نہ پر اسٽريٽجڪلي ضرور پنهجو رول ادا ڪري ٿو باقي پاڪستان نهڻ جي ڪري هجرت ڪري آيل آبادي باوجود سندن پهرين وزيراعظم ۽ سنڌ جي گورنر جي ۽ هميشہ اقتدار ۾ رهڻ جي باوجود سندن نمائندن پنهجن ماڻهن کي دنيا جي جديد سهولتن سان نوازيون نہ ئي وري کين سنڌي ماڻهن جي ويجهو ٿيڻ ڏنو آهي، هو نہ سنڌي يوميپٽرن جي اهميت سمجهن ٿا نہ وري برابري مجين ٿا ۽ نہ ئي انهن کي قانوني طرح ضابطي ۾ رکي سگهجي ٿو جو اقتدار تہ سنڌي پوميپٽرن جي بہ نمائندن وٽ ڪونهي. اقتدار جن وٽ آهي اهي کين سدائين غير يقيني ۾ رکندو اچن ۽ کين بہ ۽ سنڌي پومي پٽرن کي بہ جعلي ۽ ڪرپٽ نمائندگي ملندي اچي. اهو حال ايستائين هوندو جيستائين پنجاب ۾ انقلابي حڪمران نٿا پيدا ٿين. باقي سنڌ پنهنجي طور هيڏي وڏي ملڪ ۾ تبديلي تڏهن آڻي سگهي ٿي، جڏهن يوميپٽرا ۽ ٻيو قومون هڪٻئي جي حقيقي حيثيت سمجهن ۽ سنڌ کي سندن ڌرتي سمجهن ۽ صوبي کي حقيقي طرح خودمختياري ڏياري، گڏجي صوبي ۽ ملڪ لاءِ محنت ڪن. ملائشيا ۾ بہ هتان جو چيني ملئي ڪونہ سڏجي ۽ نہ ئي وري انڊين ملئي سڏجي پر سڀ ملائشين ضرور آهن، پر اسان وٽ ٻاهران آيل ماڻهو پاڻ کي مهاجر سڏرائين ٿا، جنهن ڪري بين الاقوامي ۽ قومي سطح تي هڪ طرفي همدردي ۽ پروپيگنڊا ڪن ٿا، ۽ پاڻ کي مظلوم سڏرائين ٿا، هن نالي ۾ سندن اسلامي هجرت وارو ڪانسيپٽ گهٽ پر مظلوميت ۽ چالاڪيءَ وارو لبادو وڌيڪ آهي، پر مجبوري بہ اٿن جو هو پاڻ کي انڊين تہ سڏرائي نٿا سگهن جو مٿن غداري جو ٺپو لڳي ويندو، سنڌي بہ نٿا سڏرائين جو کين الڳ سان سڃاڻپ نہ ملندي ۽ پنهنجي مٽيرائپ جو احساس بہ کين نہ ٿيندو. پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائڻ واري آبادي يا اردو آبادي تہ سڏرائي سگهن

تاﮦ اهو سڏرائيندا بہ آهن پر مهاجر نالي تي، جڏهن بہ سياست ڪرڻي هوندي اٿن، ڪندا آهن، جنهن ڪري اڄ تائين اهو نعرو مظلوميت جو ڍونگ ۽ پنهنجي ماڻهن کي استعمال ڪرڻ لاءِ ٺيندو رهيو آهي، ان ۾ عام عوامي ماڻهو کي ائين استعمال ڪيو وڃي ٿو جيئن سنڌ جي پوميپٽرن کي پٽو جي نالي ۾ يا پير مرشد جي نالي ۾ ويندي برادري جي پڳدار جي پڳ جي بهاني جذباتي ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو، پر اسان جي برعڪس ملائشيا ۾ فقط قانون جي حڪمراني آهي، جنهن ۾ سمورين قومن کي حق ڏنا ويا آهن، جي ڪنهن کي پوميپٽرا هجڻ ڪري اوليت بہ آهي تہ وري ٻي قومي جي ماڻهن کي سندس ذهانت ۽ محنت جي ڪري ان ڪان بہ وڌيڪ عزت حاصل آهي، جنهن لاءِ بہ قانون ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانہ آهي. پاڪستان کي قومن جي نعري واري رحم ڪرم تي ڇڏڻ بجاءِ حقيقي طرح سان عوامي ڀلائي ۽ برابري واري قانون تحت هلائڻ گهرجي جنهن لاءِ پلي پوميپٽرا وارو قانون بہ پل نہ هجي پر ميرٽ ۽ انصاف ۽ حقيقي صوبائي خودمختياري تہ هجي. اسان وٽ باگڙي، ڀيل وغيره آبادي وارا ماڻهو جيڪي سنڌ جا اصلي رهاڪو سمجهيا وڃن ٿاﮦ انهن جي حالت اڄ بہ جهنگ جي دؤر جي ماڻهن کان بہ بدتر آهي، پر ملائشيا ۾ اورنگ اصلي نالي ماڻهو آهن جيڪي ملائشيا جي جهنگن ۾رهندڙ اصلي ماڻهو سمجهيا وڃن ٿاﮦ هي ماڻهو ملئي ماڻهن کان بہ اڳ جا آهن، جيئن اسان وٽ اسان سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو سنڌي آهيون، تئين هتي بہ سڀ ملئي ڳالهائيندڙ ملئي آهن پر هي اورنگ اصلي ملئي هوندي بہ اورنگ اصلي طور قانوني حيثيت رکن ٿاﮦ هنن جي ٻولي بہ الڳ آهي، جيئن اسان وٽ باگڙين جي ٻولي بہ الڳ آهي، اسان وٽ باگڙي آبادي لاءِ حڪوت سطح تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو ويو آهي، پر هنن کي قانوني حيثيت ڏيئي مختلف علائقن کي سندن نالي ڪيو ويو آهي، هن جي لاءِ اسڪول، ۽ اسپتالون ويندي لائبرريون بہ قائم ڪيو ويون، اورنگ اصلي جي ٻار جي پرائمري کان وٺي اعليٰ تعليم بہ فري ڪئي ويئي آهي، ويندي جي ٻاهر پڙهڻ چاهي تہ اسڪالرشپ عام ملئي کان وڌيڪ ڏني وڃينس ٿي، هنن جي

زمينن ۽ علائقن ۾ سندن مرضي سان ڊولپمينٽ ڪئي وڃي ٿي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هي ماڻهو وڏيڪ ڊولپمينٽ بجاءِ پراڻي طريقيڪار سان رهڻ چاهين ٿا، ان ڪري تعليم حاصل ڪندڙ خودبخود شهري ٿيڻ جي باوجود پنهنجي ڳوٺن ۾ اصلي حالت ۾ رهن، اورنگ اصلي ڪي پوليس رپورٽ بہ نٿي ڪرائي سگهي سواءِ اتان جي لوڪل نمائندي جي درخواست تي.

اورنگ اصلي هجي يا وري يومي پترا يا چيني ۽ انڊين ملئي سڀ جا سڀ خوشحال آهن، باوجود قانوني سطح تي الڳ الڳ سڃاڻپ جي، دلي طرح سڀ ملائيشين آهن، ڪين حڪومت طرفان جيڪو جنهن ڳالهہ ۾ بهتر آهي، ان لاءِ سندس مهارت مطابق موقعا پيدا ڪري ڏنا ويا آهن ۽ سڀ ان ڪم ۾ مصروف آهن، پر اسان وٽ حڪومت نالي ڪا شيءِ ڪانهي صرف جيڪو ڏاڍو سو ڳابو واري ڊوڙ آهي، يا جنهن کي موقعو مليو سو ڦٻيو واري ڪار آهي. نمائندن ۾ نہ سچائي آهي نہ وري وفاقي ادارن ۾ ڪا ملڪ سڌارڻ جي ڳڻتي، هر ڪو پيو ملڪ لٽي، ۽ ان لاءِ وري مختلف زبانن جي ماڻهن کي پڙڪائي انهن جي احساسن سان کيڏي ڪين جعلي نمائندگي پيدا ڪري ڏني وڃي ٿي. اهو سلسلو جيستائين بند نہ ٿيندو، بهتر ۽ انقلابي حڪمراني ۽ ادارن جو پنهنجي ڪم سان ڪم نہ هوندو، اسان ملائشيا جي ماڻهن جيان سڪون ۽ خوشحاليءَ واري زندگيءَ جا خواب تہ ڏسي سگهون ٿا پر ائين ٿي اهو جلد ڏسڻ ۾ ممڪن نہ ٿو اچي.

# الطاف شيخ جو ملائشيا ۽ اسان جو الطاف شيخ

الطاف شيخ جي نالي کان ڪهڙو سنڌي هوندو جيڪو اڻ واقف هجي! سندس سفرنامن جو ڪو نه ڪو ڪتاب هر سنڌي نوجوان ضرور پڙهيو هوندو. جِتي هو سنڌ ۾ واحد سڀ کان وڏيڪ ۽ معياري سفرناما لکندڙ اديب آهي، اُتي سندس سڀ کان وڏيڪ ڪتاب به ملائشيا بابت آهن ۽ سنڌ کان پوءِ سندس وڏيڪ وقت به ملائشيا ۾ ئي گذريو آهي. هتي جي حڪومت ڪيس پاڪستان جي حڪومت توڙي سنڌ جي صوبائي حڪومت کان پهرين اوارڊ ڏنا ۽ سندس خدمتن کي ساراهيو. ملائيشا بابت ذڪر هجي ۽ الطاف شيخ جو ذڪر نه هجي، ائين گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ ته نه ٿو ٿي سگهي، ۽ الطاف شيخ جو ڪٿي ذڪر هجي ۽ ان ۾ وري ملائشيا جو ذڪر نه هجي اها به اڻٿيڻي ڳالهه آهي. الطاف شيخ جي تقريباً **90** کان مٿي ڪتابن ۾ **14** ڪن ڪتاب صرف ملائشيا بابت لکيل آهن پر سندس ٻين سفرنامن ۾ جيڪي مختلف ملڪن بابت آهن، تن ۾ به ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن يادگيري طور، ڪنهن حوالي طور يا ڪنهن ٻيٽا طور ئي سهي ملائشيا جو ذڪر ضرور ملندو، پوءِ سفرنامو چاهي آمريڪا بابت هجي يا وري انديا بابت يا ويندي ٻلي پار تان ٻيرو ئي ڇو نه هجي. ملائشيا جو ذڪر ضرور ملندو. انهن سفرنامن کان علاوه جي سندس ڪو ڪتاب ترجمو ٿيل آهي جيئن جاپان جو سندس ناول، ٽوڪيو جي گيشا گرل، يا وري ڪو ادبي ڪهاڻين جو ترجمو ٿيل ڪتاب هجي، ته به ان جي مهاڳ ۾ يا وري سندس پاران ٻه اکر ۾ ملائشيا جو ذڪر ضرور ملندو آهي. سو مون جڏهن ملائشيا بابت ڊائري لکڻ يا نوٽس وٺڻ شروع ڪيا ته سڀ کان پهرين الطاف شيخ بابت ئي خيال آيو. حقيقت ۾ اسان سنڌ جي ماڻهن لاءِ ملائشيا بابت سونهون ته الطاف شيخ ئي آهي سو مون دل ۾ اهو پڪو ارادو ڪيو ته جي آءٌ ملائشيا بابت ڪو ڪتاب لکڻ ۾ ڪامياب ويس ته ان ۾ الطاف شيخ بابت مضمون ضرور شامل

ڪندس، پوءِ مون ٿورو ٿورو ڪري لکڻ شروع ڪيو. لکندي اهو خيال بار بار آيو پئي ته الطاف شيخ جي هيترن سارن ڪتابن کان پوءِ ملائشيا بابت هڪ نئين سفرنامي يا ڪتاب جي ضرورت به آهي يا نه. وري اهو خيال ته جتي الطاف شيخ صاحب جا شاهڪار سفرناما آهن، اتي منهنجي سفرنامي جي ڪهڙي ضرورت يا اهميت يا وري ان جي سامهون منهنجي ڪهڙي ائپروچ جو لکي به سگهندس پوءِ وري اهو سوچيم ته دل کي ڌتارڻ لاءِ ۽ صاحب ڪتاب ٿيڻ واري خواهش سامهون رکندي پاڻ کي چيم، نوٽس وٺندو رهان ٿو، پوءِ جي ڏنم ڪم جا ٿيا ته دوستن سان مشورو ڪندس ته اهي ڇپرائڻ جهڙا آهن يا ڍڪي ڍلي، پر لکندي لکندي اڪثر واندڪائيءَ ۾ اهو به سوچيندو هيس ته الطاف شيخ صاحب ملائشيا بابت سڀ ڪجهه ته لکي ڇڏيو آهي، اهڙي ته ڪا نئين ڳالهه سجهي ئي نه ٿي، جيڪا منهنجي ڪتاب ۾ نرالي هجي. جِتي الطاف شيخ هن ملڪ جي غربت ڏني اتي هن ملڪ کي ترقي ڪندو ڏٺو آهي، جتي ان وٽ هتان جي ڳوٺن کان ويندي شهرن جي زندگي جا سمورا قصا ڪهاڻيون اکين ڏٺل آهن اتي هو هن ملڪ جي بادشاهن، سياستدانن جو دوست به رهيو آهي ته وري محنت ۽ مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪندڙ مالهين کان ويندي ڪمند جو رس وڪڻندڙ، گاڏي تي چانور ڪپائيندڙ ماڻهن سان به سندس دلي رشتو رهيو آهي. هتي جي ڪهڙا رسم رواج آهن جيڪي الطاف کان ڳجها آهن يا الطاف شيخ ان جو ذڪر نه ڪيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ مون کي سائين اسدالله شاه صاحب جو پڙهايل سجيڪٽ رسرچ ميٿالاجي  ياد آيو، جنهن ۾ هن سمجهايو هو ته جنهن به موضوع تي توهان ريسرچ ڪرڻ چاهيو ٿا، ته سڀ کان پهرين ان موضوع تي ٿيل ڪم پڙهو، پوءِ ان ۾ ڏسو ته ڪٿي ڪٿي ٿيل ڪم ۾ اجان بهتريءَ جي ضرورت آهي يا وري وڌيڪ اهم ته ان موضوع جي ڪهڙي پهلوءَ تي اجان ڪم نه ٿيو آهي، اهو ئي توهان جو ڪم هوندو جيڪو توهان لٽريچر رِوِيو مان گيپ ڪڍي وٺو معنيٰ ته

توهان جو ايندڙ ڪم اهم ۽ اڻ ٽيل يا وري وڏيڪ بهتر هوندو يا وري ڪو نہ ڪو نئون ڪنٽريبيوشن تہ هوندو. ان حساب سان ئي توهان نئين ڳالهہ ڪري سگهو ٿا، جيستائين اڳ ۾ ٽيل ڪم توهان نٿا پڙهو، معنيٰ توهان پنهنجي ڪم ۾ ورجاءُ ڪندا يا وري توهان جي ڪم جي اٿينٽيڪيشن ۾ ڪمزوري هوندي ۽ توهان ڪيئن دعويٰ ڪندا تہ هيءُ ڪم نئون آهي، جڏهن تہ اڳ ۾ ٽيل ڪم جو توهان ان ۾ ذڪر ئي نہ ڪيو هجي. حالانڪہ مان اهو تہ سمجهان پيو تہ هي ڪو ريسرچ ورڪ نہ آهي، پر هتي گهمڻ ڦرڻ جو تجربو آهي، جيڪو لکت ۾ آڻيو آهي، پر صرف مشاهدي جي ڳالهہ نہ آهي. الطاف شيخ تہ پنهنجن سفرنامن ۾ قومن جي تاريخ، رسم رواج، مزاج ڪان ويندي سماج جي هر پهلوءَ کي جاچيو، لکيو ۽ ان کي اجاگر ڪيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ سوچيندي بہ مون روزاني ڊائري سان گڏ سائين الطاف شيخ جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا، جن مان ڪجهہ تہ اڳ ۾ پڙهيل هئا، وري پڙهڻ شروع ڪيا ۽ ڪجهہ نوان ڪتاب سنڌ سلامت ويب سائيٽ تان ڊائونلوڊ ڪري پڙهيا. الطاف شيخ جا سفرناما پڙهندي هڪ ڳالهہ جي تہ پڪ ٿيم تہ ملائشيا کي جتي الطاف شيخ صاحب وڏندي وڻ ٽيندي ڏنو آهي اتي ان جي باري ۾ ڪجهہ ڇڏيو تہ ڪونہ آهي جو ويهي لکجي. ملائشيا جي تاريخ هجي يا ثقافت، ٻولي هجي يا رهڻي ڪهڻي، شادي غمي ڪان ويندي بازارن، موسم ۽ مختلف نسل هجڻ ڪري مختلف مذهب ۽ انهن جي ٻولين جو ذڪر هجي يا وري هتان جي بادشاهي نظام يا وري حڪومتي جمهوري نظام جو ذڪر يا وري تعليمي ادارن يا ان ۾ پڙهائيءَ جو معيار، ان سان گڏو گڏ هتي جي ماڻهن جا وهم هجن يا وسوسا، هتان جي انسانن ڪان ويندي پکي، پوپٽ جانور يا وري فروٽ ۽ سبزيون، يا وري هتي جو ٽوئرزم هجي تقريباً هتي جي هر پهلوءَ تي لکيو اٿن. سندس ملائشيا بابت پهرين سفرنامي ”مڪلي ڪان ملاڪا“ يا ٻئي سفرنامي ”ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ“ تي پڙهي ملائشيا جي ترقيءَ کي ٽيندو ڏسندي

محسوس ڪري سگهجي ٿو. ائين لڳي ٿو ڄڻ ملائشيا ننڍڙي ٻار جيان سندس اڳيان وڏي ويجهي رهيو هجي، ۽ سندس تازن سفرنامن ”هليو آ هليو آ ملائشيا“ يا وري ”مون ڪي موهيو ملائشيا“ ڪي پڙهندي محسوس ٿيندو هجي ته اهو ٻار جنهن ڪي وڏندي هن نه صرف ڏٺو پر ان جي لاءِ پاڻ به محنت ڪئي، انهن جي ترقي ۾ حصو ورتو هو، اهو ٻار هاڻي نه صرف اڳ جيان پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي پر ڊڪي ڊوڙي دنيا جي هر جديد ترقي يافته سهوليتن سان مالامال آهي، ۽ ڪنهن به ريت دنيا جي سڪين ستابن ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ نه آهي، جو روڊن رستن جي ڄار کان علاوه خودڪار ٽرينن تائين يا وري جديد عمارتن کان ويندي جديد هوٽلن تائين، صاف سٿرن سمنڊ جي ڪنارن کان ويندي، قدرتي سونهن ۽ سوڀيا جي هجڻ تائين، ويندي امن ۽ ڀائيچاري ۾ رهندڙ ماڻهن تائين هر ڳالهه ۾ ملائيشا ٻلي ٻلي لڳو پيو آهي. الطاف شيخ ملائشيا جي قائم ٿيڻ جي ڏهاڪي کان وٺي اڄ تائين ان کي پنهنجي قلم ۾ محفوظ ڪندو آيو آهي ۽ هتان جي ذري ذري تي سندس نظر رهي آهي. اسان سنڌين جي خوشنصيبي چئبي جو اسان کي سائين الطاف شيخ جهڙو هيرو مليو آهي، جنهن سنڌين کي پوري دنيا کان نه صرف روشناس ڪرايو پر سنڌين تي گهر جا ڪوئا هجڻ وارو لڳل ٺپو به لهرايو، جو الطاف شيخ نه صرف دنيا گهميو آهي پر سمنڊ کي به جهاڳي سڄي دنيا کي اهو پيغام ڏنو ته سنڌ وارا اهڙا به نه آهن جو رڳو گهر کان ٻاهر نه نڪرن پر دنيا جا جديد جهاز به هلائي ڄاڻن. سنڌ جي اهڙن سپوتن جن ۾ پاڪستان قائم ڪندڙ قائداعظم کان ويندي پاڪستان کي سنڀاليندڙ ذوالفقار ڀٽو تائين يا وري پاڪستان جو آئين ڏيندڙ حفيظ پيرزادي کان ويندي، پاڪستان جو پهريون خودڪار بحري جهاز هلائيندڙ الطاف شيخ تائين ڪيترائي مثال آهن، جن تي سنڌي قوم فخر ڪري ٿي. الطاف شيخ اهو ماڻهو آهي، جنهن کي ٻين ملڪن به پنهنجن قومي اوارڊن سان نوازيو آهي. الطاف شيخ

نہ صرف اسان سنڌي قوم لاءِ رحمت جيان آهي پر ملائشيا جهڙي ملڪ لاءِ بہ قابل فخر آهي، جنهن ملائشيا کي ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن ۾ مشهور ڪيو يا وري سنڌ ۾ جيڪا ملائشيا کان ٻيڻ تي آبادي تي مشتمل آهي، کي بہ روشناس ڪرايو، اڄ جيڪي ڪيترائي سنڌي هتي گهمڻ اچن ٿا يا وري سنڌي نوجوان هتي پڙهي رهيا آهن يا هتي محنت مزدوري ڪري رهيا آهن يا وري ننڍو وڏو واپار وڙو ڪري رهيا آهن تہ ان ۾ ملائشيا جي ئي ترقي آهي، وٽڻ ناٽو اچي رهيو آهي، جنهن لاءِ مان سمجهان ٿو تہ ان ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ الطاف شيخ جو آهي. تنهنڪري ئي ملائشيا جي حڪومت بہ الطاف شيخ جو ڪردار ۾ ڪم مڃيندي ڪيس ڪيترائي اوارڊ ڏنا، جن ۾ ملاڪا رياست جو اعليٰ سول ايوارڊ پي جي ڪي بہ شامل آهي.

الطاف شيخ جي سفرنامن کي پڙهندي سندس ڪتاب ”ملائشيا ٻارنهن سالن بعد“ پڙهيو جنهن ۾ ملائشيا **12** سال بعد اچڻ وقت هتان جي ماڻهن سان سندس ملاقات، سندن ڪيفيت ۾ دلي لڳاءُ، سندس يادن جي ذڪر ۾ هن ملڪ کي وڌندو ڏسندي، ترقي ڪندو ڏسندي، جيڪي ڳالهيون هن محسوس ڪيون ۾ لکيون آهن، ان مان لڳي ٿو، جڻ سنڌ کان پوءِ ڪيس ڪو پيارو ملڪ آهي تہ اهو ملائشيا آهي. ڪيس جيترو هالا پيارو آهي جتي سندس ننڍپڻ گذريو، تہ اتي ڪيس ايترو ئي پيارو ملاڪا آهي، جتي سندس ٻارن جو ننڍپڻ گذريو. مون کي سندس هي ڳالهيون پڙهي سندس بابت هن مضمون جو عنوان ذهن ۾ آيون نہ تہ آءُ اهو تہ سوچيو هيو تہ سائين الطاف شيخ جي ملائشيا جي ڪتابن ۾ ان جي لکڻين مان مليل رهنمائي جي ڪري مٿن هڪ مضمون هن ڪتاب ۾ ضرور لکندس جنهن جو عنوان شايد ”سنڌي نوجوانن جي رهنمائي ڪندڙ الطاف شيخ جا ڪتاب“ رکڻ جو سوچيو هو پر هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ هي عنوان ذهن ۾ آيو ”الطاف شيخ جي ملائشيا ۾ اسان جو الطاف شيخ“. ملائشيا هتي جي ماڻهن، شهرن، گهٽين، عمارتن ۾ وٽن سان محبت ۾ سڪ مان اکين ۾

ڳوڙهن جي ڪري پڪ ٿي ته سنڌ سان گڏ ملائشيا به سندس پنهنجو وطن آهي، بلڪل اهڙي ڪيفيت ڏسي مون کي هندستان کان آيل سنڌي اديب ياد آيا جيڪي سنڌ اچي پنهنجا ڇڏيل گهر ڏسڻ مهل روئي پوندا آهن يا پنهنجي روئڻ تي ڪنٽرول ڪندا آهن، ايڏي سِڪ ضرور هتي جي زمين سان محبت ڪري ئي هئي الطاف شيخ جي دل ۾. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته الطاف شيخ پلي سنڌي هجي ڪيس سيِ کان وڌيڪ الڪو ۽ فڪر پلي پاڪستان بابت هجي پر سندس دل ۾ ايڏي ڪشادگي ضرور آهي جو ان ۾ اهي ملڪ جتي هو ويو آهي، جتان گذريو آهي انهن لاءِ وٽس دعا آهي، انهن جي ترقيءَ تي سندس  دل ۾ خوشي آهي. اهڙي خوشي، پنهنجائپ، سڪ وٽس شايد سنڌ کان پوءِ ملائشيا جي لاءِ هجي. تنهنڪري مون ضروري سمجهيو ته سندس ڪتاب پڙهان ۽ انهن مان ئي سندس ملائشيا بابت راءِ ئي لکان ۽ سمجهان ته هن ملائشيا ڪيئن ڏٺي ۽ اسان جي اک جو کهڙو مشاهدو بيهي ٿو.

الطاف شيخ ملائشيا بابت سندس پيٽارو اسڪول جي پرنسيپل کان ٻڌي ڪري روشناس ٿيو. الطاف شيخ جي ملائشيا جي قوم جي ابي يعني سندن پهرين وزيراعظم سان ملاقات ڪراچي ايئرپورٽ تي سندس ڪيڊٽ ڪاليج جي پرنسيپل سان گڏ ٿي جيڪو تنڪو عبدالرحمان جو ذاتي دوست هو.

الطاف شيخ جو پهريون دفعو اچڻ سال **1968**ع ۾ ٿيو، ان وقت نيڪ ملائشيا جي آزاديءَ کي پهريون ڏهاڪو پورو ٿيڻ وارو هو ۽ ملڪ تي اجان تائين تنڪو عبدالرحمان جي ئي حڪمراني هئي. الطاف شيخ جي هتي نوڪري سال **1981**ع ۾ ٿي، ان وقت وزيراعظم ڊاڪٽر مهاتير محمد هو، ۽ ملڪ جي لاءِ انتهائي دورانديشي، اڻ ٿڪ محنت ۽ ويزن سان ڪم ڪري رهيو هو. هي اهي ڏينهن هئا جتي ملائشيا وارن کي بهتر مستقبل ڏيڻ لاءِ سندن قيادت هڪ دوارانديش ۽ ديانتدار ماڻهو وٽ هئي، جنهن پنهنجي قوم کي نه صرف اهميت ۽ سڃاڻپ پئي ڏني پر ڪين اهو به

سمجهائڻ ۾ ڪامياب ويو ته هي جيڪي ٻاهران استاد، انجنيئر، ڊاڪٽر يا ڪٽي مزدور هتي اچي ڪم ڪري رهيا آهن اهي نهايت ئي اهم آهن. اسان مٿان هنن جا وڏا احسان آهن، جو اسان وٽ اچي ڪم ڪن ٿا ۽ اسان جي ملڪ جي بهتريءَ لاءِ اسان وٽ محنت ٿا ڪن، اسين سندن ٿورائتا آهيون. اهو ئي سبب آهي جو ان وقت جي ملائشيا جي عام ماڻهن وٽ ٻاهرين ماڻهن لاءِ عزت ۽ احترام وڌيڪ هو، جنهن جو ڪريڊٽ به ان وقت جي حڪمرانن ۽ سندن رويي ڏانهن وڃي ٿو، جن پنهنجي عام ماڻهن ۾ اهڙو شعور پيدا ڪيو. ٻيو ان وقت اڃا ملائشيا جا ماڻهو نه ايڏا خوشحال ٿيا هئا، نه وري انهن وٽ ايڏو اعتماد هو. ان وقت ته اسان جو ملڪ به هنن جي ملڪ کان بهتر هو. ملائشيا وارن وٽ اڃا ڪي گهڻا ٻاهريان ماڻهو به نه هئا پر جيڪي آيا هئا انهن ۾ سندن قوم جو ئي پلو هو ان ڪري سندن وٽ ٻاهرين ماڻهن لاءِ هڪ خاص ۽ بهترين رويو هو. پر هاڻي ائين نه آهي هاڻي ملائشيا جو ماڻهو پاڻ کي اسان پاڪستانين، افغانستانين يا وري ايرانين کي ته ڇا پر پاڻ کي عرب مسلمانن کان به بهتر ٿو سمجهي. وڌ ۾ وڌ سعودي عرب يا ڪويت جي ماڻهن کي وري  به ڪجهه اهميت ڏيئي ٿو، جو انهن وٽ پيسو گهڻو آهي ۽ اهي اچن ٿا ته جام خرچ ڪن ٿا، باقي ڪين پاڻ کان عقل ۾ گهٽ سمجهن ٿا. انڪري الطاف شيخ جنهن دؤر ۾ ملائشيا آيو، اها سندس خوش نصيبي به چئبي جو هو ان دؤر ۾ آيو جڏهن ملائشيا جا ماڻهو اڃا  مغرور نه ٿيا هئا، جيڏا هاڻي ٿيا آهن، يا وري هاڻي ملائشيا کي ٻاهرين ماڻهن جي هجڻ تي ڪين اهو احساس ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو ٻاهريان ماڻهو سندن ڀلي لاءِ آهن پر هو سمجهن ٿا ته جيڪي هتي نوڪري ڪري رهيا آهن، اهي اسان جي ملڪ جو ناڻو ڪٽي وڃي رهيا آهن ۽ انهن جي ماڻهن جي جڳهه تي ڪم ڪري رهيا آهن ويندي حڪومت به اها همت افزائي ڪونه ڪري ٿي، ته ڪو ٻاهريان ماڻهو وڌ کان وڌ هتي ادارن ۾ هجن،

انڪري رويي ۾ ڪافي سختي اٿن، جنهن ڪري هتان جي حڪومت ۽ عام ملائيشين کي به اهڙو پڪو ڪري ڇڏيو آهي.

اها حقيقت آهي ته قومن جا مزاج ۽ رواج انهن جا حڪمران به ناهين ٿا، جنهن جو ڪريڊٽ تنڪو عبدالرحمان، تن رزاق ۽ مهاتير محمد ڏي وڃي ٿو، جن جهنگن ۾ رهندڙ قوم کي جديد شهرن ۾ آڻي آباد ڪيو، ڪين تعليم ڏني ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ سيکاريو. بهرحال اسان ڳالهه پنهنجي الطاف شيخ بابت پئي ڪئي، سائين الطاف شيخ جنهن دنيا جا سمورا سمنڊ جهاڳيا آهن، تنهن جي دل به اوڏي ئي ڪشادي نظر اچي ٿي، جو ڪيس هر ملڪ جي خوشحاليءَ تي خوشي ملي ٿي، ته وري پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جو اونهو به رهي ٿو. مون کي ملائشيا بابت گهمڻ جو خيال تڏهن آيو جڏهن مون سندس سفرنامو ”سنگاپور ويندي ويندي“ پڙهيو هو. جنهن ۾ سنگاپور سميت ملائشيا جو به ڪافي ذڪر آهي. منهنجو هي سفرنامو به سندس ڪتابن جي ڇيڇ پڪڙي لکجي ويو آهي، جنهن لاءِ آءٌ الطاف شيخ کي پنهنجو استاد سمجهان ٿو، ۽ اها به حقيقت آهي ته سائين الطاف شيخ سنڌ جي هر نوجوان جو رهنما آهي. اها به حقيقت آهي ته سائين جي ڪتابن ۾ رواجي سنڌي اديبن واري رومانوي ۽ شاعرانه مزاج، ڊائلاگن کان وڌيڪ ڄاڻ ۽ رهنمائي ڪندڙ جملا هوندا آهن. اهو ئي سبب آهي ته ڪيس ڪنهن ليکڪ سنڌي نوجوانن لاءِ پرائمري استاد جهڙي اهميت رکندڙ قرار ڏنو. هڪ مزي جي ڳالهه ته منهنجو دوست جيڪو ڪتاب پڙهڻ ۾ بلڪل به دلچسپي نه رکندو آهي، پر هن جو ملائشيا اچڻ ٿيو، ته مون ڪيس لنڪاوي وڃڻ جو پروگرام ناهيو، ته چيائين: اوڏانهن نه ٿا هلو، پاڻ هلون ٿا الطاف شيخ واري ملاڪا گهمڻ، ته مون کي حيرانگي ٿي ۽ چيومانس ته تو وري ڪڏهن الطاف شيخ کي پڙهيو: ته کلي چيائين: مون سندس ڪتاب پڙهيو ته نه آهي نه وري ڪو سندس ڪالم پڙهيو آهي، پر توهان جهڙن سندس مداحن کان گهڻا ڀيرا ٻڌو آهي، تنهنڪري ملائشيا

ايندي اهو ارادو ڪيو هو تہ ملاڪا ضرور گهمڻ وڃبو. الطاف شيخ جي لکڻين ۾ هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا مون کي وڻندي آهي اها سندس باادب ٻولي آهي، جيڪا مذهب خلاف اجاين مخالف توڙي غير ضروري حمايتي خيالن کان پاڪ آهي، جيڪا وري اسان جي سنڌ جي اڪثر اديبن ۾ ملندي آهي. سندن تنقيد مُلي جي آڙ ۾ مذهب جي خلاف هوندي آهي پر اڪثر سنڌي اديبن جي پيٽ ۾ الطاف شيخ جي سمورين لکڻين ۾ هي بہ عنصر، غير ضروري رومانوي ٽيڻ يا وري هرويرو مذهب جي خلاف لکڻ واري ڪا بہ ڳالهہ نہ ملندي، سچ تہ سندس ان ذهني ليول مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي، جنهنڪري سائين الطاف شيخ نہ صرف منهنجو پسنديده ليکڪ آهي پر پسنديده انسان بہ آهي. جنهن کي آءٌ پنهنجو فڪري استاد بہ سمجهندو آهيان ۽ سندس لاءِ مون وٽ پنهنجي پرائمري جي استاد اميد علي وئينس جيتري عزت آهي.



# ملئي پاڳوند آهن

منهنجي ننڍڙي حسنين ۽ مان مسجد انديا ۾ هڪ ملئي فروٽ ڪپائڻ واري ڇوڪري ڪان ڪٽيل فروٽ جون ٻه ٿيلهيون ورتيون. جيئن تہ حسنين پاڻ پسند ڪري ڪنيو پر پيسا ڏيڻ دوران ئي هڪ مان ذرو ڪٽي جو ڪاڏائين تہ ڇپائين، بابا سنو نہ آهي، مون ڪي واٽر ميلون وٺي ڏي. مون ڇوڪري ڪي چيو: هي ٻئي واپس ڪيو اسان ڪي واٽر ميلون ڏيو، تہ ان ڇوڪريءَ منهن خراب ڪري جواب ڏنو جهڙوڪ دڙڪو ڏيئي وئي ۽ ڪجھ پٽڪي ڪري ٻئي گراهڪ ڪي فروٽ ڏيڻ لڳي. ايتري ۾ مان پهرين ورتل فروٽ واپس رکي ٻيو ڪٽي هلڻ لڳس، پوئتي نهاريائين ڪونہ . اهو پهريون دفعو هو جو مون مرضي هلائي نہ تہ ملائشيا ۾ اڪثر ملئي ماڻهن جي ڳالھ مجبورَ رکڻي پوندي آهي يا وري پنهنجي صبر واري طبعيت ڪري درگذر ڪندو رهندو آهيان . اهڙو تجربو مون ڪي ڪافي ڀيرا ٿيو ۽ ملئي دوڪاندارن سان ڏيتي ليتيءَ م اندازو ٿيندو هو تہ همراه نہ گهڻو ڳالهائڻ چاهي ٿو نہ وري گراهڪ ڪي آمادھ ڪرڻ. الٽو جي گراهڪ وڌيڪ دلچسپيءَ سان شين ڪي ڏسندي ڏسندي دير ڪري، تہ ٻہ بيزار ٿيو پون. پر ان جي ڀيٽ ۾ چيني دوڪاندار هجي يا انڊين ويندي عرب، مون ڪي عرب دوڪاندار ٻہ جام نظر آيا. اهي پوري ڪوشش ڪندا تہ گراهڪ خالي واپس نہ وڃي پر جي وڃي ٻہ تہ ٻئي دفعي سندن وٽ اچي، پر ملئي دوڪاندار جو ڪم سان ڪم رکڻ واري طبعيت آهي، واپار ڪرڻ واري جهان ۾ جيڪا مسڪراهٽ هوندي آهي، عاجزي هوندي آهي، اها سندن ڪان ڪوهين ڏور آهي، پهريون دفعو اهڙو تجربو شروع واري ڏينهن ۾ ئي ٿيو هو، مان اسلامڪ يونيورسٽي پرسان واري مارڪيٽ ادامن ڪامپليڪس ۾ جتي بس تي چڙهي وڃبو هو، تقريباً **10** ڪان **15** منٽ بس وٺندي هئي، اتي هڪ ملئي مائي جي دوڪان تي ٽرائوزر ۽ شرٽ وٺڻ لاءِ ويس. پهريون ٽرائوز جيڪو هن ڏيکاريو اهو پسند

نہ آيو، ٻيو منهنجي چوڻ تي ڪٽي ڏيڪاريائين پر مون اجا هڪ ٻيو جيڪو متي ٽنگٽي ۾رکيل هو، ان ڏانهن اشارو ڪيو، تہ هيءُ ڏيڪاريو تہ منهن خراب ٿي ويس، چيائين تہ توهان پهرين جيڪا لهرائي اها چو پسند ڪونہ آهي، هاڻي هنن ٻنهي مان پسند ڪيو، وڏيڪ مان ڪونہ ڏيکاريندس، هن جي ائين چوڻ تي هڪدم مون کي ڪل اچي ويئي ۽ چيم زبردستي آهي ڇا؟! مان ڪسٽمر آهيان توهان مون کي قائل ڪيو يا ڪا شيءُ پسند ڪرايو باقي ائين رويو تہ دوڪانداري ۾ نہ ٿيندو آهي، تہ ڪاوڙ ۾ چيائين توهان بنگالين کي عادت آهي وننڌا ڪونہ پر ڏسندا ڪيتريون ئي شيون. انڪري پهرين پسند ڪيو ۽ فائنل ڪيو . مون چيو مان بنگالي نہ آهيان پر پاڪستاني آهيان تہ چيائين آهيو تہ فارنر، ملئي تہ نہ آهيو. اها مون کي ڪجهہ عرصو رهڻ کان پوءِ خبر پوي تہ ملئي ماڻهو هر فارنر کي بنگالي چون، هنن لاءِ ٻاهريون بنگالي آهي، جيئن اسان لاءِ هر گورو يورپين، انگريز آهي، خير اهو تہ ڪجهہ بہ نہ آهي، مسجد انديا ۾ سائين عمران بيگ ڏسندي هڪ بيگ پسند ڪيو **70** بجاءِ **50** رنگٽ چيائينس تہ همراه جيئين وينو هو اتان ئي جواب نہ ۾ ڏنائين، مون چيو هي اسان کي راضي ڪرڻ لاءِ يا روڪي **50** ۾ ڪا ٻي شيءِ تہ ڏيکاري سگهيو پئي تہ سائين چيو ملئي ائين اٿئي، مون چيو اصل ۾ همراه سمارٽ فون تي راند ڪيڏڻ ۾ مصروف هو تنهنڪري موصوف کي گراهڪ جو اچڻ ئي پسند ڪونہ هو، جڏهن واندو ٿيندو راند مان تہ بارگيننگ بہ ڪندو، خير هڪ ٻئي دوڪان تي وياسين تہ همراه **60** تي آيو پر ڪجهہ گهڙيون انتظار ڪرڻ جي باوجود اتي ڪٽي ڪونہ پئي ڏنائين. نيٺ سائين عمران جو موڊ تبديل ٿي ويو ۽ چيائين ٻئي دفعي وننداسين ۽ هلڻ لڳاسين تہ بہ آواز نہ ڏنائين تہ ڇا ٿيو، بهرحال عام دوڪانن يا ننڍين بازارن ۾ جتي ملئي ماڻهو جو دوڪان هوندو، اتي اهڙو ئي رويو هوندن، البتہ وڏن شاپنگ پلازائن ۾ جتي اندين، چيني، ۽ ملئي سروس ڪرڻ وارا هجن تہ بہ ملئي ڇوڪري يا ڇوڪرو ٻين جي ڀيٽ ۾

خوش طبع گهڻ هوندو، اهڙو تجربو اسان کي ڪافي دفعا ٿيو، مجموعي طرح ملئي ماڻهو دوڪان تي ايندڙ گراهڪ جو گرمجوشي سان آڌر ڀاءُ ڪونہ ڪن ۽ نہ ئي ڪا پل ۾ سودو ٿي وڃڻ ڪان پوءِ بہ مسڪراهٽ ڏين، بغير ڪنهن تاثر جي اتي ويهندا، اشارو ڪري چوندا پسند ڪيو پوءِ جتي وينل هوندا اتي ئي ويهندا، يا پاسي تي بيهي رهندا، ڪتان بہ ڪنونس ڪرڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪندا، پر جي گراهڪ پسند ڪرڻ ۾ ۽ شين کي جاچڻ ۾ دير ڪئي تہ بي چين ٿي پوندا، پر چيني يا انڊين دوڪاندار قربان قربان پيا ويندا، شين جي تعريف ڪرڻ ۾ ۽ مختلف شيون ڏيکارڻ ۾ مشغول ڪري رکندا، ويندي جي گراهڪ ڪجھ بہ نہ ورني تہ بہ چوندا ٻئي دفعي ضرور اچجو ٿي سگهي ٿو ڪا نئين شيءِ اچي وڃي ۽ اها توهان جي پسند جي هجي. مجموعي طرح مون نوٽ ڪيو تہ ملئي ماڻهو بزنس ۾ ايترو آهن بہ ڪونہ، سڀ يا سرڪاري نوڪرين ۾ يا وري اڪثر ملڪيتون سندن هجڻ ڪري ڪرايا حاصل ڪري زندگي بسر پيا ڪندا يا وري گورنمينٽ طرفان قانوني طرح ڪين سهولتون مليو وڃن جو اڪثر پرڏيهي ماڻهن جي ڪمپنين لاءِ مسواڙ تي ملندر جڳهن ڪان ويندي پلاٽن تائين جا نيڪا ملئي ماڻهن جي نالي تي حڪومت ڪري ٿي پوءِ اها پراپرٽي ملئي ماڻهو وري ڪنهن ٻاهرين ماڻهو کي ڏي يا وري ديسي تامل ۽ چيني کي، جنهن مان بہ چڱو خاصو ماهوار پيسو ملئي ماڻهو کي ملي وڃي ٿو. سرڪاري ادارن ۾ موجود سمورين ڪينٽينن يا ڪنهن بہ سروس مهيا ڪرڻ لاءِ جڳھ جو ٺيندر ملئي ماڻهن کي سستي اگھ ۾ ملي، پوءِ پنهنجي مرضي سان نيڪو ڪنهن ٻاهرين ماڻهو کي ڏين، مثال طور آءٌ جتي بين الاقوامي اسلامڪ يونيورسٽي ۾ پڙهان پيو، ان جي هڪ محلي جي تمام وڏي هال واري ڪينٽين جو نيڪو ملئي ماڻهو جي نالي تي يونيورسٽي ڪندي جيڪو **500** ڪان **1000** رنگٽ جي وچ ۾ هوندو پر اهو ملئي ماڻهو وڏي هال ۾ **5**کان **8** ماڻهن کي مختلف

پورشن ڪري ڏيندو ۽ هر هڪ ڪان گهٽ ۾ گهٽ 1000 کان 2000 هزار هڪ حصي جا وٺندو، سڀ کان وڏو فائدو وري ملئي ماڻهن کي، اهو به آهي ته ڪجهه قانون اهڙا به آهن ته ملائشيا ۾ هوٽل، يا ڪنهن به ڪارخاني جو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ لوڪل ملئي پارٽنر هجڻ لازمي آهي، سو سمجهو اهو ملو ته فائدي مان اڌ بغير سيڙپ جي وٺيو وجي ٿو، ائين ڏسجي ته ملئي قوم کي يا ليڊر سنا مليا آهن يا وري سندن ڀاڳ آهي جو خوشحال ۽ سهولتن واري زندگي گذاري رهيا آهن، نه ته ڏسجي ته ايڏا محنتي نه آهن، پر هڪ ڳالهه جيڪا مون کي وڻندي اٿن، اها آهي مستقل مزاجي ۽ ڊسيپلين. جيئن حڪومت چئي ائين ئي ڪن ٿا، پنهجي سياٽپ تي هلڻ وارا ڪونه آهن، تنهن ڪري به شايد ملڪ بيٺل آهي، ۽ بهتر نموني سان هلي پيو. پر ائين به آهي ته اخبارن ۾ مختلف تبصرا پڙهندي هي خيال به پڙهڻ لاءِ مليو ته اڄ جي نسل کي وڏن جي محنتن ۽ تڪليفن جو احساس نه آهي، جيڪي هر شيءِ وٺن هجڻ ڪري غير ذميواري يا عدم دلچسپي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن پر انهن کي يونان جي عظيم قوم مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي اڄ بري حالتن ۾ آهن، جن ڪڏهن سوچيو به نه هوندو ته ڪين قرض وٺڻو پوندو، دنيا جي عظيم جنرلن ۽ فلاسافرن جي ملڪ جو ڏيوالو نڪري سگهي ٿو ته اسان ملائشيا ان سامهون ڪهڙي وڏي ڳالهه آهيون. ان ڪري اسان جي نوجوان نسل کي هر ڪم ۾ محنت ڪرڻ گهرجي. خير بزنس انڊسٽري ته سڄي تقريباً چيني ماڻهن جي حوالي آهي، مهاتير محمد جو خيال هيو ته 2000ع تائين گهٽ ۾ گهٽ 30 سيڪٽرو بزنس ۽ انڊسٽري ملئي ماڻهن جي هٿ ۾ هجي پر سندس 2015ع ۾ آيل يادگيرين جي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته اهو ٽارگيٽ پورو نه ٿيو ۽ اڄ ملئي ماڻهو ملڪ جي انڊسٽري ۾ صرف 13 سيڪڙو آهن. جيڪا ڳالهه 2015ع جي ٿي، ائين مهاتير پنهنجي ملئي قوم تي ڪافي تنقيدي به لکيو آهي ته ڪوالالمپور ۾ وچ بازارن ۾ مليل دوڪانن ۽ ننڍين ننڍين انڊسٽريز لاءِ مليل

نيڪن کي چائنير ماڻهن کي کپائي ڏنائون، پاڻ سنڀالي نہ سگهيا. خير باوجو انهن سيني ڳالهين جي اڄ بہ ملائشيا تي حڪومت ۽ پاليسي ملئي ماڻهن جي هلي ٿي، چيني ۽ انڊين جي محنت جي مڃتا ڪين حڪومت ڏيئي ٿي. جنهن ڪري ٽئين قومون باوجود الڳ الڳ مذهب، طبعيت جي گڏ امن امان سان آهن، ڪير بہ ڪنهن سان حسد ڪونہ ڪري ٿو. چيني کي خبر آهي تہ ملئي پگهار جا پيسا سندس دوڪان تي اچي کپائيندو، انڊين کي خبر آهي تہ ملئي سندن هوٽل تي اچي ماني کائيندو، ائين ملئي کي خبر آهي تہ چيني جو بزنس سندن ملڪ ۾ ٽيڪس آڻيندو، خوشحالي آڻيندو، انڊين سندن زمينون آباد ڪرڻ سان گڏ، بزنس يا انڊسٽري يا ريسٽورنٽ ۾ سندن لاءِ ئي سهولتون پيدا ڪري رهيو آهي، ان ڪري ڪنهن کي ٻئي مان تڪليف نہ آهي. سندن ڀاڳُ بہ شايد ان صبر ۽ شڪر ۾ آهي.



# ملائشيا ۾ توهان کي ڪير بهتر لڳا

هيءُ سوال عابده ڪان سندس ڪلاس فيلو ملئي ڇوڪري ڪيو، عابده ڪيس جواب ڏنو تہ: سڀ سٺا آهن پر تامل انڊين اسان کي وڌيڪ بهتر لڳا. جنهن تي اها ملئي مسلمان ڇوڪري تہ حيران ٿي پر مان سمجهان ٿو، تہ اڪثر ملائشيا بابت معلومات رکندڙ ماڻهو تي سگهي ٿو حيران ٿين. هر ڪنهن جو پنهجو تجربو آهي، ان ڪري ڪير ڪنهن کي بهتر لڳي ٿو، ڪجهہ چئي نٿو سگهي. پر اسان جو مجموعي تجربو اهو رهيو تہ ٽئي قومون مجموعي طرح امن امان واريون بہ آهن تہ وري ٽنهي جو ڪم يا ڌنڌو ويندي رسم رواج ۽ مذهب بہ الڳ الڳ آهن پر سندن قومي نعري سَتو ملائشين يعني صرف ملائشيا جي نعري هيٺ سڀ متحد آهن.

اها شڪايت اڪثر ٻڌڻ ۾ آئي تہ تامل چوريون بہ ڪن ٿا ۽ ڦڏئي بہ آهن، بهرحال اسان جو تجربو اهڙو خراب نہ رهيو، جيئن ٻڌوسين. ملئي ماڻهن سان تقريباً آفيسن ۾ واسطو پوي يا تعليمي ادارن اندر، جيڪي انتهائي درجي جا رزرو آهن البتہ خير خيريت جو جواب ها يا نہ مون ضرور ڏيندا، وڌيڪ فري ٿيندڙ ماڻهو کي ڪجهہ چوندا تہ ڪو نہ پر ان کي فضول ماڻهو ضرور سمجهندا، ۽ ڪوشش ڪندا تہ ڪم سان ڪم رکجي. ائين چيني جيڪي بزنس ۾ آهن انهن سان خريد فروخت يا وري سير سفر ۾ ملڻ جلڻ ٿئي ٿو، اهي ان معاملن ۾ انتهائي هوشيار ۽ خوش مزاج ٿين پر تيز ڏاڍا آهن، انهن سان تعلق ڪجهہ گهڙين جو آهي جهن ۾ ڪا بدمزگي تہ نہ ٿئي پر ٻئي ماڻهو جي پنهنجي سياڻپ تي آهي تہ چيني ماڻهن سان ميل جول ۾ ڪيترو رعايت يا فائدو وٺي سگهي ٿو. ان ڪان علاوه انڊين جن ۾ خاص طور تامل قوم آهي جن سان وري هوٽل تي ماني کائڻ دوران يا وري ٽيڪسي ڪرڻ يا ڪنهن اسپتال ۾ يا رستي ۾ يا وري ڪنهن اتفاق سان ماڻهو منهان منهن

ٿئي ٿو. هي ماڻهو گهٽي پاڳي سنا آهن، بلڪل ملئي ماڻهن جيان، پر ڪجهه ماڻهو ملئي ماڻهن کان وڏيڪ بهتر آهن، نہ صرف ملڻ جلڻ ۾ پر خيال ڪرڻ ۾ ۽ ڳالهہ کي سمجهڻ سمجهائڻ ۾. جتي ملئي ماڻهو وڏيڪ بحث ڪري قائل ڪرڻ جي عادت نٿا رکن اتي تامل ماڻهو بحث ڪري قائل ڪري جي ڪوشش بہ ڪندا تہ منهن جي تاثر سان پنهنجائپ ۽ پيار سان ڳالهہ بہ رکندا. پر انڊين جي پيٽ ۾ ملئي جي خبر نہ پوندي تہ همراه ڪاوڙ ۾ آهي يا خوش آهي، آيا اسان جي ڳالهہ خراب پئي لڳيس يا سني. پر هو ڪو بہ تاثر نہ ڏيندا، بس ها يا نہ ۾ ڳالهہ جو جواب ڏيندا، جنهن ڪري ماڻهو انهن جي رويي کي نارمل سمجهي ٿو. عابده جو تاملن بابت همدردي وارو خيال شايد ان ڪري بہ ٿيو جو، اسان جو تاملن سان يونيورسٽي کان ٻاهر واسطو رهيو، پنهنجي پلازا واري دڪانن تان تامل دوڪاندار کان سودو وٺندا رهياسين، عام طرح ڪڏهن ڪڏهن ماني تامل هوٽلن تان کائيندا رهياسين، ٽيڪسي وارن ۾ بہ تامل ڊرائيورن سان ڪافي پيرا اچڻ وڃڻ ٿيو، ويندي اسان کي رباب جڏهن ملائشيا ۾ پيدا ٿي تہ ڪجهہ مهينا ملئي مسلم ڊاڪٽر سان ۽ پويان ڪجهہ مهينا تامل انڊين ڊاڪٽر سان واسطو رهيو، تامل عورت جو ورتا ملئي مسلم عورت جو پيٽ ۾ ڪيئي دفعا وڏيڪ بهتر هو، ملئي مسلم سمجهندو آهي تہ هر ٻاهرين ماڻهو وٽ پيسو آهي سو ان کان ڪمائجي، يا ٻاهريون ماڻهو سندن ملڪ ۾ آيو آهي تہ انهن جي ملڪ مان ڇو ڪمائي وڃي ٿو. پر هن تامل ڊاڪٽرياڻي کي پيسي جي نہ مريض جي پرواه هئي ۽ پنهنجي ذميواري جي، ائين حسنين جنهن اسڪول ۾ پڙهندو هو، اهو بہ تامل عورت جو هو جيڪا بہ انتهائي خيال ڪندڙ ۽ ذهين عورت آهي، اسان وار جنهن کان نهرايا، اهو سيلون وارو بہ تامل ملائشين هو. ائين جن بہ تامل انڊين سان واسطو پيو، انهن جي رويو وڏيڪ بهتر لڳو بنسبت ملئي ۽ چينين جي. بهرحال اهي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ ضرور آيون تہ جيڪي ٿوريون گهٽيون چوريون چڪاريون يا

موبائيل ۽ ليپ ٽاپ سنيچنگ جا واقعا ٿين ٿا، انهن ۾ تامل ملوث آهن. يا ايتري تائين جو اڪثر اهو به ٻڌڻ ۾آيو ته تامل اوباش ڇوڪرا ڄاڻي واڻي ٻاهرين ماڻهو جي گاڏي سان اچي پنهنجي گاڏي ٽڪرائين ٿا، پوءِ سڄي گينگ گهرائي ٿا ۽ ونن ۽ ٻاهرين ماڻهو کي پريشان ڪري ڪجهه هزار رنگٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جنهن جو هڪ مثال ته منهنجي دوست ٻڌايو ته هن جي گاڏي پويان ٽچ ٿي تاملن سان، جنهن ڪيس **2** هزار ڏيڻ لاءِ چيو ۽ يڪدم **8** کان **10** تامل به اچي ويا پر ان پنهنجي پروفيسر کي ڪال ڪئي جنهن پوليس کي ٻڌايو ۽ پوليس بروقت اچي ويئي، جنهن کان پوءِ پوليس رپورٽ ٿي ۽ منهنجي دوست تي **300** رنگٽ ڏنڊ پيو، تامل پنهنجي گاڏي اڳيان هلندي ڄاڻي واڻي اچانڪ آهستي ڪن پوءِ هلڪو ٽچ ٿئي ته لهي اچي بليڪ ميل ڪن، اهڙا واقعا ڪافي دوستن ٻڌايا. بهرحال واقعا ايڏا گهڻا ڪونه آهن پر وري به ڪڏهن ڪڏهن اخبارن ۾ اچن ٿا، خاص طور اهڙا واقعا انهن علائقن ۾ ٿين، جتي ٻاهرين ماڻهن جي گهڻائي رهائش پذير هجي. اسان جي چار سال رهڻ دوران اهڙا واقعا اسان پاڪستانين مان ته ڪنهن سان ڪونه ٿيا، پر هڪ دفعو اسان جي پلازه جي سامهون هڪ آفريڪن عورت کان موٽرسائيڪل سوار پرس کسي نڪري ويا، اسان جنهن علائقي ۾ رهياسين ان جڳهه تي اڌ جيترا اسان فارينر هياسين ته اڌ ۾ ملئي ماڻهو. ملائشيا جي پوليس جنهن ۾ تقريباً ملئي ماڻهو آهن ۽ ڪجهه انڊين نسل وارا. پوليس جي مجموعي ڪارڪردگي ته بهتر آهي جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته پوري ملائشيا ۾ ڪو وڏو واقعو اڄ تائين نه ٿيو آهي، نه دهشتگري جو نه وري ڦر جو، پر پوليس به فارينرس کان خرچ پاڻي، بهاني سان ڪڍي ٿي. آءُ نٿو سمجهان ته ڪو فارينر خاص طور شاگرد جيڪو گاڏي رکندو هجي يا موٽرسائيڪل اهو پوليس وارن کان بچيل هجي، پوليس وارا ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان **20** کان **100** رنگٽ خرچي ونيو وڃن. حالانڪ ملائشيا ۾ گاڏي خريد ڪرڻ مهل هر

گهربل شيءِ پوري ڪري ڏني وجي ٿي، تڏهن ئي گاڏي نالي تي منتقل ٿئي ٿي. پر پوليس وارا اڇي اڇي فارين جو انٽرنيشنل لائسنس هجڻ جو بهانو ڪري، چوندا توهان ملائشيا ۾ آهيو ته توهان وٽ ملائشيا جي حڪومت جو لائسنس هجي، حالانڪ انٽرنيشنل لائسنس ڪيترن ئي ملڪن جو ملائشيا حڪومت طرفان قبول ڪيو وڃي ٿو جيڪا ڳالهه سندن ويب سائيٽ تي به رکيل آهي، ۽ پاڪستان جو انٽرنيشنل لائسنس به ان ۾ شامل آهي پر پوليس وارا ضد ڪندا، جي ڪو ماڻهو ڪين بحث ڪندو ڪين ڪي ويب سائيٽ تان پرنٽ ڪيل پنو ڏيکاريندو ته ڪنهن کي ڇڏي ڏيندا، پر ڪنهن کان خرچي ضرور وٺندا. منهنجو هڪ دوست جيڪو سدائين ٻين جي گاڏي ڪٽي نڪرندو هو يا وري رينٽ تي ڪار ڪٽندو هو، ان سان اهو اعتراض هوندو هين ته گاڏي جي هلائيندڙ ۾ تنهنجو نالو شامل نه آهي يا وري تنهنجو لائسنس ملائشيا جو نه آهي، تقريباً ساڍا ٽي سالن دوران ان **10** کن دفعا پوليس وارن کي خرچي ڏيئي جان ڇڏائي هڪ دفعو ڳڌ هياسين ته **80** رنگٽ ڏيڻا پيا، جيڪو هن مطابق وڌ ۾ وڌ رقم هئي جيڪا پوليس وارن ان ڏينهن ورتي، بهرحال اها ڳالهه اتي عام طرح چئي ويندي هئي ته اهو شاگرد جيڪو پنهنجي گاڏي رکي ٿوءِ هجي به ايشين يا آفريڪن پر عرب نه، ته ضرور هڪ دفعو گهٽ ۾ گهٽ پوليس وارن کي پيسا ڏيڻا پيا هوندس، حالانڪ پوليس ۾ تقريباً ملئي مسلم ئي آهن پر فارنر سندن آسان ٽارگيٽ آهي. جنهن کي نهايت چالاڪي سان ٿورا پيسا وٺي پنهجو ڪم هلائِين پيا جنهن ڪري نه ملئي گورنمينٽ وٽ شڪايت ٿئي ٿي يا وري حڪومت ان کي درگذر ڪري ٿي، جو اتان جو لوڪل ماڻهن کي پوليس کان اهڙي شڪايت نه آهي، پر هڪ ڳالهه جيڪا شاگردن وٽ اڪثر ذڪر ۾ ايندي هئي ته اميگريشن يا پوليس وارا تنگ ڪن ٿا. جيڪا اڪثر بين الاقوامي شاگردن جي گروپس تي ڊسڪس ٿيندي ٻڌڻ ۾ آئي. سو احتياط ضرور ڪجي ۽ پاسپورٽ يا اميگريشن ڪارڊ ۽

اسٽوڊنٽ ڪارڊ ضرور رکجي پاڻ وٽ ملائشيا ۾ يونيورسٽي ڪان ٻاهر نڪرڻ وقت. ڪيڏي مهل به ۽ ڪٿي به پوليس وارا يا اميگريشن جو عملو پڇي سگهي ٿو. مجموعي طرح ملائشيا ۾ گهٽ پڙهيل قوم انڊين تامل ئي آهن، جنهن ڪري سنڌن بابت خراب تاثر آهي، حالانڪ ملئي ۽ چيني ٽين ايجز جا ڇوڪرا به ٿوريون گهٽيون چوريون ۽ بليڪ ميلنگ ڪن ٿا. ايئرپورٽ تي واپسي ايندي هڪ خيرپور ميرس پاسي جو نوجوان مليو، جنهن ٻڌايو ته رات جو جوهر بارو بس اسٽينڊ تان تامل ٽيڪسي ڊرائيور سان وينس ته گاڏي شهر ڪان ٻاهر جهنگ ۾ ڪٽي ويا ۽ مون ڪان سمورا پيسا ۽ پاسپورٽ به ڪٽي ويا، نيٺ هاءِ وي تي ڪلاڪ به پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ پهتس جتي پوليس وارا مليا جن مدد ڪئي ۽ دوستن سان رابطو ڪرايائون.

تنهنڪري احتياط ضرور ڪجي. باقي اهڙا واقعا ملائشيا ۾ عام نه آهن. خاص طور تفريحي ماڳن تي نه هجڻ برابر آهن.



# ملائشيا جي ڪامياب قومپرست سياست

ملائشيا جي سياست وفاقي ضرور آهي، پر ڪنهن به هڪ پارٽي جي نه اڄ تائين حڪومت آئي آهي ۽ نه ئي وري اڄ تائين ڪا مختلف نسلن ۽ مذهبن جي ماڻهن تي مشتمل ڪا پارٽي ڪامياب ٿي سگهي آهي، اهڙو تجربو ته هن قوم جي آزادي لاءِ پهرين قومپرست ملئي پارٽي جي پيڙهه رکندڙ داتو جعفر اون کي لوڙهي ويو، جيڪو سيني ملائشيا ۾ رهندڙ قومن کي گڏ ڪٺي هلڻ ۽ گڏيل پارٽي ناهڻ جي چڪر ۾ پنهنجي پهرين ناهيل ملئي قومپرست پارٽي امنو **UMNO** جي صدارت تان استعيفيٰ ڏيئي گڏيل پارٽي **IPM** ناهي ۽ ملائشيا جي سمورين قومن کي شامل ڪرڻ جي چڪر ۾ شڪست کائي ويو، نه ته هو ئي هن قوم جو ابو سڏجي ها پر ان جي ابتڙ آزادي لاءِ جستجو ۽ جاکوڙ ڪري هڪ اهم پارٽي ناهي ويندڙ داتو نه ته ملڪ جو ابو ٿي سگهيو نه وري ڪڏهن حڪومت جي ڪنهن وزارت ۾ رهيون، البته سندس پٽ اڳتي هلي سندس پراڻي پارٽي جنهن جو هو فائونڊر هو ان طرفان ملڪ جو وزيراعظم مقرر ٿيو، داتو جعفر اون جو قصو نهايت دلچسپ آهي ۽ مون کي ان تي رحم به ايندو آهي ته ڪئين سڀ ڪجهه نهيل نڪيل ڇڏي هن ملڪ جي ماڻهن کي گڏيل پليٽ فارم مهيا ڪندڙ پارٽي ناهڻ جي چڪر ۾ شڪست کائي ويو نه ته سندس پهرين ملئي پارٽي جنهن هو بنياد وجهندڙ رهنما هو، اها ملڪ جي آزادي کان پهرين واري اليڪشن کان ويندي اڄ ڏينهن تائين اقتدار ۾ آهي. ائين نه آهي ته هي پارٽي اڪيلي سر اليڪشن کٽي اچي ٿي پر اتحادين جي سهڪار سان حڪومت ڪندي آئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن پارٽي امنو مان ئي هميشه وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم رهندا آيا آهن، باقي ٻيون وزارتون سندن اتحادي چيني پارٽي ايم سي اي ۽ تامل پارٽي ايم آءِ سي ۽ ماءِ پي

پي پي جا مختلف وزير ٿيندا رهيا آهن. ان وسيع اتحاد ڪري اڄ تائين حڪومت ان اتحاد جي آهي ائين به نه آهي ته هي پارٽيون الڳ الڳ اليڪشن وڙهن ٿيون پر هي پارٽيون الڳ ضرور آهن پر اليڪشن گڏيل وڙهن ٿيون، جنهن ڪري اڄ تائين سندن حڪومت هلندي اچي جو سندن مخالف پارٽيون هڪبئي جي اتحاد ۾ هوندي سوندي به هڪبئي جي سامهون اميدوار بيهارين ٿيون پر هي پارٽين جو اليڪشن ڪميشن وٽ اتحاد بيريسن نيشنل **BN** نالي رجسٽر ٿيل آهي، جو اتحادي پارٽين جو هڪ ئي نشان هجي ٿو ۽ هڪبئي جي علائقي جي ووٽن جي اڪثريت ڏسي ڪري سيٽ ڏني وڃي ٿي يا ٽوٽل علائقن يا ووٽن جي تناسب جي حساب سان ڪوٽا مقرر ڪري سيٽيون ورهايون وڃن ٿيون، پوءِ جيڪو اميدوار جتي بيٺل آهي جڻ سيني جو آهي سندس ڀرپور ورڪ ڪئي وڃي ٿي، جنهن ڪري هي ٽئين پارٽيون هميشه اقتدار ۾ رهيو آهن ۽ پنهنجي پنهنجي ڪميونٽير جو دفاع، خيال ڪنديون آيون آهن ۽ انهن لاءِ ترقي جو ضامن بنجي رهيون آهن، معنىٰ اقدار ۾ رهندڙ امنو ملئي پارٽي وٽ اڪثريت سيٽون هجڻ ڪري وڏ وزارتون رهيون آهن ته وري سندس اتحادين وٽ ڪڏهن ٽرانسپورٽ، ته ڪڏهن وري بزنس اڪنامڪس اسپورٽس ۽ انڊسٽري جهڙيون وزارتون رهنديون آيون آهن، ان ڪري سڀ خوش به آهن ته ڪم به ڪن ٿا. ائين به نه آهي ته هتي ملئي ماڻهن جي ڪا هڪ پارٽي آهي، يا وري چينين جي ڪا هڪ پارٽي آهي يا وري تامل يا انڊين جي ڪا هڪ پارٽي آهي ائين بلڪل نه آهي هتي ملئي ماڻهن جو ڪيئي پارٽيون آهي ته وري چينين جو به ڪيئي پارٽيون آهن ته وري انڊين ماڻهن جو به هڪ ڪان وڌيڪ پارٽيون آهن. پر اقتدار ۾ رهندڙ اتحادي پارٽين جي اڪثريت ضرور آهي، هتي ڪا اهڙي پارٽي اڄ تائين ڪامياب نه ٿي سگهي آهي يا ائين ڪٽي چئجي ته آزادي ڪان پهرين داتو جعفر اون جي تجربي سيني کي سيکاري ڇڏيو ته گڏيل پارٽي ناهڻ سان ڪا به

ڪاميابي ڪانہ ٿي ملي پر پنهنجي پنهنجي ڪميونٽي جي نالي تي هلندڙ پارٽي ئي ڪامياب آهي جو هتي ماڻهن کي صرف ۽ صرف پنهنجي قوم جي پارٽي تي ئي ويساه آهي، پوءِ ڇاهي اها ڀلي ڪٺي ڪنهن سان بہ اتحاد ڪري، ان تي فرق نٿو پئي پر ذميوار اهائي پارٽي هوندي، جيڪا نمائندگي ڪميونٽي جي نالي تي ڏيئي ۽ اليڪشن ۾ نعرو هڻي ٿو. اهڙي طرح حڪومت مخالف پارٽيون جيڪي ڪجھ رياستن ۾ ضرور حڪومت ناهين ٿيون پر ڪڏهن وفاقي حڪومت نہ ناهي سگهيون آهن، انهن ۾ اهم پارٽيون هن ريت آهن، **PKR**، هي پارٽي ملئي پارٽي آهي پر وچٽري پاليسي رکندڙ آهي، **PAS**، هي پارٽي ملئي پارٽي آهي پر مذهبي طور سخت رجحان رکي ٿي. **DAP** هي پارٽي چائنيز ماڻهن جي پارٽي آهي، ۽ هڪ سخت گير چائنيز پارٽي طور سڃاتي وڃي ٿي، **PPBP** هي پارٽي هاڻي ملڪ جي اهم رهنما ڊاڪٽر مهاتير محمد ناهي آهي جنهن ۾ بہ صرف ملائيشين مسلمان ئي ميمبر ٿي سگهن ٿا. ان ڪان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون پارٽيون آهن پر سڀ جو سڀ پنهنجي ڪميونٽي جي بنياد تي نهيل آهن، ائين صبا ۽ سراواڪ رياستن جي چائنيز ۽ ملئي ماڻهن جون الڳ الڳ پارٽيون آهن، پر اهم ڳالهہ هي آهي تہ جيڪي بہ پارٽي ڪٿي اچي پر ڪم ضرور ڪري ٿي، ملائشيا جي سياست ڏنو وڃي تہ سڄي جو سڄي قومپرست ۽ مذهب پرست پارٽين تي مشتمل آهي، جن ۾ هميشا اتحاد ٿيندا رهيا آهن، پر اتحاد سڀني مخالف پارٽين ۾ نہ، پر اقتدار ۾ رهندڙ **60** سالن ڪان حڪومت ڪندڙ ڌرين ۾ ئي مستقل رهيو آهي باقي مخالف پارٽيون هميشہ اليڪشن الڳ الڳ وڙهن ٿا، جنهن ڪري بہ شايد گڏيل اتحاد هميشہ ملائشيا تي حڪومت ڪئي آهي پر هيئنر ملائشيا جي سياست ۾ هڪ اهم موڙ آيو آهي، اهو ايندڙ اليڪشن **2018** ۾ مختلف نتيجا ڏيئي سگهي ٿو، اهو اهم موڙ ڊاڪٽر مهاتير محمد پيدا ڪيو آهي، جو هن نہ صرف پنهنجي بنيادي ۽ هميشہ اقتدار ۾ رهندڙ پارٽي تان

استعيفيٰ ڏيئي الڳ پارٽي قائم ڪئي آهي پر سندس سچو زور مخالف ڌر جي سمورين پارٽين جو هڪ اتحاد ڪري هڪ نشان تحت چونڊ وڙهڻ لاءِ ڪين راضي ڪرڻ آهي، جنهن ۾ هو ڪافي حد تائين ڪامياب بہ ويو آهي، ۽ تقريباً چار مخالف ڌر جي پارٽين کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، باقي اجا بہ هڪ اهم مخالف پارٽي جيڪا ملئي مذهبي خيال رکندڙ سخت گير پارٽي آهي ان سان سندس ڳالهيون هلندڙ آهي، ائين جي سڀ مخالف پارٽيون هڪ ڪرڻ ۾ جي مهاتير محمد ڪامياب وڃي ٿو، تہ نتيجا تمام مختلف ٿي سگهن ٿا. سندس چوڻ اهو ئي آهي تہ حڪومتي پارٽي کان اليڪشن صرف ۽ صرف گڏيل مخالف اتحاد جي هڪ چونڊ نشان وڙهڻ سا ممڪن آهي. بهرحال ملائشيا جي ايندڙ **2018** اليڪشن ۾ ڪير بہ کٽي اچي، انهن کي پنهنجي ماڻهن لاءِ ڪم ڪرڻو آهي، پنهنجي ملڪ کي ترقي ڏيارڻي آهي، پر اسان وٽ حال برو آهي، جتي وفاقي پارٽيون کٽي تہ اچن ٿيون پر ڪم ڪونہ ڪن ٿيون، وري ان جي ابتڙ قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽيون کٽن ڪونہ ٿيون. اسان وٽ پ پ جيڪا پاڻ کي وفاق جي ڪنجي سمجهي ٿي، اها سنڌ لاءِ شروع کان ڪڏهن بہ سنجيده نہ رهي آهي، ايم ڪيو ايم جيڪا هڪ نسل پرست ۽ موقعي پرست تنظيم آهي، اها کٽي تہ ضرور ٿي پر عوام جي ڀلي لاءِ پوءِ سندس تڪ جي آبادي ئي ڇونہ هجي ان لاءِ ڪيس ڪجهہ ڪرڻ جي ڪا بہ ڳڻتي نہ آهي، ۽ ان جي سامهون ڪڏهن ڪا خاص مخالف پارٽي سندس ئي بنياد مان اڀري آهي، تہ بہ نسل پرست هارڊلائنر. تنهڪري جتي سنڌ ۾ موجود اردو آبادي وٽ لبرل ۽ سافٽ لائينر پارٽي جي کوٽ آهي تہ وري سنڌي آبادي وٽ سافٽ لائينر لبرل ترقي پسند پارٽيون ضرور آهن پر اهي ڪڏهن بہ اليڪشن نہ ٿيون کٽي سگهن. ان ڪري مجموعي طور سنڌ صوبي ۾ سنڌي ۽ اردو آبادي کي مضبوط ڪندڙ، خوشحالي ڏانهن وٺي ويندڙ پارٽي جي اقتدار ۾ اچڻ جي کوٽ ضرور رهي آهي. ان جو سبب شايد سنڌي آبادي ۾ قومپرست

ڏرين طرفان گڏيل سنجيده اتحاد جي ڪوٺ رهي آهي، پر جي هاڻي ملائشيا جي سياست ڪي سامهون رکندي هڪ اهڙي اتحاد ڪي اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ ڪرايو وڃي، جنهن ۾ هڪ نشان تي اليڪشن وڙهي وڃي پوءِ چاهي **2018**ع جي اليڪشن ۾ صرف **10** سيٽن تي ئي ماڻهو چو نہ بيهاريا وڃن ۽ هڪ يا ٻہ سيٽون ئي کٽي سگهجن پر هڪ مضبوط بنياد رکندڙ اتحاد جي شروعات ضرور هوندي، جيڪو اڳتي هلي پ پ پ ۽ پيرن وڏيرن جو نعم البدل ضرور ثابت ٿي سگهي ٿو، جنهن لاءِ سنڌ جي سمورين ترقي پسند ڌرين کي هڪ نشان تحت اليڪشن وڙهڻ گهرجي تہ جيئن سنڌ جي صحيح نمائندگي ٿي سگهي ٿي.

**نوٽ: هي آرٽيڪل 2018ع جي اليڪشن کان اڳ جو آهي، اتفاق سان ملائشيا ۽ پاڪستان ۾ اليڪشن ساڳئي سال ۾ ٿي. ملائشيا ۾ ڊاڪٽر مهاتير محمد جي اتحاد ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ملائشيا ۾ 60 سال اقتدار ۾ رهندڙ پارٽين اليڪشن هارائي ۽ پاڪستان ۾ بہ هڪ نئين پارٽي اليڪشن کٽي. ڊاڪٽر مهاتير جتي سندس هميشہ مخالف رهندڙ چائنيز جي سخت گير ڊي اي پي پارٽي کي پنهنجو اتحادي بڻايو تہ اتي پنهنجي سخت مخالف ۽ اڳوڻي نائب وزيراعظم انور ابراهيم جي پارٽي کي بہ پنهنجو اتحادي بڻايو. هڪ نئين اتحاد ئي ملائشيا جي تاريخ ۾ تبديلي آندي ۽ ملڪي تاريخ ۾ هميشہ حڪومت ڪندڙ اتحاد کي شڪست ڏني.**

## ملائشيا جو بادشاهه ۽ سندس پرائمري استاد

ملائشيا جي رياست جوهر، جيڪا سيني رياستن مان وڏيڪ مضبوط رياست ۽ هتان جو بادشاه طاقتور بادشاه طور مشهور آهي. هي واحد رياست آهي جتي بادشاه کي الڳ سان پنهنجي فوج آهي، ان رياست جي بادشاه بابت خبر پڙهيم ته هو استادن جي عالمي ڏهاڙي تي اچانڪ بغير ڪنهن پروٽوڪول جي سندس پرائمري ٽيچر جي گهر پهتو ۽ ان کي ڪجهه تحفا ڏنا ۽ سندس صحت بابت معلوم ڪيو.

## نوجوانن ڪان اسان پوڙهن جي انگريزي بهتر آهي.

جوهر جي بادشاهه جو بيان اخبار ۾ ڇپيو ته اڄڪلهه حڪومت جيڪا سائنس ۽ ميٿ کي ملئي ٻوليءَ ۾ پڙهائڻ جي پاليسي ٺاهي آهي ۽ انگريزي ٻوليءَ تي اسڪولن ۾ گهٽ ڌيان ڏنو پيو وڃي، ائين نه ڪيو وڃي، جو اسان پوڙهن جي انگريزي اڄ جي نوجوان ڪان بهتر هجي. مسقبل جا چئلينجز نوجوانن کي فيس ڪرڻا آهن ۽ دنيا ۾ انگريزيءَ جي اهميت تمام گهٽي آهي. انڪري حڪومت، سرڪاري اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ انگريزيءَ تي خاص ڌيان ڏيئي، ته جيئن ملائشيا جي هر نوجوان جي پنهنجي ملئي ٻوليءَ جيان انگريزي به بهتر هجي.

# ملئي ماڻهو چوڻ تي قانوني ڪم ٻه نه ڪندو

ملئي ماڻهو يعني چيني ۽ انڊين ملائيشين کان علاوه خالص ملئي ماڻهو، جيڪو تقريباً سرڪاري ادارن ۾ نوڪرين تي آهي. اهو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ يا ڄاڻي ٻجهي ته غلط ڪم ڪري ويندو پر ڪنهن غير ملڪيءَ جي چوڻ تي قانوني ڪم ۾ ٿوري تڪڙ يا مدد گهرڻ تي شڪ ڪندو ۽ ڪم ۾ رڪاوٽ وجهندو. اهو مون ڪافي دفعا اميگريشن ۽ يونيورسٽي انتظاميه کان ويندي بئنڪن يا اسپتالن ۾ نوٽ ڪيو، سندن ان رويي بابت جيڪو مون کي محسوس ٿيو ته هو ائين سمجهن ٿا ته ڪين سندن کو ماتحت چڻ هدايت ڪندو هجي ته هيئن ڪيو، يا ڪري ڏيو يا هن طريقي سان هيءُ ڪم ٿيندو. ملائيشين هاڻي پاڻ کي عربن جيان ڪجهه بهتر سمجهڻ لڳا آهن ۽ وٽن اها ڳالهه منفي سمجهي وڃي ٿي ته ڪو ٻاهريون جيئن ته ڪا فيور گهري رهيو آهي ته معنىٰ يا هو غلط آهي يا وري اسان کي ڪجهه نٿو سمجهي جو سمجهائي رهيو آهي. يا پنهنجي مرضيءَ سان ڪم ڪرڻ جو چئي رهيو آهي. ان ڪري ملائشيا ۾ ڪنهن به آفيس ۾ ڪم سان وڃجي ته تڪڙ بلڪل به نه ڪجي ۽ نه چئجي ته ڪم جلدي ڪري ڏيو، يا ماڻهو پاڻ ئي چئي ته گهربل ڊاڪومينٽ سمورا پورا آهن، يا ويهي چئجي ته هن ڪم بابت آيو آهيان جنهن جي لاءِ هي گهربل شيون هيون جيڪي سڀ کڻي آيو آهيان، يا چئجي ته هي ڊاڪومينٽ وسري ويو وغيره. مطلب جڏهن به ڪنهن ٻاهرين ماڻهو پاڻ اچي وضاحت ڪئي يا پنهنجي سياڻپ ڏيکاري ته ضرور ان کي موٽائيندا، پر جنهن هنن کان پڇيو ته هي ڊاڪومينٽ آندا آهن، وڌيڪ توهان ڏسو ۽ رهنمائي ڪيو ته ان جو ڪم ضرور ٿيو. جتي منجهندا ته پڇندا يا سوال ڪندا پر بغير انهن جي پڇڻ جي پاڻ مرادو وضاحت ڪرڻ تي شڪ ڪندا يا ڪم ۾ رڪاوٽ وجهندا ته پاڻ کي سياڻو ٿو سمجهي ۽ وري اسان کي اياڻو. ان ڪري ملائشيا ۾ تڪڙ نه

ڪنهن به ڪم ۾ نه ڪجي ٻيو پنهنجي طرفان خيالن جو گهٽ کان گهٽ اظهار ڪجي ته بهتر آهي. انهن جي پڇڻ تي يا وري انهن طرفان غلط سمجهڻ تي ضرور وضاحت ڪرڻ گهرجي پر ڊائريڪٽ بلڪل به وضاحت يا سمجهائڻ جي ڪوشش نه ڪجي.

## پنهجن شهرن سان پيار جو اظهار

ملائشيا ۾ رهڻ دوران سڀ کان وڏيڪ جنهن شيءِ منهنجو ڌيان ڇڪايو اهو آهي، ملائشيا ۾ شهرن بابت پيار جو اظهار. ملائشيا جو ڪولالمپور هجي، يا وري ڪولا ترنگانو، ملاڪا، پنانگ، ڪئانتن، ڪهڙو به شهر هجي ان شهر سان پيار جو اظهار ضرور ٿيل هوندو آهي. **I** ۽ **Love** جي وچ ۾ دل ڏنل هجي تي ۽ هيٺان وڏن اکرن ۾ ان شهر جو نالو، يا وري پورو آءِ لو ڪولالمپور، ترنگانو، ملاڪا وغيره لکيل ٿئي ٿو، ۽ اهڙي ڪنهن به لڳل بورڊ يا ديوار يا پٿرن ۽ لوهه سان لکيل نالي اڳيان هر ٽوئرسٽ مقامي يا پرڏيهي ضرور تصوير به ڪيرائي ٿو. اهو صرف ڪنهن مخصوص چوراهي يا هنڌ تي نه پر مختلف جڳهن تي لکيل ٿئي ٿو، مختلف يونيورسٽين ۾ به ان قسم جا لڳل سائن بورڊ يا فائبر يا سيمنٽ سان لکيل وڏي الفابيٽ ۾ ان يونيورسٽي يا ڪاليج سان محبت جو اظهار به لکيل هوندو آهي، جتي هر شاگرد فخر سان تصوير ڪيرائي ٿو. ملائشيا ۾ ان قسم جي رَوِشِ پويان ضرور اتان جي حڪومت يعني سياستدان جو ئي ذهن هوندو. جيڪر اسان جي سياستدانن پنهنجي وڏائي يا خود نمائي واريون تصويرون لڳرائڻ بجاءِ ان شهر جي تاريخ يا ان شهر سان پيار جي اظهار طور تصويرون ۽ پيئنٽنگس وغيره ڪرائي ٿو. پر اسان وٽ هر شهر ۾ پوءِ چاهي شهر ۾ داخل ٿيڻ وارو گيٽ هجي يا وري ڪو چونڪ يا اهم موڙ ۽ عمارت، هر هنڌ ان ڪرپٽ سياستدان، رئيس، نواب يا سردار جو تصويرون ڇڻ سوليءَ تي ٽنگيل

هونديون ۽ جنهن لاءِ نعره لڪيل هوندا ته جان به حاضر آهي يا جانثار بيشمار جا نعرا لڪيل هوندا. ڪو ڪِنگ، ڪو پِير، ڪو نواب ابن نواب لڪيل هوندو. نتيجو اهو آهي ته اسان جا سياستدان سڪيا آهن، شهر اجڙيل ۽ شهري بيوس پر ملائشيا جا شهر سنواريل، نهيل، شهري خوشحال ۽ پرجوش، سياستدان خدمتگذار آهن.



# ڪردار سان گڏ ڄاڻ جو هئڻ لازمي آهي

اسلامڪ يونيورسٽي جي شاگرد سوسائٽيءَ طرفان، پروفيسر عارف جيڪو اصل انڊيا جو آهي ۽ ڪافي عرصي کان ملائشيا ۾ پڙهائي پيو. ان جو ريسرچ اخلاقيات تي ليڪچر رکيل هو. ان ۾ مختلف اڪيڊمڪ ڳالهين سان گڏ عام مثال ۽ بحث دوران پروفيسر عارف اظهار ڪيو ته ڪردار (**character**) سان گڏ ڄاڻ (**Knowledge**) به لازمي هجڻ گهرجي. ٻئي هڪٻئي کان الڳ ڪم جا نٿا رهن. ڪردار سان گڏ ڄاڻ جو هجڻ لازمي آهي جنهن سان اعتماد (**Trust**) پيدا ٿئي ٿو. خالي ڄاڻ ڪردار کان سواءِ خطرناڪ آهي. ان سان ماڻهو پيار يا عزت حاصل ڪو نه ڪري سگهندو، ۽ خالي ڪردار سان ماڻهو ٻين جي لاءِ ڪارائتو نٿو ٿي سگهي يا بهتر ڪان بهتر نٿو ڪري سگهي. انڪري سٺي ڪردار سان گڏ ڄاڻ يا علم جو هجڻ به لازمي آهي.

هن وقت جڏهن هي جملو ڊائري مان ٽائيپ ڪري رهيو آهيان، ته ڪجهه ڏينهن پهرين بابا جي ڪيل ڳالهه به ياد اچي ويئي آهي اها به ڪجهه ان قسم جي هئي، ٿيو ائين جو ملائشيا کان واپس اچي حيدرآباد ۾ ڪرائي تي نئين گهر ۾ شفٽ ٿيو آهيان ته ڪافي ڪم ڪار ڪرائڻا پيا. هڪ ڏينهن سامان ڪٽائي آيس واره مان ته منهنجو سالو عباس حيدر به آيو، سامان اجا مٿي ڪٽائي بس ئي ڪئي ته عباس بيڊ کي ٺاهي سيٽ ڪري رکيو، الماڙي جا مختلف خانا پاڻ ۾ ملائي بيهاريا، گئس جو چلهو فڪس ڪري ڇڏيو ۽ ڇت وارو پکو لڳائي رهيو هو ته بابا جي فون آئي، ٻڌايو

مانس ته سامان ته گهر مزدور پهچائي هليا ٻه ويا پر عباس هينئر پکو پيو لڳائي، ته چيائين واه سائين واه هڪ ته مائٽ صفا ڀلا مليا اٿئي، ٻيو وري ڪم ڪرڻ ٻه اچين ٿو، نلها ڀلا نه آهن، هوشيار ٻه آهن سڀ ڪم ڪرڻ اچين ٿو. مون چيو، ها بابا! ڀلي هجڻ سان گڏ جي هنر ٻه هجي ته ماڻهو ائين آهي، جيئن سون تي سهاڳو. ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو آهي، ته سٺن ڳڻن سان گڏ ڄاڻ هجي، سٺي ڪردار سان گڏ هنر ٻه هجي ته ماڻهو نه صرف پنهنجي لاءِ پر ٻين لاءِ ٻه ڪارائتو ٿئي ٿو.



# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)



Dr.Shahmurad Chandio is a lecturer at university of Sindh Jamhoro. He was born on 4th July 1982 in village NihalTunio Taluka Warah, District Qamber Shahdadkot. Shahmurad got primary education from G.B.P.S village NihalTunio, matriculation and intermediate from G.H.S.S Warah in 2000 and graduation in Information Technology from university of Sindh in 2005.He has served as office secretary in Society of Pakistan English Language Teachers (SPELT) for year 2006 in Karachi, then as MIS Officer in National Commission far Human Development (NCHD) in 2007. However, due to his passion for teaching, he left NCHD and joined as Research Associate in department of Computer Science in University of Sindh in February 2008. Later, he was confirmed as a Lecturer in January 2009 in the same department. He got scholarship under the faculty development program by University of Sindh. He went to pursue his Ph.D from International Islamic University Malaysia in September 2014 and successfully defended his Ph.D dissertation in May 2018. During his stay in Malaysia, he participated in various training workshops and academic conferences. He also attended leadership training by International Malaysian Training Centre (IMTC) and achieved certified leader certificate. He remained head of academic department in IIUM students' society for year 2015. He is currently elected treasurer of Sindh Science Society for the period of 2019 to 2020. He also remained as an elected member executive committee of SUTA in year 2011 then as office bearer in 2012.

Shahmurad has presented various research papers in various conferences in Malaysia, Indonesia as well as in Pakistan. His various papers are also published in recognized national and international Journals. His first book has also been published recently in 2018 about "Higher Education: International Perspectives and opportunities", which has received much appreciation besides being declared as unique and most important contribution in Sindhi literature. He has delivered various lectures in Hyderabad, Badin, and Jamshoro and other districts of Sindh province, for creating awareness in students to look for scholarship opportunities abroad. His dream is to see at least one girl/boy from each small village of Sindh to go for higher studies abroad. He is currently working on two more books related to education. Apart from others he is very much interested in studying literature about Education, travelogues and mysticism and scientific literature. He believes in hard work and continuous effort to achieving goals in life.